# خواب خوشبو ڇوڪري



ماهتاب محبوب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# خواب خوشبو ڇوڪري

(ناول)

ماهتاب محبوب

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.

1996ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر ٻه سؤ

ڇپائيندڙ
نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ
القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي.

پهريون ايڊيشن
مئي 1996ع

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

KHUWAB KHUSHBOO CHHOKRI ( Novel) By: MAHTAB MEHBOOB Published by New Fields Publications , Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition May 1996.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي جيجل زيب عباسي جي نذر...

ماهتاب محبوب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻه سؤ ڪتاب

الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان ۽ پڙهندڙن جي دعائن ۽ ليکڪن جي تعاون سان نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا ارڙنهن سالن جي عرصي ۾ ٻه سؤ ڪتاب مڪمل ٿيا آهن. ان عرصي ۾ پنجاهه کان مٿي ڪتابن جو ٻيو ۽ ٽيون ايڊيشن پڻ شايع ڪيو ويو. انهن ٻن سؤ ڪتابن ۾ سنڌي اديبن کان علاوه غير ملڪي اديبن جا ٻه سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب شامل آهن. شايع ٿيل ڪتابن ۾ شاعري، ناول، ڪهاڻيون، سفرناما، جيل جون ڊائريون، خطَ، آتم ڪهاڻيون، خاڪا، يادگيريون، تنقيدي مضمون، فلسفو، تحقيق وغيره جا ڪتاب شامل آهن.

ڪجهه ليکڪن ۽ ليکڪائن جا نالا، جن جا ڪتاب نيو فيلڊس طرفان شايع ٿيل آهن؛ شيخ اياز، امر جليل، آغا سليم، الطاف شيخ، سراج، غلام نبي مغل، نجم عباسي، ماهتاب محبوب، نورالهديٰ شاهه، طارق اشرف، موهن ڪلپنا، ايشور چندر، پوپٽي هيرانندائي، محمد ابراهيم جويو، علي بابا، تنوير عباسي، علي احمد بروهي، خليل جبران، رابندر ناٿ ٽئگور، ذوالفقار علي ڀٽو، ڊاڪٽر الهداد بوهيو، رسول بخش پليجو، محمد عثمان ڏيپلائي، لوڪرام ڏوڏيجا، رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي، عبدالقادر جوڻيجو، ظفر حسن، فضل احمد بچاڻي، مدد علي سنڌي، حميد سنڌي، رشيد ڀٽي، ڪلا پرڪاش، طارق عالم ابڙو، ڊاڪٽر مبارڪ علي، فخر زمان، قرة العين حيدر، هينري رائڊر هنگرڊ، انورل آئيويس، هرمن هيس، آسڪر وائلڊ، البرٽو موراويا، ڪرسٽو فرنڪول، لوئي فشر، دوستو وسڪي، قاضي خادم، دوست محمد ڀٽي، ولي رام ولڀ، حليم بروهي، قاضي عبدالمجيد عابد، گوبند مالهي، جواهر لال نهرو، آزاد قاضي، فيروز احمد، نصير اعجاز، امرلال هنگوراڻي، ستار پيرزادو، جڳت آڏواڻي، عبدالله الفائز، عنايت بلوچ، شبنم گل، عبدالجبار جوڻيجو، اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لطيف پليجو، اڪبر لغاري، زرينہ بلوچ، لياقت عزيز، ڊاڪٽر صالح ميمڻ، ڊاڪٽر محبوب علي شيخ وغيره.

هتي انهن اديبن جا نالا ڏجن ٿا، جن جا ٽن يا ٽن ڪان مٿي ڪتاب نيو فيلڊس طرفان شايع ٿيل آهن. شيخ اياز (31 ڪتاب)، الطاف شيخ (33 ڪتاب)، نجم عباسي (10 ڪتاب)، فضل احمد بچاڻي (10 ڪتاب)، ماهتاب محبوب (9 ڪتاب)، امر جليل (7 ڪتاب)، سراج (7 ڪتاب)، آغا سليم (6 ڪتاب)، طارق اشرف (6 ڪتاب)، فيروز احمد (5 ڪتاب)، نورالهديٰ شاهہ (4 ڪتاب)، غلام نبي مغل (4 ڪتاب)، رسول بخش پليجو (4 ڪتاب)، محمد ابراهيم جويو (3 ڪتاب)، علي احمد بروهي (3 ڪتاب)، موهن ڪلپنا (3 ڪتاب).

1947ع کان وٺي هن وقت تائين جيڪڏهن اسان پرائيويٽ ادبي ادارن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺنداسين تہ اسان کي خبر پوندي تہ اُهي سڀئي ادبي ادارا ناڪام ويا آهن، جن بہ صلاحڪار، ايڊيٽوريل بورڊ، پانهن ٻيلي وغيره مقرر ڪيا. صرف اُهي چند ادبي ادارا (آڱرين تي ڳڻڻ جيترا) ڪامياب ويا آهن، جن کي هلائيندڙ هڪ شخصيت هوندي آهي. سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي (جن کي لکين رپيا هر سال گرانٽ ملي ٿي) سڀني جي اڳيان آهي. ان مان خبر پوي ٿي تہ (گذريل پنجاهہ سالن جي تاريخ ڏسنداسين) اسان سنڌين ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جو جذبو نہ آهي يا ڪم ڪرڻ نٿا چاهيون يا وري هڪ ٻئي جي ٽنگ ڇڪڻ ۾ پورا هوندا آهيون. هرهڪ جي ڪوشش اِها هوندي آهي تہ مان سڀني کان اڳيان هجان. منهنجو حڪم هلي. منهنجي لئي هجي. يا وري خودغرضي وارا ٻيا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا.

جڏهن اسين چئون ٿا تہ اسين سنڌي ساڍا چار ڪروڙ آهيون. اسان جي سنڌي ٻولي دنيا جي قديم ترين ٻولين مان هڪ آهي. قرآن شريف جو سڀ کان اڳ ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو. اسان جو ادبي سرمايو ۽ ليکڪ دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن جي ادبي سرمائي ۽ ليکڪن کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ آهن، تہ پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا اِهي چند ذاتي ادارا اسان جون ادبي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن؟ هيڏي مهانگائي ۽ جديد ٽيڪنالوجي جي دؤر ۾ ڇا اِهي چند ادبي ادارا بغير ڪنهن سرڪاري، نيم سرڪاري يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شخصي سهڪار جي ڪيترو وقت مقابلو ڪري سگهندا يا وري قائم رهي سگهندا؟

روزانہ "برسات" اخبار پنهنجي 24 اپريل 1996ع جي ايڊيٽوريل ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ڪارڪردگيءَ تي لکندي نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو حوالو ڏنو هو تہ، "نيو فيلڊس پبليڪيشنس ڪي ٽي يا چار ماڻهو ڪاميابيءَ سان هلائين ٿا. جڏهن تہ سنڌي ادبي بورڊ وٽ 108 ملازم آهن ۽ سنڌس ڪارڪردگي اطمينان بخش نہ آهي." رڪارڊ جي درستگيءَ لاءِ اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ نيو فيلڊس ڪي صرف هڪ شخص بغير ڪنهن سرڪاري يا شخصي امداد جي هلائي ٿو ۽ باقائدي هر مهيني هڪ ڪتاب شايع ڪندو اچي.

نيو فيلڊس پبليڪيشنس پنهنجي سؤ نمبر ڪتاب ۾ چاليهن کان مٿي سنڌ ۽ هند جي ليکڪن جون لکڻيون، تعارف ۽ تصويرون شايع ڪيون هيون. پڑهندڙ ان خاص ايڊيشن (500 سئو صفحن کان مٿي) کي بيحد گهڻو پسند ڪيو ۽ ڪتاب جلد ختم ٿي ويو. اسان جي اِها ئي ڪوشش هئي تہ ٻہ سؤ نمبر ڪتاب ٻہ اهڙي قسم جو ڪڍبو، پر لاڳيتو حالتون ٺيڪ نہ هئڻ ڪري اسين اهڙو خاص ايڊيشن ڪڍي نہ سگهياسين. پر اسان کي خوشي آهي تہ ٻہ سؤ نمبر ڪتاب ٻہ هڪ اهڙي ليکڪا جو آهي جيڪا هند ۽ سنڌ ۾ مقبول ترين آهي. ۽ نيو فيلڊس طرفان سندس 9 ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. بقول علي بابا جي؛ "هن ڪتاب کي 'ادبي نوبل پرائيز' ملڻ گهرجي."

نيو فيلڊس جي 200 ڪتابن مان، هن وقت ٻہ 105 ڪتاب ختم ٿيل آهن. اسان جي اِها ئي ڪوشش آهي تہ هر مهيني نئين ڪتاب سان گڏ هڪ ختم ٿيل ڪتاب ٻہ شايع ڪيون. اسان جي پڑهندڙن کي صرف اها گذارش آهي تہ پنهنجي ڳوٺ يا شهر جي بڪ اسٽالن جي مالڪن کي مجبور ڪن تہ هو سنڌي ڪتاب پنهنجن بڪ اسٽالن تي رکن تہ جيئن ڪين سولائي سان وقت سر ملي سگهن. ٻيو تہ پوسٽ ذريعي گهرائڻ تي گهڻو خرچ اچي ٿو، تنهن کان ٻہ بچي پوندا.

عام طور تي سنڌي ڪتاب پڑهندڙن کي اها شڪايت هوندي آهي تہ سنڌي ڪتاب مهانگا آهن. سندن شڪايت جائز آهي. واقعي سنڌي ڪتاب اردو ڊائجسٽن ۽ غير ادبي ڪتابن جي مقابلي ۾ مهانگا آهن. باقي اگر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انگريزي ۽ اردو يا ٻي ڪنهن ٻوليءَ جي ادبي ڪتابن جي قيمت سان ڀيٽ ڪنداسين ته خبر پوندي ته سنڌي ادبي ڪتاب مهانگا نه بلڪ ڪنهن حد تائين انهن کان سستا آهن. ها، سنڌي ادبي ڪتاب سستا ٿي سگهن ٿا، پر شرط اِهو آهي ته ڪين حڪومت ۽ پرائيويٽ ادارن کان اشتهار ملندا رهن، ڪاغذ ڪنٽرول ريٽ تي ملي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هر ادبي ڪتاب پنج هزار شايع ٿئي. تنهن مان ٻه سؤ ڪتاب گورنمينٽ خريد ڪري ۽ پنج سؤ ڪتابن جي نيڪال جو ذريعو يونيورسٽيون، ڪاليج ۽ لوڪل بورڊ جي لائبريرين ۾ ممڪن هجي. ان کان سواءِ صاحبِ حيثيت ماڻهن کي گهرجي ته هو هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ ادبي ڪتاب خريد ڪن. باقي پنج سؤ يا هزار ڪتاب شايع ڪرڻ تي خرچ تمام گهٽو ايندو آهي، جنهن ڪري ڪتاب جي قيمت گهٽي ٿي پوندي آهي. مثال طور، هڪ صفحي جي ڪمپوزنگ تي 20 رپيا خرچ اچي ٿو. هاڻي اسين اگر پنج هزار ڪتاب ڇپينداسين ته في صفحو ڪمپوزنگ جو خرچ وڃي چار رپيا بيهندو. اهڙي طرح ٻين خرچن ۾ به تمام گهٽي گهٽتائي ايندي آهي.

هڪ ٻيو اهم مسئلو به سنڌي ادبي ڪتاب ڇپيندڙن سان اِهو آهي ته، هڪ ڪتاب تي جيترو به خرچ ايندو آهي، تنهن جي واپسي (Return) گهٽ ۾ گهٽ (اگر تيز ترين به هلي) ٻن سالن ۾ ٿئي ٿي. نه ته عام طور تي ٽن کان ست سال ڪتاب جي وڪرو ٿيڻ ۾ لڳي ويندا آهن. جنهن ڪري اداري کي جيڪا به رقم (ٿوري ٿوري ٿي) ملندي آهي، سا De-Value ٿيڻ ڪري نقصان ٿيندو آهي.

انهن سڀني مسئلن ۽ مشڪلاتن جي هوندي به اسان جي پوري پوري ڪوشش اِها آهي ته پڙهندڙن کي معياري، سهڻا ۽ وقت سر ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندا رهون. هن وقت تائين اسان ان ڪوشش ۾ ڪيترو ڪامياب ويا آهيون، تنهن جو فيصلو پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا.

- فيروز احمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پنهنجي پاران...

اسان وٽ شل نہ ڪير ڪنهن ڳالهہ پويان هٿ ڌوئي پئي... ڪڏهن ڪهاڻي مرڻ جو رينگٽ، ڪڏهن ڪنان ٻوڙ شاعري سرجڻ جو شڪوو تہ ڪڏهن وري ناول جي ڪوٽ واري ناشڪري! دنيا جي ادب جي تہ ڳالهہ نٿي ڪريان، باقي اسان جي ادب جو وڏي ۾ وڏو مسئلو ئي شايد اِهي ئي ڪارڻ وجي بچيا آهن.

هونءَ بہ ڪنهن صِنف ۾ ڪمي يا واڌ، هر ڪنهن جو ٻنهہ ذاتي معاملو آهي. ليکڪ جيستائين پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن صِنف جي چونڊ ڪري، لکڻ لاءِ اُتساهہ نہ ڏيکاري، تيستائين ڪنهن بہ صنف تي قلم کڻڻ لاءِ ڪيس مجبور نٿو ڪري سگهجي.

هڪ تخليقي ذهن مان اِها اُميد رکڻ تہ هو ڪنهن ادبي صنف جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ زوريءَ ڪهاڻيون ويهي گهڙي يا جبري ذهني پورهيو ڪري ناول گيريءَ ڪي اچي لڳي، تہ اهو نہ اديب سان انصاف ٿيندو نہ ئي ڪنهن ادبي صِنف سان... جيڪا حقيقت ڄاڻندي بہ خبر ناهي ڇو اسان وٽ ڪوٽ واڌ واري راڙو راڙ اڃان سوڌو هلندي اچي، جڏهن تہ اسان جي ادب سان هرويرو جو اهڙو بہ ڪو هاڃو ناهي ٿيو.

سموري واويلا جي باوجود، ڪهاڻي بہ تابوت ۾ لُڪجي وڃڻ بدران لکجي پئي. شاعري ۾ بہ جي برڪت آهي تہ ادب جي گهٽ گهرن ڪي اعتراض ڪرڻ بدران ان جي زرخيزيءَ تي سوچڻ گهرجي تہ آهي ڪهڙا سبب آهن، جنهنڪري اسان جي قوم ايڏي رنگين مزاج ۽ نفيس خيالن جي مالڪ بڻجي پئي آهي، جو هر ٻيو ماڻهو شاعر ٿيڻ کي ترجيح ٿو ڏي...! باقي ويچاري ناولن واري صنف جيڪر اهڙي زرخيزي ڏيکارڻ کان لاچار آهي، تہ بہ ان صنف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي معاملي ۾ اسين هرويرو ايڏا ڪي سَچا پينگيا بہ ناهيون. دير سوير ٿي سهي پر بہ ناول لکجي پيو.

اوهان جي هٿن ۾ موجود هِن ناول بابت مان اهڙي ڪابہ دعويٰ نہ ڪندس تہ اِهو "ڪارنامو" سرانجام ڏيئي مون سنڌي ادب تي ڪو احسان ڪيو آهي يا ناولن جي کوٽ دور ڪرڻ واري ڪنهن جدوجهد ۾ حصو ورتو آهي، نہ ئي وري اِن صنف جي ڪمي واڌ جي ذميداريءَ جون واڳون هميشہ لاءِ پاڻ ڏي ڇڪي ورتيون آهن. مان تہ رڳو ايترو ئي چوندس تہ جيئن بنيادي طور شارٽ اسٽوري رائيٽر هوندي بہ مون ڪان بنا ڪنهن اڳواٽ ڪيل پلينگ جي خاڪا، ڪالم، مضمون يا سفرناما لکجي ويا، تيئن ناول لاءِ بہ مون پاڻ کي آزاد ڇڏيو هو. بس هڪ آئڊيا ذهن ۾ هئي، ڪجهہ زنده ڪردار مشاهدي ۾ آيا، ڪي سماجي مسئلا ۽ موضوع اپيلنگ لڳا. جن ناول لکڻ لاءِ آتساهڻ سان گڏ رستو بہ پاڻ مرادو ڳولهي ڏنو.

اوهانجي ۽ اسان سيني جي جيئري جاڳندي دنيا مان چونڊيل، هي موضوع جي اوهان پڙهندڙ وٽ قبول پيو تہ سمجهندس پورهيو ٿاب ٿيو.

ماهتاب محبوب

12.5.1996

'ارم نما'

H - 279، سٽيزن هائوسنگ سوسائٽي،

حيدرآباد ، سنڌ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مُهاڳ

هر اديب ۽ شاعر تي ڪڏهن ڪڏهن اهڙو وقت به ايندو آهي جو هو چاهيندي ۽ وسُون نه ڪهڻائيندي به هڪ سِٽ به نه لکي سگهندو آهي. سندس ذهن هر قسم جي تخليق کان وانجهجي ويندو آهي، لکڻ کان بنهه پڙ ڪِڏي بيهندو آهي. اها هڪ اهڙي ڪيفيت هوندي آهي، جنهن ۾ اهو اديب هڪ اهڙي قسم جي موتمار گهٽ ۽ ٻُوسٽ، بي وسي ۽ بيچيني محسوس ڪندو آهي، جيڪا برداشت کان ٻاهر هوندي آهي. هڪ پوڙهڻ هوندو آهي. ان وقت سندس حالت اُنهيءَ ڪريہ - وتي مُنڌ جهڙي هوندي آهي جيڪا ڪريہ جا مهينا پورا ٿي وڃڻ ڪري تؤرات جي گنهگار عورت جيان ويم جي اِنگهيل پيڙا کان آهمي ٿي رهي هجي. جنهن جي درد جي ڪا پُڄاڻي نه ٿيندي هجي. شايد ئي ڪو اهڙو اديب ۽ شاعر هوندو، جنهن اهڙو پوڙهڻ نه پوڳيو هجي، يا ان حالت کان مُڪت هجي.

منهنجي مٿان جڏهن اهڙي منحوس گهڙي ايندي آهي ته مان ڪتابن ۾ پناهه ڳوليندو آهيان. شعر، ناول، افسانا پڙهندو آهيان. اهي ئي ساڳيا پراڻا ڪتاب، ناول جي شايد اهڙي ئي ڏکئي وقت لاءِ ماڻهو سانڍي رکندو آهي.

سو مان 'اونر. ڊي. بالزاڪ' جو اردوءَ ۾ ترجمو ٿيل ناول "ٻُڍا گوريو" وڏا مزا وٺي وٺي پڙهي پورو ڪيو هو. مونکي انکي پڙهڻ ۾ ڏهه ٻارهن ڏينهن لڳا ۽ انهن ڏهن ٻارنهن ڏينهن ۾ مون پاڻ کي ڏاڍو ذهني آسودو محسوس ڪيو. سچ، روح تازو ٿي پيو هو. ان لاءِ ته الاهي ڏينهن کان پوءِ ڪو سٺو ناول پڙهڻ نصيب ٿيو هو. هونئن به سٺو ادبي شهپارو پڙهڻ کان پوءِ ماڻهو پاڻ کي ڳنڀير، ڀرپور ۽ نوس محسوس ڪندو آهي ۽ پاڻ سان گڏ الائجي ڪهڙا ڪهڙا شهر، ڪهڙا ڪهڙا ماڳ مڪان کڻي هلندو آهي. سندس چوڌاري ڪردارن جو هڪ هجوم هوندو آهي. هڪ ٻيو جهان، چٽو ۽ واضح، جنهن جو ڪوبه ڳجهه لڪل يا اونداهو نٿو رهي. ان جون راتيون، سائيبيريا


Scanned with CamScanner

جي اڇين برفاني چانڊوڪي راتين کان به وڌيڪ چِٽائيون هونديون آهن. هو ڪٿي به نه مُنجهندو آهي ۽ نه ئي ڪٿي پاڻ کي تنها محسوس ڪندو آهي.

ان شام جڏهن مان اختر رند سان مليس ته محسوس ڪيم ته اختر جي اندر ۾ ڪي آهي. ڪجهه اڳي جيان، هڪ نهاڻ ڏک سک گاڏڙ مُرڪ جيڪا فقط تڏهن سندس مُک تي ڪِرندي آهي، جڏهن هُن ڪو سٺو ناول، افسانو يا شعر پڙهيو هوندو آهي ۽ سچ به اِهو هو. هو 'ايمائل زولا' جو ناول "تريشيا" پڙهي آيو هو، جيڪو تازو اردوء ۾ ڪنهن پٽي نالي سان ترجمو ٿي آيو آهي. اختر 'ايمائل' جي ساراهه مان ڍاپيو نه پئي. بس چوي ته هل ته توکي ناول ڏيان، وڃي پڙهه. چيومانس ته اهو ناول مون وٽ گهر پيو آهي. وِسري ويل خواب جيان دل تي هُري پيو، اڄ ئي وڃي پڙهندس. ان شام اسين هميشه جيان سنڌوء جا تيلار ڪندا، پنهنجي پنهنجي پسند جي ليکڪن تي ڳالهائيندا موٽياسين. گهر ايندي ئي مون ڪبٽ مان 'ايمائل' جو ناول ڪوٺي ڪڍيو ۽ پڙهڻ لڳس. 'ايمائل زولا' لاء مشهور آهي ته هو اوڻويهين صديء جو سڀ کان نرالو ناول نگار آهي. انساني نفسيات، جذبن، امنگن ۽ ڪيفيتن کي سمجهڻ ۽ لکڻ ۾ هن جو پنهنجو ڏانءُ آهي. "تريشيا" سندس دل ڇيپيائيندڙ ۽ دردناڪ ناول آهي.

مون اڃان ڪتاب پڙهيو ئي پئي ته مونکي ماهتاب محبوب جي نئين لکيل ناول جو مسودو اچي مليو. تڏهن مونکي ياد آيو ته ڪجهه مهينا اڳ حيدرآباد واري اندس هوٽل ۾ پاڪستان ٽيليويزن جي ايم. ڊي ميڊم رعنا شيخ طرفان مليل اديبن جي گڏجاڻيء ۾ ماهتاب مونکي پنهنجي نئين ناول بابت ٻڌايو هو ۽ چيائين ته ان جو مُهاڳ توکي لکڻو پوندو.

مسودو ڏسي مان امتحان ۾ پئجي ويو هوس. مان پاڻ لاء هڪ ڳالهه واضح ڪريان ته مان پاڻ کي سٺو ليکڪ ته ڇا سٺن پڙهندڙن ۾ به شمار نه ڪندو آهيان. مون لاء ته ڪنهن ناول جي گهراين ۾ وڃڻ به وڏو جان جوکم جو ڪم آهي. نه وري مان اها دعوي ڪرڻ جي سگهه ٿو ساري سگهان ته مون الاهي ناول پڙهيا آهن لکين، هزارين (جيئن ڪي دوست چوندا آهن.) مان ڪنهن به انڪساريء يا خاڪساريء کان ڪم وٺي ڪونه پيو ڳالهايان ۽ نه ئي مونکي پنهنجي باري ۾ ڪا غلط فهمي آهي. مون ته ڪاليج

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جو مَنهن به نه ڏنو آهي، بس مونکي پاڻ تي ’برنارڊ شا‘ جيان ايترو فخر آهي ته مون جيترو به پڙهيو آهي، جيڪو به لکيو آهي اهو پنهنجي مڙسيءَ سان لکيو آهي. ادبي دنيا ۾ منهنجو ڪو استاد ڪينهين. مون سڄي ڄمار ۾ سؤ ڪن سٺا ناول مَس پڙهيا هوندا. آئون گهڻا ڪتاب ڪيئن پڙهي سگهندس؟ مون وٽ ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ پئسا ئي نه هوندا آهن. مان سمهڻ جيان ليٽي نه پڙهان ته مونکي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه ايندي آهي. ان ڪري لئبريريءَ سان منهنجو ڪَڄاڙو. ان ڪري پنهنجن ساڳين ساڳين، ناولن کي ورائي ورائي پڙهندو آهيان، يا دوستن کان وٺي پڙهندو آهيان. مونکي ’ليو ٽالسٽاءِ‘، ’دوستو وسڪي‘، ’چيخوف‘، ’هرمن هيس‘، ’لعل چند امرڏنومل‘، ’جهوير لال‘، ’موپاسان‘، ’ترگنيف‘، ’سيرافيمووچ‘، ’جيڪولين سوزن‘، ’لعل پشپ‘، ’موهن ڪلپنا‘، ’آغا سليم‘، ’امر جليل‘، ’محمد عثمان ڏيپلائي‘، ’گوگول‘، ’بيري وائيٽ‘، ’انتظار حسين‘، ’رائيٽر هيگرڊ‘، ’برٽالٽ بريخت‘، ’برنارڊشا‘، ’مائيخل شولوخوف‘، ’البرٽ ڪاميو‘، ’پيتروف‘، ’روسو‘، ’والٽيئر‘، ’شيڪسپيئر‘ ۽ ’شاهه‘ ٻين جي مقابلي ۾ وڌيڪ وڻندا آهن. اها منهنجي ذاتي پسند آهي. مان اِنهن کي اڄ به معصوم ٻار جيان پڙهندو آهيان. ناول ۽ افسانا مونکي ڪِلائيندا به آهن ۽ روئاڙيندا به آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته ڳوڙها بند ئي نه ٿيندا آهن. مونکي انهن ليکڪن جي ڏات ۽ ڏانوَ تي حيرت لڳندي آهي ته هيڏڙي ٿورڙي ڄمار ۾ هي ماڻهو ايڏا وڏا اٽ جيڏا ڪتاب ڪيئن ٿا لکي وٺن. ان ويل منهنجي حالت ان ننڍڙي ٻار جهڙي هوندي آهي جيڪو اسڪول ۾ ’ميجڪ شو ڏسندي جادوگر کي رومال مان ڪبوتر مٿان ڪبوتر ڪڍندو ڏسي وائڙو ٿي وات ڦاڙي ڏانهنس نهاريندي، حيرت جو پتلو ٻڻجي ويندو آهي. سچ ته اهو آهي ته ماهتاب جي ناول ”خواب خوشبو ڇوڪري“ جو مسودو ڏسي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي هئي ته ماهتاب ناول لکيو آهي، پر ساڳئي وقت منهنجي هٿن جا طوطا ڪبوتر ڪانگ سڀ اڏامي ويا هئا. ان ڪري ته پيش لفظ لکڻ ته جويي صاحب جيان ڪنهن وڏي نقاد قسم جي اديب جو ڪم آهي. مان ڇا ڄاڻان پيش لفظ لکڻ مان، سو به ماهتاب محبوب جهڙي افلاطون افسانه نگار جو، جنهن کي موهن ڪلپنا جهڙو اديب ’سنڌي ادب جي خاتون اول‘ ٿو ڪوٺي. جنهن ڳالهه کان سنڌي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ادب ۾ ڪوبہ انڪار ڪري تہ ڇڻ ٿي نہ پر ڇڻ جو پَٽ ليکيو ويجي. سنڌي ادب ۾ ماهتاب محبوب جو اهو ئي شان مانُ، عزت ۽ مقام آهي، جيڪو ’لعل چند امرڏنومل جڳتياڻي‘، ’جمال ابڙي‘ ۽ ’نسيم احمد کرل‘ جو هو، آهي ۽ رهندو. سو مان وڏي امتحان ۾ پئجي ويو هوس. چيومانس تہ ’هي ڪم تہ ڪنهن جيَد نقاد جو آهي‘ تہ ڳالهہ کي هڪدم سمجهي وراڻيائين تہ ’مان سڌڙي ساڌڙي ڪهاڻيڪار آهيان، مونکي تنهنجي سڌي ساڌي راءِ کپي، نہ مان فلسفو لکندي آهيان، نہ مونکي مهاڳ لاءِ فلسفو گهرجي. توکي جيڪا ڳالهہ جيئن وڻي تيئن لک. اونءَ ئي ڇپجندي. تون لکڻ لاءِ بلڪل آزاد آهين.‘ سندس ان ڳالهہ سان منهنجي دل کي آٿت ملي ويو ۽ مون مڪمل اعتماد سان اهو چئلينج قبول ڪري ورتو. پر هڪ ڳالهہ سان دل ۾ محسوس ڪيم تہ مان ’ايمائل زولا‘ جي ناول ”ٽريشيا“ کي اڳ ۾ نبي سندس توهين ڪري رهيو آهيان. پر وري سوچيم تہ ليڊيز فرسٽ جي ڪري ايمائل جي روح کي رنج نہ ٿيندو. ايمائل مونسان گڏ ئي تہ هوندو آهي، سو مون ايمائل جو ناول نبي، ماهتاب جي ناول جو مسودو پڙهڻ شروع ڪيو. ناول جي مُهاڙ ئي منهنجي دل پريائي ۽ هرڪائي ڇڏي هئي.

هن ناول ۾ ايڏي تہ ڪشش هئي جو تازو ئي چار جيڪي ناول پڙهيا هئم ’دوستو وسڪي‘ جو ”ٽين سال“، ’اونر دي بالزاڪ‘ جو ”بڍا گوريو“ ۽ ’ايمائل زولا‘ جو ”ٽريشيا، اهڙن ناولن ۾ هڪ سنڌي ناول کي پڙهڻ ۽ انهن جي مقابلي جيترو وجدان حاصل ڪرڻ فقط ماهتاب محبوب جي اعليٰ لکڻي جو ئي ڪمال آهي. دل تہ چيو ٿي تہ مزي مزي سان پڙهانس، پر مهاڳ مونکي وقت سِر ڏيڻو هو. مونکي مسودو پڙهڻ ۾ چار ڏينهن لڳا ۽ پوءِ مهاڳ لکڻ شروع ڪري ڇڏيم.

ادب جا پنهنجا نيم، پنهنجا رشتا، پنهنجا گهٽ گهيڙ، دائره، اصول ۽ قانون آهن، جنهن ۾ نياءُ ناهي، جنهنجو سياءُ بلڪل پنهنجو ۽ نيڪ نيتيءَ وارو هوندو آهي.

ماهتاب محبوب پنهنجي افسانن ۾ لاشعوري طور محاورا، تمثيلون ۽ تشبيهون ڪم آڻيندي آهي جي (ڪنهن بہ ننب نڙي ڪان سواءِ) ڪائنس لکجي ويندا آهن، اهي ئي ڪيس پوليگر مهان ليکڪا بنائڻ لاءِ ڪهڻا هوندا


Scanned with CamScanner

آهن؛ پوءِ اها ڪهاڻي ’چانديءَ جون تارون‘ هجي، ’مٺي مراد‘ هجي، لهر لهر زندگي‘ هجي، ’سُريت‘ هجي، ’موچارو محشر‘ هجي يا ڪابہ سندس ڪهاڻي. فن جي ان موڙ تي مطالعو يا مشاهدو نہ، بلڪ ٻڌي ڪم ايندي آهي. ٻين کي ٻڌڻ، ٻين جون ڳالهيون ٻڌڻ يا جهٽڻ، گهر جي ماحول ۾، شادين غمين ۾، سفر يا سٿ سڙي ۾، شهر جي يا ڳوٺ جي ماحول ۾ هوءَ جو ڪجهہ ٻڌندي آهي، سندس ذهن جي ڪمپيوٽر ۾ فيڊ ٿيندا ويندا آهن ۽ گهرج ويل افسانن ۾ جڙهن ٿا، جتي انهن محاورن ۽ تمثيلن جي ضرورت محسوس ڪندي آهي تہ موٽ ۾ لاشعوري طور ڪردارن واتان فطري نمونی لکندي ويندي آهي. جيئن ڪو ڪاريگر جوهري هار ٺاهڻ ويل امل ماڻڪ ۽ جواهر هار ۾ پوئيندو ويندو آهي. پر مان ماهتاب جي ذهن کي ڪمپيوٽر سان ڀيٽ ڏئي انساني ذهن جي توهين نٿو ڪرڻ چاهيان، ان لاءِ تہ ڪمپيوٽر تہ پاڻ انساني ذهن جي تخليق آهي. اِها تہ ماهتاب جي فطري ذات آهي. هڪڙا ماڻهو اهڙا هوندا آهن جي آوازن کي جهٽڻ جي سگهہ سان ڳڌ اهي ساڳيا آواز جيئن جو تيئن پاڻ موناٽي ڪيندا آهن. بولي ٻڌائيندا آهن. جيئن فلم اسٽار ’ادا عبداللطيف ساقي‘ يا ريڊيو ۽ ٽي وي تان ’عبدالقادر منو‘ ۽ ٻيا ڪيترا اهڙا فنڪار آهن. پر ماهتاب اکر گهڙيندي بہ آهي جيئن ’مامتا‘ تہ هرڪو لکندو آهي، پر ’پٽستا‘ اسان کي فقط ماهتاب وٽ ئي ملي ٿو.

ماهتاب وٽ سنڌي ٻوليءَ جي جڻ ڪائي کاڻ آهي، جنهن کي جيئن کوٽبو تيئن وساريل اکرن جا امل ماڻڪ نروار ٿيندا ويندا ۽ اکرن جي تيج کان اسان جون اکيون چُهنجڻجي وينديون. سندس نقاشي، گر، اکر اسلوب عام سنڌي اديبن کان بلڪل جدا، صاف، سچا ۽ سادا آهن. جن کي هوءَ ڪنهن بہ تصنع کان سواءِ پوئيندي ٿي وڃي.

سوال آهي تہ اکر آهن ڇا؟

’هيمليٽ‘ (Hamlet)، ”شيڪسپيئر“ جو وڏو شاهڪار آهي. ان ڊرامي ۾ ’هيمليٽ‘ ڪو ڪتاب پڙهي رهيو آهي تہ ’پولينس‘ (Polinus) سندس ڪمري ۾ اچي ٿو:

Polinus: What are you reading my lord?
Hamlet: words... words... words...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڳئي ’هيمليٽ جو ٻئي هنڌ ’اوفيليا‘ (Ophelia) هيروئن ڪنهن ڳالهه تان ڪيس چوي ٿي:

Ophelia: Not a single word?
Hamlet: Not a single word to throw at a dog.

اکرن جي اهميت تي اسان جو ’شاهه عبداللطيف‘ هيئن ٿو چوي:

اکر اڳيان اُبري، واڳون ٿي وريام.
يا
آتڻ اکر نه اُجهي.

ته اها آهي دنيا جي ٻن عظيم شاعرن وٽ اکرن جي اهميت ۽ مرتبو. مان ماهتاب کي اکرن جي جادوگرياڻي چوندي ڪابه هٻڪ نٿو محسوس ڪريان. پر اِن کان به وڌيڪ مان چوندس ته ماهتاب انساني شعور جي عروج جو ڌرو تارو (قطب تارو) آهي، جو هن اونداهي ٽٻ سمونڊ جي سفر ۾ اسان جي رهنمائي ڪري ٿو. سندس لکڻين ۾ سڄيءَ سنڌ جو سمورو سماج، معاشري جي تباهي ۽ بي راهه رويءَ جي عڪاسي پنهنجي عروج تي پهتل هوندي آهي.

’اونر ڊي بالزاڪ‘ چواڻي ته: ناول نگار به هڪ قسم جو سائنسدان آهي، جيڪو ڊيڊرن، ڪوئن جي بدران انساني ڪردار ۽ انساني سماج جو عملي طريقي سان ڳوڙهو مطالعو ۽ مشاهدو ڪري ٿو. هو نه رڳو ڪردارن جي ذهني ۽ جذباتي ڪيفيتن ۽ ان ۾ پيدا ٿيندڙ اٿل پٿل جي تجزيي تي ئي نٿو پاڙي، پر هو اهو به مشاهدو ٿو ماڻي ته ڪهڙي طبقي جو ماڻهو، ڪهڙي هنڌ ڪيئن پليو، ويجهيو وڌيو يا خاندان ۽ اوسي پاسي جي ماحول جو مٿس ڪهڙو اثر پيو، جو ته ماڻهو انهيءَ سانچي مان ئي پنهنجي اصل شڪل ۽ شبيهه حاصل ڪندو آهي. ان ڪري ماهتاب جي انهيءَ پهرين ناول کي اسان موجوده سماج جو الميو يا پوري انسان ذات جو الميو چئون ته ڪنهن پر به وڌاءُ نه ٿيندو. جو ته هن ناول ۾ اوهان کي سنڌي جاگيرداري نظام، سياست، اپر ڪلاس کان وٺي لوئر مڊل ڪلاس جي ڪُنڊ ڪُڙڇ جي ڍڪڻ سڪڻ جو سمورو ڳجهه ڳوهه مڪمل اپياس سان ملندو. ’عبدالحق عالماڻي‘ چواڻيءَ، ماڪوءَ وارو چڪلو (حيدرآباد جو ننڍو چڪلو) جيان هن ناول جو ماحول ماڪوءَ واري چڪلي کان به وڌيڪ بدبوءِ هاڻو. دل ڏاريندڙ ۽ قبيح آهي، جيڪو اڄ نه فقط اسان جي سماج جو ئي نه پر پوريءَ دنيا جي انسانن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو درد، ناسور ۽ الميو آهي. سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته هن ناول ۾ 'اونر ڊي بالزاڪ' جي ناول جيان نه نائڪا آهي نه نائڪ. هر ڪردار اوهان جو ڌئل وائڻل ۽ همدردي لائق ملندو. هن ناول جي ڪردارن سان اوهان جي همدردي پل پل وڌندي ويندي، پوءِ ڀلي اِها هن ناول جي مرڪزي ڪردار صنم هجي يا سندس رٽائرڊ صوبيدار پيءُ. صنم جو عاشق فهد هجي يا سندس دٻئي پلٽ مڙس عرفان. صنم جي وڏي ڀيڻ عابده هجي يا ماءُ نوريانو. سي. ايس. ايس آفيسر وجاهت هجي يا پارلر بيوٽيشن شهناز. ايڪسپورٽر اظهار هجي يا قوم جوان سياسي روپوش وڏيرو شهمير خان. بس اهي سڀ اوهان کي ان صنم - خاني جا پوڄاري ۽ پيارا ملندا. هر ڪردار لاءِ اوهان پنهنجي دل ۾ نفرت ڪرڻ بدران همدردي ۽ اتساهه محسوس ڪندا. ڪنهن لاءِ به نفرت يا ڪينو نه، جيڪو هڪ ڪنهن به سنڌي اديب وٽ ناپيد آهي.

مان ته اهو پيو سمجهان ته ماهتاب جي هن ناول 'خواب خوشبو ڇوڪري' ايڪيهين صديءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪ شاهي دروازو ناهي ڏنو آهي، جيئن اسين پنهنجا سمورا ڪُڌا ڪرتوت، وحشتون، بيهودگيون، ڪوڙا ويساهه ۽ ڀرم، وڏماڻهپايون ۽ حرامپايون، تمنائون ۽ تصنع ۽ ويهين صدي وارو سمورو گند ڪچرو پاسيرو ڪري، نئين سِر ڏوڀجي سوڀجي پنهنجي نئين نسل سان گڏ ايڪيهين صديءَ ۾ داخل ٿيون. (نه ته موت آهي، هڪ قبيح مروان ۽ مردود موت.)

'گورڪي' ادبين کي تهذيب جا معمار ٿو چوي.

- 'ڪالرج' جي خيال ۾ اديب، انساني فطرت ۽ معاشري جا محافظ آهن. هو انساني رابطن ۽ محبت کي وڌائين ٿا.

'ڊرائيڊن' چوي ٿو ته ڊراما، افسانا ۽ ناول انساني فطرت کي سنواري سينگاري، منجهس توازن پيدا ڪرڻ جي پوري سگهه رکن ٿا.

'لانجائنس' بهترين ادبي تخليق لاءِ چوي ٿو ته انهن ۾ خيالن جي عظمت، جذبن جي شدت، ٻوليءَ جي عصمت يعني اعليٰ ٻوليءَ جو استعمال، انسان ۾ وجداني ڪيفيت پيدا ڪرڻ جي مڪمل طاقت اتم درجي تائين موجود هوندي آهي. بس رڳو بروقت ضرب هڻڻ جي ضرورت هوندي آهي.

'فرائڊ'، "دوستو وسڪي' ۽ دنيا جا ٻيا عظيم مفڪر ان ڳالهه تي متفق آهن ته ادب جو مقصد زندگيءَ جي انڪاس چوٽي سر ڪرڻ آهي، جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوهه - پيما اتانگهه پهاڙن جون چوٽيون سر ڪندا آهن ۽ اسان کي پهاڙن جا ڳجهه ڳوهه آڻي ٻڌائيندا آهن ۽ نوان نوان گل ۽ ٻج انعام طور آڻيندا آهن.

ماهتاب محبوب زندگيءَ جي اها چوٽي سر ڪري نه فقط سنڌي قوم پر سڄي دنيا ۾ وسندڙ قومن ۽ انسانن، عورتن توڙي مردن، ٻڍن توڙي ٻارڙن، ڪارن توڙي اڇن کي انساني سماج جي هڪ اهڙي ناسور جي نشاندهي ڪئي آهي جا انساني تاريخ ۾ ايندڙ اڪٺ زمانن تائين نسل در نسل اسان جي رهنمائي ڪندي ۽ نسل در نسل انسان ذات کيس پنهنجو ذهني اڳواڻ ۽ ازلي مسيحا سمجهندي.

ادب ۾ وڏي ديرپا طاقت آهي جا سياست ۾ ناهي. ادب ئي سياست ۾ گمڀيرتا، سچائي ۽ دورانديشي پيدا ڪندو آهي. ادب ئي اهڙو اثر انداز هٿيار آهي جنهن سان انسانن مان حيواني روح ڪڍي ان ۾ انساني روح ڦوڪيو ويو آهي. سچ ته ماهتاب پنهنجي ترار ڪان تکي قلم جي هڪ ئي ڪاپاري ڌڪ سان هن سڄي جُڙتو ۽ هٺ - ٺوڪئي سماج کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي.

هڪ اهڙو ناسور جنهن کي سڄي دنيا جا ڊاڪٽر گڏجي به ڇٽائي نه سگهن ها. سچ ته ماهتاب انسان ذات لاءِ هڪ فرشتو آهي.

ڇوندا آهن ته نئين چاول اڏوتي ٻار جي ڪنن ۾ ڊولير پکيءَ جي لات پوي ته اهو ٻار ڊولڻ ٿيندو. سڄي ڄمار مٺي ٻولي ٻوليندو. اهو ٻار اهڙو ته سياڻو ٿيندو جو ان کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ سان ٻڌڻ واري جا ڏک ڏنجهه ۽ بيماري دور ٿي ويندي ۽ منهنجو ان ڳالهه ۾ ويساهه پڪو ٿي ويو آهي ته ڄمڻ ويل ماهتاب جي ڪنن تي به ان ڊولير پکيءَ جو آواز پيو تو ڏسجي، تڏهن ته سندس ٻولي ايڏي مٺي ۽ ٻاجهاري آهي.

ماهتاب جي ناول لاءِ هي جي به اکر لکيا اٿم ته اها ماهتاب لاءِ منهنجي پنهنجي ذاتي راءِ آهي، ذاتي پسند. ٻين جو مون سان سهمت هئڻ ضروري نه آهي. مونکي ته هي ناول ايترو وڻيو آهي جو جيڪر آئون 'نوبل پرائيز ڪاميٽي' جو جج يا ميمبر هجان ها ته منهنجو ووٽ ماهتاب جي انهيءَ ناول 'خواب خوشبو ڇوڪري' لاءِ وقف هجي ها.

علي بابا

10-5-1996 ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽررن... ٽررن...!

بي حسيءَ جهڙي خاموشي کي چيريندي لائونج ۾ رکيل فون جي گهنٽي رڙڻ لڳي.

"هلوو." ڳوري آواز جي گونج، سانت ۾ ڏار وجهي ڇڏيا، ڪا ورندي نه ملي ته رسيور ڪريڊل تي ڦهڪجي ويو.

ٽررن... ٽررن... ٽررن...

"هلوو!" هيل لهجي ۾ ڪجهه تلخي به شامل هئي، پر موٽ ۾ ٿلها نانگ وارا ڦوڪارا ۽ ٽرڙيون سيٽيون... نتيجي ۾ ڇتائيءَ مان رسيور جو سنجڻ. گهڙي پل جي ناپر ڪان پوءِ وري گهنڊڙين جي هيڪاندي گونجار...

"هلوو! هلوو..." ڪا ٻوڏ نه ڦوٽ، رڳو ڊيل آوازن ۾ نينگرن جو ڪِلڪو، لڳاتار خالي فون رِسيو ڪري وقار علي باهڙجي، مرڳو رسيور ئي هيٺ لاهي رکيو. ڪيس لڳو اِهي فون جون گهنٽيون نه پر پٿر پهٽيون هجن، جيڪي ان گهر ۾ ڪِرندا آهن، جِتي ڪائي ٻير هجي.

صنم ٻه ته ان ٻير جيان هئي... پر ڪڇيءَ ڪساري جنهن کي وڏي وڻ ٽيڻ ۾ ايان ڇڱا ڏينهن پيا هئا...

"ته پوءِ هينئر ئي اهي پٿر ڇا لاءِ؟" اِهو سوال ذهن ۾ ايندي ئي ڪو اَلڪو، ڪوئي ڳڻتڪو من جي ڪُنڊ ۾ ڇَپ هڻي اچي ويٺس... ڪنهن پل ٻه ڇرڪي پوڻ ڪاڻ... چانديءَ جهڙي اُجري رنگت، هيرن جهڙي حيران ڪندڙ روپ واري صنم جي حُسن جو احساس، پهريون ڀيرو ڪنهن ذميداريءَ جيان مٿس ڇانئجي ويو.

هو ۽ سندس گهر واري نور بانو ڪيڏو نه خوش هئا. جڏهن ڇهن ٻارن جي جمڻ کان گهڻو گهڻو پوءِ سندن عمر جي سُرمئي سانجهيءَ ۾ اوچتو ئي اوچتو هي چنڊ ڪڙي پيو، جنهن جي چانڊاڻ سڄي خاندان ۾ پکڙجي وئي... جيڪا جڻ ٻنهي لاءِ قدرت طرفان ڀيريءَ جو توشو يا ڪو اعزاز هئي...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وقار علي جيئن تہ تازو پوليس کاتي جي 'تخت' تان رٽائر ٿيو هو، تنهن کري پاڻ کي مصروف رکڻ جو کو بہ طريقو سمجھ ۾ نٿي آيس. گھڻو وقت لائونج ۾ ٽيليفون جي پرسان پيل آرام ڪرسيءَ تي ويهي، نئين پراڻين اخبارن جو اَڻ کٽ ٿهو پڙهندي گذرندو هئس. تڪبو تہ ڪمري ۾ اچي ايڪاتا ڪِرسٽي جو ڪو جاسوسي ناول ڪنڊو هو ۽ ان کي ايئن چوڙ جيان ڇهٽي ٿي پيو، جيئن رات ڏينهن پنهنجي ڪِيپ گلزار بيگم کي ڇهٽو پيو هوندو هو. هاڻ تہ ان بہ ردي گھوڙو ڇاٽي ڪانئس نري تارو ڪيو، نہ تہ ڪنهن تي فلڪ نہ آئيندي ڇپٽين سان سگريٽون ڇنڊي پاڻ کي بہ ڪا تاٿيدارڻ پئي سمجھندي هئي.

گھڻي وقت کان چيسٽر ۾ پُرڙيل تسبيح ۽ مصلي جو بہ نيٽ مورت ڪليو جن پڻ هن جي بي مصرف زندگيءَ کي توري معنيٰ ڏئي ڇڏي، پوءِ بہ ايڏو واندو ٿي پيو، جو ڪڏهن ڪڏهن تہ نمازن جي ڪثير تعداد کي پنجن وقتن جي قليل مقدار ۾ آڻڻ واري فيصلي تي بہ دل ئي دل ۾ مزاحمتي جنگ تي جوٽيائين. سندس سوچ انهن ماڻهن کان مختلف نہ هئي جيڪي جوانيءَ ۾ شيل شڪار ڪري، پوڙهاپ ۾ قدم رکندي ئي جنوني حد تائين مذهبي، شريعتي ۽ صوم صلوات جا پابند بنجي پوندا آهن... ڪيس بہ يادِ الاهيءَ سان ايڏو تہ موهہ ٿي پيو جو اڪيون پويون ڪسرون ڪڍڻ لاءِ گرانٽ جيڏو نِرڙ هٽي ڦٽي وڌائين، جنهن تي ڏينهون ڏينهن کِهرو ٿيندڙ ڪارو نشان سندس بردبار شخصيت لاءِ ڄڻ تمغہءِ حُسن ڪارڪرديءَ جو نمونو بڻجي پيو. ڄڻن چگن جي وچ ۾ ويهي، وڏي شَد مَد سان پنهنجا راز ظاهر ڪرڻ ۾ هن کو عار نٿي محسوس ڪيو، رهندو روحاني سڪون تي ماٺيائين. ڇو تہ انهيءَ عمل کي بہ هِن توبنهن تائب جو 'ترقي پسند' ذريعو ٿي سمجھيو. هرويرو بہ پنهنجا عيب اوساريندي، هن ڇاتو ٿي تہ جيترو ڪسر نفسيءَ کان ڪم وٺي لعنتن ملامتن جا ڏوڙيا وسائي، پاڻ کي کِنو ڪَسيرڪ ڪوٺيندو اوترو ارجنٽ آرڊر سان سندس ڏوهہ گناهہ پيا ڊراءِ ڪلين ٿيندا.

ٽيليفون ڪريڊل تي رکي پائيپ ۾ خوشبودار تماڪ ڀري، ڪمري ۾ وڇايل ميٽريس تي ليٽيو ئي مس تہ وري گھنڊڙيون شروع ٿيون. هن شارٽ ڪٽ اختيار ڪندي، دريءَ جي ڳِرل مان ئي هٿ وڌائي رسيور کڻي ڪن تي رکيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"هلوو..."

"صنم آهي؟" ڪنهن زنانو آواز ٺاهي پڇا ڪئي.

"بي شرم، بي حيا! سوئر مردار!!..."

"مار! ايڏا سارا نالا اٿئي پٺين جا..."

فون ڪندڙ اصلي آواز ۾ پنهنجو هانءُ هلڪو ڪري، هڪدم ڪٽي لائين ڊسڪنيڪٽ ڪئي ۽ ڪيس ان ذِلت جو پلاند وٺڻ جيتري مهلت به نه ڏني.

هو ڪاوڙ مان فون ڏي گهوريندو ئي رهجي ويو.

ڪوايجوڪيشن واري اسڪول جي شاگردياڻي صنم، جنهن اونهاري جي وئڪيشن ملڻ تي پنهنجي پينٽنگ جو شوق ميز پوش ۽ ڳاديلين تي گل ٻوٽا ٺاهي پورو پئي ڪيو. ٻهرين گهنٽي ڪن تي پوڻ سان برش ڦِٽو ڪري لائونج ۾ اچي سهڙي، پر دريءَ پويان بيٺي ڪي غضبناڪ انداز ۾ پاڻ ڏي گهوريندو ڏسي ٿورو دهلجي وئي.

"خبردار جو فون جي ڀر مان به لنگهي آهين، اڄ تنهنجي ڪري پنهنجو نوي ورهين جو بيٺي ڪڍرايم."

"ته بابا ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه، توهان کي فون ڪٽڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي هئي، مان جو آيس پئي..."

"تون وري ڪنهن کي دانگي ملرائين ها، مون کي يا ماٺين کي؟"

بيٺي کي هسٽيريائي ڪيفيت ۾ ڳالهائيندو ڏسي، جيئن ئي واپس وڃڻ لاءِ مڙي ته هن دَهمان مان پڇيس:

"ڪير هو اهو، جنهن زنانو آواز ٺاهي منهنجي اکين ۾ ڌوڙ ٽي وڌي؟"

"مون کي ڪهڙي خبر ته ڪير هو." هن نٺود نينگرين جيان منهن سُڄائيندي وراڻيو، "ڪو طلسمي شيشو ته ڪونه اٿم جو ڏسي ٻڌايان."

"بڪواس نه ڪر!"

"هر ڳالهه جو مون تي الزام..."

"مائي تنهنجو ڏوهه ڪونهي، پنهنجي پير مان لاهي پنهنجي ئي منهن ۾ هڻڻ واري ڳالهه آهي. جيڪي پوکيو اٿم سو وينو لڻيان... اهو سڀ منهنجي لاڏ پيار جو نتيجو آهي جو تون ڏينهون ڏينهن زبان دراز ٿيندي پئي وڃين."

"اهڙو پيار ئي نه ڪندا ڪريو جو پوءِ اٽندي ويهندي سهاءِ ماريو..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لنڊي مان ورتل نائٽ گائون، جنھن ڪان پينٽنگ مھل ايپرن جو ڪم ٿي ورتائين، تنھن جا اڌڙيل ڌاڳا پٽيندي ھن پڻڪيو ۽ داد رسيءَ جي آسري، پير سٽيندي رڌڻي ۾ اچي ماءُ ڏي دانھين ٿي:

”گھر ڪي ٻہ ٽاٽو سمجھيو آٿس جو آڏيون پڇائون ٿو ڪري، ڇڻ مان ئي ذميدار ھجان ھر ڳالھہ جي...“

”وڏن لاءِ ايئن نہ ڳالھائبو آھي، ڪو لڇڻ ڌار تہ چڱو اٿئي.“ ھن ھوڙ ڪي زورائتي پڇُتي ڏيندي وراٺيو.

”ھرويرو جي بي عزتي تہ ڪير بہ نہ سھندو، رٽائر ٿيڻ جو مطلب اِھو ناھي تہ ڪسرون اسان مان نڪرن.“

”چڱو ھاڻي رڌڻي مان ٻاھر ھل، تپائيم نہ... سڏيانءِ نہ پٺين ڪي.“

”بابي جو ڏپ نہ ڏي، ڇا ڪندو؟ گھٽو گھٽو تہ ماري رکندو، بس نہ؟ اھڙي جيئڻ کان تہ مرڻ چڱو آھي.“

”مٺو نہ ھڻ، زبان کي لغام ڏي...“

”جڏھن ڏس تڏھن لغامون ٿي ڏيارين، ڇڻ ڪا گھوڙي ھجان... ان ڪان تہ زبان ئي وڍي ڇڏيم، پوءِ ٺري ويھج.“ ھن ٻاھر ايندي چيو.

ڏيءَ جي اھڙي ھلت نوربانو جي روح کي رنجايو تہ گھٽو ئي ٿي پوءِ بہ حالتن آڏو ڇڻ بي وس ٿيو پئي ھئي، نہ ئي مٿس ضابطو رکڻ لاءِ ڪو مناسب قدم کڻي ٿي سگھي، ھونءَ بہ ھوءَ ڏاڍي ٿور ڳالھائي ۽ ٿڌي طبيعت واري زال ھئي، شايد تہ ان ڪري ئي وقار علي جھڙي ٽانڊي تپٽي ۽ ڪَرڪٽي ڪاٺ سان لکيو لوڙيندي پئي آئي. نوڪريءَ ۾ ھو تہ ’نہ ڪُتو ڏسي، نہ پوُنڪي‘ مثل گھر کان ٽريو پيو ھو. سڀ جي مٿي جي ڇڻ جُون مُٺي پئي ھئي. سڄي ڏينھن جي لڙ لڙ کان پوءِ موٽندو تہ ’ڪِنيءَ رن جا يار بہ گھٽا تہ ٻار بہ گھٽا‘ جيان ڪچھريءَ جي ڪوڏئي، ھر پيالا ۽ ھر نوالا دوستن يارن کان واندڪائي ڪانہ ملندي ھئس جو اٿي گھر جا ڪکڙ ماري. آڏين جو اھي ٽرندس تہ وسڪيءَ جي نشي ۾ ٽُب ٿي، اڌ ٻانھن واري گنجي ۽ ٻافتي جو ويڪرو ڪڇو پائي، ڪارو ڪنبل اوڍي ڪونگھرن جي اسڪوٽر اسٽارٽ ڪري ڇڻ سڪرات ۾ ھليو ويندو... پر رات ڏينھن جي مصروفيتن مان ڪيئن بہ ڪري ايترو وقت ضرور سو ڪڍي وٺندو ھو، جنھن ۾ پنھنجي لاڏليءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ويهي لاڏ ڪري ۽ سندس انگل ڪٽي. ڏيءَ جي سونهن جي حوالي سان ڪيس سھڻا سھڻا لقب ۽ نالا ڏيندي، هن جي بيهودگي ۽ سرڪشيءَ ڪي بي باڪي ۽ دليري ڪوٺي پيو ڦرندو هو. هيڪاندي لاڏ هن جو اهڙو ته من وڌايو جو ڪڏهن ڀائرن سان پئي اٽڪندي ته ڪڏهن پرٽيل ڀيڻ سان پئي ڪنئوس ڪندي. اهي جي ڪا شڪايت ڪندا ته پيءُ هن جو پاسو ڪٽي اٿلندو مٿن ڏمربو:

"اڙي ڪو حيا ڪريو. ڏيءَ جيڏي ننڍڙي ڀيڻ اٿو. جيسين اسان جو سِر آهي تيسين ٿي اهي انگل ڪري، پوءِ ڀاءُ مِٽ، ڀاڄائي ساهيڙي، ڪيئن ڪندي اوهان سان حجتون. ڪا ٻاراڻي ٿي ڪري ته چڙيو پئو. پنهنجي ۽ هن جي وچ ۾ فرق ته ڏسو!"

اهڙو ليڪچر ٻڌي جيڪو جتي سو تِتي. سڙي ڀُڄي ٿي ويو ۽ وري ڪا دانهن ڏيڻ جي ڪوشش ئي نه ڪندو... سهپ جي حد ٿي ويندي ته ماءُ ڏي دانهين ٿيندا. جيڪا رڳو اکيون ڇنڀي، وات کي مِڇڪو ڏئي چوندي:

"اڄڻ ڏيو پٺهين کي، ته چنڊ ٿي ڪيرايانس."

پر مڙس اڳيان اهڙي ڪا ميس مٿل هئس جو ٻڙڪ ئي نه ٿي نڪتس. وري به ڏيءَ کي ئي ايلازن مان چوندي:

"مان گهور وڃانءِ منهنجي راڻي، ڀائرن کي نه ستائيندي ڪر مِٺي."

ڪڏهن ڪو دڙڪو دهمان ڏيندي به ڪٽي هئس ته پرچائڻ ۾ اهي خوشامدون ۽ ايلاز آزيون ڪندي هئي جيڪي وقار به گلزار بيگم اڳيان نه ڪيون هونديون. ان سوران گهٽو ڪري ته ڪچندي ئي ڪين هئي، پر ڪجهه ڏينهن کان ڏيءَ جي باري ۾ جيڪي ڀَڪا سُڪا سندس ڪَن ۾ پوڻ لڳا. تنهن ڪيس اندر ئي اندر جهوراڻي ۾ وجهي ڳڻتيون ڏئي ڇڏيون. مڙس جي رٽائرمينٽ ويجهو اچڻ جي ڄاڻ ته اڳ ئي هئس. بس ان ئي آسري ۾ هئي ته جڏهن گهر ويهندو ته پاڻهي هر ڳالهه جي خبرگيري رکندو. صنم به سڌري پوندي، پر هِن جي پرڪارن مان لڳو پئي ته ڪيس پيءُ جي به ڪا خاص پرواهه نه هئي، نه ته جيڪر ان جي موجودگيءَ ۾ اڄ ماءُ سان ان نموني ڳالهائي ئي نه ها.

"يا الله تنهنجو شڪر آهي!" نوربانو بي وسيءَ وارو ٿڌو ساهه ڪٽي


Scanned with CamScanner

ديڳڙيءَ ڪي ڍڪ ڏنو ته ير واري ڪونڙيءَ مان سهري جو سُرهو سڌ تيس، جنهن تي ”آيس بابا.“ ڪندي، گرم گرم چڪن سوپ پيالي ۾ اوتڻ لڳي. پوڙهي جي هر سڌ کان هوءَ ايئن واقف هئي جيئن ڪا ماءُ، پينگهڙي ۾ پيل ابهم جي روئڻ جون جدا جدا معنائون سمجهي وٺندي آهي. ڪيس ته هونئن به ٻارن جي ڏڻ نپائڻ جو خاشو تجربو هو. پنهنجا ٻار تاتي وڏا ڪيائين ته ننڍي نيڻي ٻيواهه ڌيءَ عابده جا هڙئي ٻار به اچي سندس ڳچيءَ ۾ پيا. جو ڪيس عورتن کي مونرون سيڪارڻ کان ئي فرصت نتي ملي، جن جي سکيا لاءِ هن باقاعدي ٽريننگ سينٽر کولي رکيو هو. تنهنڪري سُهري جي ناتي اهو ٻار سنڀالڻ ڪيس مشڪل ڪونه تي لڳو. پوءِ به ڏسڻ وارن ته ڏٺو تي ته ويچاري ڪيڏي نه ويل جي منهن ۾ هئي، پر خدا ترس اهڙي جو بنا منهن گهنجائڻ جي هر ڪم خوشيءَ سان ڪندي، ڪيس اهڙو ته اڃو اجرو رکندي آئي، جو مُنهن تي مک به ويهندس ته پٿي ترڪندي. نه ته زهريلي زبان ۽ طول عمري جي جنهن ’چڙ ڏيارينڊڙ‘ اسٽيج تي پهتو هو، تنهن ۾ هوند ڪو اوڏو ئي نه اچيس ها.

ڪمري ۾ اچي، هن ڪيس پنهنجي ٻانهن جي سهاري چئن ويهاڻن جي ٽيڪ تي اٿاري ويهاريو ۽ ير ۾ رکيل سوپ مان چمچو ڀري ڀري سندس ٻٽونءَ جهڙي وات ۾ وجهڻ لڳي. هن ڪوسڙا ڍُڪ نڙيءَ مان لاهيندي هميشه جيان ويڪ ڪيئي:

”ڪُڪڙ مٺل يا بيمار ته ڪانه هئي؟“

”ڪهڙي تا ڳالهه ڪريو بابا، مون اڳ ڪڏهن توهان کي مٺل ڪڪڙ رڌي کارائي آهي ڇا، جو منهنجي نيت تي شڪ تا آڻيو؟“

”اها ڇوٽي ٻڌي نه اٿئي ته، ’الله جي وات جي ماني سَڙي يا سُکي‘، مان به توهان تي اجايو بار ٿيو پيو آهيان،“ هَن طنز مان مرڪندي وراڻيو.

”بابا هي ته توهان جي پٽ جي ڪمائي آهي، توهان جو پنهنجو گهر آهي، پوءِ اهڙا خيال ڇو تا اچن توهان کي... مونکان ڪا ڀُل چُڪ تي هجي ته ڪٿي معاف ڪريو.“

”ڀُل ته مان آهيان قدرت جي، جو اڃان تائين جيئرو رکيو اڇيم.“

”اوهان ته اسان لاءِ ڇپر آهيو،“ هِن نيپڪن سان هُن جو وات اگهندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وراڻيو، "سوَ ڇمارون ماٺيو تہ بہ توريون."

"هہ... هہ..." هن زهريلي انداز وارو مٺل ٽهڪ ڏنو، "دل سان ٿي چئين؟"

هَن ڪرڙيون اکيون ڪندي اهڙي لڇائيءَ مان پڇيو، ڄڻ اندر جو چور پڪڙيو هجيس. ڪوئي ڪنهن جي نيت ۽ خلوص جي صداقت تي اجايو شڪ ڪري، هر ڀيري شدت سان اهڙو احساس ڏياريندو رهي تہ اڳلو چاهي ڪيترو ئي مخلص ڇو نہ هجي، ان طرز عمل سان هرويرو بہ پاڻ کي ڪوڙو ۽ خوشامندي ڀيو سمجهندو. نور بانو جي مرحيات سَس بہ جيترا ڏينهن جيئري هئي، مرندي مري وئي، پر ٿنهن جي جيءُ جان سان ڪيل خدمتن ۽ خلوص کي محض هڪ ڏيکاءُ کان وڌ ڪا اهميت نہ ڏنائين... ياد آيس اهو گهاءُ، جڏهن صنمر جي ڇٽيءَ تي ڪيس ڏاڍي هيج مان هنج ۾ کڻي مِنيون ڏئي ڏئي راڄ آڏو ويچارگيءَ ۽ مظلوميت مان چيو هئائين:

"تون تہ مون سان پيار ڪندينءَ نہ؟ ماٺهين تہ ڪونہ ڪيو... ڇا ڪريان، سچي ڳالهہ زبان مان نڪريو وڃيمر...

ان دمر ويڻلن جون اکيون نور بانو ڏي کڃي ويون. ڪيس لڳو ڄڻ سيني آڏو سندس ڪائي پَت واڪي تي وئي هجي ۽ هو واقعي ڪا ڏوهارڻ هجي... ان ويل هن پنهنجي ئي نظرن ۾ پاڻ کي ڏاڍو حقير پئي محسوس ڪيو. ڪي لفظي ڏک اهڙا سنڌاڻا ۽ بي رحميءَ وارا ٿين جو جواب ڏجي تہ بہ ڏوهاري نہ ڏجي تہ بہ گنهگار. ٻين جون همدرديون ۽ توجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهو ڪيڏا نہ سانگ ڪري ڇاڻين... ڪاش هو بہ ڪو ان قسم جو ٽال ڪرڻ ڄاڻندي هجي ها... هن سوچيو. پر حقيقت اِها هئي تہ جيتري عزت هن پنهنجي سَس جي ٿي ڪئي اوتري سندس اولاد بہ نہ ڪندو هو. نيت جي انهن صداقتن پويان ئي اڄ هن سُهري جا ويڻ بہ ٿي سَٺا ۽ هميشہ جيان ڪيڻ بنا مانڙي ڪري جونا باسڻ کڻي ڪمري کان ٻاهر هلي آئي.

ٻوڙ ٻاڙي تہ هن سوير ئي رڌي پچائي ڇڏيو هو. باقي انتظار تي ڪيائين ٽانوَ ٻهاري ڪرڻ ۽ مانيون پچائڻ واري ڪچياٽي ماسي حوا جو، جنهن جي اچڻ کان پوءِ هڪ مَني تي ير واري بنگلي مان وَڏور ڏيءُ عابده جي پرگهور لهڻي هئس، جنهن جو جوانيءَ ۾ ئي بيواهہ ٿيڻ جو سور بہ ڪيس ڪو گهٽ نہ هو. جڏهن تہ هِن کي مڙس جي مرڻ جو ايڏو ڏک نہ هو، جيترو رنايپي يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڍاڪڻ جي ڏنگيندڙ ڇاپ لڳڻ جو... هونئن به وچ وارين جي ڳوليا سان طئي ٿيل شادي هن لاءِ جيءَ جو جنجال ٿي ته هئي، جنهن ۾ ڪيس ڊرئون ڊاري ٻولي ڳالهائيندڙ دَم ڪشيءَ جي مريض جي ٻناري وڌو ويو. جيڪو وري اهڙو شِدتي ۽ شڪي جو، جيسين جيڙو هو تيسين ماءَ جي گهر وڃڻ جي موڪل نه ڏنائينس. وڃڻ ملندي هوءَ پاڻ لِڪ ڇپ ۾ ٻيڻي پير ماءُ وٽان ليئو پائي ٿي آئي. حادثي وگهي مئو، ته ڇڻ آجي تاجي ٿي پئي ۽ وَڏور ڌيءَ جي حيثيت ۾ صلاح سڙي توڙي ڏک سک ۾ ماءُ - پيءُ سان ٻٽ هئي. ملڪيت مڙي خاشي هوندي به پاڻ ڪي مصروف رکڻ ڪاڻ موٽر ٽريننگ جو سلسلو شروع ڪري ڏنو هئائين. شڪر جو مال ملڪيت ٻارن جي نالي هئس، نه ته ڏنگا ڏير هوند ان جي اوڏو ئي نه اچڻ ڏينس ها. پوءِ به اهڙن مهلن تي جيڪو ڪم ظرف ۽ ڪمين جو هٿيار ۽ مَرڪ هوندو آهي، تنهن موجب انهن هِن اشراف تي ٻي شادي ۽ بدچلنيءَ جا انيڪ انديشا ڏيڪاريندي، تهمتون بهتان مڙهيندي ڪورٽن ڪچهرين ۾ گهٽا ڌڪا ٿاٻا به کاڌا. پر ورين ڪي ڪين. جو هوءَ به وڏي دلير ۽ دليل باز عورت هئي. پنهنجو ۽ ٻچن جو حق ڦٻجڻ نه ڏيندي، ساهرن جي محتاجيءَ کان بچي وئي ۽ ملڪيت سنڀالڻ جي سموري ذميداري ڪٽي پيءُ تي وڌي، جنهن اڳوٽو فليٽ ڇڏرائي، سار سنڀال لهڻ ۾ سهوليت جي خيال کان پنهنجي گهر جي ويجهو ئي 'بي' ٽائيپ بنگلو خريد ڪرايس.

نور بانو ڌيءَ ڏي وڃڻ لاءِ سوچيو ئي پئي ته هوءَ ڪار جي چاٻي آڱر ۾ گهمائيندي پاڻ اچي نڪتي.

"امان مون کي ٽورو ڪم آهي. بابا کي وٺڻ آئي آهيان. جيسين تون هلي ٻارن وٽ ويهه..."

"توڏانهن ئي ته آيس پئي. پر ڪم واري اڄان آئي ڪانهي، ان جي آسري ويٺي آهيان. پارٽ ٽائيم واري نوڪرن جو آسرو ڏاڍو ٻجڙو ٿئي... نه اچن ته سيڙي ڪم اوچتا اچو سِرَ تي پون... هيءَ به ايندي الائي نه..."

"نه آئي ته ڇا ٿي پيو. صنم ته گهر ۾ واندي ويٺي آهي، اڄ ڪم اها ئي ڪٽي ڪندي..."

"ان کي ته چاچهين گاديلين جون ڇهون ڏئي وئي آهي. صبح کان انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي ويني پينٽنگ ڪري...“

”چاچي مفت جا رنگ جو ڏيندس ته پنهنجا ڪم ڪيئن نه ڪرائيندي...هون ۽ به سارو ڏينهن فون، واهيات ميگزنون ۽ هار سينگار ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪيس ڪم ٿي ڪهڙو آهي. هن جيڏيون ته گهر سنڀاليو ويٺيون آهن...“

صنم، جيڪا پيڻ جي آواز تي ٻاهر پئي آئي، سا پوريون جملو ٻڌي ٻاهه تي وئي.

”اِجهو شروع ٿيو ’ڀاشن‘! هاڻي ته ٻڌي ٻڌي ڪن پچي پيا آهن.“ هن ايندي ئي حملو ڪيو.

”صحيح ته چوان ٿي، جڏهن اچان تڏهن تنهنجي هٿ ۾ پينٽنگ برش يا فون ڏٺو اٿم.“

”نه ته ڇا ٿي ڏسڻ چاهين... ٻهارو؟“

”ٻهارو ڪڻڻ ڪو عيب ڪونهي، پر گهر ۾ ٻيا به ڪم ڪار آهن.“

”ڪم ڪار ته پيا ٿيندا آهن، ڪهڙا رهجي ويا آهن جو اٿي ڪريان... ها باقي ڪڏهن ڪو موٽر ٽريننگ جو ڌنڌو شروع ڪيم ته پوءِ تو جيان مايون ساڻ ڪري، رستن تي گاڏي ڊوڙائڻ وارو عظيم ڪم ڪنديس.“

”بدتميز، زبان دراز ڪو شرم ڪر!“

”بس اهوئي ٻڌڻ لاءِ آتي هئس! رستي جو پٿر آهيان نه. جيڪو ٽيڪو اچو ٿڏي...“

”هون هون،“ نور بانو تنبيهه ڪئي، ”هرويرو پئي خفي ٿين، وڏي ڀيڻ ماءُ برابر ٿئي، ان جو ادب ڪر، تنهنجي چڱائي تي چئي، ڪا دشمن ته ڪانه اٿئي...“

”مان ڄاڻان ٿي... هن گهر ۾ سڀئي ته منهنجا سڄڻ آهن. دشمن ته رڳو مان ئي آهيان پنهنجي... ها نه؟“

ايئن چوندي هن ڪمري ۾ اچي زور سان در بند ڪيو، جو پڻ سندس ڪاوڙجڻ جو هڪ انداز هو. ڏماڪو ٻڌي وقار علي مينهن واءُ ٿي اندران وارد ٿيو:

”ڪير ٿيو آهي ڇتو جو در ٿو ڀڃي!“ پر عابده تي نظر پوندي ئي ڍرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي ويو، ”تون ڪڏهن آئينءَ پٽ؟“

”بس هينئر ئي آئي آهيان...“ هوءَ وساٽيل هئي.

”ڏي خبر پراپرٽي ٽئڪس واري ڪم جي؟“

”ها بابا ان لاءِ ته آئي آهيان ته ڳڏجي هلي سمورا ٽيڪس وغيره پياري اچون...“

”چڱو جو تون آئينءَ، مون کي به ان پاسي پينشن وٺڻ لاءِ وڃڻو هو... پنج منٽ ويهه ته مان اجهو ٿو ڪپڙا بدلائي اچان. هن جيئن ئي پُٺ ڏني ته عابده ماءُ جي پر ۾ ويهندي رازداريءَ مان صنم لاءِ چيو:

”بس هاڻي پڙهي ڇيهه ڪيائين. ويهاري ڇڏيس گهر ۾... ڏسين ڪونه پئي ته ڏينهون ڏينهن ڪيڏي نه شنگ ٿيندي وڃي.“

”پر تون ياڻ سياڻي آهين. توکي خبر آهي ته اڄ ڪلهه جي زماني ۾ اٺ درجا پڙهيل کي ڪير ٿو پڇي. گهٽ ۾ گهٽ تو جيان ميٽرڪ پاس هجي ها ته ڪٿي گهر ويهاري ڇڏيانس ها...“

”مون جهڙي هجي ها ته پوءِ روئڻو ئي ڇا جو هو، ميٽرڪ ته ڇا بي. اي، ايم. اي يا پي. ايچ ڊي ڪرائي سڄي حياتي حق بخشرائي ويهارينس ها ته به ڪو پڇڻ پولو نه هو، باقي هن جا ته پرڪار ساريا پيا اٿئي، مٿان وري صاحبزادي هلي آهي ڳڏيل تعليم حاصل ڪرڻ...“

”اها ته پٽهين جي مرضي هئي ته شهر جي وڏي اسڪول ۾ پڙهي، ٻين جون ٻه ته نياڻيون آخر پڙهن پيون...“

”اسان ان ڪلاس جا نه آهيون امان... اهي وڏ گهراڻيون نياڻيون جيڪي ڪارناما ڪن ٿيون سي سندن اسٽيٽس جي آڏ ۾ ڍڪجو وڃن، هن جو ڍڪ ڪير ٿيندو؟ ڪو ابتو سبتو قدم کڻي وئي ته ماڳهين ڳالهه ڳچيءَ ۾ پوندي...“

”تون ته الائجي ڪٿان جو ڪٿي ٿي وڃي نڪرين.“ نور بانو خفي ٿيندي چيو. ”ڪرنديون آهي جن جي گهران ئي صحيح تربيت نه ٿي هوندي، ماحول ۽ اسڪول کي ڇو ڏوهه ڏجي.“

”خير... آءٌ وڏيڪ ڪجهه چوان به نٿي، بابا کي اڄان سندس ڪرتوتن جي خبر ناهي ته ڪيئن نه پٽي سندس پڳ اڇلجي...“


Scanned with CamScanner

"ڪهڙا ڪرتوت؟"

"اِهي جيڪي ڇڙواڳ ڇورين جا ٽينا! در در جا نوڪر نڙا، چوڪيدار ڇڙا ۽ ڇورا چنبڙ مڙيو سڙيو ويٺا تا ڳالهيون ڪن ته وقار عليءَ جي نياٽي پر ڪڍيا آهن. سچو ڏينهن گيٽ تي ٽنگيو بيٺي لفافا ڏي ۽ وٺي."

"چائي تا پائين مئا! انهن لوسين جو ته ڪم ئي ڳلا ڪرڻ آهي..."

"امان تون به الائي ڪهڙي دنيا ۾ ٿي رهين... هاڻي ته بابا گهر ۾ ويٺو آهي پاڻهي اکين سان ڏسندو ۽ ڪنن سان ٻڌندو.. اِها ته مان هيس گونگي گانءِ جو جنهن ڪِليءَ سان ٻڌوَ، اُها اَڪرجي وئي ته به ان آستان تي سر ڏيو پئي آهيان." عابده جيءَ ڪي لِڳل پراڻي جهوريءَ ۾ جهرندي به فخر مان چيو.

"الله هدايت ڏيندس، پنهنجي حبيب جي صدقي پاڪ موچارا ڪندس."

هن ڏاڍي ويچارگيءَ مان ٿڌو ساهه کڻي صنم لاءِ دعا ڪئي، جنهن عابده ڪي شديد محرومي ۽ پنهنجي بدقسمتيءَ جو احساس ڏياريو. هن ڏک مان وراڻيو:

"هن جي موچاري پاڪ جو ته هر ڪنهن کي اونو آهي، هڪ مان ئي هئس جو اکيون ٻوٽي کٽي کڏ ۾ اڇليوَ..."

"منهنجي لاءِ ته ٻئي اکيون برابر آهن، جهڙي تون تهڙي صنم..."

"خير، اهو ضروري ڪونهي ته ٻنهي اکين جي روشني به برابر هجي، جيڪو پيار هن جي حصي ۾ آيو آهي سو ڪو اڌو به پرکي سگهي ٿو."

"چو تي اجايو ڏکوئين... اسان ته پنهنجي پاران چڱي ڪئي، فرض نڀايو... باقي قسمت جي لکئي جي ڪنهن کي ڪَل هئي... قدرت جا کيل ته قدرت ئي ڄاڻي... ڪا مائٽي اچڻ جي آسري ۾ وڏي ڏاکهه اچي ٿي هُئينءَ تڏهن لاچار سڱ ڪرائڻ وارين آڏو جهوليون جهلئيون پيون... جن ڏريان ئي ڏاريا آٿي ڪرمن ۾ هنيا... نه ته تون ڪا اسان کي ڪڙي هئين ڇا..."

"ان ڪان ته يا چمار ويهاري ڇڏين ها ته چڱو هو."

"الله شال ٻچڙن مان ڪيچ ڪندءِ، انهن جا سک ڏسندينءَ، خوشيون ماڻيندينءَ ته سمورا ڏک وسري ويندءِ... بس دعا ڪر ته الله من هِن جا سولا پاڪ ڪري..."

"ان جا بخت ڪيئن نه پلارا ٿيندا، سهڻي سدا ملوڪ جو آهي، مان ته هئس الله جو ماٺو، سو بس اگهامجي ويس..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”اڄ پلا ڇو ايڏي ڪڙي تي پئي آهين؟“

”سچ تہ چوان پئي، سونهن ذري ڇا ملي اٿس جو الائي ڪهڙي شيءِ تي سمجهي پاڻ کي...“

”نہ مٺي، ويچاري ڪجهہ ئي ڪونہ ٿي پاڻ کي سمجهي، ننڍڙي آهي نہ، تڏهن سڀ جي لاڏلي ٿي پئي آهي... تون بہ وري ڪو هن ڪان شڪل سونهن ۾ گهٽ آهين ڇا. اجايا خيال نہ ڪندي ڪر.“ نور بانو دل رکندي چيس.

”امان هاڻي نهيو، اهي ڦليون نہ ڏيم، مون کي تہ پاڻ بابت ڪي بہ خوش فهميون نہ آهن.“ هن بي پرواهيءَ مان وراڻيو. پر اهو بہ سچ هو تہ صنم جي پيٽ ۾ هوءَ هر لحاظ کان اڻ گهڙيو ڪاٺ هئي، مٿان وري حالتن کيس ڇڳو احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو، جنهن سبب هن جي شخصيت جون ڇگايون بہ ڪيترن ئي مهلن تي پس پرده هليون ٿي ويون.

وقار علي، فائيل ڪڇ ۾ ڪري، ڊُرڪيل پينٽ کي پيٽ ڏي ڇڪيندو جيئن ئي عابده سان گڏ ٻاهر نڪتو تہ اوچتو کيس ڪا وسريل ڳالهہ ياد آئي.

”ڪيڏانهن بابا؟“ کيس واپس ڪمري ۾ ويندو ڏسي هو پڇڻ بنا رهي نہ سگهي.

”تون هلي گاڏي اسٽارٽ ڪر، مان اچان ٿو.“

پر هوءَ اتي ئي بيهي، کيس چيسٽر مان ننڍڙو تالو ڪڍي فون ڏي ويندو ڏسي، ماءُ کي مشڪندي چوڻ لڳي:

”مس وجي ڪو ڊنگ پريو ڪر ٿيو آهي گهر ۾، صنم تہ فون کي ڇڻ رانديڪو بڻائي ڇڏيو هو.“ هن جُهڪي ميز تان ڪار جون چابيون کڻيون ۽ پورچ ڏي رواني ٿي.

گڏيل تعليم صنم ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ بدران هن لاءِ تهائين ذهني ڇڙواڳيءَ جو سبب بڻجڻ لڳي، مٿان وري ورثي ۾ مليل پيءُ جي بي لغام زبان جو بہ مٿس ڇگو اثر هو، پر ماءُ جيان همدردي ۽ خدمت گذاريءَ وارو جذبو بہ جام هئس. عام لاڏلين ڌيئرن جيان نازڪ مزاجي، سهل پسندي، يا آرام طلبيءَ جهڙا ڪي بہ نڪما اهڃاڻ منجهس ڳوليو نٿي مليا. البت اهو تہ هن جي شخصيت جو سورنهن ئي آنا پنهنجو حصو هو جنهن ۾ ڪنهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهي سيٽ يا ٽِڪو مَنو لهجو هن جي برداشت کان ٻاهر هو. شايد ته ان ڪري ئي ڪراڙي ڏاڏي سان اصل نه پوندي هُئس جو سدائين هن تي چٽر ۽ ٽوڪون ڪري پنهنجو وات پيو وڃائيندو هو. نه ته به ان سيڪنڊ هينڊ ٽيپ رڪارڊر تي جيڪو اڪيلائي جي اوڙاهه ۾ سڙڻ کان بچڻ لاءِ سندس ئي فرمائش تي وقار علي ڪيس وٺي ڏنو هو. تنهن کي پر ۾ رکي سچو ڏينهن پاڻ سان ٿيندڙ 'ظلمن' جون ڪهاڻيون پَڻ پَڻ ڪيو پيو پريندو ۽ ڏاهيندو هو. ڪيس خوش فهمي هئي ته اهي ظلم تاريخ جو حصو آهن. جڏهن هو نه هوندو ته انهن کي ور ور ڪري ٻڌبو ۽ هنجون هاربيون. ڪمري مان ايندڙ ڏاڏي جي اهڙن پاٺمرادو ڳالهائڻ واري پراسرار آوازن ڪري ئي صنم ته ان پاسي کي گهر جو آسيب زده ۽ 'آفت ستيل' حصو قرار ڏئي ڇڏيو. هوءَ اڪثر سوچيندي هئي ته انهن ظلمن جي داستان ۾ ڪهڙي نئين ڳالهه سمايل آهي، جنهن لاءِ هن اجايو ايڏي جهڳي هٽي پنهنجي چاڙين جي اِنرجي ٿي ضايع ڪئي. اهي ظلم ته مٽن ماٺن ۽ گهر وارن کان ويندي اوڙي پاڙي جي ماٺهن توڙي ملڻ جلڻ وارن ۽ اورتي پري جي نوڪرن چاڪرن تائين جي دماغ ۾ ڪنهن ٽيومر وانگر گهر ڪري ويا هئا. تڏهن به هو اجان مطمئن ڪونه ٿي ٿيو...

نور بانو، جا ڪيس ستل ڇڏي، ڏيءَ جي گهر هلي وئي هئي، تنهن کي هن سڏن مٿان سڏ تي ڪيا.

"ڪنوار پاٽي!... پاٽي... اڙي ڪو آهي ڪو گهر ۾ منهنجي سار لهڻ وارو. اجان جيئرو آهيان. مئو ته نه آهيان جو سنجهيئي تا ڪنڌ ڪيايو."

پوڙهي جون رڙيون ٻڌي مائي حوا ٻهارو اڌ ۾ ڇڏي صنم وٽ آئي.

"ڇا آهي؟" هن پنهنجا نُهن فائيل ڪندي پڇيو.

"ڏاڏو تو سڏئي."

"تون هل، مان اچان ٿي."

نيل فائيلر ٽپائيءَ تي اڇلي هن ڏاڏي جي ڪمري ۾ پير پائيندي پڇيو:

"ڏاڏا تو سڏيو پئي ڇا؟"

"جيئرو ساهه آهيان، اجان زبان ڪونه بند ٿي اٿم جو سڏ به نه ڪريان..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منڙي، مومل، شهزادي، راڻي، جان ۽ جانون. ڪيئن نه بي حيا، بدتميز، واهيات، بي شرم ۽ بي هودي جهڙي لفظن ۾ تبديل ٿيندا رهيا آهن. اهي مثال سامهون هوندي به ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ نٿي آيو... يا شايد آيو به ٿي ته هن چاڻي سمجهڻ نٿي چاهيو.

ڊيڪَ جي ڌمڪ ۽ هيجان انگيز ميوزڪ، پوڙهي ڪي ماهي بي آب جيان ڦٿڪائي رکيو. ڪمرو ڇا، سمورو گهر ڄڻ ٽارچر سيل ٿي پيو، هُن ڪڏهن متي ڪي ٿي ڏک هنيا ته ڪڏهن ڊَونڊڙ لونڊڙيون ٿي جهليون، پر زبان جهل ئي نٿي ڏنس، ڪيسٽ جو اڌ پاسو پورو ڪري صنم ٻاهر نڪتي ته ڏنائين هن جي چابي اجان چالو هئي.

"توبهن آهي مائي! ڇوڪري ته اصل ڪنهن ڪي ڪَٽ ۾ ئي نٿي آڻي. ڳالهائجيس ته نڙيءَ مان ٿي جهلي... مائٽن ڊر ڏئي مغز خراب ڪري ڇڏيو آهي ڪالهوڪي ڇوريءَ جو..."

هو مائي حوا ڪي غيبت ڪرڻ لاءِ ڇُهتي پيو، جيڪا ڪيس ميز تي رکيل پاڻي پياري، ڳلا ٻڌڻ لاءِ فرش تي ئي پلٽي ماري ويهي رهي. صنم ڪي ايندو ڏسي، هن اڌ تي ڇڏيل پوڇيءَ ۾ وري هٿ وڌا.

"ائي ماسي تون اتي ڳلائون ٻڌڻ ويهي رهي آهين، ڪم جيڪو وچ ۾ رليو پيو آهي سو ڪير اچي ڪندو؟" هن پوڙهي ڪي نظر انداز ڪندي در وٽان ئي مائيءَ ڪي دب ڪڍي.

"مان ته آيس پئي پر ابي..." هن جلدي جلدي پوچو ڏيندي وراڻيو.

"ان ڪي ته ٻيو ڪم ئي ڪونهي سواءِ غيبت جي."

صنم ڪيس اڌ ۾ ڪٽي، وال ڪلاڪ تي نظر وجهندي لائونج ۾ هلي آئي.

اهو ئي وقت هو فون تي فهد جي ملڻ جو، جيڪو مس ڪيس مليو. فون تي لاڪ ڏسي ڏاڍي ڏسي آيس پر ايئن ماٺ ڪري ويهڻ واري ته هوءَ به نه هئي، تالو کولڻ لاءِ جهٽ پلڪ ۾ اسٽور مان وچي سنهي تار کڻي آئي، جا اهڙي ٽاڪوئين جو مرڳو به اڌ تي لاڪ اندر ئي رهجي وئي...

"ان ڪان ته هيئر پن سان کوليان ها..." هن ششدر ٿيندي سوچيو. تالي سان ملهه وڙهندي اڌ ڪلاڪ گذري ويس، پر ڦاٿل تار نه نڪرڻي هئي سا نه نڪتي. ڊور بيل وڄڻ تي هوءَ ڇرڪجي وئي... ۽ ڳورين وِکن سان هلندي


Scanned with CamScanner

گيٽ ڏي وئي. پاڻيائين ته پٽس هوندو پر پاڙي جي معصوم نينگر کي سامهون ڏسي هوءَ سامت ۾ آئي.

"ادي..." هن نماڻي صورت ٺاهيندي چيو. "توهان جي لان ۾ اسان جو بال ڪِريو آهي."

"هلي آ، اچي ڳولهه..."

ننڍڙي نينگر اندر اچي پنهنجو بال کنيو ۽ 'ٿينڪ يو ادي' چوندي ٻاهر ڊَڪ پاتي...

گيٽ بند ڪري، هن هڪ وار وري تار ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي.

مائي حوا گهر جو ڪم ڪار لاهي، هاڻي ٽئي تي گرم گرم ڦلڪا ٿي پچايا، جڏهن ته صنم تار ڀڃي پوڻ واري 'واردات' ڪري ڪافي پريشان ٿي ڏٺي. ڪار جي هارن تي گيٽ کولي پويان ڏسڻ بنائي اندر هلي آئي.

"وري ڪنهن ڪجهه چيو اٿس ڇا جو ايئن سوڻهجي هلي وئي..." نور بانو شڪ ظاهر ڪيو.

"امان تون هن جي ذري پرزي ڳالهه تي ايڏو توجهه ڏئي سندس مغز نه ٽيرائيندي ڪر." عابده جيڪا واپسيءَ ۾ ماءُ کي به گهران کڻندي آئي، تنهن ڪار پورچ ۾ بيهاريندي چيو. "گهر ۾ ڏاڏي کان سواءِ ٻيو آهي ڪير جو راڻيءَ جو موڊ خراب ٿيندو."

"ڏاڏس به ته ڏنبي ڏيڻ بنا رهي نه سگهيو هوندو." نور بانو ڪار مان ٻاهر ايندي ورائيو.

"بابي جون ته ڳالهيون ئي نراليون آهن..." وقار ڪوڪلو ٺهڪ ڏيندي جڻ ٻيءَ جو بچاءُ ڪيو." هن عمر ۾ هو اسان کي ئي رڻاڙيو ڇڏي. صنم ته وري به هن لاءِ ٻار آهي."

"پلا جي ڪجهه چيائين به ڪٿي ته ڇا ٿي پيو، آخر اسان جو بزرگ آهي. ڪيس هر ڳالهه چوڻ جو حق آهي."

عابده، ٻيءَ اڳيان سرخرو ٿيڻ لاءِ ڏاڏي جو پاسو کڻي جڻ صنم کي ننديو.

"تون سچ ٿي چئين، پر صنم جي به پنهنجي طبيعت آهي. هوءَ ڪنهن جي تيزي تکائي سهي ڪونه سگهي."

نور بانو جي ان ڳالهه تي عابده فلڪ مان وات پيڙي، پرون چاڙهيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پراپرٽي ٽيڪس، سڀ اچيو ڳچيءَ ۾ پَون."

"بل به ته ڏکي ٿي ٿا ٺاهيو موڪلين." نور بانو مڙس کي ٽيڪو ڏيڻ وارو وجهه نه وڃايو. "تنهن ڏينهن اديءَ جن وٽ ميٽر ريڊنگ وارا آيا ته وراندي ۾ رکيل پراڻو ايئرڪنڊيشنر ڏسي سٽيهه سئو بل ڏياري مڪائون! ان انڌير پويان پڇ ڏک ٿي ته چوڻ لڳا. هيترا هيترا روپيا هر مهيني هڪ ايئرڪنڊيشن جا ڀڏل آهن. پوءِ چاهي اهو هلايو يا نه. شڪر ڪريو جو اسان رڳو چئن مهينن جو بل ٺاهيو آهي."

"اِها ڪڏهن جي ڳالهه آهي؟" هن خلاف توقع ڏيان سان ڳالهه ٻڌي.

"اڃهو هاڻ." ڳالهه کي وزن ملندو ڏسي هِن تهائين ڊيگهه ڪئي.

"اديءَ چيو ٿي ته اهو ٽالي ماتر ايئرڪنڊيشنر هن 'دشمن داغ' طور پندرنهن سئو ڏئي ڪباڙيءَ ڪان ورتو. پر ٽي چار هزار مرمت پويان ڏيڻ سوران اڃان ته لڳايو ئي ڪونه اٿن."

"مان به ته اها ئي تو ڳالهه ڪريان. ڇڙو فون جو ئي مثال وٺ ته ڪيئن نه هڪ ٻئي سان لائينون ڳنڍي پرايا بل به ڪنيو اسان واري ڪاتي ۾ اُڇلين."

"اهو ته اسان ٻارن سان ڇڻ ظلم ٿيو..." هن صنم ڏي نهاريندي چيو. جيڪا ان جرڪي ۾ وڌيڪ دير ترسڻ بدران وساٽيل وکن سان پنهنجي ڪمري ڏي وڃڻ لڳي ته نور بانو نرميءَ مان سڏيس. "اچي مِني هي انگور داڻا ته کاءُ."

"نتا وٺن!"

"نتي ڪائي ته ڇڏينس." وقار علي ٽالي کي ڇيڇاڙيندي ڪاوڙ مان چيو.

"ڀلا توهان ته کائو. توهان کاڻ ئي ته فريزر ۾ رکيا هئم. گرم ٿيڻ سان مزو ڇڏي ويندا." هوءَ اُڪتي وڌي لاڏ مان انگورن جو ڇڳو وات آڏو جهلي بيٺس.

"ڇَ. پري ٿيءُ! ڏسين نٿي ڪم پيو ڪريان!"

هن ٻيڃان مان ٽالي کي ڇڪيو ته ڊائل جو ڪجهه حصو به ڳڻ پنجي آيو. "ڪرايئي نه نقصان. هاڻي خوش ٿئينءَ" ڪروڌ ڀريل نگاهن سان نهوڙيندي چيائينس. "صبر نٽي ڪري سگهينءَ گهڙيءَ ڪن..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نور بانو پشيمانيءَ مان پٽ تي هٽي وئي ۽ فرج کولي سمورو فروٽ واپس رکي ڇڏيو تہ هو بہ پنهنجي ڪنڌو ڪمري ۾ هليو ويو.

ٻاروتڻ ۾ ڪيتو ڪري ڇڙهيون هٽي روئڻ واري صنم، رسامو تہ اڳ بہ ڪندي هئي، پر ايئن بادل جيان اکين ۾ لڙڪ ڪڏهن نہ پرجي آيا هئس... اها ڳالهہ تہ هن جي شڪ گمان ۾ بہ نہ هئي تہ اڳتي هلي پيءُ جو بي انتها لاڏ پيار ڏينهون ڏينهن گهٽجندي تلخين جو روپ بہ ڌاري سگهي ٿو. ڪيئي اڻ چٽا احساس ۽ مونجهارا هن جي ناپختہ پر ڇڙواڳ ذهن کي وکوڙي ويا. جن جڻ محرومين جي مٽيريل سان سندس من جي ارد گرد ڪنهن پڪي قلعي جي پيڙهہ تي وڌي. هن پنهنجو پاڻ کي اوچتو ئي اوچتو بلنديءَ تان اونهي کاهيءَ ۾ ڪِرندي محسوس ڪيو. ڪيس سمورا گهر ڀاتي پنهنجا دشمن تي لڳا، سندن رويي بابت سوچي سوچي اکين اڳيان اوندهہ ڇانئجي ويس... ڀانيائين تہ ڪارا ڪپڙا اوڍيل ڪي ڀاڇا هٿن ۾ زنجيرون کڻي هن طرف وڌي رهيا هجن... ترت ئي ان ذهني عذاب کان پاڻ بچائيندي هن سامهون ڪليل دريءَ ڏانهن نهاريو، جتي روشني هئي... گلِ نشتر جو قدآور وڻ هو... ڳاڙهن گلن جي بهار هئي... جن ۾ نهاريندي ڪيس پنهنجي جذبات جي دنيا جو آدرش، ڊائمنڊ اکين وارو فهد مَرڪندي نظر آيو.

ڊپريشن مان ٻاهر اچڻ لاءِ هو پنهنجو ذهن اجان بہ پنتي ولي وئي، جڏهن اسڪولي ساٿين خاندان توڙي اوڙي پاڙي جي نينگرن مٿس موهجي هن ۾ دلچسپي وٺڻ ۽ ڊيڪارڻ شروع ڪري ڏني هئي. صنم انهن چاهتن کي پنهنجي مثالي حسن لاءِ ڏنل پيٽائون سمجهي سدائين خوش دليءَ سان قبول ڪيو، هن لاءِ اِهي چاهتون ڄڻ ڪو اعزاز هيون تہ ڪيترائي ڇوڪرا هن لاءِ حيران آهن... هن تي موهت آهن، ڪنهن هن کي قلوپطره سمجهي تي پوڇيو تہ ڪو سندس جسماني سونهن جي ساراهہ مان نٿي ڍاپيو، ڪو هن جي بي باڪ انداز جو فدائي تہ ڪو وري مستاني چال جو ديوانو يا بي نياز ادائن جو اسير... هن نہ رڳو پنهنجي سونهن سوڀيا، دلڪشي ۽ انتهائي پرڪشش جسم جي ڪري چڱي شهرت حاصل ڪري ورتي هئي، پر هن جي رنگين مزاجيءَ جو چرچو بہ هر هنڌ عام ٿيندو پئي ويو، توڙي جو هو اجان تہ وات وڪيل هئڻ واري عمر کي بہ نہ پهتي هئي، پر ڪچي عمر کي هن پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رومانيت جي راهه ۾ حائل ٿيڻ نه ڏنو. سندس چاهيندڙن مان ڪي اهڙا مجنون صفت به هئا، جن ڪيس حاصل نه ڪري سگهڻ جي صورت ۾ اڳ ئي آپ گهات لاءِ ڪن ڪٽائي ڇڏيا هئا. ته ڪن وڏيرڪي اولادن ته ماڳهين اسڪول مان ئي پڄائي ڪٽي وڃڻ جا سٽل تي ستيا پر اصل ۾ اهڙي تومر ڪنهن منجهه به ڪونه هئي. اهي سموريون جذباتي ڪيفيتون هيون. جن ڪان پنهنجي نوخيزي ۽ نوعمري سبب هو خود به ايجان بي خبر هئا. جنهن ڪري ئي ڪين پنهنجو هر بي معنلي ۽ جذباتي فيصلو اٽل تي لڳو... صنم جي سوچن ۾ به ڪا پختگي يا هڪجهڙائي نه هئي، ذهن جي سمنڊ ۾ لهرن جيان اُيري آيل هر سوچ ٻئي پل، ٻيءَ لهر سان متو ٽڪرائي موٽي تي وئي.

اها لاشعوري ڪيفيت هن جي شخصيت جي تعمير هئي الائي تڪميل، ان جي ڪا چٽي ۽ واضح صورت اڃان هن جي سامهون نه هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس سمجهه ۾ ئي نه ايندو هو ته هو پنهنجي اڻ ڳڻين عاشقن مان ڪنهن ڪي ڪنهن تي ترجيح ڏي. هوڏانهن فلرٽيشن جون راهون سي جذبات جي خادمن هن لاءِ اڪين سان ٻهاري، صاف ڪري ڇڏيون هيون، جن تي پنهنجي پدمٽن پيرن سان هلندي هو جيئن پوءِ تيئن فلرٽيشن جي فن ۾ ماهر ٿيندي پئي وئي، ٽڪڙن ۽ ننڍين ننڍين اسڪولي رومانسن ذريعي هن جڻ فلرٽيشن جي فن جي ايڊوانس ٽريننگ تي ورتي. پر جڏهن ڪان فهد سان اسڪولي گيٽ وٽ ٿيندڙ ملاقاتن هن جي زندگيءَ کي هڪ نئون رنگ ڏنو. تڏهن ڪان پويان سمورا رومانس هڪ ٻئي پويان پنهنجو موت پاڻ مرندا ويا. هو آيو ته ٻين رولو ڇورن جيان ڇوڪريون تاڙڻ هو، پر ويندي ويندي هن جي دل دفتر ۾ سيني عاشقن جا نالا ريٽائي پنهنجو نالو سڀ ڪان مٿان لکائي ويو.

مائٽن جي توجهه ۽ محبت ۾ ڪمي محسوس ڪرڻ ڪان پوءِ اها نئين راهه صنم لاءِ پناهه گاهه بنجي پئي هئي... هن جو تصور ايندي ئي راحت جي احساس سان من جي ڪنڊ ڪنڊ مهڪي پيس، ڪجهه سڪون محسوس ڪندي فهد سان گڏ، خوابن خيالن جي دنيا ۾ پاڻ وڃائڻ واري هئي جو در جي ڪڙڪي ۽ ماءُ جي سڏ ڪيس ڇرڪائي وڌو.

"ڇا آهي، ڪير آهي؟" هن اُچل مان پڇيو.

"ٻڏين نه پئي ڪيڏا سڏ ڪيا اٿمانءِ، مُلان آيو اٿئي پڙهائڻ..."


Scanned with CamScanner

”ان ڪُبي ڪي ڇئيس تہ موٽي وڃي، اڄ ڪونہ ٿي پڙهان.“ هن اندران ئي ورائيو.

”ڇو؟ ڇا ٿيو اٿئي جو نہ پڙهنديئن؟“ نور بانو بلٽ ڏنل در ڪي گهوريندي تڪائيءَ مان پڇيو:

”ڇاڪ ناهيان، مٿي ۾ سور اٿم.“

”اٿي در کول، اجايا ٽال نہ ڪر. پٺين اڳ ئي ٽپيو وينو آهي ماري رکندئي...“ آخري ڌمڪي ڏئي هوءَ جيئن ئي پري ٿي تہ صنم بہ غير ارادي طور پنهنجا پير پلنگ تان هيٺ لاٿا. پيءُ جي بدلجندڙ رخ ۽ رويي، جنهن ۾ رٽائرمينٽ جي زهر جي تلخي بہ شامل ٿي پئي هئي، کيس ڪي قدر هيسائي ڇڏيو هو. هن جو مستقل طور گهر ۾ ويهي رهڻ ٻين لاءِ تہ خبر ناهي ڪيترو پر هن لاءِ سخت ذهني ڇڪتاڻ ۽ دٻاءُ جو ڪارڻ بنجي پيو هو. ڪمري جو در کولي هن ماٺ ميٺ ۾ رنل رنل نگاهن سان ماءُ ڏي نهاريو...

”صدقو وڃانءِ منڙي،“ هن مُنهُن تي لڙي آيل وارن جون لٽون پري ڪندي چيس: ”پيءُ جو چيو دل ۾ نہ ڪبو آهي، هو تنهنجي ڀلائي جي ڳالهہ تو ڪري. هاڻي تون ننڍڙي تہ نہ آهين، خيرن سان تيرنهن سال پورا ڪيا اٿئي، پر قد بت ڏسي ڪير ارڙنهن کان گهٽ نہ ڀانئيندءِ... ڏيٺر جوان ٿين تہ مائٽن جو سک چين ڦٽيو پئي...“ هن هميشہ جيان هيٺاهين ورتي.

”اها ڳالهہ هئي تہ جمڻ سان ئي گهٽو ڇو نٿي ڏنئي جو هاڻي اٿندي ويهندي هرڪو تو لوڻيي ۾ لوڻي. پل ۾ پيار پل ۾ موچڙو... بابا تہ رٽائر ٿيو ئي ڄڻ مون تي چونڪيون ڏيڻ لاءِ آهي.“

”فون ڪرڻ کان جهليو اٿس تہ پوءِ نہ ڪندي ڪر. وڃي ٻن جي ٽري ۾ پئي اِهو نِپٽو فون... ضرور ڪا اهڙي ڳالهہ ڪنين پئي اٿس تڏهن تو جهلي... تون بہ سياڻي ٿي...“

نصيحتن جو ڪٽل رڪارڊ وري چالو ٿيندو ڏسي، کيس ٻڏو اڻ ٻڏو ڪري هوءَ لائونج ڏي وڃڻ لڳي جتي مولوي مولي بخش سَرمي سينگاريل ڳهٽيل اکيون در ۾ کپائي هن لاءِ سيڙهيو ويٺو هو. کيس سلام ڪري هوءَ ڪرسيءَ تي اچي ويٺي. مُلي پڙهائڻ مهل، آت ڏيڻ واري انداز ۾ وڏو وات کولي جيئن ئي اکر اُچاريو تہ صنم باوجود موڊ خراب هئڻ جي، بي اختيار کِل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ اونڌي ٿي وئي.

”لاحول ولا استغفرلا.“ هن فري اسٽائيل ۾ ڪاڪڙو ڪِهمائيندي دهمان مان پڇيو. ”هيءَ ڪهڙي بيهودگي آهي، ڇو پٽي ڪلين؟“

”مولوي صاحب شريعت ۾ ڪلڻ منع آهي ڇا؟“

”عجيب بدتهذيب ڇوڪري آهين... هيءَ ڪا مهل آهي ڪلڻ جي، يا شريعت ڪي وچ ۾ آڻڻ جي.“

”پوءِ ٻڌايو ڪٿي ته ڪِل جون ڪهڙيون مهلون ٺيڪيون آهن... ڇا توهان به مهلن تي ڪلندا آهيو يا ڪلندا ئي ناهيو... پوءِ ڇو چوندا آهن ته ڪلڻ يا روئڻ تي ڪنهنجو وس ناهي؟“

مولوي، جنهن کي پڙهائيندي ٻه ڏينهن مس ٿيا هئا، سو ڪالهه ڪالهوٽي ڇوڪريءَ جي هٿان پنهنجي وڏيڪ بي عزتي سهي نه سگهيو. لڳو ٿي ته اڄ هوءَ ڪيس پڇائي ڪيڏڻ جو پڪو پهه ڪري آئي هئي.

”توبهن، توبهن! ڪير پڙهائيندو اهڙي بي ادب ۽ گستاخ ڇوڪريءَ کي... سڀ ڪر ڪنهن وڏي کي ته مان ان سان ڳالهايان.“

”ڪو ميسيج هجي ته مون کي ئي ڏئي ڇڏيو...“

”ٻڌائي ڇڏجان ته مان سپاٽي ڪان ڪونه ايندس...“

”ٿينڪ يو مولوي صاحب، ٻن ڏينهن جي حساب سان توهان جي في ڪيتري ٿي؟“

جواب ۾ ڪيس تکي گهور مان گهوريندي، پير سٽيندو ٻاهر هليو ويو.

صندل تي ويهي پالڪ سوئيندڙ نور بانو. ڪيهتلو گهلجڻ جي آواز تي اڄان مس ڪن ڏنا ته سامهون در بند ڪندي صنبر نمودار ٿي.

”ڇو، ملان سوير ئي هليو ويو؟“ هن تشويش مان پڇيو. ”ڪا چِرچ ڪري ڪاوڙائي ته نه ڇڏيئيس؟“

”مان ڪا چري آهيان ڇا، پاڻهي ڪاوڙجي هليو ويو.“

”پر ڇا ٿيس جو ايئن اٿي هليو ويو؟“

”چيائين ٿي ته ڪل نه، مون چيومانس، ’تون ڪونه ڪلين ڇا‘ ته ڪاوڙجي هليو ويو.“ هن ڪلندي چيو.

”اڃائي ٻاراڻي ڪيئي، ڪيڏي نه مشڪلن سان اهو ملان هٿ آيو هو...“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

” ڪير آيو اتوَ مشڪلن سان هٿ؟“ پيءُ ڪي ايندو ڏسي هوءَ پنهنجي ڪمري ۾ هلي آئي ته جيئن ماٿس نويڪلائي ۾ ويهي ڪيس مُلي ڪي هٿ ڪرڻ ۽ وڃائڻ جا تفصيل ٻڌائي.

●

ساري رات خيالن جا اڻ ڪٽ سلسلا من اندر روان رکندي، هن پاڻ سان گڏ پنهنجي منڙي منڙي ننڊ کي به جاڳائي رکيو... پانيائين، سوچن جو ڪو صبح نه ٿيندو آهي. اهو دريا ايئن ئي پيو وهندو... پر صبح ٿيندي ئي ننڊ اچي هن جي اکين کي چُميو. ڪي گهڙيون ننڊ کي نيڻن ۾ رهائي هوءَ نه چاهيندي به جاڳي پئي... جو چاتائين ٿي ته اِها پوئين پهر واري ننڊ ايترو جلدي ڪو اکين کان ٿوروئي جدا ٿئي ها... ۽ پٽس کي ته ڪنهن به گهر ياتيءَ جي دير تائين سمهڻ واري عادت بنهه پسند نه هئي، هن جو چوڻ هو ته ان سان نه رڳو صحت متاثر ٿيندي آهي، پر سڄو گهر نحوست جي لپيٽ ۾ اچيو وڃي. هو اهڙو پاشڻ اڪثر ڏيندو هو، پر رٽائرمينٽ کان پوءِ ته ان ۾ تهائين چتو اضافو ٿي ويو. هونءَ ته ڊيوٽي، پڙهائي يا گهر جي ڪم ڪار لاءِ هر ڪوئي مهل سر اُٿندو هو، ته ان کي اجان به سوير اُٿڻ جي تلقين پيو ڪندو، پر موڪل واري ڏينهن ۾ ڪو بي فڪري واري ننڊ پيو ڪندو، ته ان کي به وڃي زوريءَ ڍونڊاڙي ڇاڇولي اُٿاريندو.

صنم بي نيازيءَ مان ڪر موڙي اٿي ڪڙي ٿي ۽ لان ڏي ڪلنڊڙ دريءَ وٽ اچي بيٺي. هن ننڊ جي خماريل اکين سان ڏاڍي بي تابيءَ مان رنگ برنگي گلن جي وچ ۾ ڪالهوڪين موتئي جي مکڙين ڏانهن نهاريو، جيڪي رات جو الائي ڪهڙي پهر کان پنهنجي اندر ماڪ جو مڌ اوتي صبح تائين ڪِڙي پيون هيون. ڪيس ٻالڪپڻ کان ئي مکڙين کي ٽڙندي ڪڙندي ڏسڻ جو ڏاڍو ارمان هو. اڻ مٽي حسرت هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ گلاب، موتئي ۽ رابيل جي ٻوٽن ۾


Scanned with CamScanner

اکيون پايو ويني هوندي هئي، پر ڪڏهن به ڪنهن مکڙيءَ هن آڏو پنهنجون نازڪ پنکڙيون نه کوليون... تڏهن اهي ڪيس ڏاڍيون بي ترس ۽ مغرور ٿي لڳيون. هينئر به هميشه جيان هنجي دل کي جهوٻو آيو.

"چا ٿي پئي ها جي هو منهنجي سامهون ٽڙي پون ها..."

ڏک مان سوچيائين، "مان ڪيڏو نه ترسان ٿي... ڪين اها خبر نه هوندي... پوءِ چو ٿيون سِڪائين، چا لاءِ ٿيون پاڻ لڪائين..."

اوجاڳيل اکين تي ٿڌا ڇنڊا هڻندي هن جي نظر واش بيسن جي آئيني سان ٽڪرائي. ڪرُنڊڙ مکڙين جي حسن جو عڪس اڃان هن جي اکين ۾ اٽڪيل هو. ڪيس لڳو ته هن مکڙين کي ٽڙندي ڏسي ورتو هجي... قدرت جي حسين ترين تخليقي عمل جي لِڪ کي بي نقاب ڪري ڇڏيو هجي... اِن احساس هن جي پريل پريل چپن تي سج جي ڪرڻن مان ڦٽندڙ رنگن جهڙيون سندر مرڪون پکيڙي ڇڏيون. اوجاڳيل هوندي به ڪيڏي نه تازگي هئي سندس چهري تي، ڇڻ ساري رات خوابن جي حسين ۽ رومانوي وادين جا سير ڪندي رهي هجي.

"اها نعمت به ڪنهن ڪنهن کي نصيب ٿئي"، هن برش ڪندي سوچيو.

"نه ته اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي ڪيڏيون ئي اگهور ننڊون ڪري بيدار ٿين، پوءِ به چڱي ڀلي صورت کي الائي چا ٿي ويندو اٿن. جو هڪ عجيب قسم جي نحوست ۽ بخيلي پئي سندن چهري مان بکندي، هو ايستائين سُڃا مُڃا منهن بچڙو ڪيو وينا هوندا، جيستائين وچي کا چانهن چُڪي نِڙيءَ مان لاهين يا سگريٽ سونٽو هٽي حواس جائتا ڪن."

هِن جو خيال اُمالڪ پنهنجي پيءُ ڏي ويو. "اُف! اها ته صبح جو جاڳڻ مهل ڪيڏي نه ڀيانڪ لڳندي آهي، ڇانهه پيئڻ کانپوءِ به دير تائين ننڊ جا اثرات طاري هوندس، اوٻاسيون ڏيندي سُڄل اکين سان يڪ ٽڪ هڪ ئي هنڌ خالي خالي وڃايل وڃايل نظرن سان پئي نهاريندي، پوءِ ڏيان ڀل ڪٿي به نه هجيس، ڪير جي ڳالهائيندس ته ورندي ڏيڻ بدران رڳو گهوري هنيون ئي روڙي رکندي، جواب ڏيندي به ڪٿي ته سخت ناگواريءَ مان. هڪ ڀيري اکيون ڊِرل مشين جيان سامهٽي پت ۾ کپنديون پئي ويس جو تلهي ٿنيري ڪِرڙي شايد ته هپنوٽائيزڊ ٿي اڃي هيٺ ڦهڪو ڪيو. تڏهن اُمالڪ سندس


Scanned with CamScanner

ننڊ جا نشا ٽٽي پيا ۽ هو رڙ ڪري اٿي پيگي هئي...“ اهو منظر ياد ڪندي صنم ڪان ٿهڪ نڪري ويو.

هن اها ڳالهه فون تي فهد کي به ٻڌائي هئي، جنهن کلندي پڇيو هئس،

”پلا تون ڪيئن جاڳندي آهين؟“

”مان مشڪي اٿان يا روئي ته به ادي عابده جهڙي ويڙن کانسوا تئير... پر اهو ته ٻڌائي تون صبح جو جاڳ مهل ڪيئن لڳندو آهين؟“

”اها ته رات رهڻ سان خبر پوندءِ!“ هن شوخيءَ مان وراڻيو.

”ان رات جو ڪو سويرو ٿي نه ٿئي ته...؟“

”اهڙي رات جا سويرا ڪو بدبخت ئي چاهيندو...“

”ڏاڍو شرير آهين... توسان پڇڻ جي جاءِ ناهي.“

کيس اها ياد ڪنهن سندر سپني جيان لڳي... هِن سوچيو، يادون به ته سپنا هونديون آهن جاڳ جا...

”صنم!“ پيءُ جي سُرهي سڏ تي هو هٿ ۾ جهليل ٽوال ٽنگڻيءَ تي رکي اُمالڪ ڏانهنس آئي. خلاف معمول کيس ڪچن ۾ آمليٽ ترينڊو ڏسي اچرج وٺي ويس ۽ جيسين ڪجهه چئي ئي چئي تنهن کان اڳ هن پاڻ ئي ڦونڊجندي چيو،

”هي ڏس تنهنجي لاءِ زبردست آمليٽ ٺاهيو اٿم“

”بابا اها ڊيوٽي ته امان جي آهي، توهان جو تڪليف ڪئي؟“

”اڙي چري اهوئي ته جيئڻ جو نمونو آهي. ماڻهين ته سڄي عمر ڪٽ تي ويهاري ڪارايو اٿم، هاڻ مان به ته هٿ ونڊايانس.“ هن ڪفگير سان آمليٽ پليٽ ۾ وجهندي سوپ مان زال ڏي نهاريو، جنهن ان نهار جو اثر وٺڻ بنان خاموشيءَ سان ٽوسٽر ۾ سلائيز پي سيڪيا. لڳو پئي ته کيس مڙس جو رڌڻي ۾ ڪاهي پوڻ بنهه ڪونه ٿي وڻيو.

”پر بابا اسين جو وينا آهيون،“ صنم چيو. ”اهي رڌي پڪيءَ وارا ڪم توهان کي نه ڪرڻ گهرجن.“

” ان ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي، واندو ويهڻ کان هڏ هلائڻ چڱو آهي،“ هن پليٽ ٽيبل تي رکڻ لاءِ ڏانهس وڌائيندي چيو. ”آمليٽ ترڻ سان ڪو ٻڪري ته ڪونه ويندس.“ صنم وڏيڪ ڪڇڻ بدران ڊائننگ روم ڏي هلي آئي


Scanned with CamScanner

تہ پويان ماڻس بہ نيرن جو سمورو سامان آڻي ميز تي رکيو.

جمعي جي موڪل واري رونق وڌائڻ لاءِ اڄ عادل بہ گهر ۾ هو تہ عابده بہ ٻارن سميت اڃي پهتي هئي. مڙني گڏجي نيرن ڪئي تہ آمليٽ کي بہ خوب ساراهيو جيڪو واقعي زبردست هو ۽ دير تائين گفتگوءِ جو موضوع بڻيل رهيو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ ان ڏينهن کانپوءِ وقار علي نيرن ٺاهڻ پنهنجو نيم ڪري ڇڏيو. خاص ڪري فراءِ پين کي تہ اصل چڪ هڻي ڇهتي پيو. پر جڏهن کان 'ڏَسِت بِن' واري ڪمن ۾ بہ دخل اندازي شروع ڪري ڏنائين تہ سندس هٿ جي شيري ڇڏائجي وئي!

'آئي ٽانڊي ڪاڻ بورچياڻي بڻجي وينئي' جيان، رڌڻي ۾ گهڙڻ شرط 'Head Cook' بڻجي ڏينهون ڏينهن ويو تي ڪچن تي قابض ٿيندو. زال جي حيثيت هن آڌو چڻ آڻي ويني ڪرڻ واري ماسيءَ جهڙي ٿي پئي. تنهن ڏينهن ڪيس راتوڪيون بہ پينڊيون ڊسٽ بن ۾ اڇليندو ڏسي مڙس مچرجي پيو، دڙڪي مان چيائينس:

"ايڏا ڪي پيٽ پريا اٿو جو پيتين تان يَت تا اڇلجن!"

"يت! ڪٿان آيو يت!" هن حيرانيءَ مان پنهنجي هٿن ڏي نهاريندي وراڻيو. "مون تہ هي بابي واريون بچايل پينڊيون تي اڇليون."

"هونهہ! پينڊيون ٿيون اُڇلجن! ڇو، بابو ماڻهو ڪونهي ڇا جو ان واريون بچايل پينڊيون ٻيو ڪير نٿو کائي سگهي؟"

"مان ائين تہ نٿي چوان پر بہ پينڊيون ڪير کائي، ڪير کائي ها، وڌيڪ هجن ها تہ بابي لاءِ ئي فرج ۾ رکي ڇڏيان ها. پر اهي تہ رات کان ئي ٻاهر پيل آهن."

"ٻاهر هيون تہ ڇا ٿي پيو، ٿڌي موسم ۾ ڪا شيءِ ڪڏهن خراب ٿي آهي؟ هيڏي ڪر!"

هن ٻئي پينڊيون آڻي جو آڻي ڪٽري ڪٽي آمليٽ ۾ وڌيون. هوءَ ڏسندي رهجي وئي، رڳو ايترو سو چيائين:

"ڪجهہ تہ خيال ڪيو، مريض جي اوبر سيني کي ڪارائي ڇو ٿا ماريو..."

"ڇو، ڪهڙو مرض آهي منهنجي بابي کي؟ اهوئي نہ تہ پوڙهو لاچار ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٽ تي پيو آهي، جي اهو ڪو مرض آهي تہ پوءِ آءٌ بہ تہ مريض جو پٽ آهيان، مون سان ڪيئن پٽي گذارو ڪرين. اهڙو جي ٻيماريءَ ڇهڻ جو انديشو اٿئي تہ پوءِ ڇٺو پٽن ڪي تہ جدا گهر اڏائي ڏينئي، منهنجي هڏن مان تو نڪري تڏهن ڪنهن ڪي احساس ڪونهي... رت ڪئورو ڏيئي، پَٽ ڪئورو تو ملي، ڪمائي ڏس تہ خبر پونئي!"

"توبهن! هرو ڀرو ڪٿي ڳالهہ مان ڳالهڙو ڪيو اٿو. ڀلي جيئن ڪپيوَ تيئن ڪريو، مون رڌڻي ۾ ڪهڙڻ جي پچر ئي ڇڏي."

نور بانو جهڙي صابرين زال، جنهن کي هاءِ بلڊ پريشر هوندي بہ زبان تي مڪمل ضابطو هو تنهن کي مڙس جي هر ڪم ۾ اجائي دخل اندازي نيٺ ڏهيل احتجاج ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو، هوءِ ٻاهر وڃڻ لڳي تہ هَن ڇينبيندي چيس:

"وڃين ڪيڏانهن ٿي! ترس اِتي... توکي تہ ڪم کان ڀڄڻ لاءِ رڳو بهانا ڪهرجن، ٻائين تہ نيٺي وقت ويهي رڌڻي ۾ لوڙيان... جلدي ڪري بصر وڏي ڏينر، آمليٽ لاءِ تورو تي پيو آهي." هن ٻن بيدن ۾ ٻاءِ بصر ڦينٽيندي حڪم هلايو.

"آمليٽ پيا ناهيو يا پلاءُ لاءِ قورمو"

"هاڻ اِهي توکون هٽڻ ڇڏ. ڏسين بہ پٽي تہ اڪيلي سِر پينشن تي پيو سڄي آکهہ پاليان" هن پنهنجي اهميت جتائڻ جو وجهہ نہ وڃائيندي چيو. "ڪمائيءَ جو پيو تہ ڪو ناجائز ذريعو ڪونهيم جو ويهي لنگر هلايان. اهي چار ڏوڪڙ پاسيرا ٿيا فِڪس ۾ نہ پيل هجن ها تہ هيل لنگهڻ ڪڍڻا پَونو ها."

"خيري صلي ائين ڇو ٿا چئو، شڪر آهي خدا جو، سيڪي ڏنو اٿس. ٻاتي بہ تہ اهي آهيون... بہ ٻچڙا پرديس، هڪڙو هاسٽل ۾... ٻچن شال عاصم ۽ اسد بہ تہ وسعت سارو موڪليندا رهن ٿا. عادل بہ ڊاڪٽر ٿي پيو تہ..."

"انهن جو ڏنو توکي نصيب هجي، ڇٽي ڇماهي ڊرافٽ ذريعي ڪا رقم اماڻين ٿا تہ ٺريو پٺين، مان اهڙين خيراتن تي هريل ناهيان. نولهو ڪٿي پنندس پر تنهنجي پٽن جو محتاج ڪونہ ٿيندس."

"ڇڏيو هاڻ صبح سان ٻچن پويان ڪهپي، الله حياتي ڏين... شال سدائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روز نت نئين تجربن واري اِن آمليت ڪيئن نہ اسان جا ڪاڏا پيتا وهہ ڪري رکيا آهن."

"اڇا! مون کي ان ڳالهہ جي خبر نہ هئي، پر هاڻ امان جهڙي معتبر زال کي هڪ بيدو ونندي ڏسي روئي وارو ڇا سوچيندو."

"سوچيندو وري ڇا، در در خوار ڪري ماريندو تہ اوچتو ئي اوچتو الائي ڪهڙي پينگ پٽي اٽن جو هڪڙو بيدو ٽا وئن!"

"ءِ پاڙي وارن کي وساري ڇڏئي؟" عادل شوخيءَ مان چيو، "انهن بہ جي امان کي هڪ بيدو ونندي ڏسي ورتو تہ ڪنجوسيءَ جو ٺپو هڻي جيئڻ حرام ڪري ڇڏيندا."

"خير، ايڏو بہ ڪانشيس ٿيڻ جي ضرورت ناهي. اسين جڏهن ڪنهن جي معاملي ۾ ڪو دخل ڪونہ ڏيون، تہ ٻيا ڇو ڏيندا."

"سڀ تہ اسان جهڙا ناهن ٿيندا... توکي ڪهڙي خبر تہ ڪيترن زالن توڙي مردن جي تہ وندر ئي تاڙڻ تاڪڻ ٿيندي آهي تہ ڪير ڇا تو ڪائي، ڇا تو پائي، ڪيڏانهن ٿو وڃي، ڪنهن سان ٿو ملي ۽ ٻيون بہ ڪيئي ڳالهيون آهن جن تي پاڙي وارن جي نظر رهندي آهي."

"چئبو تہ تون بہ انهن ڳالهين جي چڱي خبر گيري رکيو وينو آهين..."

"اهو تہ هر پاڙي واري جو قومي، اخلاقي ۽ سماجي فرض آهي، مان پاڻ کي ڪيئن ٿو ان ڪان ڌار ڪري سگهان."

"خير." هِن بي نيازيءَ مان وراڻيو. "اهي تاڪيون جهانڪيون توکي ئي مبارڪ هجن، اسان ايڏا واندا ناهيون."

●

جڏهن ڪان وقار علي کي نامعلوم ٽيليفون ڪالز مان خطري جي بوءِ محسوس ٿيڻ لڳي، تڏهن ڪان هن حفاظتي اپائن تحت مرڪو پنهنجا 'تاثليت

احساسن جي لوڇ، ننڊ کي سندس اکين ۾ خمارن جا خيما کوڙڻ ني نہ ڏنا تہ هو هوريان هوريان اٿي ليمپ جي جهڪي روشني ۾ نيري پيڊ تي پنهنجا جذبا وکيرڻ لڳي...

فهد... منهنجي جان

نئي ٻڌائي سگهان تہ مان توکي ڪيڏو نہ مِس ڪندي رهي آهيان، ڪٿي تو مونکي انهن ٻن مهينن جي موڪلن ۾ وساري تہ نہ ڇڏيو آهي... ڏس، منهنجي پيار تي ڪڏهن شڪ نہ ڪجانءِ... اسڪول ڪو سدائين تہ بند نہ هوندو، نيٺ تہ موڪلون پوريون ٿينديون... ۽ وري هميشه جيان موڪل مهل هڪ بجي اسڪول جو گيٽ بہ تہ کلندو... تون سامهون ماٺهن جي پيهہ مان مون ڏانهن نهاريندين... ۽ مان تنهنجي هپنوٽائيز ڪندڙ نهار ۾ ايستائين پنڊ پهڻ بڻجي نم جي وڻ هيٺ بيٺي هوندس، جيستائين سوزڪي وارو رڙيون ڪري سڏ نہ ڪندو... سچ ٿي چوانءِ جان، اهي لمحا ئي تہ منهنجي زندگي آهن... ڪُل ڪائنات آهن... مون کي لڳندو آهي تہ مان جيئان ئي انهن لمحن لاءِ ٿي... ڪاش اهي لمحا بيهي رهن، تون هجين... مان هجان ۽... ۽..."

هوءَ ذهن تي زور ڏيئي ڪو خوبصورت، دل ڇهيندڙ ڊائلاگ ياد ڪرڻ لڳي پر ڪيس ڪو اهڙو هوش رُبا جملو سجهو ئي ڪين، تہ پنهنجي دل جي ترجماني ڪندڙ اهو فلمي گانو ياد پيس جيڪو اڪثر جهونگاريندي هئي.

"ٿيڪ آهي وندر فل آئيڊيا!" هن سوچيو. "انهن ٻولن کي ئي ڪٽي تورو ڦيري گهيري لکان... ڪيس منهنجي پيار جي پختي هئڻ جي ويتر خاطري ٿيندي."

خط لکڻ سان ڪيس چڱي راحت ملي. هو ان کي ويهاڻي هيٺ رکي گهري ننڊ سمهي پئي.

صبح جو اٺڻ شرط هن پهرين نگاهہ خط تي وڌي، جيڪو ڪيس پرفيوم جي ڇڙڪاءَ بنا اَڌ پورو لڳو... ولس تہ ڪا پرفيوم بہ نہ هئي... ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ گهر ۾ پيل هيون بہ تہ آهي ڪڏهوڪو پاڻ تي اوتي ڪپائي ويني، جنهن تي ترت ئي پپءَ پاران جاري ٿيل فرمان اڄ بہ سندس ڪنن ۾ ٿي گونجيو:


Scanned with CamScanner

”تنھنجي عمر اجان سرهاڻيون لڳائڻ جهڙي ناهي. ڪَچيءَ ڪان ئي اهڙا شونق اشراف ڏيئرن کي نہ سونهندا آهن.“

”اونهہ!“ پيانک ياشن کي ذهن مان جهٽڪندي سوچيائين، ”پر Love Letter ۾ تہ خوشبو لڳائڻ Must هوندي آهي.“ هن جو ڌيان عطر جي انهن شيشين ڏانهن ويو جن مان وقار علي ٻَڙا ٻوڙي هر جمعي تي ڪنن ۾ رکندو هو. پٺي ئي پَل ’عطر جنت الفردوس‘ جي تصور کيس ڇرڪائي ڇڏيو...

”آف خدا، هي وري ڇا ٿي ڪيم... اهي تڪا عطر تہ منهنجي مٿي ۾ ئي سور وجهيو ڇڏين تہ فهد جو ڪهڙو حال ڪندا... هُن تي ڪيڏو نہ Undecent اِمپريشن پوندو...“

هن ڪجهہ سوچيندي عادل جي ڪمري جو رخ ڪيو ۽ ڊريسنگ ٽيبل تان شيونگ لوشن کڻي خط مهڪائي، ڏاڍي بي چينيءَ سان ماسي حوا جو انتظار ڪرڻ لڳي، جنهن کي اهو لفافو پوسٽ ڪرڻ لاءِ ڏيٺو هئس.

●

هن ڪنهن مهل کان اکين کي انتظاريءَ جا صديون پراڻا ويس اوڍائي ٽپاليءَ جي واٽ پئي نهاري.

اڄ کيس پڪو يقين هو فهد ڏي موڪليل خط جي موٽ اچڻ جو. پوءِ بہ ڪرائيءَ ۾ ٻڌل واچ جا ڪانٽا ٻارهن ڏي کسڪندي ڏسي هن جي دل ڇڻ هٽڻ مان ٿي وئي تہ ڪٿي ٽپاليءَ جي اچڻ وارو ٽائيم نہ ٽري وڃي... انتظاري ۽ بي قراري واري ان ڪيفيت ۾ عجيب سکون ماڻيندي بہ کيس لڳو، هوءَ جيئڙي رڳو اجوکي خط لاءِ هجي يا هن جنم ئي رڳو اجوکي ڏينهن لاءِ ورتو هجي...

باقي ڪي پل هئي هن جي زندگي... جنهن ۾ هن جي صرف ۽ صرف اها تمنا هئي تہ هو جلد کان جلد فهد جو خط پڙهي... الا! ڪيڏا نہ


Scanned with CamScanner

خوبصورت جذبا ۽ اندر جا اظهار اوريل هوندا ان خط ۾...

اهو سوچي سوچي هو خوشي کان ڇڻ پاڳل پئي ٿي ته ہئي ٿي پل پيار ۽ انتظار جي شدت ڪيس محسوس ٿي ڪرايو ته ڪٿي لفافي کي هٿن ۾ ڏسي، خط پڙهڻ بنا ئي جي هو خوشيءَ وچان مري وئي ته هڪ ڏينهن جي ماٺيل اها زندگي ڪيڏي نه دکدائڪ حسرت ناڪ ۽ اڻ پوري ليکبي...

خيالن جي اُڻ ٽُڻ ۾ اُن مهل ڇڻ ڪنهن ڇڪي پٽر هنيس، جڏهن اوچتو ڪچن جي پوئين در مان ڪجهه پريان کان بيهي نور بانو ڏاڍي پاٻوهه مان ڪيس سڏ ڪيو.

”صنو راڻي! تون گهڙي ساعت هلي اچي ٻوڙ کي ڏس مان جيسين ڏاڏهين کي ماني کارائي ٿي اچان.“

”الا! هي کهڙو ظلم ٿي ڪرين امان...“ هن جي پاڳل من ٻي وسيءَ مان سوچيو ۽ هڪ نظر گيٽ تي اڇلپندي، ناگواري ڀريا تاثرات چهري تي کڻي هوءَ ڪچن ڏي آئي، جنهن کي محسوس ڪندي نور بانو ڏک مان چيو:

”مِنِي، جيڪر توکي تڪليف نه ڏيان پر ڇا ڪريان ٻوڙ کي ٿي ڏسان ته ڏاڏهين تو رڙي، ڏاڏهين ڏي ٿي اچان ته ٻوڙ ٿو سڙي... هڪڙو سر آهيان ڪيڏانهن ڊوڙي ڪيڏانهن ڊوڙان... صبح کان هي مهل ٿي آهي جو ٻه گهڙيون سک سان ويهڻ نصيب ٿيو هجيم، پوءِ ٻه پٺهين جي ڪُر ڪُر منهنجي مٿان...“

”نه امان، اهڙي ڳالهه ناهي مان ته آيس پئي“

ماءُ جو ڏکارو منهن ڏسي هن پشيمانيءَ مان وراڻيو ۽ ديڳڙي جو ڍڪ لاهي ٻوڙ ڀيڻ لڳي.

هن جي لان مان اٿڻ جي دير هئي جو ٽپاليءَ اچي نڪاءُ ڪيو، ته عابده ٻه در تي گاڏي ٻيهاري هيٺ لٿي. ٽپالي ٿيلهي مان خط ڪڍي اڳيان وڌائيندي چيس:

”بي بي هي خط ڪنيو وڃو.“

هن هٿ ڊگهيري لفافو ورتو جيڪو صنم کي ايڊريس ٿيل هو. ٽپالي اڳيرو نڪري ويو ته ڪجهه سوچي واپس ڪار ۾ اچي ويٺي ۽ خط کولي پڙهڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جانِ فهد... سوِيٽ صنو...

ڊائون ٽائون مان موٽيس تہ خوشبوئن سان مهڪندڙ تنهنجو خط مليو، مونکي تنهنجي مجبورين جو احساس آهي، اُميد تہ منهنجي دل جو حال بہ توکان ڳجهو نہ هوندو.

هم آه بهي ڪرتي هين، تو هوتي هين بدنام
وه قتل بهي ڪرتي هين تو چرچا نهين هوتا.

جيستائين ڪو ٻيو بلو ٿئي تيستائين تہ ملاقات جو ذريعو رڳو تنهنجي اسڪول جو در آهي. جنهن ڪي بہ اڄڪلهہ ڪنهن جي تقدير جيان تالا پيل آهن... يقين ڪر مان توکي ڪڏهن بہ نہ وساريندس، تون منهنجي پهرين ۽ آخري محبت آهين، توکي بي وفا ڪوئي مان وفائن جي بي آبروئي نہ ڪندس، سچ تہ اِهو آهي منهنجي جان تہ مان تنهنجي ديدار لاءِ ترسي ۽ تڙپي رهيو آهيان. رات ڏينهن يادن جي ڪوهيڙي ۾ اڪيلي سر ڀٽڪندو رهان ٿو... الائي ڪڏهن ڏسندس توکي... ڪڏهن ڏسندس... ٻڌائي؟ پر ڏسندو ٿي تہ آهيان توکي... ڏسندو ٿي تہ رهيو آهيان پنهنجي تصور جي پرزم گلاس ۾... هر روز... هر پل... هر گهڙي...

منهنجا ايف. اي جا امتحان سر تي اچي ويا آهن پر سچڻ ڏسان ڪين سبق پڙهان...

يقين ڪر هڪ لفظ بہ نٿو پڙهي سگهان هر وقت تنهنجي من مهڻي صورت اکين اڳيان رهي ٿي... پر امتحان تہ ڏيڻو ئي آهي... بس اڄڪلهہ تہ دوستن سان گڏجي ڪارتوس ناهيندي ۽ مائڪرو ڪرائيندي گذري پئي... توکي ڏاڍا فون ڪيا اٿم... هر ڀيري ڪرخت آواز ٻڌي دهلجي ٿي ويس... سچ پڇين تہ مان سخت مايوس ٿي ويو هئس، پر تنهنجي خط مونکي جيئاري ڇڏيو... خدا ڪري تہ هي خط صحيح سلامت تو تائين پهچي وڃي. منهنجي جان، پلا ٻڌ تہ... تون ايڏي سنگدل ڇو ٿي پئي آهين. ڪيڏو آرام سان لکيو اٿئي تہ گيٽ تي پيو ملبو، ڇا سچي زندگي مونکي اهڙي ريت ديدار يار ڪرڻو پوندو... ڪيستائين پري جو پيار ٻڌجي ڏنب ڏيندي رهندين؟... توکي خبر ناهي مون تنهنجي ملڻ جا ڪهڙا ڪهڙا خواب ڏٺا آهن. تون ملندين تہ چنڊ تارا تہ نہ البت ڪوڙ سارا پيار جا تحفا وٺي رکيا اٿم. تون ملندينءَ تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي هٿن سان پيتا ڪندو مانءِ... بس هاڻ ڪجهه به ڪر، ڪيئن به ڪري ٿوري همت ڪر ۽ نويڪلائيءَ ۾ ملڻ جو ڪو بلو بندوبست ڪر، مان تو بنا هڪ پل به جي نٿو سگهان... تون منهنجو آدرش آهين... توکي خدا رڳو مون لاءِ ئي خلقيو آهي. تون صرف ۽ صرف منهنجي آهين... اهو تصور ايندي ئي مان چڻ ويڃائجي ٿو وڃان ۽ پهرن جا پهر اکيون ٻوٽي توکي ياد ڪندو ٿو رهان. ڀانيان ته ڪوبه مون کي ان مهل اچي ڊسٽرب نه ڪري جيستائين تون پاڻ نه اچي مون کي ڀاڪر پائين!

پيار پيار ۽ پيار... بي انتها پيار

صرف تنهنجو

فهد

خط پڙهي عابده بنهه ٻاهڙجي وئي، موٽر جي فرنٽ بتين جهڙيون اکيون ڪاوڙ ۾ تهائين غضبناڪ ٿي پيس. هن خط پنهنجي پرس ۾ رکي ڇڏيو ۽ گاڏي لاڪ ڪري، گيٽ اورانگهي اندر داخل ٿي.

پيهرن جي لوساٽيندڙ اُس، ساري لان کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو. تنهنڪري صنم ڪچن مان واندي ٿي، پورچ مٿان ٺهيل ڪمري جي دريءَ وٽ اچي ويٺي... وري ساڳيو انتظار...

نور بانو اڄان سوڌو پٽي لوڙيو. سهري کي ماني کارائي، مڙس جا ’نائيٽ ڊريس‘ طور استعمال ٿيندڙ گنجيون، ڪڇا ۽ لانگوٽ ڪٽي اچي نل آڏو ڌوئڻ ويٺي. عابده کي ٻاهران ئي ٻاهران پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي هن پريائين پڇيس،

”ٻارهن ٿي ويا، اڃان ٻارن کي ٽيوشن تان ورڻ نه وئي آهين ڇا؟“

”اوڏانهن ئي پئي ويس، سوچيم ته اوهان وٽان به ٿيندي وڃان، مٿان شهر ڏي ڪو ڪم هجيوَ پر...“

”پر ڇا ٿيو-؟“ ڪيس ماٿ ڏسي هن ٻافتي جي ڪنگ سائز ڪَڇي کي زور سان ڇنڊڪو ڏيئي، رسيءَ تي وجهندي پڇيو.

”امان ڪا خبر به اٿئي ته صنم ڪهڙا گل ڪلائيندي وتي؟“

”وري ڇا ٿيو، ڪهڙي خطا ڪيائين،“ هن ٿپندي وراڻيو. ”ڇو اچي منهنجي ٻچڙيءَ جي پويان پيا آهيو. سيڻيءَ جي گهپيءَ سوران سچو ڏينهن پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلي ويڳاڻي ٿيو پئي آهي ويچاري! پاڻ جيڏو گهر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيو ڪير اٿس ٻه ته ڪونه جو وندرجي پئي...“

”خير، ائين ته ڪونهي ڪو.“ هُن فلڪ مان پرون چاڙهيندي ماءُ کي ٽوڪيو. ”وندرون ته گهڻيئي ڳولي ڪڍيون اٿس، هن جي ڏکي ان ڪري لڳنديءَ جو لاڏلي اٿئي. منهنجي ڏيءُ اهڙي حرڪت ڪري ها ته جيئرو زمين ۾ پوري ڇڏيانس ها.“

”نهيو هاڻ ڳجهارتون نه ڏي، سنئين سڌي ڪٽي ڳالهه ڪر ته ڇا ڪيائين.“

”جي اهڙا ئي افعال رهيس ته مائٽن جو نڪ وڍائيندي به دير نه ڪندي... اڃي هي پڙهي ڏس!“ هن پرس مان خط ڪڍي ماءُ جي ترِيءَ تي ٺهڪايو. هوءَ پنهنجا آلا هٿ رئي سان اگهي خط پڙهڻ لڳي... شرم ۽ ڏک وچان هِن جو منهن هارجي ويو... هوءَ وڌيڪ نه پڙهي سگهي... اکين مان لڙڪ لڙي پيس.

”هاڻ جيڪو ڪجهه ڪرڻو اٿئي جلدي ڪري وٺ، اجهان به ڇيڪ ڇڏيئس ته پوءِ هٿن مان هلي ويندءِ...“

”ڇا ڪريان...؟ جيئن چئين...!“ هن پنهي هٿن سان مٿو جهلي، ڍِڪيءَ تي ويهندي، انتهائي بي وسيءَ مان چيو. ”مون کي ته ڪجهه سمجهه ۾ ئي نٿو اچي...“

”موڪل ڏينر ته هينئر جو هينئر ٻَڌا هٿي وچي سنئون ڪيانس! باقي ڇوري کي ته اهڙو ٻيڙو ڪندس جو وري ڪنهن بيهودگيءَ جي جرئت ئي نه ڪندو.“

”ايڏي تيزي ڏيکارڻ جي ضرورت ناهي، پٺين اندر تڏو مَنو ٿيو وينو آهي ان کي جي خبر پئي ته اصل ويل پاري ڏيندو، لوڪ ۾ خواري جدا ٿيندي...“

”ته پوءِ ڇڏي ڏجيس ته پل پئي پنهنجا رنگ ڏيکاري؟“ هن ڪاوڙ مان پڇيو.

”تون وڃي ڏس ته آءٌ ساڻس ڪهڙي ٿي جَٽ ڪريان.“

”تون جيڪا جَٽ ڪندينءَ سا خبر اٿم، ويتر ڇوريءَ جو مغز ڦرندو ۽ شِنگ ٿيندي،“ عابده جوش مان چيو. ”سڌيئس ٻاهر ته آءٌ ئي ڳالهايانس!“

”منهنجي مڃ مِڃي،“ هن ايلاز ڪيو. ”هينئر ڪجهه نه چئينس، روئي


Scanned with CamScanner

روئي حال وڃائيندي... آبهرائي مان ڪر نہ ونبو آهي."

"جيڪا تنهنجي مرضي، پر هاڻ هيءَ اسڪول ۾ ڪونہ ويندي، گهر ويهاري ڇڏينس."

"ڇگو هاڻ تون وڃ، ٻارن کي دير پئي ٿيندي، پوءِ جون ڳالهيون پوءِ پيون ٿينديون." نور بانو پنهنجي اندر ۾ درد جو دريا اوتيندي، ڏيءَ جي پٺيءَ تي هٿ ڦيري، هن جي ڪاوڙ کي ٿڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

صنم اڃان بہ دريءَ وٽ بيٺي هئي، هن جي اکين ۾ 'تي ڊوڙائي دليل تہ پنهونءَ ماڻهو موڪليو' وارو انتظار اڃان باقي هو. عابده کي پورچ وٽان لنگهندو ڏسي هن عجب مان رڙ ڪئي:

"ادي عابده تون وري ڪڏهن آئينءَ؟ وري ايڏو جلدي وڃين بہ پئي..."

"دريءَ تي ڇو ٽنگي بيٺي آهين." متاڃري نظر وجهندي هن ڪيس جواب ڏيڻ بدران ڇڻ ڏنگ هنيو. "ٽپالي ڪونہ ايندءِ... آسرو نہ رک...!"

صنم جي دل زور سان ڌڙڪي اندر جي اونهاين ۾ پڌڻ لڳي، چهري جو رنگ اڏامي ويس ۽ ڪا گهڙي ڇڻ ٻت بڻجي وئي... خيالن جا اڻ ڪٽ ريلا هن جي ذهن ۾ آيا ۽ ويا پئي... پر انهن مان ڪوبہ تہ اهڙو نہ هو جيڪو ڪيس مطمئن ڪري سگهي... هو سيڙهين تان لهي هيٺ پنهنجي ڪمري ۾ آئي ۽ ڪنهن غير محفوظ احساس تحت در لاڪ ڪري ڇڏيائين.

"اديءَ کي منهنجو دريءَ ۾ بيهڻ پسند ناهي، شايد تڏهن ئي ٽپاليءَ واري ٽوڪ هنئين هونداڻين..."

پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏيڻ واري ڊنڊلي سوچ ذهن ۾ اڀريس... پئي ٿي پل هن جي دل ڇڻ ان جو يقين ڏياريو.

"بلڪل اهائي ڳالهہ هوندي، جيئن تڪڙ ٻاري ڏيڻ واري کي ڇنبو آهي، 'ريل تي ڇنڻي ڇا؟' پڪ ادي بہ مون کي ان معنيٰ ۾ ٽوڪيو آهي... ها، ائين ئي هوندو... ٻيو وري ڇا. ائين تہ آهي... مان اڃايو 'چور جي ڏاڙهي ۾ ڪک' جيان ڳڻتيءَ ۾ پئي ڳران... مونسان تہ هوئڻ ئي ڪانہ پئيس، سدائين کهرو ڳالهائي..."

هن مس ڪو ٽينشن کان پاڻ آجو ڪرايو جو اوچتو ئي اوچتو وري ڪو خيال اچي ڪيس ستائڻ لڳو.


Scanned with CamScanner

"پک ٿي پک هن فهد جو خط پڙهيو آهي، تڏهن ته اهي زهريلا تير ٿي اُچليائين... امان کي به پڙهايو هونداءِين... بابا کي به... پر نه، بابا تائين ته آئي به ڪونه، ٻاهران ئي هلي وئي... شايد موتي اچي بابا کي ٻڌائي... الا! پوءِ ڇا ٿيندو... الائي ڇا لکيو هونداءِين خط ۾..." اهو سوچي هوءَ سڄي ڏڪي وئي، پرڪنڊ ڪاتي هيٺ آئي هٿ پير ته هٽيا ئي آهن، هن ۾ به الاهي طاقتون اچي ويون.

"ٺيڪ آهي، جي اهڙي ڪا ڳالهه هوندي ته مونکي ڊڃڻ نه گهرجي، مون ڪو گناهه ناهي ڪيو... پيار ئي ته ڪيو آهي... جي اهو ڏوهه آهي ته مان ڏوهارڻ آهيان... مونکي سنگسار ڪيو... سوليءَ چاڙهيو... اوڙاهه ۾ اڇليو! هن دل ئي دل ۾ وڏي دليريءَ سان اعتراف ڪيو. ٻئي ئي پل من ۾ پرنڊڙ جذبات جو مڇ سرد ٿيڻ لڳس.

"پر ڪنهن جي اک ٻڌندي ان سچائيءَ تي، هر ڪوئي 'ٻار' ڪوئي نادان ۽ نا سمجهه چئي سمورا اختيار کسي ويندو. مان ڪجهه به نه ڪري سگهندس... ڪجهه به ته نه ڪري سگهندس! وچ پنهنجي ڪِليءَ تي ڪڏي، فهد جي انجامن اقرارن تان ڦري ويو ته منهنجون سچايون. ڪچاين ۾ بدلجي وينديون... پر اهو سڀ سوچان ئي ڇو ٿي... خدا ڪري ته منهنجا سمورا وِسوسا غلط هجن..."

هڪ وار وري هن پاڻ کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اجان به ڪو گدڙ دل ۾ چپ هنيو ويٺو هئس، جو در جي ڪڙڪي سان ئي چرڪي پئي.

"ڪير آهي..." هن ويٺي ئي پڇيو.

"در کول" نور بانو رڪائي مان چيو.

هن قيامت جو اشارو سمجهندي ڪنبندڙ هٿن سان در کوليو.

"ڪيترا ڀيرا چيو اٿم ته ڏينهن ڏٺي جو ڪمري ۾ ڪلف ڪڙا چاڙهي نه ويهندي ڪر، هل ماني کاءُ، پٺين انتظار پيو ڪري."

"مان ته هونءَ به آيس پئي امان..." ڪيس ورندي ڏيندي سوچيائين.

"اجايو ايتري دير ڳِتيون خفا ڪري پنهنجو رت سُڪايم..."

وقار علي نوٽ ڪيو ته نور بانو ماني کائڻ مهل ڪجهه وسائيل پئي لڳي، پڇيائينس؛


Scanned with CamScanner

"ڏيءُ ڏڻ تي، ڏوڙ نہ تي... ماڻهن جو ننگ سيڄاڻ ڪو لڄڻ ڏار..."
هن ڪمري مان ٻاهر نڪرندي چيو.

●

صنم گئلري ۾، هٿن جي رحل تي پنهنجو موهڙو مک رکي ڪنهن اونهي سوچ ۾ گم هئي جو وقار علي تسبيح مصلي سوڙو اتي اچي نڪتو. موسم جي خوشگواري اڄ ڪيس بند ڪمري مان ڪُليءُ فضا ۾ نماز پڙهڻ لاءِ وٺي آئي.
ڏيءُ کي گم سُم ڏسي، پيار مان متي تي هٿ گهمائيندي پڇيائينس:
"ڇو مِٺي، اڄ ڪيو ويٺي آهين؟"
"ڪڏهن رڙيون ويهي ڪريان ڇا؟" هن جي من ۾ آيو تہ جيڪر ائين چئي ڏي پر زبان تي قابو رکندي صرف ايترو چئي سگهي.
"بس ائين ئي..."
"ائين ئي وري ڇو؟ اڳي تہ ڪڏهن مون توکي اهڙو ويڳاڻو ڪونہ ڏٺو آهي، اڪيون بہ سڄيل اٿئي... رُني آهين ڇا؟"
"نہ بابا اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي، ننڊ مان اٿڻ ڪري ائين ٿو لڳي..."
هن زوريءَ مرڪندي وراڻيو.
"نماز پڙهي، توکي شهر جو چڪر ڏيارڻ وٺي ٿو هلان. گهر ۾ سارو ڏينهن ويهي ويهي بور تي پئي هوندين."
"هاڻ هري وئي آهيان..." هن جي لهجي ۾ اڻ لکي شڪايت هئي.
"اڇي اٿي... شاباس مُنهن تي ڇنڊو هڻ. ڦٽي ٻَٽي ڏي تہ آئيس ڪريم کارائي اچائين."
"پر بابا، امان جو اڪيلي ٿيندي."
"اڪيلي ڇو ٿيندي، بابو جو ويٺو آهي..."
"ڏاڏو نہ ملن ۾ نہ جيئرن ۾..." هو اهو سوچي ماٺ تي وٺي...


Scanned with CamScanner

”وچ تون جيسين فريش ٿي اچ. آءُ اجهو ٿو اچان.“

هو جيئن ئي لان ڏي مڙيو ته ساڳي دروازي مان عابده هميشه جيان چاٻيون ڦيرائيندي لائونج ۾ منهن ڪڍيو ۽ پوين جملو جهٽيندي پڇيائين.

”ڪيڏانهن جون تياريون آهن بابا؟“

”صنم کي ٿو ٻاهران کهمائي اچان، سڄو ڏينهن گهر ۾ ويهي ويهي ويچاري مُنجهي پئي آهي.“

”منجهڻ ته گهرجيس...“ هن ڪمري ڏي ويندڙ صنم ڏي نهاريندي چيو.

وقار ان طنز کي همدردي سمجهي ويتر مٺو ڏنس، ”توکي ته الله موٽر ڏني آهي پوءِ به ننڍڙي ڀيڻ کي ڪيڏانهن وٺي ڪونه وڃين.“

”آءُ وري ڪهڙا شيل ڪندي وتان بابا. سڄو ڏينهن ته ڪمن پويان ڊوڙي ڊوڙي محشر رليو پيو اٿم، خدا نه شال ڪنهن کي بيوگيءَ جي منهن ۾ اڇلي...“ هن ٿڌو ساهه ڀري، ڪوچ تي پاڻ کي سٽيو. نور بانو جا چانهن جو مگو کڻي لائونج ڏي پئي آئي، عابده کي ڏسندي چيائين:

”خوش آهين امان... تون ڪڏهن آئينءَ؟ مون کي ته خبر ئي نه پئي، نه ته تنهنجي لاءِ به چانهين ڪاڙهي ڇڏيان ها...“

”آئون پيو پئي اچان...“ هن پير ۾ رکيل مئگزين اٿلائيندي چيو.

”صنم به ته اِتي هئي، ڪيڏانهن وئي“ هن عابده جي پير ۾ ويهندي ڪيس سڏ ڪيو:

”صنم او صنم...“

”اها حُسن جي هولڊر قلوپطره ويٺي هوندي سنگهار ميز تي...“ عابده طنز جا هزارين نشتر اڇليندڙ نگاهه سان ماءُ کي ساڙيندڙ لهجي ۾ چيو، ”اهڙا ڪرتوت ڏسڻ کان پوءِ اجان به ايڏا لاڏ پيا ٿيئس جو صاحبزاديءَ کي هٿن ۾ ٿيون چاهيون ملن! سير سپاٽن لاءِ ٿي نکري... آءُ نٽي سنيران ته مونکي به بابو ڪڏهن ايئن گهمائڻ وٺي ويو هوندو...“

موٽ ۾ نور بانو، ڪجهه اهڙي نماڻائيءَ سان ڪيس ڏٺو ڄڻ صنم جي خطا درگذر ڪرڻ جي اپيل ڪندي هجيس... پر هوءَ ڪيس ماٺ ڏسي وڏيڪ بي حيائيءَ تي لهي آئي...


Scanned with CamScanner

”امان تو ئي تہ ڍر ڏيئي ڏيئي ڇوريءَ جو مغز خراب ڪري ڇڏيو آهي، گھمڻ لاءِ ٿي نڪري! بابا کي جي سندس ڇنيءَ واري ’عاشقي‘ جي خبر پئي تہ جيڪر پادرن مان ڪڍيس... تڪي ڇوري، هلي هئي هيروئن ٿيڻ.“

”هاڻ گھٽو ٿيو ماٺ ڪر، شال نہ ڪنهن ڳالھ کي ڇڇڙ وانگي ڇهٽين، حسد جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي...“ تڏي طبيعت واري نور بانو جو بلڊ پريشر هاءِ ٿيڻ لڳو. هوءَ چانھ جو مگو کڻي اٿي بيٺي، ”ڇا ڪرٽو اٿر، ڇا نہ، اهو آءٌ پاڻهي ٿي سمجهان، اجان جيئري آهيان، تون ڪا منهنجي وڏي ڪونہ اڃي لڳي آهين... اٿندي ويهندي بابهين کي ٻڌائڻ جون ڌمڪيون ڏيئي سهائي ماريو اٿئي! وڃي ٻڌائينس... ڪر سڄي گھر کي برباد، وجهرائينس خون ٻچيءَ ۾ تہ ڇوريءَ کي ماري، مونکي رلائي وڃي ڦاهيءَ تي ٽنگجي! پوءِ تہ ٺرنديئن نہ؟ پاڻ برباد ٿي آهين تنهنڪري ٿي تي سيني کي برباد ٿيندو ڏسڻ چاهين.“

هَن دل کي جهليندي ڏاڍيان ڳالهايو، عابده کي ايئن اوچتو سندس جوش ۾ اچڻ جو گمان ئي نہ هو، هوءَ ڪنهن ڏوهارڻ جيان ڏکي وئي. هن ماءُ کان مگو وٺي ميز تي رکيو ۽ کيس سهارو ڏيئي پر ۾ ويهاريندي چيائين؛

”امان بس ڪر يلا بابا نہ ٻڌي...“

”ٻڌي تہ ڀل پيو ٻڌي، تنهنجي بہ تہ اها ئي مرضي آهي نہ...“

”مون ڪا غلط ڳالھ تہ نہ چئي، جيڪو ڪيوَ سو ڪريو... مون پچر ڇڏي، مونکي ڪٽي بخش ڪيو!“ هن جي لهجي جي تلخي وري ڪر ڪنيو تہ وقار بہ ان گوڙ تي تڙ تڪڙ ۾ فرض ادائي ڪري اچي سهڙيو.

”خبر ئي نتي پئي تہ ڳالهايو پيون ڪين وڙهو ٿيون، آهي تہ خير...“

”ڪجھ نہ بابا، ايئن ئي ڪا ڳالھ هئي...“

”توهان جي ان ’ايئن ئي‘ مان تہ اچي مَنو آهيان... الائي ڪهڙو راز آهي ان ’ايئن ئي‘ ۾!“

هَن ٻنهي جا ڦريل منهن ڏسي ٽپندي ڇيو ۽ پُڻ پڻ ڪندو صنم جي ڪمري ۾ هليو آيو، جتي هَن اجان وارن کي برش ٿي ڪيو، پيءَ کي ڏسي اسٽول تان اٿي ڪڙي ٿي.

”تيار آهين نہ؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"هاباٻا..."

"پوءِ اڄ تہ هلون..."

هوءَ ماءُ کان موڪلائي، پيءُ سان گڏ اسڪوٽر تي ڦـڙَ ڦڙائيندي رواني، ٿي تہ عابده ماءُ جي روپي تي اندر ئي اندر ڪڙهندي، اتان اٿي ڏاڏي جي ڪوٺيءَ جو رخ ڪيو. جيڪو سارو ڏينهن آدم بُو آدم ڪيو پيو واجهائيندو هو، تہ من ڪو ان پاسي اچي ليئو پائي. لاچار ڪو ايندو بہ هئس تہ ان ڪي ڄُور وانگر چهٽي ٿي پيو. هونءَ بہ ايڏي واندڪائي ڪنهن ڪي هئي جو ان جيئري لاش جي ويهي ٻَڪ ٻڌي، لاش بہ ڪو جهڙو تهڙو، وات ۾ زبان نہ ڄڻ ڪاسائيءَ جو ڪات هجيس، جنهن سان جيئرن جاڳندي ڪي اڌ ڪلاڪ جي سٽنگ ۾ ئي هن مرٽينگ ڪري، ٿي ڇڏيو.

●

اسڪوٽر فرڙاٽ ڪندو شهر جي مصروف علائقي ۾ هڪ ڪول ڪارنر اڳيان اچي بيٺو. سامهون رکيل ميز ڪرسين مان هڪ تي صنم ڪي ويهاري، آئيس ڪريم جو آرڊر ڏيئي، وقار گهر جو سنهو سُڪو سامان وٺڻ لاءِ پر واري جنرل اسٽور ۾ گهڙي پيو. ٻيري جهٽ ۾ جيڪو فليوَر جي آئيس ڪريم جو ڪپ، جهڙالي موسم جي رنگينين ۾ وڃايل صنم اڳيان آڻي رکيو. آسمان ۾ هر طرف پکڙيل ڪاري بادلن، جيئن ئي شام ڪي رات جو ويس پارايو تہ چوطرف روشنين جو جرڪو پئجي ويو. آئيس ڪريم مان چمچو ڀري وات ۾ وجهي هن جون خوبصورت نگاهون هڪ وار وري رستي جي رونق ڏي ڪجي ويون، اوچتو ڪيس ڪجهہ فاصلي تي فيڊيڊ جينز ۽ سهٽو جيڪٽ پاتل فهد، پنهنجي ٻن دوستن سان ڪولڊ ڊرنڪ پيئندي نظر آيو تہ هِن جو من ٺرڻي پيو، اکيون ٺري پيس... ڪيترن ڏينهن بعد وڃي هن جو ديدار نصيب ٿيو هئس، ياڻيائين تہ جيڪر وڏي واڪ ڪيس پاڻ ڏانهن سڏي پر هو اهڙي



Scanned with CamScanner

جرئت نہ ڪري سگھي. رڳو دل ئي دل ۾ دعائون پئي ڪيائين تہ اجان ڪا دير پٽس جنرل اسٽور ۾ پُرڙيو پيو هجي، جيئن هو ڪنهن نہ ڪنهن نموني فهد جو ڀاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائي سگهي. هوءَ ڏاڍي بي تابيءَ مان يڪ ٽِڪ ڏانهس نهارڻ لڳي، شايد تہ اها سندس نظرن جي مقناطيسي ڪشش هئي يا ڪو طلسم هو جو فهد دوستن سان ڳالهائڻ دوران لاشعوري طور ڏانهنس نهاريو جتي هو ڪپ هٿ ۾ جهلي مورتيءَ جيان منجهس اکيون کپايو ويٺي هئي. نظرن کي نظرن جي موٽ ملندي ئي ٻنهي جي چپن تي انتهائي مسرت ڀريل مرڪون پکڙجي ويون. هُن اتاوليءَ مان دوستن کي چيو.

"يار هڪ منٽ، مان سامهون کان سگريٽ وٺي اچان ٿو."

"سگريٽ اجان هينئر تہ ورتاسين! سمورا ڇياڙي ڇڏيئي يا ڳيهي وئين؟"

"ڇڏ يار مذاق نہ ڪر، سگريٽ مان منهنجي مراد پان وٺڻ هو..."

"تون ۽ پان! کهڙي اڄي وقل ورايو ٿئي، يا تہ چوندو آهين منهنجي ير ۾ پان نہ ڪائو، لِڏ جهڙي ڏپ تي اچي، اڄ وري پان وٺڻ لاءِ ايڏو آتاولو پيو ٿين..." اختر آخري سِپ پريندي ڪيس ٽوڪيو.

"يلا چو ڪٿي چتو ڪيو اٿو... منهنجو مطلب اهو پان نہ، پر انگريزي پان يعني چيونگ گم هو..." ايئن چوندي هن وٺي ڪڙين تي زور رکيو تہ دوست معاملو پرکيندي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

"بابا ڇوڪريءَ تاڙڻ ويو آ... اسان کان ٿو لڪائي..." راحيل، پريان ويٺل صنم تي نگاهہ اڇليندي چيو.

" "يار واه جي قاتل حسينا ڳولهي اٿس." اختر پنهنجو رايو ڏنو، "فهد بہ حق تي چريو ٿيو آ..."

پنهنجو پنهنجو خيال ظاهر ڪري پئي ڇتا بظاهر بي خبرن جيان روڊ جي ٻئي پاسي نهارڻ لڳا، جيئن ليلا مجنون جوڙو ڪين ڏسي ڪانشيس نہ ٿئي.

صنم جي ويجهو اچي فهد آهستگيءَ مان پڇيو:

"ڪنهن سان گڏجي آئي آهين؟"

"بابا سان..." هن جنرل اسٽور ڏي نظرون کپائيندي ٻنهہ جهيٽي آواز ۾ وراڻيو.

"خط مليئي؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”امان ۽ اديءَ جي هٿ چڙهي ويو... سڀ خبر پئجي وئي اٿن. وري ڪڏهن به نه لڪجانءِ“ هن گهبرائيندي چيو.

”ته ڇا مان توکي وساري ڇڏيان؟...“

”مان اهو ڪڏهن ٿي چوان، بس معاملو ڪجهه ٺري ته پوءِ ملڻ ۽ ڳالهائڻ جو پيو ڪو بندوبست ڪندس.“

”مان توکي ڏاڍو مِس ڪندو آهيان... اسڪولُ ڪڏهن کلنديئي؟“

”اڃان ڪجهه ڏينهن آهن، پر لڳي تو هاڻ وڌيڪ پڙهڻ نه ڏيندا.“

”منهنجي ڪري؟“

”بس ايئن ئي سمجهه... مان ته...“ پيءُ کي اسٽور مان ٻاهر ايندو ڏسي، هن ڳالهه اڌ ۾ ڇڏي پريشانيءَ مان چيو، ”تون جلدي اُٿي وڃ، بابا پيو اچي...“

”Ok my love! see you!“ ايئن چئي هو لاتعلق بڻجي ڪجهه پريرو ٿي بينو پر رکي رکي اکيون صنم ڏي ٿي ڪڍيس...

”آئيس ڪريم ته سڄي وڳهرجي وئي، اڃان نه کاڌي اٿئي.“ وقار ايندي ئي حيرت مان پڇيو.

”ڏاڍي ٿڌي هئي بابا...“

”آئيس ڪريم ڪوسي به ٿيندي آهي ڇا؟“ هن پنهنجي اوقات تي ايندي طنز ڪيو. جواب ۾ ڦِڪي مرڪ هن جي چپن کي ڇهيو. پر فهد سان نگاهه ٽڪرجندي ئي هوءَ شوخي مان وڳهريل آئيس ڪريم جا چمچا ڀري ڀري وات ۾ وجهڻ لڳي.

”ڀي ڪائيندين؟“ پٽس پنهنجي ’پٽستا‘ سان سرشار ٿيندي پڇيو.

”نه بابا بس مهرباني...“

”مِهرباني چوڻ سٺي ڳالهه آهي پر اهي تڪلفات پنهنجن سان نه ٿيندا آهن، ٻڌاءِ ڇا وٺي ڏيانءِ، پينٽنگ جا برش ۽ رنگ وغيره يا ڪا ٻي شئي شڪل.“

پينٽنگ ملڻ ڪري اڄ هو پاڻ لاٽاڻ جي موڊ ۾ هو، پر صنم کي ديدار يار ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن شئي جي طلب ئي نه رهي. ٻئيري کي پئسا ڏئي ڪين ويندو ڏسي فهد تيزيءَ سان پنهنجي بائيڪ ڏي ويو. دوست ته ٿهلندي


Scanned with CamScanner

ٿهلندي اڳتي نڪري ويا هئس، هُو ڪين پڌائڻ بنا ئي پنهنجي سائلينسر نڪتل بائيڪ اڏائيندو صنم ڪڍ لڳو آيو. ڪڏهن زوڪات ڪري پر مان تي لنگهيو ته ڪڏهن پويان. ان ٽرڙي ساٽ تي صنم جون بي هوش ڪندڙ مرڪون ۽ وقار جو بائيڪ جي واهيات آواز تي ڪڙهڻ پچڻ جو سلسلو ايستائين جاري رهيو، جيستائين اسڪوٽر جو رخ گهر واري گهٽيءَ ڏي نه مڙيو. تڏهن فهد به صنم کي فلائنگ ڪِس ڪندي اڳتي نڪري ويو.

وري اُهوئي گهر، اهائي بوريت ۽ ساڳي روٽين لائيف... بس رڳو ڪا آنڌ مانڌ هئي، جنهن مسلسل صنم جي اندر کي ٿي جهوريو. جو ڪنهن به ڪم ۾ دل نٿي لڳيس. رات جو سمهڻ مهل پائيندي هئي ته صبح ٿئي ئي نه، صبح جو سوچيندي هئي ته الائجي ڪڏهن وجي ڏينهن ڪندو. سڄا سڄا پهر ڪمري ۾ اڪيلي پئي تي ڳري ۽ جُهري. گهر ۾ ڪير به ته نه هو سندس من جي آنڌ مانڌ کي مٽائڻ وارو... احساسن کي سمجهڻ وارو... عابده ته ساڻس ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏنو. ماءُ جو رويو به ڪيس اڪڙيل ۽ اوپرو ٿي لڳو... نه ساهيڙي سرتيءَ وٽ وڃڻ جي اجازت، نه ئي فون تي نويڪلو ڳالهائڻ جي سهوليت. خط جهلجڻ واري واقعي شوخ شِنگ، تيز ۽ چنچل ڇوڪريءَ جي روح کي ڄڻ ٻرڇين پالن تي ٽنگي ڇڏيو، سندس روح جا مڙئي رنگ هڪ هڪ ٿي وڪرڻ لڳا. ڏينهون ڏينهن هن جي ذهن تي سخت مونجهاري ۽ ڊپريشن واري ڪيفيت طاري ٿيندي پئي وئي... پر ڪو انتظار... ڪو اَلڪو... ڪنڪو... اجان به هئس. جڏهن سڀ واٽون بند هئس ته پوءِ اِهو انتظار ڇا جو؟ ان جي ڪيس به خبر نه هئي... ڪڏهن ڪڏهن ايئن محسوس ٿيندو هئس ڄڻ هن جي اندر ۾ وڏي ڌماڪي سان ڪو آتش فشان ڦاٽڻ وارو هجي... ان خوفناڪ ڌماڪي، هڪ ننڍڙي نقطي جيان هن جي لاشعور ۾ هر وقت چڪر پئي ڪاٽيا... ڪيڏي مهل به ڦاٽي سندس وجود کي ڇيهون ڇيهون ڪرڻ لاءِ...

وقار علي ڪان هن جو ويڳاڻو ۽ ملول رخ نيٽ لڪي نه سگهيو. جڏهن زال به ان باري ۾ ڪو مطمئن ڪندڙ جواب نه ڏيئي سگهيس ته ڪيس فڪر ۽ پشيمانيءَ اچي ورايو. ڌيءَ جي ويڳاڻپ جو ڪارڻ هو ڪجهه ڪجهه پاڻ کي به سمجهڻ لڳو.


Scanned with CamScanner

"اجايو ڪٿي ٻارڙيءَ تي ايڏيون سختيون ڪير." سوچيائين، "لوفر ڇورن جو تہ ڪم ئي ٺٺي ھِتان ھُتان نمبر ھٿ ڪري اشراف گھرن جي نياڻين کي فونن تي تنگ ڪرڻ. ھِن معصومڙيءَ جو ڪھڙو ڏوھ جو ڪڏھن ساھيڙين سرتين سان ڳالھائيندي ھئي سو بہ بند ڪري ڇڏيومانس." ھُن سگار مان کِھرو سوٽو پري ايش ٽري ۾ رک ڇنڊيءَ پر ۾ رکيل ٽن ڏينھن جي پراڻين اخبارن جي ٿهي مان ھڪ اخبار کڻي، ڪنھن خبر تي اکيون کپائڻ بنا ھو غير ارادي طور ساري اخبار تي ڇڙواڳ گھوڙي جيان نظرون ڊوڙائڻ لڳو. ھيو ڪير ڏسي تہ ياڻئين اخبار پيو پڙھي، پر خود ھن جي ذھن ۾ ڪي نوان اکر نيون سِٽون پرنٽ پئي ٿيون، جن کي ھن ھاڻ جي سوجھري سان ٿي پڙھيو.

"ڪيس فون ڪان پري رکي شايد چڱو ئي ڪيم... اجايو خراب نتيجا نڪرن ھا... اِھي تڪيا ڇورا نينگرين کي پنھنجي ڄار ۾ ڦاسائڻ جا ھونءَ بہ وڏا ماھر ٿين. صنم تہ وري بہ ابوجھہ آھي، جنھن کي زماني جي ڦندن ڦيرن جي ڪھڙي خبر!" ھن پنھنجي پئسي کي ڪوٺو نہ سمجھڻ واري دڪاندار جيان سوچيو.

" اسڪول بہ تہ ڪيترن ڏينھن کان بند اٿس، مُنجھندي نہ تہ ھيو ڇا ڪندي..." اُن پل ھُن دل ئي دل ۾ ڪيس نئين آيل پاڙيسري مرزا صاحب جي گھر وڃڻ جي فراخدليءَ سان اجازت ڏيئي ڇڏي. جنھن جي ڌيءَ شائزه پڻ صنم جو سن ھئي، ڪين ڪو پٽيلو اولاد بہ نہ ھو جو ڪو خطرو رھي ھا.

●

مرزا صاحب جو مختصر گھراڻو صنم کي واه جو ياڻئين پيو. ڪري ءَ ضدي ھڻڻ جي باوجود بہ اھا ھِن جي سياڻ جي خوبي ھئي جنھن جهٽ ۾ پراون کي پنھنجو ٿي ڪيو. شائزه سان بہ گوڏو پيچي ويھڻ وارين ڪچھرين ۾ چگي وندر جي پئي. ٻنھي گھراڻن پاڙيسري ھڻڻ جي ناتي نہ رڳو ھڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ھُئي جو خيال ٿي رکيو. پر آڏيءَ مانجهيءَ ۽ اُڏيءَ ڳٽيءَ ۾ ٻه ھڪ ٻئي جي ڪر ٿي آيا. ان قرب ڀريئي بي غرض رشتي ۾ ڳهاريءَ پوڻ جا امڪان ان مھل پڌري پٽ نظر اچڻ لڳا جڏھن کان صنم لاڳيتو پرائي فون جو فراخدليءَ سان استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. پھرياٽين ته جيئن ئي شائزه ڪنھن ڪم سان اٿندي ھئي يا وٽن ڪو مھمان مڙو ٿي اچي نڪتو ته ھو ٻنا دير منھن جي ٻڪائيءَ سان اھو ڇئي فون ڏي وڌندي، ته 'جيتر تون واندي ٿي مان فلاڻي فرينڊ سان ڳالھائي وٺان'... ھڪ ڀيرو، ٻه ڀيرا... پوءِ ته موڙڪو بي حيائي باڇائي واري بي تڪلفيءَ مان 'اجھو آيس' چئي پاڻمرادو ئي فون ملائڻ لاءِ اٿي ويندي ھئي. ڳالھائڻ ٻه ڪو جھڙو تھڙو، ڪلاڪ سوا کان اڳ ته واندو ٿيڻ ممڪن ئي نه ھئس... مسلسل اھڙي رويي مان شائزه ۽ سندس ماءُ جي من ۾ شڪ جاڳڻ لازمي ٿي پيو ته جڏھن سندس پنھنجي گھر ۾ فون آھي ته اِتان ڳالھائڻ جي ڪيس کھڙي ضرورت آھي. دل کي شڪ گمانن جي ڏنڊ وڪوڙي وِجي ته زبان لاءِ مِنو ٻولڻ مشڪل ٿيو پئي. صنم سان پاڙو ته ڪٽي ڪنھن نه ٻوليو پر ٻه سندن نظرن جي رڪائيءَ کي پرکيندي ھِن ھڪ ڏينھن ڳالھين ئي ڳالھين ۾ چئي ڏنو:

"بابا جي ھر وقت گھر ۾ رھڻ ڪري ساھيڙين سرتين سان بي تڪلفيءَ مان ڳالھ ٻولھ نٿي ڪري سگھان. تنھنڪري ئي ھتان فون ڪري وٺندي آھيان."

ان وضاحت الائجي ڪين مطمئن ڪيو يا نه، پر تنھن ڏينھن علائقي ۾ ٻر ڦاٽڻ واري افواھ جي حقيقت لھڻ لاءِ مسز مرزا پنھنجي بيڊ روم ۾ اچي جيئن ئي خبرون ٻڌڻ لاءِ ريڊيو آن ڪيو ته ريڊيائي لھرن تي ڪارڊليس فون مان ڪنھن جو ڳالھائڻ سندس ڪمري ۾ ڊيڪ جي آواز جيان گونجڻ لڳو:

"مونکي ڊپ ٿو لڳي ته ڪٿي جھلجي نه پوان..."

"ھيءَ ته صنم آھي!" مسز مرزا آواز تي غور ڪندي سوچيو ئي پئي ته ٻئي پاسي کان مرداڻو آواز اڀريو...

"جان ھمت ڪر، اڄ نه ته ڀلا سياڻي ئي نڪري پئو... مونکي وڌيڪ نه تڙپائي..."

"ڏسان... مان واعدو نٿي ڪري سگھان..."

"جان، ٻن ڏينھن بعد فليٽ ۾ راحيل جا مائٽ اچڻا آھن. تنھنڪري پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي ڳڌڻ جو اهڙو گولڊن چانس وري ايڏو جلدي نه ملي سگهندو.“

”پر مان پڪ ڪيئن ڏيان، سياڻي ٿي ڪجهه ٻڌائي سگهان ٿي...“

”بس هاڻ بهانا نه ڪر. ڪنهن به ساهيڙي جو نالو وٺي سياڻي نڪري پئو...“

”ان بهاني چار پيرا ته مليا آهيون...“

”ته پوءِ چا ٿيو. پيار ۾ ايئن لڪ ڇپ ۾ سئو پيرا ملجي ته به گهٽ آهي... بائيڪ تي جهلجڻ جو ڏپ ٿو لڳي ته راحيل کان ٽينٽڊ گلاس واري گاڏي وٺي ايندس... نه ته به شائزه کي ٿي ان پريم ڪهاڻيءَ جو رازدان بنائي، شاپنگ جي بهاني، ساڻ وٺي نڪري پئو...“

معصوم ڏيءَ جو لوفر ڇوري جي واتان نالو ٻڌي مسز مرزا باهڙجي وئي، هڪ لمحي لاءِ ڪيس خيال آيو ته سموري گفتگو ٽيپ ڪري وڃي مسز وقار کي ٻڌائي پر اهو ذليل قدم کڻڻ ڪيس مناسب نه لڳو. هوءَ پاڻ به ته نياڻيءَ جي ماءُ هئي، تڏهن به ان ڳالهه کان ڪيس باخبر رکڻ ضروري ٿي سمجهيائين ته ڪٿي صنم ان شريف خاندان لاءِ بدناميءَ جو سبب نه بڻجي... هن وڌيڪ واهيات گفتگو ٻڌڻ بدران ريڊيو آف ڪري وقار عليءَ جي گهر جو رخ ڪيو.

ڪچڙي منجهند جو، گهر جي ڪليل پاسي، هِندن جي زماني ۾ قبيل سنگ مرمر جي صندل تي ويٺي نور بانو مڙس جو پهراڻ ٿي سبيو ته ڳڙ هلڪي سُرن ۾ ڪوئي گيت به پئي جهونگاريو. لڳو ٿي ڏکڻ جي ٿڌڙي هير کي سندس من جي ارد گرد بند ٿيل جهروڪن مان ڪا سير ملي پئي هئي. سامهٽي در کان مسز مرزا کي ايندو ڏسي هن نهايت ئي سڪ ڀري مرڪ سان اٿي ڪيس ڀاڪر پاتو ۽ پر ۾ ويهاري ڳالهائڻ جي تهميد ٻڌي...

”اڄ مس واندڪائي ملي اٿم جو ويٺي آهيان پاڻهين جو پهراڻ سبڻ.“

هن سلائيءَ جو سامان پرتي ڪندي چيو. ”پاڻ ته آهي گنجيءَ ڳوڏ جو هيراڪ، پر اندر ٻاهر لاءِ ته ڪو ڍنگ جو ڪپڙو هجي، هر وقت سوٽ پتلونون به ڪونه ٿيون نهن.“

”پيڻ ڪَمهلو اڄي ڪم ۾ رُڌنو وڃهڻ جي مونکي ڏاڍي شرمساري پئي ٿي...“

مسز مرزا جي معذرتائي لهجي تي هن امالڪ ڳرانڙي پائيندي وراڻيس: ”


Scanned with CamScanner

"اِهي سنها سَڪا ڪم تہ پيا ٿيندا آهن. مونکي تہ تنهنجي اچڻ سان ڏاڍي خوشي ٿي آهي، مون تہ پاڻ تنهن ڏينهن صنم هتان نياپو بہ ڪرايو مانءِ تہ سڪ لڳي اٿم. منهن ڏيکاري وڃ..."

"اوهان ڏي اچڻ لاءِ دل تہ منهنجي بہ گهڻي گهرندي آهي، پر ڪم واري مائي جيئن ئي ڏينهن جي موڪل وٺي وئي آهي تنهن جو پندرنهن ڏينهن ڪان ڪو پتو ڪونهي. سڄا ڪم سر تي اچي پيا آهن. روز جو اوسيئڙو جدا تہ اڄها ٿي اچي، ان ڪري گهران نڪرڻ ئي نٿو ٿئي..."

"هائو ڀيڻ، نوڪرياڻين جو تہ اڄو منهن آهي. ڏينهن وارَ خير صلا جا هجن يا ڏک وارا، ايئن ٿيون ملهائين جو عيد بہ چا ملهائينديون هونديون. اسان واري اٽ ڏينهن گهوبيون هنيون، پگهار ڪاٽڻ جي ڌمڪي ڏني مانس تہ اٽلندو اهو چئي منهن پٽي وئي تہ 'وڃي ٻي مائيءَ جو بلو ڪر'!"

"انهن جو ڏوهہ ڪونهي ڀيڻ، اڄڪلهہ واءُ ئي اهڙو لڳو آ جو هر ڪنهن جي مغز بہ سيٽ پري پئي آهي، ڏاول هجي يا سُجو ڪنهن تي فلڪ ئي نہ آٽيندو." مسز مرزا پٽ پر رڙهندي چيو.

"انهن 'گهمڻ جي گهوڙين' جي آسري لڳجي تہ گهر ئي رلي وڃن. ٻوري بہ شاٻس آهي صنم کي جو هٿ ونڊائيندي اٿم. اڄ تہ توهان وٽ چگي دير ڪئي اٿس." نور بانو گوڏن کي جهلي صندل تان هيٺ لهندي چيو. "لڳي ٿو سانجهي ڪري پوءِ ايندي... تون ويهہ مان ٻن منٽن ۾ چانهہ ٿي ڪاڙهيواچان."

"چانهن جي تڪليف نہ ڪر ڀيڻ." هن ڪيس ٻانهن مان جهلي ويهاريندي چيو. "مان پيو پئي اچان... بس رڳو اها اجازت ڏينم، جي دل ۾ نہ ڪرين تہ توسان هڪ ڳالهہ ڪريان."

"مون تہ توکي سدائين پنهنجي نندي ڀيڻ سمجهيو آهي، دل ۾ ڇو ڪندس... توکي هر ڳالهہ ڪرڻ جو حق آهي."

چوڻ کي تہ هوءَ ايئن چئي وئي، پر هن جو من جنهن ۾ ڪي گهڙيون ڏکڻ هير گهلي هئي، تنهن ۾ مٽيءَ جا طوفان وسڻ لڳا.

"صنم جهڙي اوهان جي ڌيءُ تهڙي منهنجي..."

مسز مرزا جي ان گفتي ئي ڪيس گهائي وڌو، سمجهي وئي تہ ڇوريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"تون ڇا ٿي سمجهين پيڻ. آءُ ڪا اڪين تي پٽي ٻڌيو ويٺي هوندس، مون تہ گهڻي وس ڪيا. پيار مان، قرب سان هر طرح ڪيس سمجهايو، احساس ڏياريو، شرم ڏياريو. انهن ڳالهين ڪري پيڻ جدا رنل اٿس. پائر تہ خير سان ٻاهر رهن. باقي ٻچي ٺل هڪڙو سو بہ هاسٽل ٻلي، اٺين ڏينهن اچي تہ ان کي کهڙا ويهي جوش ڏياريان. نئون رت ماڳهين تپجي الائجي ڇا ڪري وجهي. پيءُ تہ ڪيڏانهن ڇڏيس بہ ڪونہ. سواءِ توهان جي گهر جي، سو بہ ان ڪري جو ساڳي ڳهٽيءَ ۾ آهي، جنهن جو غلط فائدو وٺندي هن اسان جي منهن تي دانگي ڳهمائي آهي... مون کي بيحد ڏک آهي، مان تنهنجي اڳيان ڪنڌ نٿي کڻي سگهان..."

"ايئن نہ چئو پيڻ، صنم منهنجي بہ تہ ڌيءُ آهي..."

هن اِهي لفظ سچائي مان چيا يا رسمي، تنهن جي تہ کيس بہ پڪ نہ هئي، پر اصل ڳالهہ جيڪا ان سچوئيشن ۾ هر ماءُ چوڻ چاهيندي آهي سا هن جي چپن تي ايندي رهجي وئي، هن کي مناسب لفظ ئي نٿي مليا... هن چاتو ٿي تہ لفظ ڪيترا ئي ملائم چو نہ هجن، اهي مٺل کي ويتر مارڻ وارو ڪم ڪندا... هوءَ ان سوچ ويچار ۾ ئي هئي جو نور بانو پنهنجا لڙڪ اگهندي پاڻ ئي هن جي مشڪل آسان ڪري ڇڏي.

"آخر تون بہ تہ ڌيءُ جي ماءُ آهين، خدا نہ ڪري تہ هُن جي صحبت جو شائزه تي ڪو اثر ٿئي. تنهنڪري هاڻ مان کيس توهان ڏانهن ڪونہ ڇڏيندس."

"چو نہ ڇڏيندينءَ، سدا اچي...." هوءَ وات نڪاٽيءَ ۾ لهي ڪونہ پئي، پر ان فيصلي سر تان وڏو بوجهو لاهي ڇڏيس. سامت ۾ ايندي ئي صلاح ڏيڻ جهڙي ٿي:

"منهنجي مڃين تہ ڪجهہ وقت ڪٽي اسڪول هاسٽل ۾ رهائينس..."

"اتي بہ تہ 'وٺي سِگن ڪاڻ، ڪن بہ ڪپائي آئي' واري ڪار لڳي پئي آهي..."

"هرويرو ايئن بہ ڪونهي، پنجئي آڱريون برابر ناهن ٿينديون... پر خير، تون دل نہ لاهي پيڻ، ناسمجهيءَ ۾ ڪِن ڪان ڪچايون ٿي وينديون آهن. هيءَ عمر ئي اهڙي ٿئي... تون حوصلو رک، الله ساڄهہ ڏيندس..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسز مرزا تہ پنھنجي پر ۾ آتت ڏيئي هلي وئي، پر نور بانو جي دل ۾ ذهن ۾ رڳو هڪ ئي خيال پوئتر جيان بولاتيون ٿي پاتيون... تہ الائي ڇا ٿيو هوندو...؟ ڇا ٿيندو.

•

صنم جي معاملي ۾ عابده ڪي ماڻس جو ٿڌو رويو تہ هونءَ بہ ڪونہ ٿي آئڙيو، تازي واقعي تي تہ هن مرڳو اپ ڏاري ڏنو، مٿان وري 'گهر جو معاملو گهر ۾ نبيرڻ' واري مصلحت ڪان منهن موڙي، سمورو احوال وچي نندي پڦيءَ سان اورياڻين ۾ جنهن ڳالهہ ڪي هو پاڻ تائين رکي نہ سگهي، سا ڪيس ظاهر نہ ڪرڻ جي تاڪيد ڪري بي اوني ٿي وئي.

صنم جي رنگين مزاجيءَ جي ٿوري گهڻي ڪڻڪ تہ خاندان وارن کي اڳ ئي هئي، پر پيڻ جي ڀٽڪي ۾ پڦيءَ جي ڦاٽ ڪاٽڻ ڪان پوءِ ويتر تماشو بڻجي پئي. ٻٽي معنٰي واري جملن ۾ چٿرن سان هر ڪنهن ٿي ويئي هَن تان مَچيون چليون.

نور بانو ڇاتو ٿي تہ هڪ وار جي هوءَ ان چوبول جي هيراڪ ٿي وئي تہ پوءِ ڪنهن ڪي ڪٽ ۾ نہ آئيندي ماڳهين نؤد بڻجي پوندي ۾ جيڪو من ۾ ايندس سو پئي ڪندي، تنهنڪري هن جي حق ۾ ڪيس اهوئي بهتر لڳو تہ هوءَ جلد ڪان جلد سندس شادي ڪرائي ڇڏي... پر مشڪل اها هئي تہ هن جي جوڙ جو ڪو سگهُ ئي نٿي سُجهيس، هن جنهن تي بہ اهڙي نظر وڌي، تنهن ڪي تعليم پوري ڪري، پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۾ ايجان گهڻو وقت گهربل هو... جڏهن تہ صنم ڏاڪا ٻڌي الائجي ڪيئن جهٽ پٽ ۾ وڌي وڻ تي هئي... سَرو جيان اُڀي... تير جيان تکي...

رات ڏينهن ڏيءَ جي جهوراٽي ۾ جهرندي، دليل ڊوڙائيندي هن نيٺ مڙس سان سربستو احوال اورڻ جو پڪو پهہ ڪري ورتو. سومهاٽيءَ واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نماز بعد ڪيس زور ڏيندي، دل ۾ڏي ڇوڻ لڳي:

"هاڻ ٻاڻ ڪي صنم جي باري ۾ سوچڻ گھرجي؟..."

"ڇا جي سوچ!"

"نياڻيءَ لاءِ ٻي ڪهڙي سوچ هوندي، سواءِ ان جي ته ڪيس پنهنجي گھر پيڙو ڪجي."

"انهن ڪمن لاءِ ته اڃان گھڻو وقت پيو آهي."

"وقت ٿي ته ناهي، تڏهن ته چوان ٿي..."

"پروليون نه پيچاءِ، سڌي ڳالهه ڪر..."

"توهان ڪان گھڻو ٿي لڪاير،" هن ڳيت ڏيندي چيو، "پر هاڻ هر ڳالهه منهنجي اختيار ڪان ٻاهر ٿيندي وڃي."

"ڇا لڪايو اٿئي..." زور ڏيندڙ هٿ ڇڏائي هُو فڪرمنديءَ مان اٿي ويٺو. پيرائتي ڳالهه ٻڌي ڇهري جو رنگ ٿي مَنجي ويس، ٻنهه ٻاهه ٿي ويو.

"سڌ ڪرينس هيڏانهن!"

"سچي حقيقت ته اوهان سان ڪئي اٿم، باقي ڇا آهي جو پڇندا..."

هن ڪيس ٽڏو ڪندي چيو، "توهان جو ٿي ته ٿورو گھڻو ڊپ اٿس. شدتڻ ته اصل ڪان آهي. هيڪر جي سامهون ٿي ته مرڳو حِظ ڀڄي پوندس."

"هُن حراميءَ جوڏس پتو معلوم ڪر ته سِر روليانس..."

"رڳو ان جو ته ڏوهه نه هوندو،" رتوڇاڻ ٿيڻ جي ڀئو ڪان وراڻيائين. "اسانجيءَ ۾ ته شهه ڏني هوندس تڏهن ته لڪ ڇپ واريون ملاقاتون ڪرڻ جي جرئت ڪري سگھيو."

"پر هاڻ اهو ٻڌي ڇڏ ته هوءِ وري اسڪول جو منهن نه ڏسندي. جيسين ڪو سندس ٻلو ڪجي، تيسين هوءِ ٻاهر ۾ نه نڪرندي. مان سياڻي ٿي وڃي ياءُ اعجاز ۾ ٻاڇائي نجمه آڏو هن لاءِ جهولي جهليندس." هن ڏک وچان جهيٽي لهجي ۾ چيو. "تو اِها ڳالهه ڪري منهنجي وجود کي ڏوڏي رکيو آهي..."

"نياڻيءَ جو بار ته هونءَ ۾ لاهٺو هو. اِهو ڪم جي ۾ ڏينهن اڳ ٿي ويو ته خود سندس ۾ اسان جي حق ۾ ٿي چڱو ٿيندو... توهان پنهنجو اندر نه ولوڙيو، الله پردو پناهه رکندس..." هوءِ ڪيس مٿئين دل سان دلاسو ڏيئي


Scanned with CamScanner

پنهنجي بستري ڏي هلي آئي... اندر ۾ وسوسن ۽ انديشن جا طوفان ڪٺي قافلي جيڏي رات ڪتائڻ جي اوسيڙي ۾ بظاهر بئي ڄڻا اکيون ٻوٽي پئجي رهيا، پر شايد ته ننڊ به ڏکوپلن جي اوڏو ايندي پئي ڊني.

●

مسز مرزا جي ڪرائيم رپورٽنگ نيٽ پنهنجا رنگ لاتا. هن جيڪي ڦڪڙ ڦاڙيا تن جي نتيجي ۾ صنم هڪ وار وري گهر ۾ سوگهي ٿي وئي. ماءُ پيءُ جي نهوڙيندڙ نهارن هر لمحي هِن جو پيڇو ٿي ڪيو. جن کان فراريت جو ڪوبه طريقو ڪيس نٿي سُجهيو... هن جي ڪنن ۾ ته بس رکي رکي رڳو فهد جا ٻول ٿي ٻُريا... ويڇڙائپ واريون گهاريل گهڙيون ٿي هر هر اکين اڳيان ڦريون... جڏهن شائزه ڏي وڃڻ جي بهاني هو سندس دوست جي ڪلفٽن واري خالي ۽ نويڪلي فليٽ ڏي ڊيٽ لاء وڃي نڪتي هئي...

ڪمري ۾ بند، اڪيلي تنها لمحن ۾ فهد جي هٿن جو ڇهاءُ... طويل چُمين ۽ مضبوط ڀاڪر جي تصور آڻڻ سان ئي هن جي انگ انگ ۾ باهه ٿي پرجي وئي. هُن ڪيئن نه انتهائي جذبات مان ڪيس ڳلي لڳائي، منهن تي چُمين جو مينهن وسائيندي چيو هئس:

" "يقين ڄاڻ صنم... اِهي بندشون ڪجهه به نه ڪنديون... مان تنهنجي لاء سڀ ڪجهه ڪري سگهان ٿو..." بئي ئي پل مضبوطيءَ سان ڪلهن مان جهلي، اکيون اکين ۾ اٽڪائيندي پڇيو هئائينس، "پر تنهنجي دل ۾ ڳڙ هجي ته ٻڌاءِ ڇڏ... مان هينئر ئي پنهنجا پير جهلي ڇڏيان..."

"ڇا مطلب؟" هن سندس ڀاڪر مان نڪرندي حيرانيءَ مان پڇيو هئس.

"تون مونکي ايڏو آسانيءَ سان وساري ڇڏيندين؟ جيڪو وقت گڏ هئاسين ڇا اها رڳو وقت گذاري هئي جو پنهنجا پير جهلي ڇڏيندين!"

"مان ايئن ته نٿو چوان جان." هن ٻيهر ڪيس ڇاتيءَ سان لائيندي چيو،


Scanned with CamScanner

"پر اهو به سچ آهي ته تنهنجي ساٿ ۾ سهڪار بنا ته ڪجهه به نٿو ڪري سگهان..."

"تون اڃان به اِها ڳالهه ٿو ڪرين! ڊبل بيڊ تي هن مٿس آهلجندي چيو. "منهنجو جسم، منهنجي جان... منهنجي پيار ۽ جذبات جي دنيا سڀ تنهنجي لاءِ ئي ته آهن..." هن چانڊوڪيءَ ۾ رنگيل جهڪي آواز ۾ چيس.

"ڄاڻان ٿو جان... چڱي طرح ڄاڻان ٿو... پر عملي ثبوت بنا اِهي رڳو دلڪش ڳالهيون ئي آهن."

"عملي ثبوت به ملي ويندءِ جڏهن ڄڃ وٺي ايندين..."

"اوهه! ڪهڙيون ٿي دقيانوسي ڳالهيون ڪرين جان..." هن ٻارن جيان رسندي چيو هئس، "اِن ۾ ته گهڻو گهڻو وقت پيو آهي... اڃان ته ماڻٽن جو محتاج آهيان، نڪوئي هو في الحال اهڙي ڪا اجازت ڏيندا..."

"ته پوءِ انتظار کان سواءِ ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهجي..."

"انتظار ئي ته نٿو ٿئي مونکان..."

"پوءِ ڇا ٿي ڪري سگهان مان ڀلا..."

"تون سڀ ڪجهه ٿي ڪري سگهين... منهنجي بي لباس روح کي پنهنجي روح جي چانورَ سان ڍڪي ڇڏ..." هن پنهنجي لفظن کي برڪا جو ويس ڏيئي کيس ڇُهڻ ٿي چاهيو.

"مونکي ڊپ ٿو لڳي... ڪجهه ٿي نه پئي..."

"ڪجهه نه ٿيندءِ جان... دنيا ايڏي ترقي ڪري وئي آهي ۽ تون وئي اجايا خوف پالين... هي ڏس، مون وٽ هر مسئلي جو حل موجود آهي..."
هن جينز جي پوئين کيسي مان 'Durex' ڪڍي کيس ڏيکاريندي چيو...
"ڪنڊوم زنده باد!"

۽ پوءِ... سڀ ڪجهه ٿي ويو... سڀ ڪجهه ... سمورا ليڪا لتاڙجي ويا...

سوچن جون لهرون هڪ هڪ ٿي ذهن ۾ اُبريس پئي پر ڪابه اهڙي سوچ نه هئي جيڪا کيس ڪنهن ڏگ لاهي سگهي ها... هن کي انتظار هو ته وري به فهد جي فون جو، جيڪو سوچن جي ڪَن ۾ کيس اڪيلو ڇڏي الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويو ۽ ڪنهن به ذريعي يا هيلي ٻهاني سان هن جي ڪا خبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي نه ورتي هٽائين... هڪ بدگمانيءَ جي لهر وري هن جو مَن ٻوڙي ڇڏيو، آنڌ مانڌ، بي قراريءَ انتظار، هن جي جيءَ سان جڙجي ويا.

●

وقار، جنهن سڄي رات اکين ۾ ڏيئي گذاري، چانهن جا ٻه ڍُڪ ڀري نيراني ٿي نندي ياءَ اعجاز ڏي پنڌ پيو ۽ جيسين ياڇايس نجمه، جيڪا مڙس کي ڪنهن مائٽ سان نويڪلو ڪچهري ڪرڻ نه سهندي هئي، سا نيرن پاڻيءَ مان واندي ٿي اچي متانئن ڪڙڪي، تيسين هن پنهنجو مقصد بيان ڪري ورتو. ان اوچتي ڳالهه لاشڪ ته اعجاز کي ششدر ڪري ڇڏيو، پوءِ ٻه مرڪندي چيائين:

"ادا صنم پنهنجي نياڻي آهي، مونکي خوشي ٿيندي، پر ايڏي تڪڙ ڇو...؟ هوءَ ته اڃان ٻار آهي..."

"نياڻيءَ جو ٻار جيترو جلد لهي اوترو چڱو، اسين هاڻ جهونا ٿي ويا آهيون پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي اهو فرض اُڪلايون ته چڱو ٿيندو..."

"توهان جي ڳالهه صحيح آهي ادا پر اهو ته اوهين به ڄاڻو ٿا شاهد اڃان انجنيئري جي پهرين سال ۾ مس پهتو آهي. پنهنجي پيرن تي بيهڻ لاءِ ته ڪيس گهٽ ۾ گهٽ چار پنج سال اڃان ٻيا گهرجن..."

وقار جو منهن لهي ويو، هو ڪجهه چئي ٿي چئي تنهن کان اڳ اعجاز دلداري ڏيندي چيس:

"توهان کي جي منهنجي زبان تي اعتبار نه اچي ته حالي ڪٽي مڱڻو ٿا ڪري ڇڏيون..."

"مڱڻا وري ڇا جا، اها ته ٿي اڃائي ڏيکه."

"پر ادا هِت ته پنهنجائپيءَ جو معاملو آهي، توهانجي ڏيءَ، منهنجي ڏي..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"پنهنجي تہ ڳالهہ ئي ڇڏي ڏي... پنهنجو تہ سر لڳي."

هن ياءُ جي قربن کي محسوس ڪندي چيو. "پر اڄڪلهہ جا ڇوڪرا مس ٿورا اڏامڪ ٿا ٿين تہ مائٽن کي ڪَٽ ۾ ڪٽي ٿا آڻين. ڇڻن پنجن مهينن کي تہ منهن ڏيڻي سگهجي ٿو، پر ڇڻن پنجن سالن تائين مڱڻ، سوليءَ تي ٽنگجڻ جهڙو ٿيو پئي... ڇوڪرا مڱيل هوندي بہ الائجي ڪهڙين قومن ۾ وڃيو اڙجن، مائٽن کان تہ ڇڇيو وڃن پر پنهنجو بہ سڄي ڄمار متي تي هٿ هوندن... ڪچيءَ ڪان ئي جي ذميدارين جا ونگ پيل هوندن تہ گپ ۾ ڪِرڻ کان بچي پوندا."

"ڇا؟" وقار جي ڪُمهلو اچڻ جو ٻڌي، نجمہ ڪم ڪاريون ڦِٽا ڪري ڪمري ۾ ڏوڪيندي پڇيو، "ڪنهن کي پيو گپ ۾ ڪِرڻ کان بچائجي، مان بہ تہ ٻڌان."

هوءَ ڏير کي بہ آگريون ڪيڪر جون ڏيڻي، پلٽي ماري مڙس جو پاسو وٺي ويهي رهي. ٻن ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ "ڇا؟" ڪري ايئن ٽپي پوڻ واري هن جي پراڻي عادت اعجاز کي سدائين کان جڪ تي ڪارايا، پر هو اهو سور سهندو پئي آيو، هينئر بہ مٺل ٺهڪ ڏيڻي ڪٽي ماٺ ڪيائين. وقار رڳو مرڪيو ۽ ڪيسي مان پائيپ ڪڍي تماڪ ڀرڻ لڳو.

"نهيو! مونکي ڏسي مرڪو ماٺ ٿي ويا. اهڙي ڪا ڳجهي ڳالهہ هئي تہ ڪٽي ڇٺو، تہ هلي وڃان." هن اٿندي چيو.

"ويهہ ويهہ، "اعجاز ڀانهن مان جهلي ويهاريندي چيس.

"توکان ڇا لڪائبو، ڀائو جي مرضي آهي تہ شاهد جي پيرن ۾ هينئر کان ئي شاديءَ جي ذميدارين جا زنجير پارائجن."

"ڇو؟ اهڙو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو اٿس! اسان کي پنهنجي ٻچي جا دشمن آهيون ڇا جو سنجهيئي عمر قيد جي سزا ڏيونس." هن اڇل مان چيو. "آخر اهڙو خيال ڀائو کي آيو ڪيئن؟"

"مان ڀانيان ٿو ڀائو صحيح ٿو چئي." هن زال سان نظرون ملائڻ بنا ئي وقار جو پاسو ڪندي چيو.

"يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ ڇوڪرن جي ڪرڻ جو ڪو وقت ئي نہ ٿيندو آهي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مونکي پنهنجي اولاد جي تربيت تي ناز آهي...“ هن لفظ ڇباڙي وقار ۾ اکيون کپائي ذو معنلي ۾ چيو، ”الله اسان جي ٻچڙي کي ڪرڻ کان بچائيندو.“ نجمہ جي لهجي مان طنز گاڏڙ غرور پئي ڇلڪيو.

”ياڄائي تون سچ تي چئين، پر هرويرو ايئن بہ نہ آهي تہ سٺي تربيت جو نتيجو بہ سٺو ئي نڪري، هو ٻڌو نہ ٿئي تہ ’ڏِلن پيٽان پلا، پلن پيٽان ڏلا‘...“

”خير،“ نجمہ واچ ڇپي ڪري، فلڪ مان پرون چاڙهيندي چيو. ”اِهو تہ ڪو دليل نہ ٿيو، ڪنهن ’واندي واٽئي‘ ڪافيو ملائڻ لاءِ ڪٽي ڏونگل ڇڏيو تہ هرويرو اُن تي ئي ڳنڍ ڇو ٻڌجي... هونءَ اِها ڏاڻ آهي ڪير جنهن کي آٽي منهنجي ٻچڙي جي آزادي کسڻ جا سٽل پيا سٽجن.“

نياڻيءَ جو پيءُ هئڻ جي حيثيت ۾ اهي لفظ ٻڌي وقار تہ ڏک ۽ حيا مان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو، پر اعجاز نهايت ئي حليم لهجي ۾ زال کي تنبيهہ ڪندي چيو:

”ڀاڳن ڀري، ڌيان ڪر جا پئي چئين، ڪنهن پرائي جي ڳالهہ تورونئي تا ڪيون، پنهنجي صنم جي ڳالهہ پئي ڪٽي سين...“

”صنم لاءِ!“ نجمہ سٽر تي هٿ هٽي ذري گهٽ هانءَ ڦاٽي دانهن ڪٽي.

”توبهن الا توبهن! ڪو خدا جو خوف ڪيو تہ چڱو اٿوَ. شريعت ۾ تہ اهو سڱ جوڙڻ جائز ئي ناهي...“

”سڳي سئوٽ سان سڱ ڪرڻ ۾ ڪهڙو گناهہ آهي؟“ اعجاز ڪجهہ تيزيءَ مان چيو.

”گناهہ ناهي تہ ٻيو ڇا آهي، ايترو جلدي ويساري ڇڏيوَ تہ هوءَ خالد جي ٿڃ شريڪ ڀيڻ آهي!“

”پر ياڄائي ڳالهہ تہ شاهد ۽ صنم جي پئي ڪٽي سين، اهي تہ پاڻ ۾ ٿڃ شريڪ ناهن.“

”الائي ڇا ٿيو آهي اوهان ياڻن کي، آءٌ تہ سمجهي نٿي سگهان! خالد ۽ شاهد وري ڪي الڳ آهن ڇا... خالد جي ٿڃ شريڪ ڀيڻ معنلي تہ شاهد جي بہ ڀيڻ! ٿڃ تہ ٻنهي جي ساڳي ٿي نہ؟“ هَن مَدي لاٽڻ واري انداز ۾ وراڻيو.

”مونکي تہ ٻڌائي ڪهڙي مُلي اِها فتوئي ڏني آهي تہ وڃي ڏاڙهي پٽيانس!“


Scanned with CamScanner

"مونکي ڪھڙي پئي آھي جو مُلان پچائيندي وتان. شرع شريعت جون ڳالھيون تہ ھرڪو ڄاڻي ٿو. الله پنھنجو شعور بہ تہ ڏنو اٿم. آءٌ ڇو اھڙا ابتا ڪم ڪريان جو ماڻھين گناھ ڳچيءَ ۾ پئيم!" ھن اونڌا تارا ڪري پنھي مڙسالن جو ھانءُ روڙي ڇڏيو.

نجمہ جي ڇڏيل ان نئين شوشي تي وقار علي ٿڌو ساھہ کڻي ويچارگيءَ مان پاڻ ڏي نھاريو ۽ اکين ئي اکين ۾ ڄڻ پنھنجي بي وسيءَ جو ماتم ملھائي ورتو.

"چڱو مائي سياڻي، ھاڻ ڇڏ انھن ڳالھين کي. ٻائو کي ڪا چانھن چُڪي بہ پيارينديئن يا نہ؟"

"آئي ھا سچي، چانھن جو پاڻي تہ آءٌ، چاڙھي آئي ھئس... اجھو ٿي آئيان..."

"چانھن نہ ٿي، ڳئون جا پاوا ٿيا..." ڪيس رڌڻي ڏي پچندو ڏسي اعجاز پنھنجي پر ۾ ماحول جي ڳنڀيرتا کي گھٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. وقار جي ھاريل منھن تي پل ڪن لاءِ ھڪ درديلي مُرڪ ھن جي چپن کي ڇُھيو، جنھن کي محسوس ڪندي اعجاز سندس ھٿ گرمجوشيءَ مان پنھنجي ھٿن ۾ جھليا ۽ کيس سڪتي آٿت ڏيندي چيو؛

"ادا توھان پريشان نہ ٿيو، الله تي رکو ڪونہ ڪو ٻِلو ٿي پوندو."

●

وقار جو سڳو ماسات عرفان، جيڪو پئسي ڪمائڻ جي چڪر ۾ ورھين کان عرب امارتون وسايو ويٺو ھو سو خدا جي قدرت سان اوچتو اچي وطن نڪتو. ارادا تہ اجان بہ اُتي جا رڻ وسائي ويھڻ جا ھئس، پر عمر جو ٻائيتاليھون سال شروع ٿيندو ڏسي ھن جي مرٽينگ پيءَ، ڪراڙي ماءُ ۽ پرٽيل پيٽڻ وني ٻائيتال ٻاريو ۽ ھر خط ۾ کيس وطن ورڻ جي تاڪيد سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاديءَ جي وهي چڙهي اچڻ جو شدت سان احساس ڏياري، هن جون ايڏيون ته وايون بتال ڪيون جو مينهن واءُ تي اچي نڪاءُ ڪيائين.

ناهوڪي سڱ جي ڳولا ۾ چئني پاسي وٽ وٺان پڇجي وئي، پر پڪو وچي صنم جي نانءُ نڪتو. جو ڪيس ڏسندي ئي عرفان جي واڇ گودو تي وئي هئي. هُن جي ته وهر گمان ۾ به اها ڳالهه نه هئي ته جنهن کي تنجڻ ۾ ڏسيو ويٺو هو، سا ائين اپسرا جو روپ ڌاري سندس خزان جهڙي زندگيءَ ۾ بهار بنجي ايندي! وقار. جنهن اڳ ئي ڏيءَ جي سڱ ڪاڻ جهڻ پئي هنيا. تنهن اڪيون ڀوني عرفان لاءِ ڪٽي 'ها' ڪئي. آخر کهڙي ڪمي هئي منجهس... محنتي، هوشيار ۽ وڏي ڳالهه ته پنهنجي پيرن تي بيٺل... هرويرو اجان جوانيءَ جي زمري کان ايڏو ٻاهر به ڪونه ويو هو، جتي صنم جهڙي ڪالهه ڪلهوٽي ٻار پنهنجو مضبوط هائي ڪائي ڪري نوجوان دوشيزه تي لڳي، آتي عرفان وري پنهنجي سنهڙي سيپڪ وجود ڪري چمار کان چڱو نئيو تي لڳو. تنهنڪري سندن جوڙي به واهه جا ٺهي آئي. عرفان جي سيرت به چڱي، ته صورت به قابل قبول هئس. تعليمي قابليت ته هن وٽ ڪا خاص نه هئي، پر شروع جا ڪيترائي سال شهر جي مشهور مستري ڪلوءَ جي گيراج ۾ گاڏين جا انجڻ پرزا کولي ڪڙڪائي هن چڱو تجربو حاصل ڪري ورتو ۽ ان ئي آڌار تي پاڻ کي مڪينيڪل انجنيئر سڏائڻ جو جڻ حقدار ٿي پيو. بس ٻنهي جي گهر وارن کي جي ڪجهه ڪنڪيو ٿي ته رڳو سندن عمرن جو فرق، جيڪو اٺ نه ڏهه، پورا ستاويهه سال هو! هُن جي پيٽ ۾ صنم تمام ننڍي، شوخ ۽ اڙٻنگ نينگر هئي، جڏهن ته عرفان جي ماءُ پنهنجي ڪاٺائو پٽ لاءِ ڪنهن سنجيده، سلجهيل ۽ سيتي ڪنوار جا خواب تي ڏٺا... هونءَ به صنم لاءِ هن وٽ ڪا سني راءِ نه هئي، پر پٽ جي هوڏ اڳيان ٻنهه ٻي وس ٿي وئي، جنهن صنم خلاف تيندڙ هر ڳالهه کي ايئن چئي رد ٿي ڪيو ته، "ان وهيءَ ۾ ته ڇوڪريون ٿينديون ئي نادان آهن... اڳتي هلي پاڻهي نيڪ ٿي ويندي، اجان سندس چمار ئي ڪيتري آهي."

اهڙا دليل ٻڌڻ کان پوءِ ماڻس وٽ ماٺ رهڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نه هو... ڪيس ان ٻي جوڙ سڱ جي ڳنڍيءَ ۾ ڳرندو ڏسي مڻ ماڻتياڻين ڪن پيرڻ سان گڏوگڏ آتت به تي ڏني؛


Scanned with CamScanner

"مٺي پيٺ ڇو ٿي دلگير ٿين. نندي آهي تہ ڇا ٿيو. ٻارن جي راڙو راڙ ۾ آڏين جا اوجاڳا ڪِڇيءَ ۾ پيس تہ هڪ ٿي ڇر ڪان پوءِ پاڻ جيڏي نہ لڳيس تہ هيءَ منهنجي سيند اٿئي!"

ڪا چوندي، "جڏهن مُنا ڳي ۾ هٿ پوندس، رلڪا پوتڙا ڌوئيندي، تہ گڏ سموريون اڙٻنگايون ۽ مَن مستيون بہ ڌوپجي ويندس!"

ڪنهن وري اِهو ڇٽي هانءَ تي چنبو هنيس، "مردن ڪي تہ زالون گهٽو نديون ٿي سونهن، پاڻ جيڏيون پرٽبا تہ ٻار ڇٽي، ماءُ جيڏيون ٿيو پون... توَن تہ پاڻ ڀاڳن واري آهين جو نندي نيٽي ٿنهن ٿي ملنئي، نہ تہ ٻي ڪا هوند سالن جا سال پڙهي لکي ڪوڳي ڪودڙي ٿي پوءِ ڪرمن ۾ لڳٽي ها، هيءَ تہ پاڻ ڇٽي ڇنبي ۾ هوندءِ... پيڙهي ۾ پَٽ بہ تہ ان مان ئي پڌري ٿيندءِ، پڪي پختيءَ ڪنوار لاءِ ٻار ڄڻڻ نہ ڄڻڻ بہ تہ رسڪ جو ڪم آهي."

"پَليل آهين پيٺ،" ويٺلن مان نڙي صاف ڪندي، هڪ ٻي متياڻي ان گنڀير مسئلي جي ڊسڪشن ۾ ٽپندي ادا مان ڇيو. "نندي ڪنوار تہ سدا پيو پرٽجي، پر جيستائين ٻار ڄڻڻ جو تعلق آهي، تہ هاڻ اِهو ڪو مسئلو ناهي، سائنس ايڏي تہ ترقي ڪري ورتي آهي جو تو مون جيڏيون پنجاهہ، سٺ جون زالون بہ پيون ٻار ڄڻين."

"مائي اسان ڪي تہ پنهنجو حياءُ آهي، الله بچائيندو ان پيريءَ جي خواريءَ کان..."

ٻنهي گهراڻن دليلن دلاسن سان پاڻ کي وندرائي ڪي قدر مطمئن ڪري ورتو ۽ زور شور سان گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون.

•

گهر ۾ پنهنجي شادي بابت هلندڙ ڳالهيون ٻڌي صنم وڏي ٽينشن ۾ اچي وئي، ڪو اڻ لکو درد هو جنهن هر پل سندس وجود کي ٿي ڏنگيو...

Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ تي طاري ٿيل ہن مختلف ڪيفيتن ۾ هوءَ منجهيل سُتَ جيان وچڙجي پئي هئي... سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيس تہ عرفان سان هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات ٿيڻ تي ڪيس خوش ٿيڻ گهرجي يا وقتي فلرٽيشن کان رومانس تائين پير، پير منجهہ ڏيئي پڇڻ واري ڪهاڻيءَ جي انت تي ماتم ڪري يا مري وڃي... اهڙي سچوئيشن مان گذرڻ کان پوءِ بہ هڪ ٻاراڻي احساس ڪيس ڪي قدر آٿت تي ڏني تہ هاڻ هو مالڪياڻي ٿيندي... وس واري هوندي... هر روڪ ٽوڪ کان آجي... اڃي ڪاري جي مختيار...

فهد سان توڙ نڀائڻ جا واعدا، قسم، هڪ هڪ تي ياد اچڻ سان گڏ ڪيس لڄائيندا رهيا، پر آخر ڪيستائين...ڪچيءَ عمر جون اهي ڳالهيون ڪيترين ئي پڪيون ڇو نہ سمجهن، پر بہ ڪٿي نہ ڪٿي ڪچائي رهجي ويندي آهي. صنم لاءِ فهد جو ساٿ هڪ غير ارادي تجربو هو يا شايد انوسينٽلي فلرٽيشن هئي ۽ فهد جو پيار بہ تہ ڪاليجي فلرٽيشن جي پيداوار هو... جنهن ۾ بهتر کان بهترين جي ڳولها ۾ جذبا هڪ هنڌ نہ ٽڪندا آهن ۽ هو ٻئي اڃان ان ڳالهہ کان بي خبر هئا.

پابندين جا سمورا زنجير پرزا پرزا ٿي صنم جي پيرن ۾ وکرجي ويا. هڪ وار وري ٻنگ پانگ جي بال جيان هن پاڻ کي فرش تان عرش ڏي اڏندي محسوس ڪيو. شايد ان لاءِ بہ تہ جيئن پوءِ تيئن ماڻٽن جا بي انتها قرب، جن ۾ گهاري ٻنجي چڪي هئي. ان ماڻٽي طئي ٿيڻ ڪري اڳ کان بہ اڳرا ٿي ڪيس موٽي مليا. هوءَ جا پنهنجي رنگ بدلجندڙ بي چين فطرت ۽ مزاج مطابق روٽين لائيف کان بيزار ۽ پابندين جي بار هيٺ دٻيل هئي، تنهن لاءِ آزاديءَ جو احساس ۽ سندس شاديءَ لاءِ ٿيندڙ هَل هنگاما جياپو ٻڻجي پيا. هن زيورن، ڪپڙن ۽ ٻين ننڍين وڏين خريدارين جي رونشي ۾ پاڻ کي ايڏو تہ مست مگن ڪري ڇڏيو، جو لڳو ٿي فهد لاءِ سمورا جذبا ۽ احساس ڄڻ تہ ڪنهن سردخاني ۾ بطور امانت فريز ڪرائي ڇڏيا هُجنس...

ڪيترن ڏينهن کان صنم سان ڪو رابطو نہ ٿي سگهڻ ڪري فهد کي اڻ تڻ اچي ورايو، پر سندس گهر جي چوڌاري لڳاتار بائيڪ جا چڪر ڪاٽڻ سان اِها ڳجهارت پڇي ورتائين تہ ڪيس شينهن ڪلهي چاڙهڻ جون سنبتون پيون ٿين. مايوسين ۽ اداسين فهد کي گهيري ڇڏيو. ڪيس صنم تي


Scanned with CamScanner

پيل فون واري پابنديءَ جي ڇڱي طرح ڄاڻ هئي، پوءِ به گهر اچي هن ڏي لاڳيتا فون گهمائڻ ڪان رهي نه سگهيو. هر ڀيري اوپري آواز سان جنهن به فون رسيو تي ڪيو ته رڳو گهر ۾ لٿل مهمانن جي گوڙ گهمسان سان گڏ، ڇوڪرين جا کِلڪا ڪِڇڪا ۽ ڳائڻ وڄائڻ جا آواز تي ڪنن ۾ پيس، پر اهو آواز ٻڌي نه سگهيو، جنهن کي ٻڌڻ لاءِ هو بي چين هو. هر ڀيري مايوس ٿي هن رسيور رکي تي ڇڏيو، پر ٻئي پل وري نمبر گهمائڻ کان رهي به نٿي سگهيو. شايد ته قسمت ساٿ ڏنس جو هن ڀيري ڪنهن ڀارڙيءَ فون کنيو.

"مونکي صنم سان ڳالهائڻو آهي..." هن ڇوڪريءَ جهڙي آواز ۾ ڳالهايو.

"هن کي ته ڪمري مان ٻاهر نڪرڻو ئي ڪونهي... هوءَ ڪنوار پئي ٿئي نه..."

"پليز بي بي رڳو هڪ منٽ لاءِ ڪيس سڏ ڪر. ڏاڍو ضروري ڪم آهي، چئينس ته ادي فهميده جو فون آهي..."

"چڱو ڀلا ترسو، مان ڪيس ٻڌائي ٿي اچان..."

ڇوڪري، جيڪا صنم جي ڀاڄائيءَ جي ننڍي ڀيڻ هئي، تنهن ڪمري ۾ ايندي چيو:

"ادي صنم، توهان جي ساهيڙي فهميده جو فون آيو آهي، چئي پئي ته ضروري ڪم اٿم، هڪ منٽ لاءِ سڏ ڪرينس."

خلاف توقع ان مهل هوءَ ڪمري ۾ اڪيلي هئي، سندس چهري تي حيرانيءَ جا آثار اڀريا، ڪيس لڳو ته ڪٿي اِها فهميده، فهد ئي نه هجي.

هوءَ تڙ تڪڙ ۾ فون اٽينڊ ڪرڻ لاءِ ڪمري مان ٻاهر نڪتي ته متان ڪي ساهيڙيون وغيره نه اچي وڃن ۽ هو انهن ۾ ويڙهجي نه وڃي. هونءَ به ٻاهران آيل ڀائرن، ڀاڄاين ۽ ڀين مِٽن مائٽن جي ڪري ايڏو هَل متل هو جو ڪنهن کي ڪنهن جي ڪل ئي ڪونه هئي. هن هيڏي هوڏي نهاري، رسيور کنئي، هيسيل لهجي ۾ "هلو" ڪئي...

"مان فهد ٿو ڳالهايان... سڃاتئي...؟"

"ها سڃاتم..." هن جڻ خوابن جي ديس مان وراڻيو.

"صنم هي سڀ ڇا پيو ٿئي..." هن بي تابيءَ مان پڇيو.


Scanned with CamScanner

"مونکي تہ ڪالهہ ئي تنهنجي پاڙي وارن کان خبر پئي... توکان سواءِ ڪيئن جيءَ سگهندس صنم، مان تہ سوچي سوچي مران پيو..."

"مان بہ تہ مٿس پئي، ڪٿي هنئين تون ايڏا سارا ڏينهن. ان ڏيڍ مهيني ۾ منهنجي ڪا خبر ورتئي... تنهنجي ڪري ئي تہ مان پل پل سوليءَ تي چڙهيل هئس. گهٽ ۾ گهٽ ڪا لِنڪ تہ رکين ها، تون تہ ايئن گم ٿي وئين جڻ پيار نہ پر وقت گذاري ٿي ڪيئي..."

"توکي چيو جو هئم تہ دوستن سان گڏ ڪاغان وڃڻ جو پروگرام آهي... ها اِهو ڏوهہ ضرور اٿم جو ٻڌائي نہ وڃي سگهيس... مونکي ڪهڙي خبر تہ اوچتي قيامت اچي ويندي."

"قيامتون اوچتو ئي تہ ايندڙون آهن... مونکي بہ تہ ڪجهہ خبر نہ هئي، سڀ ڪجهہ الاءِ ڪيئن اوچتو ئي اوچتو ٿي ويو." هُن وچايل لهجي ۾ چيو:

"تون جا منهنجي جذبات جي دنيا جو آدرش آهين، ڇا مون بنا جي سگهندينءَ؟ رهي سگهندينءَ مون بنا؟"

"تنهنجون يادون مون سان سدائين گڏ هونديون، منهنجي تصور جي دنيا انهن سان آباد رهندي... هاڻ تہ مان ٻئي جي امانت آهيان، تون سٺن دوستن جيان مونکي رخصت ڪر... اڄ راتِ وناهہ ۾ ويهاريندا، ٻن ڏينهن بعد ميندي ٿيندي ۽ پوءِ..." هوءَ ماٺ ٿي وئي.

"ها ۽ پوءِ تون پرائي ٿي ويندينءَ... منهنجا سڀ خواب منهنجي اکين ۾ پيچي پوري ويندينءَ... ۽ اهي اکيون وري ڪڏهن بہ اهڙا خواب ڏسڻ جي قابل نہ رهنديون، وري ان دل ۾ ٻئي ڪنهن جو بہ تصور تنهنجي جاءِ نہ وٺي سگهندو..."

"ائين نہ چئو فهد، ايئن نہ چئو." هن اُمالڪ سڏڪو ڀريو... ڪي پل ٻنهي پاسي ماٺ ڇانئجي وئي... نيٺ پنهنجو پاڻ سنڀاليندي هوءَ جذبات جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ کان اڳ اُبري آئي:

"فهد، ڇا پنهنجي لاءِ اهو احساس ئي ڪافي ناهي تہ هڪ ئي شهر ۾ رهنداسين... ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪٿي نہ ڪٿي هڪ ٻئي کي پيا ڏسنداسين..."

"ڪيڏو نہ آسانيءَ سان اهو سڀ چئي وئي آهين... تون ايڏي سنگدل ٿي ويندينءَ، مونکي تہ ويساهہ ئي نٿو اچي..."


Scanned with CamScanner

”تون پل مونکي ڏوهاري ڄاڻو، سنگدل سمجهه، اهو تنهنجو حق آهي... پر سچ اهو آهي تہ زندگي ڪڏهن ڪڏهن ڪڏهن گذارڻ اجان تہ پنهنجي لاءِ ممڪن ٿي نہ هو ۽ ان جو اعتراف تو پڻ ڪيو هو...“

”جو ممڪن نہ هو، تو ساٿ ٿي نہ ڏنو... تو انتظار ٿي نہ ڪيو... اها بي وفائي آهي-“

”تون منهنجي نيت تي شڪ ٿو ڪرين. پنهنجو پاڻ تنهنجي سپرد ڪير، اڃان ٿو ايئن چئين...“

”مان ايئن تہ نہ...“

هن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي هن ڳهرايل لهجي ۾ چيو، ”چڱو فهد، بابا پيو اچي...“ هن جي اُمالڪ رسيور رکي ڇڏڻ جو آواز فهد کي پنهنجي پيرن هيٺان ڦاهيءَ جي تختي نڪرڻ جيان لڳو.

صنم تڪيون ہرانگهون پريندي پنهنجي ڪمري ڏي هلي آئي. جڳ مان گلاس ۾ پاڻي اوتيندي ڍُڪ پرڻ مهل ڪيس لڳو تہ هن جي نڙيءَ ۾ وڍ پوندا هجن. هو ڪنهن هڪ نقطي تي جمي سوچي ئي نٿي سگهي. ڏک، خوشي، ويڇوڙو، پڇتاءُ، آسون، اميدون... سموريون ڪيفيتون پاڻ ۾ گڏجي سڏجي هوليءَ جي رنگن جيان هڪ ئي وقت ۾ هن تي پکڙجي ويون... هر رنگ جو پنهنجو مزاج ۽ معنيٰ... هڪ ٻئي ۾ جڪڙيل رنگن تي ڪيئن الڳ الڳ سوچجي، هو ڇڻ بي نياز ٻڌجي وئي، پر رکي رکي ڪن خوابن ۽ خيالن سان هن جي ڇهري تي اهڙا پاڇا آيا ۽ ويا پئي، جيڪي ننڊ ۾ ستل ڪنهن ابهم ٻار جي چپن تي منڙي معصوم مرڪ تہ ڪڏهن درد جي لڇائيندڙ ڇاپ ڇڏي ويندا آهن... جنهن درد جي پرولي نہ اڄ سوڌو ڪو پيچي سگهيو آهي، نہ ئي ڪو ان جو انت لهي سگهندو...

وناهہ جي پيلي جوڙي ۾ غاليچي جي ڪنڊ وٽ پنهنجو چنڊ جهڙو چهرو هيٺ ڪري هن خبر ناهي گذريل پارس پلن کي ٿي ياد ڪيو يا اوسي پاسي ويٺل هڪ جيڏين جي انهن تبصرن تي ٿي غور ڪيو جيڪي سندس ۽ عرفان جي ’پيڙهي وِچوٽي‘ بابت سرہاڻن ۾ پئي ٿيا...

هن بي باڪ ۽ بي لغام ڇوڪريءَ مان اِها سا ڪنهن کي بہ اُميد نہ هئي تہ هو بنا ڪو ويل ہارڻ يا ڳهران پيچي نڪرڻ جي، پاڻ کي ماٽن جي فيصلي


Scanned with CamScanner

۽ مرضي مطابق شاديءَ جي ريتن رسمن حوالي ڪري ڇڏيندي.

وناهہ جو قيد ڪاٽڻ کان پوءِ، ميندي ءَ جي ساٽ سوٽن واري سرڪڻ ڦاهي اورتي ڪِسڪي آئي. سندس هٿن تي رکيل پپر جي پنءِ تي مائٽن پاران ميندي ءَ جي ٿڦ ٿڦان کان پوءِ، ستن سهاڳڻين جي چانگ پاڻ سان آندل ڪٽيءَ جي ٿالهہ مان ڳرانهن ڪٽي ڪٽي تي هن جي وات ۾ وڌا، جن کي هن وڏي مشڪل سان پنهنجي نڙيءَ مان تي لاٿو. اڄان تہ رڳو ٽن سهاڳڻين ياڳڙين اهو سوڻ ڪيو، هوءَ بي حجاب ڇوڪري فارملٽيءَ جي خيال کان يڪو ڪنڌ جهڪائي بيزار ٿي پئي هئي، تنهن ڪري مختلف ماين جي اڻ ڌوتل هٿن وارا ڳرانهن کائيندي ڪرهت جو احساس پئي ٿيو. پر عين ان وقت جڏهن چوٿين سهاڳڻ، جيڪا بدقسمتيءَ سان سندس سَس صاحبہ هئي، تنهن جيئن ئي وات ڏي هٿ وڌايس تہ هن گهونگهٽ جو فائدو وٺندي ڪيس آڳر تي ڀرپور چڪ هٽي ڪڍيو...

"اوو... مري ويس!" هن سنهڙي رڙ ڪندي هڪدم پنهنجو هٿ ڇڪي ورتو ۽ پيڙا مان آڱر جهلي هڪ پاسي ٿي بيٺي.

"آئي چا ٿيو، ائي چا ٿيو..." چوندين مڙئي سهاڳڻيون صنم کي ڇڏي متس مڙي آيون، جن کي ڏسي سندس سَسائي حس جاڳي پئي ۽ هوءَ مڙني جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ چپي چپياتي پنهنجي سُکل ڪاري آڱر مان نيٺ رت جي اڌ بوند ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

"ابول رت...!" شڪاربوري پناٽيءَ کان ذري گهٽ دانهن نڪري وئي.

"ائي ڳهوڙت! ڪنوار چڪ هنيو اٿس... مائي ڏسو تہ سهي هينئر کان ئي ٿي چڪ وجهي." هڪ سهاڳڻ ٻيءَ کي سرباٽ ۾ چيو.

"ايئن تہ ڪونہ ٿيندو آهي، اِها تہ بدسوٽي ڪئي اٿس..." ٻيءَ سهاڳڻ بہ سُر ڪڍيو.

"مارا ڪنوار تہ وڏي ڪا ڇَڪيرَ آ." اُترادڻ بہ رايو ڏيڻ بنا رهي نہ سگهي.

اِهو لقاءُ ڏسي باقي سهاڳڻين جي ڳرانهن ٽنبڻ واري مِيس ئي مري وئي ۽ رسم رولي صنم کي ڇڏي سَس جي ٽهل ٽڪور ۾ لڳي ويون، جيڪا پنهنجو موڊ آف ڪري سوڌ وجهي، هرويرو جو آڱر تي ڊيٽال جو ڦهو ٻڌرائي،


Scanned with CamScanner

خواريءَ جو سامان ٽي وڃي مهمانن جي وچ ۾ ويٺي. جنهن جي ٻه ٽي مٿس نظر پئي تنهن ڀرپور سوال اهوئي ٽي ڪيو:

"ادي اِهو ڇا ٿيو...؟"

جواب ۾ هر ڀيري هن رڳو طنز مان مرڪي ڀَر ۾ ويٺل پنهنجي ساٿياڻيءَ ڏي ٽي نهاريو. جنهن ان مُرڪ جو مطلب ڄاڻندي ڪنهن پرڏيهي وزير جي ترجمان جيان پُڇندڙ کي سربستو احوال ڪري ٽي ٻڌايو. جنهن ڪري نه رڳو گهوٽيتن ۾ پر ڳڻ ڪنواريتن جي ويجهن ۽ سڄاڻ وارن ۾ ٻه هن پنهنجي لاءِ همدرديءَ جو مقام پيدا ڪري ورتو. اِهو لقاءُ ڏسي نور بانو ڪُجهه ڪُوهه ۾ وڃي صنم جي ڪَن ۾ دهڙاٽ ڪيو، جڏهن ته پنهنجي ان ڀرپور شرارت تي هن دل ئي دل ۾ وڏا وڏا ٽهڪ ٽي ڏنا ته ڇڳو جو اهو ڇڪ ڪنهن ٻئي بدران سُٽس کي ئي لڳو.

مينديءَ جو ڪاڄ اُڪلندي ئي عمر قيد جي پرواني جاري ٿيڻ جون سنبتون شروع ٽي ويون. سموري راڄ کي صنم جي وڏور ۽ مربي ڀيڻ سوڊو، ڀاڄاين، پڦين، چاچين ۽ جيڏين سرتين پئي مُنهن ڏنو. رڳو هڪ نوربانو هئي جنهن پئي ويڳاڻن جيان ڪَنڌون ڪُولهيون، جيئن جيئن صنم جي الوداعي جي ويل ويجهي پئي آئي تيئن تيئن هن جو هانءُ ڳهرڪندو ٽي ويو... هوءَ ڪيس ڏاڍي پياري هئي، پر اِها خبر نه هُئس ته هوءَ ڪا ڪيس ايڏي ٻه پياري هوندي جو سندس جدائيءَ جو تصور ئي ڪيس جهوري وجهندو... هن کي لڳو ڄڻ گهوٽيتا سندس روح ڪيدي پاڻ سان ڪٺي ويندا هجن... عابده ٻه ڪا گهٽ ملول نه هئي. بيوٽيشن، صنم جي برائيڊل ميڪ اپ کي فائينل ٽچز ڏيئي آجي ٽي ته هوءَ ڪمري اندر هلي آئي. گلابي رنگ جي جرڪندڙ شيڊيڊ وڳي ۾ صنم ڪا اپسرا ٽي لڳي. هن سندس پير ۾ ويهندي ڪيس پينچي پاڪر پاتو ۽ رنگ برنگي منڊين سان جهِل مِل ڪندڙ نازڪ هٿ کي پنهنجي هٿن ۾ جهلي چوڻ لڳي:

"منهنجي جان، مونکان اجان تائين رُٺل آهين ڇا؟"

"رُٺل ته تون آهين..." هن هوريان وراڻيو.

"مان ڀلا پنهنجي نڌڙي منڙي ڀيڻ کان ڪيئن ناراض ٿيندس." هن ڪيس ڪُراٽڙي پائيندي وراڻيو. "وڏيون ڀينر ته ماءُ برابر ٿين، انهن جو ڇيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪو دل ۾ ڪبو آهي ڇا...؟ جيڪي ڪير سو تنهنجي پلي لاءِ ٿي تہ هو، اِهي ڪالهہ ڪلهوڻا ننڙا ڇورا ڪنهن ڳالهہ کي سيريس نہ وٺندا آهن، تون تہ آهين معصوم، توکي ڪهڙي خبر تہ اِهي پاڻ پڏائڻ لاءِ ڪوڙ بدوڙ هٽي ڪيئن نہ شريف نياڻين جي در در پيا خواري ڪرائيندا آهن، توکي تہ الله بچايو ان موئي مردود کان، جو اسان سان گڏ تنهنجي بہ عزت رهجي آئي."

ڏوهہ ۽ پڇتاوي جي هڪ تيز ٻرڻي صنم جي هانءُ ۾ اڇي لڳي، هن جو اندر ڏک کان ڦاٽو ٿي. سندس ڏک تہ برابر ڏڪجي ويو پر مائٽن جي بي خبر رهڻ واري ڪوڙي ڀرم تي قدرت جي اکين ۾ بہ جڻ ڳوڙها تري آيا.

عابده هڪ وار وري ڪيس ڀاڪر پاتو، "هاڻ سڀ ڳالهيون وساري ڇڏ... ڪو بہ بار دل تي نہ رک... خدا تنهنجي نئين حياتي توکي مبارڪ ڪري... شال سدائين سکي رهين..."

منڙا ٻول ٻڌي هن جي ڳلي ۾ وڏ پوڻ لڳا، هن پنهنجو ڪنڌ پيڻ جي ڪلهي تي لاڙي ڇڏيو ۽ الائي ڪهڙي جذبي تحت سُڏڪڻ لڳي.

"او هو... هو.. بي بي رونا مت، سارا محنت ضايع هو جائيگا..."

بيوٽيشن جنهن ڪيس ڪلاڪن جا ڪلاڪ ميڪ اپ جا ليپا پوچا ڪرڻ کان پوءِ وينٽي باڪس سيٽ پٽي ڪيو، تنهن جي مزاحمت تي عابده پنهنجي جذبن تي ڪنٽرول ڪري صنم جي پٺي ٿپيندي ڪيس ماٺ ڪرايو ۽ پنهنجي لڙڪن سان پڇيل عينڪ اکهندي ڪمري مان ٻاهر هلي وئي.

صنم کي اباڻي گهر مان دعائن جي ڇانوَ ۾ رخصت ٿيندي رات جو هڪ ٿي ويو، پائرن جا منهن لٿل هئا... وقار علي پنهنجا لڙڪ پيڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر انهن جي جهل مِل نور بانو کان لڪي نہ سگهي... ڪيس لڳو تہ هُن جي سيني ۾ بہ دل هئي... درديلي ٻولن واري الوداعي سُرن تہ رهندو ماحول کي اهڙو غم ناڪ بنائي ڇڏيو جو مٽ مائٽ تہ هڪ پاسي ڏاريا بہ اک آلي ڪرڻ بنا رهي نہ سگهيا. نور بانو تہ ماڳهين سڏڪن ۾ پئجي وئي، اِهو ڏسي عرفان اڳتي وڌي اچي ڪيس ڀاڪر پاتو، شايد تہ ماءُ جي جگر پٽي وڃڻ جي احساس کان هن جو بہ من ڀرجي آيو، ڪيس دلجاءِ ڏيندي چوڻ لڳو،

"صنم توهان جي ڌيءَ آهي، تہ مان بہ اوهان جو پنهنجو ٿي آهيان، صنم

ڪا پري ٿورٺي تي وڃي...“

هوءَ تنهائين روئڻ لڳي ته صنم جي سَس جو رعب دار ۽ جذبن کان عاري تنبيهه ڀريو آواز گونجيو:

”هاڻ بس ڪر پيئڻ، دعا ڪرينس تنهنجو پُٽ آهي...“

نور بانو لفظن جي تلخيءَ کي ايئن محسوس ڪيو ڄڻ چوندي هجيس، ”بس ڪر مائي، سياڻي گهڙي تي ڪهڙا ڪروڌ ڪٽي وينءِ، آهين ڀچن پويان...!“

هَن وڏي مشڪل سان پنهنجا سڏڪا ڳلي اندر ڳهيا ۽ اکيون اگهي ڪنڌ ونئي وڃي ويٺي.

صنم جڏهن ساهراڻي ست سان گهر جي چائونٺ اورانگهي ٻاهر آئي ته ڪنهن اڳتي وڌي گلن سان سينگاريل ڪار جو در کوليو... هوءَ زندگي جي نئين سفر جو آغاز ڪرڻ لاءِ گهوٽ ۽ سَس سميت پوئين سيٽ تي اچي ويٺي... ورهين جا تعلق ڄڻ پل ۾ ڇڇي پيا... هو پرائي تي وئي... هر ڇوڪريءَ جيان هن به پنهنجي نئين زندگي ماڻڻ جا ڪيترائي سندر سپنا اکين ۾ سجايا هوندا... تصورات جي دنيا ۾ پاڻ کي ڪيڏو نه متاهون مقام ڏنو هوندو، پر اڄ لڙڪ ڀريل اکين سان نئين زندگي ماڻڻ جون دعائون ڪيس ايئن لڳيون ڄڻ ڪوئي روئيندي جهان ڇڏي وڃڻ واري کي جنت نصيب ٿيڻ جون دعائون ڏيندو هجي... اها حقيقت به هئي ته هَن جي زندگي جو ڪٽي نه، پر زندگي جي هڪ دلنشين دور جو زوريءَ خاتمو ٿي چڪو هو... اباڻو گهر چاهي دوزخ جون سِڪون ٿي ڇو نه لاهيندو هجي پر سئو جنتون به ان جي برابري نٿيون ڪري سگهن...“

هن ويندي ويندي ڄڻ پنهنجي اباڻن کي ڪريڊٽ ڏنو ۽ پوءِ بي اختيار سڏڪي پئي...

چَڪ واري واقعي بعد سٹس جا ڪانئس اڳ ئي بدگمان ٿي پئي هئي، تنهن ڪان اهو به نه پڳو جو ڪٽي مٽي تي هٿ رکيس، شايد ته ڪراڙيءَ کي پڙ هو ته ڪٽي مٽي مان به ڪو ڪرنٽ نه هٽي ڪڍيس. سڄي ڪاڄ ۾ هن جو رويو ڪجهه ان ريت هو ڄڻ لاڏين ڪوڏين نه پر پيهون پوڻ جي زير اثر پٽ پرڻايو هجيس.


Scanned with CamScanner

ڪار اسٽارٽ ٿيندي ئي ڦيٿن جي ڦرڻ صنم کي هڪ نئون احساس ڏياريو ته هاڻ هن جي هستي به هڪ ڦيٿي مثل آهي، پراڻي چوائي ته ’زال ۽ مڙس گاڏيءَ جا به ڦيٿا ٿيندا آهن‘ الائي ڪيئن اچي هن جي من ۾ واسو ڪيو ۽ هن ان جي گهرائي ۾ وڃڻ بدران رڳو ’ڦيٿي‘ جهڙي اڻوڻندڙ لفظن تي غور پئي ڪيو ته هاڻ هو ڦيٿو هئي... محض ڦيٿو جنهن کي ٻئي ڦيٿي سان گڏجي زندگي جي ڇوڏاري مسلسل چڪر ڪاٽڻا آهن ۽ بس! ڦيٿي جو ڪلوز اپ هن جي ذهن ۾ چپچي ويو.

عرفان کي گڏيل فيملي جا سور سُجهيا ٿي جو اِهي مشاهدا هو نه رڳو ڄائي ڄم کان پنهنجي ڪٽنب ۾ ماٺي چڪو هو، پر پرڏيهه ۾ رهندي به ماڻهن جي خطن وسيلي جهيڙن جهٽن جي ڪرسپانڊنٽ رپورٽنگ پئي ٿيندي هئس، تڏهن ئي اهڙي ڪِل ڪِل ۽ کهپيءَ کان بچڻ لاءِ وطن ورندي ئي هن پنهنجي ۽ ڪنوار لاءِ هڪ الڳ فليٽ وٺي ڇڏيو هو، تنهنڪري صنم کي ساهراڻي گهر وڃي رهڻ جي ضرورت ئي پيش نه آئي، بلڪ جيتر هو نئين پراڻي ٿئي تيتر ڪجهه ڏينهن لاءِ سس کي ئي سور پي وٺن رهڻو پيو.

سيڪنڊ فلور تي ننڍڙي پر خوبصورت فليٽ جي هوادار، خوشبوءِ سان مهڪندڙ، فارن شو پيسز ۽ ٻئي جديد اليڪٽرانڪ سامان سان سينگاريل ڪمري ۾، هوءِ به ڪنهن شوپيس جيان سيج پلنگ تي ويٺي هئي. عرفان هوريان هوريان هُن جو ڪنڌ مٿي ڪري اکيون کولڻ تي اسرار ڪيو ۽ بي اختيار هن جي پيشانيءَ کي چُمي پيار مان مرڪندي پڇيو، ”منهنجي گلن جهڙي نازڪ ڪنوار تون ڪيڏو نه ٿڪجي پئي هوندينءَ، اِهي پاڻ کان به ڳرا ڳرا ڳهه ۽ ڪپڙا ته ويتر منجهائيندا هوندءِ...“ هُن جهرمر جهرمر ڪندڙ وزني رئي جو پلاند هٿ ۾ جهلي ڇڻ توريو، صنم پل لاءِ هڪ خاموش نگاهه ڏانهنس اُڇلي اکيون جهڪائي ڇڏيون، پر هِن جي رئي جو پلاند اڃان به عرفان جي هٿ ۾ هو...

”مون کي ته ان کي ڇهڻ سان ئي پگهر اچي ويو، تون ته بنهه نازڪ آهين، جهڙي گلن جي ٽاري، ڪٽي ڏيهجي ڪومائجي نه وڃين،“ هُن پنهنجي پر ۾ Witty ٿيندي ڳالهه جاري رکي، ”توبهن، مردن لاءِ ته شاديءَ جا ساٿ سوڻ وڏي جُٺِ آهن، انهن زائفائن کان ته وري خدا بچائي، لاڳيتو هفتي کن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪان ساٽ سوڻ جي ٻهاني نڪ ۾ نوڙي وجهي نچايو اٿن."

سندس ان جملي سان صنم جي چپن تي مرڪ تجلو ڏنو جنهن هُن جا وائسر ٿي ڦيرائي ڇڏيا. هن بي تابيءَ مان چيو:

"ڊريسنگ روم ۾ سمهڻ وارو لباس ٽنگيو پيو اٿئي، هي ڳرا ڪپڙا بدلائي اچ ته رهاڻيون ڪيون." هن جو اشارو ان هوش وڃائيندڙ see through گلابي نائٽيءَ ڏي هو، جيڪا هن وڏي چاهه مان پنهنجي ٿيڻ واري ڪنوار لاءِ آندي هئي.

صنم کي هُن مان اهڙي بي حسيءَ جي اُميد نه هئي، اڄان ته هُن ڪيس جيءَ ڀري ڏٺو به نه هو ۽ نه ئي وري اجنبيت جا ويڇا دور ڪرڻ واريون ڪي ڳالهيون ڪيون هيون. ايڏو ويجهو هوندي به ٻئي هڪ ٻئي لاءِ اوپرا اوپرا....

اهو ڪجهه سوچيندي هِن پنهنجا مينديءَ رتا پير آهستي آهستي پلنگ تان هيٺ ڪسڪايا ۽ ڊريسنگ روم ۾ اچي اندران در ڏيئي ڇڏيو. هينگر تان نائيٽ ڊريس لاهيندي، ڪا دير آئيني اڳيان شفق جي دلفريب رنگن جهڙي شاديءَ جي وڳي ۾ هو پاڻ کي ڪنهن سڪٽي ٻار ۽ وسڪٽي روح جيان چوٽي کان پيرن تائين تَڪڻ لڳي... 'ڪيڏي نه محنت سان ڪيڏا نه لوشن ۽ آنڊ مَلي ڪيس اڄوڪي رات لاءِ سينگاريو ويو... هن سوچيو... 'ڇا فقط ويڊيو ڪئميرا جي فيٽ ۾ دفن ڪرڻ لاءِ سندس ايڏي آڌ مڪ تي هئي... ۽ پوءِ ٽٽل دل سان ميڪ اپ ڪان پاڻ آجو ڪندي، سمورا زيور ۽ زرق برق لباس لاهي، نائٽي پائي در جي ڪُنڊي کولي ڇڏي.

●

شاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ ئي هُن منجهه اهو احساس شدت سان جاڳيو ته جيئن پيار ۽ عشق بنا ماڻهوءَ جا بنياد کوکلا آهن تيئن احساسن ۽ جذبن جي هم آهنگيءَ بنا عملي زندگيءَ جا ساٿ نڀائڻ نه رڳو اڻ پورا پر


Scanned with CamScanner

مشڪل ٿي آهن. هوءَ حالتن سان ٺاهه ڪرڻ وارن مان ته بنهه ڪا نه هئي پوءِ به عرفان جي مهربان رويي سبب اهڙي ڪوشش ڪرڻ ۾ هِن ڪا ڪسر نه ڇڏي ۽ هُن لاءِ پنهنجي دل ۾ چاهتن جا ڏيا ٻاري ڇڏيا...

عرفان ڪيس هر اُها آزادي ڏني جنهن جي هر عورت آرزو مند هوندي آهي. سندس ئي ساٿ سهڪار سان هن پاڻ کي دنيا جي رنگينين ۾ رنگي ڇڏيو. هن جي گذريل زندگي کان واقف خاندان جي زالن به هاڻ ته سندس عيب اوسراڻ بدران ڪيس رشڪ مان ئي ڏٺو ۽ ان تبديليءَ تي حيران هيون ته ڪيئن نه هوءَ تيز ترار پَر پُرزا ڪڍڻ واري ڇوڪري ڪيڏي نه بااخلاق ۽ سندس رويو ڪيڏو نه قربائتو ۽ همدرداڻو ٿي ويو آهي. اڪثر ڪنهن دعوت دڙي يا شادي مُرادي جهڙي ڪاڄن ۾ ويندي ته اڻ ڄاتل زالون به هن جي هيڪاندي سونهن ۽ اخلاق تي اچرج ۾ پئجي، ميزبانن کان پيون سندس باري ۾ پڇائون ڪنديون جيئن جهٽ هٽي ڪيس پنهنجي ننهن بنائي سگهن. ڪي ته تڪڙو قبضو ڪرڻ جي خيال کان سڌو رابطو قائم ڪندي ڳراٽڙي پائي ڏاڍي پيارن مان پڇندس "امان ڪنهن جي ڌيءَ آهين؟"

ته هوءَ سندن مقصد سمجهندي، شوخ مُرڪ مُرڪي چوندي، "ڌيءَ وقار علي جي ۽ زال عرفان خان جي آهيان."

تڏهن هو تڏو شوڪارو ڀري ڪَٽي ماٺ ڪنديون. ڪاڄن ۾ آيل تاڙو جوان به پنهنجي پر ۾ پروپوزل اُماڻڻ لاءِ مٿس جدا اک رکيو ويٺا هوندا، پر پرٽيل هئڻ جي خبر پوڻ سان سمورا ارمان اجهامي ٿي وين. ان ستائش ڀريل نظرن تهائين هن ۾ پنهنجي انفراديت جو اعتماد ۽ فخر پيدا ڪري ڇڏيو.

عرفان نندي نيٽي ۽ سهٽي ڪنوار منجهان خاشو مطمئن هو. تڏهن ئي ته هُن سندس هر انگل خوشي وچان ٿي ڪنيو. روزگار جي ڪمن مان واندو ٿي ٽويوٽا گاڏيءَ ۾ ويهاري، رونقن ڀريئي روشنين جي شهر جا نظارا پسائيندي شاپنگون ۽ ڇتا جام ڪرائيندو هئس. رات جي ماني بدران گهٽو ڪري ٻاهران ئي ڪو هلڪو ڦلڪو سنيڪ کائي ونندا هئا نه ته به ماٺائي يا ساهراٽي گهرن مان منهن ڏيڪاري ويلو ٽاري ونندا هئا... صنم به ٻن ڄڻن لاءِ کهڙا ويهي ڏينهن رات ڪَنا چاڙهي ها. گهر ۾ پويان هو به ڪير جنهن جو خفو ڪن يا جن کي سندن اوسيئڙو هجي. سڄي ساري نويڪلي فليٽ ۾ آءِ ۽

ڪائون جيان اِهي ٻئي تہ رهيل هئا. عرفان جيستائين ٻاهر هوندو هو تيسين تہ هوءَ سمورو وقت رڌي پڪي ۽ گهر جي ٺاهہ ٺوهہ ۾ پاڻ کي مگن رکندي هئي. فليٽ ۾ پيل فرنيچر ۽ ٻئي سامان جي ساڳي سجاوٽ کيس جلد بيزار ڪري ٿي رکيو. تنهنڪري هوءَ هر ڀيري اُنهن کي ڦيرائي گهيرائي رکڻ سان نواڻ پيدا ڪرڻ جي قائل هئي. ان تبديلي ۽ نواڻ هن جي من ۾ بہ چڻ هر ڀيري نئين اُمنگن سان نوان رنگ ڀري ٿي ڇڏيا. پر اڃان بہ هڪ اهڙو رنگ هو جنهن بنا سندس زندگيءَ جا مڙئي رنگ ڦِسا ۽ فِڪا ٿي لڳا... اِهو رنگ هو پورنتا جو. جڏهن ان جي اُميد نظر آئي بہ تہ جلد ئي مٽي ٿي وئي....

"ڇوڏنهن پندرهن سال عمر ٻار ڄڻڻ لاءِ تمام ننڍي آهي. ٻي ٻي... تڏهن ئي تہ اهڙا خطرناڪ ابارشن ٿيندا آهن." ليڊي ڊاڪٽر دوائن جو نسخو صنم ڏانهن وڌائيندي تشويش مان چيو.

ان کان اڳ جو هوءَ ڪا ورندي ڏي، ساڻس گڏجي آيل سسٽس يڪدم ورائيو:

"پر ڊاڪٽر اِهو نقصان تہ صوفو ريڙهڻ ڪري ٿيس."

"ها... اهو بهانو بہ ٿي سگهي ٿو، پر اصل سبب هن جي ننڍپڻ جي شادي آهي، هاڻ گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال ٻار ڄڻڻ کان کيس پرهيز ڪرڻو پوندو، ٻي صورت ۾ هن جي صحت تي خراب اثر پوڻ جو انديشو آهي."

ڊاڪٽرياڻي جو رايو ٻڌي صنم جي سس هن جي ذهن تان ننڍپڻ جي شادي جو ڀوت لاهڻ جي ڪوشش ڪندي سورهياڻي سان چيو، "مون کي تہ ٻارنهن ورهين جي ڄمار ۾ پٽ ڄائو... هي ننڍي آهي تہ ڇا ٿيو پر هاڻي تہ جواڻ جُماڻ زالن جهڙي اٿس."

"خاتون، سائنس دليلن سان نہ، بلڪہ ثبوتن سان ڄاڻ ڏيندي آهي تہ ان عمر جي ڇوڪريءَ جا اڃان Pelvis وارا هڏا بہ پوريءَ طرح سان ميچوئر نہ ٿيندا آهن...."

پر هُن ڊاڪٽرياڻي کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي، ٻيڙي ٻوٽ سان صنم کي اٿڻ جو اشارو ڪيو.

'هڪ ڪَهائي، ست ويرَ' ڇوائي صنم بہ ڄڻ ست ويرَ ڪيا... هن جي سس، پٽس جي ايلازن تي سڄو سارو سوا مهينو ئنهنَ ساڻ اچي گڏ رهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهن وچي ڪو صنم کي مُنهن پاڻي پيو. نتيجي ۾ ٻئي سال ئي شايان هن جي پورنتا لاءِ هن جي وجود مان ڦٽي نڪتو، جنهن بنا هوءَ اڌوري ۽ اڻ پوري هئي...

جيئن ڪو زميندار پنهنجي زمين جو ڀرپور فصل ڏسي مالڪي ۽ ملڪيت جي احساس سان گڏ فخر محسوس ڪري، عرفان جو حال به ان کان مختلف نه هو. صنم جا اڳ رکو سندس دل گهري وَني هئي، سا ٻار ڄڻڻ کان پوءِ ڪيس پَلي ٻَني تي لڳي. هن جو گهر خوشين سان ڀڪي پيو... ۽ لڳاتار ڀڪندو رهيو. شايان جو پيءُ بڻجڻ کان پوءِ صنم ڏينهون ڏينهن ڪيس وڌيڪ ويجهي ۽ پنهنجي محسوس ٿيڻ لڳي، پر وقت گذرڻ سان گڏ هو ان ويجهڙائي ۽ پنهنجائپ ۾ ڪو توازن نه رکي سگهيو... شايد ته هُن وٽ غير ارادي طور پنهنجائپ جي ٻي معنيٰ هئي نظراندازي، لاپرواهي... هوءَ ڪيس ڪنهن ڪم ڪار يا شئي شڪل آڻڻ لاءِ چوندي هُئي ته ڪيس ياد ئي نه رهندو هو. ٻار جي ڀرئين جنم ڏينهن تي ڏوراپو ڏيندي چيائين:

”اڳ ته توهان منهنجي اڻ سڌيءَ ريت چيل هر ڳالهه زبان مان نڪرڻ شرط پوري ڪندا هئا، هاڻ ته سڌئون سڌو چوڻ سان به ياد نٿي پئيوَ...“

”اِن ڪري جو تون هاڻ وڌيڪ ويجهي ۽ تهائين پنهنجي ٿي وئي آهين.“ هن صنم جي ڳل کي ٿپڪي ڏيئي کلندي وراڻيو. تڏهن اِها ويجهائپ ۽ پنهنجائپ ڪيس ڪوجهي لڳندي لاشعوري طور دُوري طرف ڌِڪڻ لڳي... ويچارگي هن جي ساري وجود تي لامارا هڻڻ لڳي...

لطيف جذبن ۽ احساسن کان عاري عرفان جهڙي رَف ٽف ۽ پريڪٽيڪل ماڻهو ان انساني فطرت ۽ نفسيات کي نٿي ڄاتو ته ڪي ماڻهو دوريءَ ۾ پنهنجا لڳندا آهن، پر جڏهن اِها سوچ ختم ٿي پنهنجائيءَ جو روپ وٺي ٿي ته هو دور ٿي ويندا آهن... هڪ اَچ ڪٿي موٽي ويندا آهن... تشنگيءَ جو ازلي احساس ڪٿي جنم جنم پٽڪندا آهن... تڏهن انهن جي اندر ۾ گهڻو ڪجهه پُري پچي پوندو آهي... پر اها نظراندازي رکو صنم سان لاڳو نه هئي، عرفان غيرارادي طور پنهنجو پاڻ سان به ان ’پنهنجائپ پري‘ لاپرواهيءَ وارو رويو اختيار ڪري ورتو هو... عرب امارتن ۾ چڙي چانڊ زندگي گهاريندي هن رات ڏينهن جي محنت سان ڇڙو پئسو ميڙيو ۽ سون سميٽيو... موٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گاڏين جي مرمت ڪرڻ واري محنت ڪش مستري ماڻهوءَ ڪي ناهم نوهم يا ڪاڏي پيتي جي ڪهڙي اون هجي ها... وقت سِر رڳو سڪو مليو نه مليو، جهڙو به مليو ته پور ڪاٽي پنهنجي ڪر سان ڪر تي رڪيائين، اِهي رڳا سڪا ٽڪر ٽي هئا جيڪي هيل تائين ڪيس سِلر ۽ سمارٽ رکندا پئي آيا. گهر جو سک ماڻيندي ٽي نندي نيتي سدا ملوڪ ڪنوار جي هٿن جا نهيل سٽيا ٽڪر سُڪل آنڊن ۾ پيس ته مَڇي پيو، ۽ مڇي مَڇي ڇِڄلڄڻ لڳو ته پنهي جي وچ ۾ ڪيترن ٽي سالن جو فرق به ڏينهون ڏينهن واضح تي سامهون ايندو ويو.

شادي جي ڪجهه عرصي تائين ته هَن برابر سيتو ڪپڙو لتو پاتو پر پيءُ بنجڻ ڪان پوءِ، ان مان به هوريان هوريان ويو تي هٿ ڪڍندو تان جو انجنيئر مان ٿري نسورو مستريءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳو. ڊيزل ۽ آئل جا ڏبا لڳل ساڳيو گهنجيل وڳو، چار چار ڏينهن پيو هلائيندو هو. ڪليل ڪف، ميرا ڪالر، مٿان وري جورابن بنا ڪليل ڪشن وارو ميرو بوٽ!

سندس ان حالت ۾ گهر ۾ ڪي مٽ مائٽ يا مهمان ايندا هئا ته صنم جي پوزيشن ڏاڍي آڪورڊ تي پوندي هئي، ڇو ته مڙس جي سارسنيال نه لهڻ وارو ڏوهه وري ڪيس ٽي ملي ها. جڏهن ته ان ڏس ۾ هِن جڻ پٽ سان مٿا تي هنيا. تنهن ڏينهن سندس گدلي حالت ڏسي چيو هئائينس:

"جڏهن ايڏا سارا ڪاريگر آٿو ته انهن ڪان ڪر ڇو نٿا وٺو. هيڏي وڏي ورڪ شاپ جا مالڪ آهيو پوءِ به پاڻ ويٺا مسترين سان ڪر ڪري پنهنجا حال وڃايو."

"پورهئي ۾ نيڊ وڏايون مون سِکيون ٽي ناهن. محنت ۾ مان آهي، جيتر مالڪ نوڪر سان گڏ ڪر نه ڪندو تيتر نوڪر به سچو نه رهندو..."

"منهنجي ته خواهش آهي توهان اڳي وانگر هر وقت ٽِپ ٽاپ تي رهو."

"ڇري تون اهڙيون پاراٽيون ڳالهيون تي ڪرين جڻ مڙس نه ڪو بُوائي فرينڊ هجانءِ..."

"بوائي فرينڊ ناهيو ته پيو ڇا آهيو..." هن ڪيس ٻَل ڏياريو ته من ان بهاني هو پنهنجو حُليو درست رکي ڪيس خلق ۾ ڪلڻ هاب نه بنائي.

"تون ته ڇوويهه ڪلاڪ رومانس جي ڇانوَ ۾ رهڻ ٿي چاهين، مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪان اِهي ٺاهه ٺوهه واريون زالاڻيون مشڪريون نٿيون پُڇن، پيا ٻه ڪهڻئي ڏنڌا آهن دنيا ۾ تون ڀائين ٿي ته سينگاريل ڳڏو ٿيو تنهنجي سامهون ويٺو هجان...“ هن منگنيفائين گلاس جهڙي، اورتي پرتي واري ٿلهي عينڪ دوربين جيان اکين تي فِٽ ڪندي وراڻيو.

”لينس جو نتا وڄهرايو،“ هِن بي اختيار چئي ڏنو. ”اِن ٻِجڙيءَ عينڪ ته منهنجو هانءُ ڦاڙي رکيو آهي.“ عرفان جي چهري تي تلخيءَ جا آثار اُڀريا، کو جواب ڏيڻ بنا ڪيسي مان رومال ڪڍي وڏي ’ڦون‘ ڪري نڪ اُگهندو ٻاهر هليو ويو.

●

نديڙو شايان جيسين تنجڻ ٻلي هو تيسين ته صنم گهر جي سمورن ڪمن ڪارين کي ڪم واري ماسيءَ جي مدد سان منهن ڏيندي پئي آئي پر جيئن ئي هو پير ڪڍڻ جهڙو ٿيو تڏهن کان سندس محشر ئي رلي ويو. ماسي ته گهر جو مٿيون ڪم ڪار لاهي پنڌ پوندي هئي، باقي رڌي پڪي ۽ ٻيا گهر جا سنها سُڪا ڪم ايستائين سيڙيا پيا هوندا جيسين شايان وچي ڪو سُمهي. عرفان موتندو هو ته شايان جي ڊيوٽي وري ڪا دير سندس ٻلي هوندي، نه ته صنم هر وقت الرٽ رهي، هن پويان ڊُڪي ڊُڪي اڌ مئي ٿي پوندي هئي. سوشل سرگرميون به نديڙي جي ڪري ڪافي گهٽجي ويون هئس، هو ايڏو وڏو به ته نه هو جو سچا سچا ڏينهن ڪيس ڇڏي سگهي ۽ هر جاءِ ٻجڪي جيان ساڻ ڪٽي هلڻ به نتي آئڙيس. ڪا دير جي ناناڻن ۾ ڇڏي ايندي هئي ته اُنهن جا منهن به ڦِري ويندا هئا، ٻئي آڳها ۽ پوڙها پنهنجو ساهه ئي نٿي ڪٽي سگهيا ته پرائي بلا سان ڪيستائين متو هڻن ها، سنڌن جي سور ۾ ورتل نور بانو به نيٺ ڪيترو ان حرڪتيءَ پويان ڊُڪي ٿي سگهي، وڏي اولاد مان ته ڏوهٽا پوٽا ڪڏهوڪا جوان به ٿي وين. صنم جي اولاد کي


Scanned with CamScanner

ڇڻ نٿيڻ، مان تاتو ٿيو هين. متان وري جو نينگر ڪي به ڏند ڦٽي پيا ته اصل ڇتو ٿي پيو. پانٿين ته هر ڪنهن کي ڇتي ڪتي وانگي ويٺو چڪ وجهي. اِهو آدم خوراڻو انگل ماڻس ئي نٿي سَنس ته نانهيس وري ڪتان سهي ها. جيڪا ڏوهٽي جي اچڻ سان نسوري ويل جي منهن ۾ اچي ويندي هئي، اجهان پاڪ پوتي تي مصلو وڇائي نماز پڙهڻ لاءِ ويهندي مس ته ڏوهٽو ٽنگن کي اچي چنبڙندس، جي سجدي ۾ وئي ته لانگ ورائي متان چڙهي پوندس، پانٿيندو ته ناني لاڏ مان ٽوري تي هُن لاءِ Pony ٿي آهي. ساهرن سان ته صنم جي شروع کان ئي ايتري حجت نه هئي جو اتي ڪٽي ڪا دير پار کي ڇڏي، هو به ڪهڙو ٿي ساڻس ٺريا، سندس اڳوڻا افعال ته هر ڪنهن کي ساريل هئا، بس لوڪ لڄا کان شادي غمي، بيماري سيماري وارين مهلن تي مڪا ميلو پيو ٿيندو هئن يا ڏني سارو رسمي عليڪ سليڪ جو ناتو وچي بچيو هو.

پار سنڀالڻ لاءِ نوڪرن جا ڪيترائي ماڊل تبديل ڪيائون پر مجال جو وٽن ڪو ڏينهن ٻن کان مٿي رهي سگهي، ڏمچر واري گهرن جا هيراڪ چورا اِن گهر جي مائي ماحول ۾ جلد منجهي ٿي پيا ۽ پويان پير ڪري وئي ٿي پڳا. تنهنڪري 'جيڪي ڇٽين سي نپائين' جيان صنم پاڻ ئي اڪيلي سِر پنهنجي پار کي ٿي سنڀاليو، جنهن ڪري جيئن پوءِ تيئن طبيعت ۾ چڙ، بيزاري ۽ ڇتائي ويس ٿي واسو ڪندي، پر ان هوندي به عرفان سان هن ڪڏهن ٻاڙو نه ٻوليو ۽ نه ئي پنهنجي ذميدارين کان غافل ٿي، جي اهڙي ڪا سِچيئشن پيدا ٿي به پوندي هئي ته ڪوشش ڪري هِن ضبط کان ڪم ٿي ورتو پر اڄڪلهه ته اهو به هِن جي وس ۾ نه هو.

رات جو عرفان ورڪ شاپ تان موٽيو ته چيائينس:

"صبح جو توکي اِهو ٻڌائڻ وسري ويم ته اڄ احمد علي Couples جي ڊنر رکي آهي، پاڻ کي اوڏانهن هلڻو آهي."

"هاڻ ٿوري وقت ۾ ڪهڙي تياري ڪندس."

"اجهان ته شام آهي، ڪهڙي رات ٿي آهي جو تنهنجي سنبت نه ٿي سگهندي."

"خبر ناهي ڇو رات توهان کي سدائين شام لڳندي آهي ۽ موڪل وارو سارو ڏينهن توهان کي رڳو رات لڳندو آهي." عرفان هُن جي سڙيل جواب کي نظرانداز ڪندي هڪ وار وري چيس:


Scanned with CamScanner

"ڇڏ اِنهن فضول ڳالهين کي، جلدي تيار ٿي وٺ..."

"تڪڙ ڪان تڪڙ ڪريان ته به هاڻ دير ٿي وئي آهي، نه رولرس ڪيا اٿم، نه پلڪنگ ٿيل آهي ۽ نه ڪائي وري ڊريس ۽ جوئيلري جي سليڪشن ڪئي اٿم..."

"اجايو پريشان پئي ٿين. کهڙو بيوٽي ڪامپيٽيشن ۾ وڃڻو اٿئي. جهٽ ۾ هلڪي ڦلڪي تياري ڪري وٺ. پاڻ کي اڌ ڪلاڪ ۾ هلڻو آهي."

"منهنجو هلڻ ايڏو ضروري ته ناهي، بهتر آهي ته اوهين پاڻ هليا وڃو. منهنجي طرفان ايڪسڪيوز ڪري ڇڏجو."

"اهو ته مون اڳي ئي ڪيس ڇيو هو ته نندڙي ٻار جي ڪري اڄڪلهه نڪرڻ ڇڏي ڏنو اٿس. پر هن سان بحث ۾ ڪير پڄي، چيائين، 'تون پاڻ ڪنزرويٽو آهين جو نه آئڻ جا بهانا ٿو ڪرين. ياپي ته ڏاڍي ايڪٽو پرسنلٽي آهي.'"

"هُونهہ! هڪ ٻيرو شاديءَ جي سالگرهہ ۾ ڇا سڏرايائين منهنجي ايڪٽونيس جي ڄاڻ به پئجي ويس، مون کي ته تڏهن به متاثر نه ڪيو هئائين، هرويرو ٿي اچو فِري ٿيو. جوٽس ته ڪا لفٽ ئي ڪانه ٿي ڏني ڇڻ زوريءَ آئي هجان."

"اِن ويچاريءَ کي ڏوهہ نه ڏي، سندس نمونو ئي اهڙو رکو آهي."

"اِن کي وڏائي به ته چئي سگهجي ٿو، مون کي وڏائي خور زالون بنهہ ڪونه وڻن، سوشل ورڪر هئڻ ڪري هرويرو پئي پاڻ پڏايائين..."

"ضروري ناهي ته هر ڳالهہ پنهنجي دل وڻان هجي، هميشه پنهنجي پسند يا ناپسند کي ئي ترجيح ڏيڻ به ڪا ايڏي چڱي ڳالهہ ناهي، اهڙي سليڪشن دوستيءَ ۾ ته رکي سگهجي ٿي پر سماجي رابطي کي دوستي ته نٿو چئي سگهجي نه، اِها دنياداري ته جيئڻ تيئن نڀائڻي ئي پئي ٿي."

"پر مان ته اهڙي دنياداري نٿي ڄاڻان جيڪا دل کي نه آئڙي." هن بي پرواهيءَ مان وراڻيو.

"ڪڏهن ڪڏهن ٻئي جي دل جو به ته خيال رکڻو پوندو آهي." عرفان مشڪندي چيو. "چڱو شاباس، شايان مون کي ڏي ۽ تون وڃي جهٽ ۾ تيار ٿي اچ..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"تيار ٿيان.. ڪيئن ٿيان، اڃان ته شايان کي به تيار ڪري امان وٽ ڇڏڻو پوندو، الا! هڪ ڇٽي ڇا ڇا ڪريان..." هوءَ پنهنجي منهن سهايي وارا پٽڪا ڪندي وارڊ روب ڏانهن وڌي وئي.

احمد عليءَ جو نالو به دبئي پلٽ هئڻ ڪري آهستي آهستي شهر جي معززين واري لسٽ تي چڙهڻ لڳو هو. سندس زال پڻ سوشل ورڪر هئڻ ڪري سماجي حلقن ۾ ڪافي ڄاتي سڃاتي ويندي هئي سا تعلقات وڌائڻ جي شوق ۾ ذري گهٽ هر مهيني گهر ۾ يا گهر کان ٻاهر بنا ضرورت ننڍيون وڏيون پارٽيون پئي ارينج ڪندي هئي. اڄوڪي پارٽي به ان ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي هئي.

سندن خوبصورت بنگلي جو نفيس ڊرائينگ روم مهمانن سان سٽيو پيو هو، ڊنر شروع ڪرڻ لاءِ انتظار هو ته رڳو صنم ۽ عرفان جو. جن اچڻ ۾ چڱي دير ڪري ڇڏي هئي. جيئن ئي پهتا ته ٻنهي زال مڙسن دير سان اچڻ جي شڪايت ڪندي اڳتي وڌي سندن استقبال ڪيو.

مهمانن ۾ گهڻائي عرفان جي ڄاڻ سڃاڻ وارن جي هئي، جن سان ايندي ئي هو ڪچهرين ۾ لڳي ويو. صنم خاموشيءَ سان صوفا تي ويهي اردگرد جو جائزو ٺي ورتو. مسز احمد علي ڪيس ڊانيڪو ڪري پاڻ ماني لڳرائڻ جو آرڊر ڏيڻ هلي وئي. چوطرف ڳالهه ٻولهه تي مردن جا بي باڪ ٽهڪ. زالن جا ٽرڙائپ ڀريا ٽِلڪا. ميوزڪ جي لهرن ۽ سگريٽ جي دونهين سان گڏ ڪِن ڪِن هٿن ۾ ڇلڪندڙ جامن عجب رنگ لائي ڏنا... صنم جي ڀر ۾ ويٺل بيباڪ عورت رمشا جنهن تازو پيو پيرو طلاق وٺي ٽين شادي ڪئي هئي، تنهن پاڻ پنهنجو تعارف ڪرائيندي، مڙس جي تولهه متعلق انديشا پئي ڏيکاريا. جيڪي يقيناً نئين شاديءَ جي لاڏ جا پڙاڏا هئا...

"ڪاٺ پيئڻ جي معاملي ۾ شيري صفا ڪئرليس آهي. مان ته اهو سوچي دهلجي ويندي آهيان ته جي تلهو ۽ بي ڊولو ٿي پيو ته ڪيئن نه ماٺهو مون تان ڪِلون ڪندا ته ههڙي سمارٽ زال جي مڙس جو اهو حال آهي... هاڻ ته زوري ڊائٽنگ ڪرايانس پئي. هر وقت انچ ٽيپ هٿ ۾ ڪنيو سندس ڇيلهه جي ماپ ڪندي وتندي آهيان ته ڪٿي وڌيو ته ناهي."

سندس ڳالهه ٻڌي صنم زوريءَ مشڪي.


Scanned with CamScanner

"يار تون بہ ڏاڍي سِلم سمارٽ آهين." هن بي تڪلفي مان ڪلهي تي ڌڪ هڻندي چيس. "ڪيڏي نہ ينگ ۽ فريش! پر تنهنجو هسبنڊ تہ ڪافي Bulky آهي." هن چهري جا تاثرات ڪجهہ ان ريت ڏنا ڄڻ صنم سان تي ويل ظلم تي افسوس ڪندي هجي. "بائي دِي وي ڪيترو ڊفرنس آهي اوهان ٻنهي جي Age ۾...؟"

"مون تہ ان بابت ڪڏهن سوچيو بہ ناهي."

"oh! I see، لڳي ٿو اوهان جي ارينج ميريج آهي."

"جي ها..." بَڪ بڪي عورت جي فضول ڳالهين تي هن جو رت ٽهڪڻ لڳو.

"ڊيئر مائينڊ نہ ڪجانءِ پر منهنجو ان ڳالهہ ۾ ويساهہ آهي تہ love marriage بنا زندگيءَ جو سفر لاريءَ ۾ واڙيل، پوٽ ٻڌل ڍورن جيان لڳندو آهي،"

"ايئن تہ ڪونهي، رسڪ تہ بهرحال ارينج ۽ Love ٻنهي حالتن ۾ ڪٽتو پوي ٿو. جو شادي انڌي کوهہ ۾ ٽپو ڏيڻ واري جوا آهي، ڪٿي هار تہ ڪٿي جيت. هڪ ٻي تي اعتماد ۽ سچي پيار جهڙي دنيا ۾ ڪا شئي ٺي ڪونهي. جڏهن اها حاصل هجي، ذهن ملندا هجن، تہ پوءِ نئيں وڏائي يا ارينج ميرج جو ڪو فرق نٿو پئي..."

"!Strange چئبو تہ تون ڏاڍي مطمئن زندگي پئي گذارين."

"Of course! my husband is a very good natured and loving person."

ائين چوندي صنم ارادتاً پنهنجون نگاهون ٻئي طرف ڪري ڇڏيون.

مسز احمد علي سيني ڪي ڊنر شروع ڪرڻ لاءِ سڏ ڪيو.

صنم هٿ ۾ ماني واري پليٽ جهلي، ڄاڻ سڃاڻ وارن سان هاءِ هلو ڪندي هوريان هوريان عرفان طرف ايندي چيو.

"مانيءَ بعد جلدي هليا هلجو. امان ايتري دير ڪان شايان ڪي سنڀالي خفي ٿي پئي هوندي."

"ايڏي تڪڙ وري ڇا جي، هاڻ تہ آيا آهيون. يڪدم هلڻ سٺو نٿو لڳي، هونءَ بہ هيلتائين شايان سمهي رهيو هوندو، اجايو پريشان نہ ٿي."

چانهن جو دور هلڻ تي صنم بظاهر تہ اطمينان سان ڏيري ڏيري سِپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي پريا پر رمشا جي ڳالهين هِن منجهه هڪ اهڙي ڪيفيت جو ٻج ڇٽي ڇڏيو، جنهن کي هو ڪو نالو نٿي ڏيئي سگهي.

عرفان کان ڪجهه پريرو ويٺل احمد علي، جنهن پاڻ کي ڏاڍو ايڊوانس ۽ زنده دل ٿي سمجهيو، اوچتو صنم ڏي وڌي آيو ۽ ڏانهنس عجب ڪاٺ وارين نظرن سان ڏسي وڏي واڪ چيو:

"ڀاڀي، اوهان برقعو پائڻ ڪڏهن کان شروع ڪيو؟"

"برقعو!" ان اوچتي سوال تي هن حيراني مان ڏانهنس نهاريو... مهمانن ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. هو احمد عليءَ جو مذاق سمجهي ويا ته هن ڪيس چيڙائڻ پئي چاهيو، پر صنم کي مذاق جو اهو انداز بنهه نه وڻيو. محفل جو لحاظ ڪندي هوءَ خاموش رهي، پر اندر ۾ جڪ ٿي آيس. احمد علي تهائين ٽرڙائپ تي لهي آيو ۽ هر هر کيس عرفان جي حوالي سان ٽپائڻ لڳو:

"بهرحال ڀاڀي توهان عرفان تي ڪڙي نظر رکوس، اڄڪلهه الائي ڪهڙي برقعا پوش خاتون کي ڪار ۾ ساڻ ڪيو سارو ڏينهن ٿو رلندو وتي، هونءَ پڇا ضرور ڪجوس ته اِها نازنين آهي ڪير..."

"ڀاڀيءَ کان پڇيو اٿوَ... ڪٿي اها ته نه هئي...؟"

صنم زهريلي مُرڪ مرڪندي اوچتو خوشدليءَ مان چيو.

احمد علي جو ته منهن ئي هارجي ويو، پر اوسي پاسي وارا مهمان جن ان مذاق کي enjoy پئي ڪيو، تن ۾ ان خلاف توقع چرڪائيندڙ جواب تي کِلن جا ڪوڪرا پئجي ويا.

ڊنر تان موٽندي ٻنهي جا موڊ آف هئا. شايان کي ٻه ماءُ وٽان ڪڻ لاءِ هوءَ اڪيلي اندر وئي. عرفان گاڏيءَ ۾ ئي ويٺو رهيو. گاڏي هلي ته نيٺ هن ماٺ کي ٽوڙيو.

"توکي ايئن نه ڪرڻ کپندو هو، سوچ ۽ عقل ته تو ۾ آهي ئي ڪونه. اهڙي ننڍڙي مذاق کي سيريس وٺڻ بدران ڪلئي دل ۽ ذهن جو مظاهرو ڪبو آهي."

"صحيح..." هن گهرو ساهه کڻندي طنز مان چيو. "مون ته يڪو پئي صبر جو مظاهرو ڪيو، اوهان جو پنهنجي اِن ٽرڙي ۽ ڪلئي دماغ واري دوست جي باري ۾ ڇا خيال آهي، جيڪو منهنجا ٻه لفظ به برداشت ڪرڻ واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فراخدلي نہ ڏيکاري سگھيو.“

”مرد تہ زالن سان اهڙا مذاق ڪندا رهندا آهن، تو تہ سنئون سڌو راڄ ۾ هن جو پنڪو لاهي رکيو.“

”توهان مردن کي عورت جي شيشي کان بہ نازڪ احساسن جي کھڙي ڇاڻ، عورت پل تہ شکي مزاج نہ هجي تہ بہ اهڙا مذاق ڪيس ذلت ۽ گھٽتائي جو احساس ڏيارين ٿا، هرويرو جي بيهودگي پرفارم ڪرڻ جو رڳو مردن کي ئي اختيار مليل آهي ڇا...“

”بهرحال منهنجي عزت جو خيال نہ ڪندي، جوابي بيهودگي تہ تو بہ پرفارم ڪري ڏيکاري نہ، هاڻ دليل ڇا جا ٿي ڏين.“

هوءَ ڪجھ ڪچڻ بنا دريءَ مان ڊوڙندڙ رستي ڏي نهارڻ لڳي.

●

شايان اجان ٻن ورهين جو ئي نہ ٿيو جو اِفراح بہ اُوٺان اوٺان ڪندي اچي پهتي. صنم جا تہ وانسر ئي ڦري ويا، سڄو ڏينهن گھر ۾ ڦرموٽيءَ جيان هيڏي هوڏي ڦرڻ جي باوجود بہ گھر جھڙو اونڌو ٿيل ملندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن مڙس جي منت ميڙ سان نٺاڻ يا ڏير جي ڌيءَ هيلپر ٿي اچي رهنديون هئس تہ ڏينهن ٻن لاءِ سکون ٿي ملي پيس، ٻئي ڀار جڏهن ٻاڻ وهيٺا ٿيا تہ ’اٿ تان ونجڻي لٿي‘ جيان هوءَ بہ وڃي ڪجھ سامت ۾ آئي ۽ جيئڻ جا نوان امنگ ڪٽي، سماجي سرڪل ۾ هڪ وار وري سرگرم رهڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وئي... سندس طبيعت جون شوخيون، اڙٻنگايون ڀڻ هوريان هوريان موٽڻ لڳيون، اوٿهن جي سَن ۾ هِن جو حُسن چوڏهين جي چنڊ جيان ڪڙي پيو، هوڏانهن عرفان ڏينهون ڏينهن سينوارجڻ لڳو. سندس ٿولهہ وئي ٿي وڌندي. ٽڪڻ تي سر لڪائڻ لاءِ جيڪي بہ چار وار هئس سي بہ دائمي نزلي سببان اچا ٿي ڇڻ لڳس. زال سان گڏ ڪنهن گڏجاڻيءَ ۾


Scanned with CamScanner

جهڙي حور جو مڙس نہ هجي ها... پر هِن جي سونهن پري جواني وِڪ وِڪ تي عرفان لاءِ چڻ تہ ڪورو ٻاري ڇڏيو. جنهن ۾ هن جو سارو وجود سڙندو پڇرندو ۽ لڇندو ٿي رهيو.

وقت ۽ تجربو ڪيترن ئي ڀيٽاون سان گڏ ماڻهوءَ کي ٻاٽمرادو سمجهه ڏيئي ڇڏيندو آهي، هاڻ تہ هَن بہ سوچيو ٿي تہ، جي سندس جوڙ جي ڪا زال هجي ها تہ اها حالت ڪيس نہ ڏسڻي پئي ها... هو ٻئي نهايت گريس سان گڏجي اولڊ ٿيندا رهن ها... پر پنهنجي وڏيءَ جو نہ ويچ نہ طبيب جيان، هو ٻيو تہ ڪجهہ نہ ڪري سگهيو. باقي مُنهن پنجڻ واري صورتحال جي پيش نظر، نہ رڳو ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي نڪرڻ جي ڀچر ڇڏي ڏنائين، پر نفسياتي طور تي بہ ڪيس پڪو پوڙهو بنائڻ جا وَس ڪرڻ لڳو. هن جي دٻيل خواهش هئي تہ عمر واري سفر ۾ هوءَ بہ ساڻس هر عمر تي هلي. جڏهن تہ اوٿهين ويهن جي سن ۾ هوءَ پاڻ کي لاسٽڪ جيان ڇڪي اٿيتاليهہ اوڻونجاهہ سالن ۾ آڻي بيهارڻ ڪان بنهہ بي وس هئي، جنهنڪري آئي ڏينهن ڪيس عرفان جا طنز سهڻا ٿي پيا، جنهن جو رويو احساس ڪمتري پيدا ٿيڻ سبب ڏينهون ڏينهن بدلبو ٿي ويو. تنهن ڏينهن ورڪشاپ تان موٽندي، صنم کي بيڊروم ۾ گوڏا اونڌا ڪري هڪ جيڏين اسڪولي ساهيڙين سان کِلڪي ڪِڇڪي ۾ مگن ڏسي، سندن وڃڻ بعد ڪيڏي نہ بي رحميءَ مان چيو هئائين:

"کهڙا ڪئي ٽرڙين ڇورين جيان ايڏا کِلڪا لاتا هيئي... تون هاڻ ڪا اسڪولي ڇوڪري نہ پر عورت آهين... زال ذات ٿي، ڪو لڇڻ ڏار، هرويروءَ جي ٽرڙائپ ڪانہ ٿي ٺهي..."

"ڇا ٿي پيو جي کلياسين، هڪ جيڏيون آهيون، ڪل مشڪري تہ ٿيندي..." هن سندس ساڙ نہ سمجهندي حيرانيءَ مان چيو.

"هو سڀ ڇوڪريون آهن، تون انهن جي پيٽ ۾ نہ رڳو هڪ پرڻيل زال آهين، پر ٻن ٻارن جي ماءُ بہ آهين، اهو ڇو ٿي وسارين."

اڻ سڌي ريت هَن چاهيو ٿي تہ ننڍين ڇوڪرين سان ڪمپني رکڻ بدران هوءَ وڏين وڏين عورتن سان اٿي ويهي ۽ ساڻن ان عمر جي من پسند ٽاپڪ سنڌن جي سور ۽ ٻين ڳجهين بيمارين تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي رهي، جن سان لاشڪ تہ اڳتي هلي ڪيس بہ واسطو پوڻو هو ۽ پوءِ انهن ئي


Scanned with CamScanner

ڏينهن عرفان پاران هن تي نِت نوان آرڊيننس لاڳو ٿيڻ لڳا.

”آئينده وڏيون پانهون ۽ بند ڳلا پائيندي ڪر، متو به سدائين ڍڪيل هجي...“

”پر بند ڳلا ۽ ڪُتي جهڙا پَنا ته سدائين پوڙهيون پائينديون آهن، ڳچيءَ جا ڳهنج لڪائڻ لاءِ... ڇوڪرين ۾ ته ان جو فيشن ئي ناهي، اڄڪلهه ته رڳو low neck پائڻ جو رواج آهي...“

”مونکي اجايا بحث ۽ فيشن جي نالي ۾ فحاشت پسند ڪو نه ئي ۽ ها، آئينده چادر پائي نڪرندي ڪر...“

”چادر!“

”اڄرج جي ڪهڙي ڳالهه آهي، برقعو ته ڪونه چيومانءِ“

”اها مصيبت به ته برقعي کان گهٽ ڪونهي.“ هن انگل مان چيو.

” ”ان سان توکي معتبر زالن وانگر قدم قدم ۾ ڏيٺي وقار سان هلڻ جو ڏانءُ ايندو، پرٽيل عورت جو ڇيڳرين ڇوڪرين جيان ڏڪي ڏڪي هلڻ، چڱو نه لڳندو آهي.“

”مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اها اوچتي ڳهل مون مٿان ڇپي ڇو آهي، آخر مونکان خطا ڪهڙي ٿي آهي.“ هن ڏکاري لهجي مان پڇيو.

”انهن ڳالهين کي آءُ وڌيڪ بهتر ٿو سمجهان، تون ڪا مونکي ڪڙي ناهين. مان نٿو چاهيان ته ڪوئي توکي گندي نگاهه سان ڏسي تنهنجي حسن کي ميرو ڪري ڇڏي. اِهي هار سينگار، شوخ لباس ۽ سرخيون سينٽون تاقڻ، چڱين زالن جا ڪم ڪونه ٿيندا آهن.“

صنم جيڪا ڪا دير اڳ باٿ ونئي آئي هئي ۽ آئيني اڳيان بيهي پاڻ پرفيوم سان مهڪايو پئي، تنهن شيشيءَ کي زور سان ڊريسنگ ٽيبل تي سٽيندي، صبر سان پر ساڙڻ واري لهجي ۾ چيو:

”هاڻ ٻڌو، ورڪ شاپ تان موٽندي به گز لٺو ۽ ڪافور جي شيشي وٺيو اچجو ته پائي توهان جي حڪم جي تعميل ڪيان... اهو ئي تا چاهيو نه ته جيئري جيءُ ڪفن پائي ويهان!“

عرفان ڪا ورندي ڏيڻ بدران ڪيس خونخوار نظرن سان گهوريندو ڪٺلريءَ ۾ اچي سگريٽ ڦوڪڻ لڳو.

ان ۾ ڪو شڪ نہ هو تہ هن واقعي صنم جي بهتري ئي چاهي، جو ان ۾ هُن جي پنهنجي ئي ڇڱائي هئي. زال جي ڪري منجهس جيڪا احساس ڪمتري سرجڻ لڳي هئي، ان جو حل ڪيس اِهو ئي نظر آيو. جنهن جو اظهار هن مختلف مهلن تي ڪيو ئي. ڪڏهن ڪڏهن سندس روين ۽ پابندين ۾ ايڏي تہ سختي ۽ بي رحمي ئي اچي وئي جو هو پاڻ حيران ٿي ويندو هو تہ 'مونکي ڇا ٿي ويو آهي'. صنم لاءِ اهڙين پابندين تي عمل ڪرڻ ممڪن ئي نہ هو. هِن پنهنجي ماڻتن ۾ ڀرپور پيار ۽ توجہ وارو ماحول ماڻي، پنهنجي افعالن ڪري سخت پابنديون پڻ ڀوڳيون هيون، عرفان سان شادي هن لاءِ انهن پابندين ڪان فرار جو هڪ رستو هئي. هن ان نئين دنيا ۾ پير پائڻ لاءِ نئين ڍنگ جا خواب پنهنجي اکين ۾ سجايا هئا، پر انهن اوچتين، اجاين ۽ بي سبب پابندين کيس ذهني طور اندران ئي اندران پچڻ پورڻ ۽ منتشر ڪرڻ جو عمل شروع ڪري ڏنو هو. روز روز جي ڪِل ڪِل ۽ کهپءِ کان پريشان ٿي هوءِ اڪثر پيءُ جي گهر اچيو ٿي ويئي.

"آءٌ هاڻ ان قيدخاني ۾ ڪونہ رهندس،" هن شڪايتن جا دفتر کولي ڇڏيا.

"الائجي ڇا ٿي ويو اٿس، اڳي تہ هُن جو رويو مون سان ڪڏهن بہ اهڙو نہ هو."

"رويا سدائين تہ ساڳيا نہ رهندا آهن، هن تي بہ گهر جو گهڻو بار هوندو، تنهنڪري ئي توکي بدليل ٿو لڳي، تون تہ هرويرو بہ ننڍين ننڍين ڳالهين کي مسئلو بڻايو ڇڏين."

"توهان پلي هُن جو سائيڊ کڻي مونکي غلط سمجهو. پر هو شخص ايڏو تہ بدلجي ويو آهي جو منهنجون ننڍيون ننڍيون خوشيون بہ ڪانئس برداشت نٿيون ٿين، ڀانئين ٿو تہ مٽي تي چادر اوڍي ٻيڄڙا حال ڪيو گهر ۾ ويٺي هجان... نہ ڪيڏانهن اچان نہ وڃان، نہ ئي پاڻ ڪيڏانهن وٺي ٿو هلي..."

پاڻ سان ٽينڊڙ ظلم ۾ڏائيندي هِن جو آواز ڀرجي آيو ۽ سڏڪندي ماءُ جي هنج ۾ مُنهن لڪائي ڇڏيائين.

"بس ڪر منهنجي منڙي،" هن شفقت مان ڀُٺيءَ تي هٿ ڦيريندي چيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"مڙسھين جي ھرويرو اھڙي طبيعت جو ٿي پيو آھي تہ ڇڏي ڏينس پنھنجي حال تي، جيئن چونئي تيئن ڪر، ضد نہ ڪرينس، پاڻھين سولو ٿي ويندو. برداشت ڪرڻ جي عادت گھڻن مسئلن کي حل ڪري ڇڏيندي آھي."

"مونکي تہ ھَن منجھہ سولي ٿيڻ جا ڪي بہ اھڃاڻ نظر نٿا اچن." ھَن پنھنجا لڙڪ اگھندي ورائيو.

"تڏي دماغ سان سوچ، ھاڻي تون رڳو ھن جي زال نہ بن ٻارن جي ماءُ بہ آھين، پنھنجو ٺھيل ٺڪيل گھر نہ ڦٽائي."

"ھونھہ! گھر يا جھنم؟"

"زال ئي گھر کي جھنم بنائيندي آھي تہ جنت بہ. مرد سان مُدا لاٽڻ چڱي ڳالھہ ناھي. پٽھين جي طبيعت تہ ساري پٺي اٿئي. پوءِ بہ مونکي ڏس صبر شڪر سان عزت وارو وقت گذاري اچي توڙ کي رسي آھيان."

"بابا توھان جو خيال بہ تہ رکي ٿو..."

"مڙسھين بہ توکي ڪو رندن ۾ ڪونھي روليو." ھن ڪجھہ تڪائي مان چيو. "نہ تہ ويساگھاتيءَ مان پرايون ڄايون رولڻ وارا بہ جھان ۾ جَجھا آھن. تون شڪر ڪر جو ھَن ويچاري تہ بادشاھہ زادي ڪري ويھاريو اٿئي گھر ۾."

"ويھاري ٿو جو بس ڄڻ ڪا ڪِيپ ھجانس! آھي بہ جيڪر اھڙيون جُئيون نہ سھنس... مونکي ڪونہ ٿي گھرجي اِھا بي حيائي واري بادشاھي..." ھن وري سڏڪو ڀريو.

"ڪا فضيلت ڏار، ايئن نہ ڳالھائي، ايرو سيرو جھڙو بہ آھي، تنھنجي سر جو سائين ۽ ٻچن جو پيءُ اٿئي، توکي ھر حال ۾ نڀائيندي پنھنجي سوچ سمجھہ سان کيس وَس ۾ ڪرڻو آھي."

"ٻار تہ ناھي جو وَس ۾ ڪندي مانس! منھنجو نياءُ ھاڻ ھن سان نہ ٿي سگھندو، پھاڙ جيڏي زندگي ايئن تہ ڪانہ ٿي گذاري سگھجي..."

"اِھو چو ٿي وسارين تہ جنھن زال پنھنجو گھر گھاٽ ڇڏيو، ان جي ڪا عزت نہ ٿيندي."

"مونکي ان جي پرواھہ ناھي... آءٌ ھاڻي ھن سان نٿي رھي سگھان."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اڄ هُن جو چوڻ آڪڻ ڏکيو تو لڳنئي، پر جي ڪيس ڇڏي ايندينءَ تہ آءَ جا تنهنجي ماءُ آهيان، سياڻي جڏهن تنهنجي حوالي سان لوڪ جا لعنتاٽا ٻڌڻا پوندم تہ اٿندي ويهندي منهنجي وِيڙن جا نشتر بہ توکي سَهڻا پوندا، جيڪي تون سهي نہ سگهندين مِني..."

"اڳ بہ تہ گهڻئي سَنو هئم." هن پابندين هيٺ گهاريل گهٽ ۾ پوسٽ وارو وقت ياد ڏياريندي وراڻيو.

"شاديءَ سان توکي جيڪو عزت وارو مقام مليو آهي، تنهن هر ڪنهن کان پراڻيون ڳالهيون وسارائي ڇڏيون آهن. اسان بہ مس وڃي ڪو ساهہ پٽيو آهي. تنهنجي ناداني‍ءَ سان هڪ وار وري بدناميءَ جي ڪُن ۾ ڌڪجي، ڦٽجي پونداسين... سارو لوڪ اڳيون پويون ڪسرون ڪيندو، هاڻي اسان ۾ وڌيڪ سهڻ جي سگهہ نہ رهي آهي. اسان جي ۽ پنهنجي حال تي رحم ڪر..."

"امان زمانو بدلجي ويو آهي. پراڻا قدر ميسارجن پيا. اڄ جو حساس انسان انهن روايتي ٻنڌڻن ۾ جڪڙجي پنهنجي ذات ۾ آزاديءَ واري پيدائشي حق تي ڪنهن جي اجاره داري يا زبردستي برداشت نہ ٿو ڪري سگهي. اِهي رشتا ناتا اعتماد، پيار ۽ هڪ ٻئي جي عزت ڪرڻ بنا قائم نٿا رهي سگهن... مونکي اهڙي تنگ ذهن شخص کان پلئہ آجا ڪرائڻ ۾ ڪابہ شرمساري نہ ٿيندي."

اهو ڪو پهريون ڀيرو نہ هو، پوءِ تہ هوءَ ڪيترائي ڀيرا ساڳيءَ ريت رُسي، پنهنجي پَر ۾ سمورا رشتا ناتا ٽوڙي ماڻٽن ۾ تي اچي ويٺي. جن هر ڀيري عزت جا واسطا ڏيئي، منٿون ميڙون ڪري ڪيس سمجهائي ٻُجهائي واپس تي اماڻيو.

هِن ڪي ڪيئي ڀيرا پنهنجي زندگي ختم ڪرڻ جو خيال آيو، پر اِهو سوچي تہ ڪي ماڻهو خودڪشي ڪرڻ بنا بہ تہ مري ويندا آهن، هِن پنهنجو پاڻ سان عهد ڪري ڇڏيو تہ پنهنجي هستيءَ کان بي خبر ٻٽجي، هو اِهو ڳاڏو جنهن جو ڪيس ڦيٿو بنايو ويو آهي، گهليندي پنهنجي حياتي گذاري ڇڏيندي ۽ پوءِ نفرتن ۽ تلخين جي زهر ڀري زندگيءَ ڪي هن مَڏيءَ ڇريءَ سان وڍڻ شروع ڪري ڏنو...


Scanned with CamScanner

آهي، ٻڌي عرفان تپجي ٿي پيو:

"ڪجهه آهي ٻه گهر ۾ ڪين سَج لڳي پئي آهي."

"وقت سر سيڊو سڙو آٽڻ وسري ويو اتوَ ته پوءِ سَج نه ٿيندي ته ٻيو ڇا ٿيندو..."

"مونکي پيا ٻه گهٽيءِ ڪر آهن، رکو ڇپا ۽ سامان جا ڇنا ڪنيو سيڌا ته ڪونه پيو ونڊس."

"باقي مونکي فرشتا اچي سيڊو پهچائي ويندا، پاهر ٻه ته نتا نڪرڻ ڏيو جو وچي پنهنجي منهن وٺي اچان..." هِن بيزاريءَ مان وراڻيو.

"توکي ته رکو گهمڻ جا بهانا تا گهرجن."

"ڪهڙو ٿي گهمڻ وڃان، ڪٿي ٿي گهمڻ وڃان.توهان جي اجاين پابندين جي ڪري هاڻ ته ڪٿي ٻه نتي وڃي سگهان... ڪڏهن ڪڏهن روئي پئي پاڻ ٿي ايلاز ڪندي آهيان ته امان ڏي ڇڏي اچو، توهان کي ته اهو ٻه خيال ڪونهي..." هِن جو آواز پرجي آيو.

"منهنجي سامهون ڏري پرزيءَ تي واڳونءَ واري ڳوڙهن جا نل نه کولي ڇڏيندي ڪر." هَن ڏانهنس حقارت مان نهاريندي چيو. "پلي وڃي گهر جو سيڊو سامان پاڻ وٺ، پر اڪيلي ڪونه ويندينءَ، مسز سومرو کي ساڻ وٺي پوءِ ئي گهر مان ٻاهر نڪرندي ڪر." هن سامهون واري فليٽ ۾ رهندڙ دوست جي زال لاءِ چيس.

"ان سنڌن جي سُور ورتل ڪُرڪٽي پوڙهيءَ سان ڪير ويندو شاپنگ ڪرڻ..."

"نه وسار ته اهي ڏينهن توکي ٻه ڏسٽا آهن." هَن چڻ سندس ڪِڙندڙ جوانيءَ کي پوائنٽو ڏنپ ڏنو. پر هِن بي نيازيءَ مان وراڻيو:

"مون لاءِ اهو وقت اجان تمام پري آهي. هينئر ئي جو ڳڪتين ۾ ڳران..."

"بهرحال، اڪيلو وڃڻ جي ته آءُ ٻه توکي موڪل ڪونه ڏيندس. وڃڻو هجئي ته مسز سومرو سان وڃ، نه ته بس ڪري ويٺي هج..."

نه چاهيندي ٻه صنم کي مسز سومرو واري آڇ قبولڻي پئي جو ان ڪان سواءِ ٻي ڪا واهه ٻه ته نه هئس. مهيني ماسي لسٽ ڪٽي هن جي ٻهري هيٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٽيڪسي يا رڪشا ۾ نڪري ٿي پئي. هوءَ ڇگي جهان ديده عورت هئي، زال مڙس جي روين مان سمجهي وئي ته جواني ۽ پيرائپي جو ٽڪراءُ شروع ٿي چڪو آهي.

هر پيري شاپنگ لاءِ نڪرڻ مهل، پارن جي سنيال وارو مسئلو هِن صفائي ڪرڻ واري ڪرسچن ڇوڪري، روزيءَ جي تري تي خرچي رکي حل ڪري ٿي ورتو. جنهن کي اِن اوور تاثير بدلي سندس فليٽ ۾ ڪجهه ڪلاڪن جي چڻ بادشاهي ملي ٿي پئي. پارن سامهون رانديڪن جو ڍير رکي، بي اوني تي وتندي هئي رڍڻي ۽ فرج ۾ نوس نوس ڪندي. پار ڏِڪجن، ڦتجن يا رڙن، تنهن جي سندس موچڙي کي به پرواهه نه هوندي، رهندو اهڙين مهلن تي تپجي هلندڙ وي. سي. آر آڏو پلش جي صوفي تي ليٽي ليٽي گاريون ۽ بڇا پئي ڏيندن...

”ڏر فِتي مُنهن، مَرِٽين جوڳيُ!.. دَلئي ني مُوئي، چوپ ڪر. ني ڪنجران دي اولاد! ٽلي هو ڪي بيهه...“

ڪجهه نه سمجهندي اِهي گاريون پارن جي ڪچڙن ذهن ۾ ڏينهون ڏينهن ويون ٿي فيڊ ٿينديون، جن جو عملي مظاهرو وري مهمانن ۽ ماءُ پيءُ آڏو پاتڙن پولن ۾ ڪرڻ لڳا.

مسز سومرو سان گڏ سپر مارڪيٽ مان سامان وٺي هوءَ جيئن ئي ٻاهر نڪتي، ته اوچتو هِن جون نظرون پير واري ميوزڪ سينٽر مان نڪرندڙ فهد سان وڃي مليون. يقيني ۽ بي يقيني جي وچ ۾ ٻئي هڪ ٻئي ڏي بت بنجي نهاريندا رهجي ويا...

پنجن ڇهن سالن ۾ هي ڇوڪرات، خوبرو جوان بنجي ويو هو. ’ڪيڏي نه سونهين ها جيڪر سندس پر ۾ فهد شريڪ سفر جي روپ ۾ موجود هجي ها‘... هڪ درد پري سوچ هن جي روح ۾ آنڊ مانڊ پاري ڏني. هوڏانهن فهد جي نظرن ۾ به ڪا التجا هئي، ڪو پيغام هو، جن کي هِن پنهنجي نظرن سان ڇُهي دل ۾ لهندي محسوس ڪيو.

نگاهن جي ٽڪراءُ کان بي خبر مسز سومرو ڦرتيءَ مان ٽيڪسي به روڪي ورتي ۽ خريد ڪيل سامان ان ۾ رکائي، ڳري زال اجهان ان ۾ ويٺي مس ته صنم نهايت حرفت مان سامهون واري گاڏيءَ ۾ ويٺل هڪ عورت ڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اشارو ڪندي چيس:

”مسز سومرو، توهين گهر هلو، هوءَ سامهون ڪار ۾ منهنجي ڪزن ويٺي آهي، مان ساڻس گڏ ٻيٺي پير، ٻڦيءَ جي طبيعت پيچي اجهو تي موٽي اچان. ويچاري ڪيترن ڏينهن کان بيمار آهي. ڪٿي هيءَ چغل خور نه وڃي ٻڌائيس ته شاپنگون ڪندي وتي ٿي، ۽ توکي پچڻ جو وقت ڪونه اٿس...“

ٽئڪسي وچ تي ٻيهڻ ڪري پويان ٽريفڪ جي پيهه ’پان پان‘ ٻاري ڏني. گرميءَ ۾ آلڪان جيان وات پٽيل مسز سومرو کي اِها دليلاٽي گفتگو ٻڌي، ڪجهه چوڻ آکڻ جو موقعو ئي نه مليو. جو ٽيڪسي واري پاڻ ڏي وڏندڙ ڪانسٽيبل جي ڊپ کان وٺي گاڏي ڊوڙائي ۽ هوءَ دريءَ مان ٻانهن لوڏي ’ماشاءَ الله ماشاءَ الله‘ ڪندي ڇڻ ڪَنيجي وئي.

فهد، جنهن مسز سومرو کي صنم سان گڏ ڏسي اڳتي وڌڻ جي جرئت نه پئي ڪئي، ٽيڪسيءَ کي ويندو ڏسي نري پيو ۽ صنم کي اتي ئي ٻيهڻ جو اشارو ڪري، پنهنجي گاڏيءَ کي ڦيرائي هن آڏو آڻي بيهاريو ۽ فرنٽ سيٽ جو در کولي چڙهيو... هُو چُپ... هي چپ... ٻئي چُپ...

گاڏي ٽريفڪ جي طوفان مان نڪري کُلي شاهراهه تي اچي وئي.

”مونکي ويساهه نٿو اچي صنم ته اِها تون آهين... ڪو سپنو ته ساڻ ڪونه پيو ڪنيو هلان...“

”ها... مان تنهنجي صنم، هاڻ سپنو ئي ته ٻڻجي وئي آهيان. جاڳ جو سپنو... ڪنهن ٻئي جي ياڳ ۾ لکيل ٻي درد حقيقت...“ هن ڪڙي مرڪ مرڪندي ورائيو.

”نئين زندگيءَ ۾ اچي تو ته مونکي ويساري ٻه ڇڏيو هوندو... پنهنجي مصروفيتن ۽ نين رنگينين اڳيان تو مونسان گهاريل پيار جي مختصر پر لازوال گهڙين کي ڪٿي يادن جي ڊسٽ بن حوالي ته نه ڪري ڇڏيو؟ سچ ٻڌاءِ پلا دوست جي حيثيت ۾ ئي ڪڏهن ياد ڪيو هيئي...“ ٽريفڪ سِگنل تي هن گاڏيءَ کي بريڪ هڻندي پڇيو.

”ياد...؟“ هن درد جهڙو ٽهڪ ڏنو. ”آنهن گذريل سالن ۾ اهڙا هزارين موقعا آيا جن ۾ هِن چري دل توکي عرفان جي جاءِ تي ڏسڻ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاهيو... ۽ اهڙين ڇرين خواهشن کي اڄ تائين ماري ماري ۽ پاڻ ۾ دفنائي دفنائي، ڏس منهنجو سارو وجود ئي قبرستان ٿي پيو آهي...“

”تنهنجي ميريڊ لائيف ته ٺيڪ ٺاڪ پئي گذري نه...“ هن اسٽرينگ تي پنهنجي گرفت اڃان به مضبوط ڪندي، پل لاءِ هن جي اکين ۾ جهاتي پائي سندس نئين زندگيءَ جو اکر اکر پڙهڻ ٿي چاهيو.

”منهنجي ميريڊ لائيف ته ڄڻ ڌڪا اسٽارٽ گاڏيءَ جيان ٿي پئي آهي...“

”مون ته ٻڌو هو عرفان توکي ڏاڍو ٿو ڀانئي ۽ تون به ڏاڍي خوش آهين...“

”ڪاش اِهو اڃان به سچ هجي ها...“

”ڇو... خوش ناهين ڇا...؟“ هن گاڏي هڪ ريسٽورينٽ سامهون پارڪ ڪندي پڇيو.

”زندگيءَ سان سمجهوتو ڪرڻ لڳي هئس... پنهنجو اندر ماري خواهشون گهٽيون، اِها ڪوشش ڪئي هئم ته اسان جي عمرن جو فرق ڪڏهن به اسان جي سوچ جي وچ ۾ نه پئي، پر ايئن نه ٿي سگهيو.“

هو ٻئي ڪار مان لٿا ۽ هوريان هوريان وکون کڻندا، ريسٽورينٽ ۾ داخل ٿي، ڪارنر ۾ خالي ٽيبل جاءِ ڏسي اتي اچي ويٺا.

ڪولڊ ڊرنڪس ۽ سينڊوچ جو آرڊر ڏيئي، فهد سگريٽ دکائي، هن جي سادگي ڀريل لباس جو جائزو وٺندي چيو:

”تون ڪيڏي نه اسٽائيلش هوندي هئين صنو... From top to toe. ماڻي ڪيڏي نه چينج ٿي وئي آهي... مونکي ته اڃان به تنهنجا اُهي لفظ ياد ايندا آهن، جڏهن چيو هيئي، ’بنا ميچنگ جي ڪا شئي پائڻ جو تصور ڪرڻ سان ئي منهنجو هانءُ منجهندو آهي... پوءِ چاهي اُها هيئر پن هجي يا سينڊل...‘ تنهنجي روح جي نفيس مزاجي ۽ سموري سمارٽنيس جا اِهي جملا ڄڻ ته شاهد هئا... پر اڄ سهاڳڻ هوندي به تنهنجون هي ٻئيون ٻاهون... برائيٽ ڪلر واري ڪنهن نيل پالش ۽ مُنڊين کان اڃا تنهنجا هٿ... ۽ تون خود... ايڏي سمپل سمپل ڇو هي سڀ ڇا آهي؟“

”اِها عرفان جي خوشي آهي... ته مان هن جي رنگ ۾ رنگجي وڃان.“


Scanned with CamScanner

هِن ڪِلي ڇڻ پنهنجو مذاق پاڻ اڏايو.

"تہ ڇا هو ايڏو خود غرض آهي؟"

"هو تہ ڪونہ، پر حالتن ڪري ڇڏيو اٿس... زندگي ۾ ڪيل ڪيترن ئي فيصلن جا پڇتاوا، وقت گذرڻ سان گڏ اڪثر خود غرضيءَ ۾ تبديل ٿي ويندا آهن..."

"تون ايڏيون گهريون گهريون ڳالهيون ڪرڻ ڪِٿان سکي پئي آهين،" هَن سنجيدگيءَ کي ٽوڙيندي، سندس چهري جي تاثراتن ۽ ڳالهين ۾ اڳ واري شوخ ۽ چنچل صنم کي ڳولڻ چاهيو. "يلا ٻڌائي... ان ۾ ڪيترو سچ آهي تہ پهريون پيار ڪڏهن ناهي وسرندو؟"

"ان ۾ ڪو شڪ ناهي... رتيءَ جيترو بہ نہ..."

"يقين ڪندين، صنم، مون توکي پل بہ ناهي وساريو... وقت گذرڻ سان گڏ، منهنجي من پاتال ۾ لٽل تنهنجي پيار جي ولهہ ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي آهي... منهنجو سارو وجود تنهنجي پيار جي گهيري کان اڃان تائين ٻاهر نہ نڪري سگهيو آهي... تو جهڙو معصوم پيار مونکي ڪٿي بہ نظر ناهي آيو..."

"تہ ڇئبو اهڙي پيار کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇگيون ڳولائون ڪيون اٿئي،" هن شوخيءَ مان چيو. "تڏهن تہ مونکي بہ شاديءَ کان ترت ئي پوءِ سحر ٻڌايو تہ روز نيون ڇوريون گاڏيءَ ۾ کنيو پيو هلندو هئين..." هِن ڪولڊ ڊرنڪ مان سِپ پريندي خوشگواريءَ مان چيو.

"ڇري، جيڪر مان اهڙو عاشق هجان ها تہ پوءِ روز نيون ڇوڪريون ڇو وٺي گهمندو وتان ها... اِهي هالو چالو ڇوڪريون تہ رڳو دل وندرائڻ ۽ وقت گذاريءَ جو ذريعو ٿينديون آهن... هڪڙو رومينٽڪ جملو، ڪا شوخ ادا ڏيکاري پنهنجي فرسٽريشن مِٽائڻ لاءِ هر ڪنهن جي گاڏيءَ ۾ اچيو ويهو رهن..."

"ڇا تون اِهو چئي مونکي ٿو ڪجهہ ياد ڏيارين...؟"

"توسان تہ منهنجي دل هئي، آهي ۽ رهندي... ان لاءِ جو تون منهنجو پهريون پيار آهين... ۽ تون ئي اها پهرين ڇوڪري هئين، جنهن ڏي مان پاڻ وڌيو هئس... هيل تائين بين تہ پاڻهي ٿي ڪچيءَ ۾ پوڻ جي ڪوشش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪئي... تنهنجي برابري تہ ڪير نٿو ڪري سگهي... سڀ تنهنجي پيرن جي ڌوڙ آهن...“ هن گنڀيرتا سان پنهنجي ڳالهہ جاري رکي. ”هونءَ بہ انهن ئي ڏينهن ۾ وڌيڪ تعليم لاءِ منهنجو سائپرس ۾ داخلو ٿي ويو. مان تڏهن ڪان يڪو ئي اتي هئس، نہ تہ جيڪر صبح شام توکي رڳو پريان کان ئي ڏسڻ لاءِ تنهنجو در جهلي نہ اچي بيهان ها... پر خبر اٿئي ان سموري عرصي ۾ مون توکي ٽي چار ڀيرا عرفان سان گڏ ڏٺو هو... نهايت خوش ۽ مطمئن، هن جي موجودگيءَ ۾ توسان ملڻ جي همت ئي نہ پئي ٿي سگهي. باقي مونکي تہ هتي آئي مهينو مس ٿيو آهي، ان وچ ۾ ايندو بہ رهيو آهيان، پر تمام گهٽ وقت لاءِ... بهرحال منهنجي نصيب ۾ تہ خبر ناهي ڪير لکيل آهي، پر تو جهڙي پيار ڪندڙ ڇوڪري مونکي وري ڪڏهن نہ ملي سگهندي... اهو مان دعوي سان ٿو چوان...“

”ايڏي وڏي دعوي...“

”ها... جڏهن ڪان تون وڇڙي آهين، اُن ڏينهن... ان پل ڪان، اهڙو هڪ بہ پهر ڪونهي جو توکي ياد نہ ڪيو هجيم... جيڪڏهن يادن کي ڪا مهڪ هجي ها تہ اُها پوري ڪائنات ۾ صنم جي ناءَ سان پکڙجي وڃي ها... تون شايد ان کي مذاق ٿي سمجهين، پر اِها حقيقت آهي تہ جنهن سچائي ۽ شدت سان تو مونکي پيار ڏنو، اِهو مونکي وري ڪڏهن بہ حاصل نہ ٿي سگهندو... ڪڏهن بہ نہ...“

هن سگريٽ جو آخري سوٽو پريندي پنهنجي آڱر ساڙي ورتي... صنم ان هلڪي ڏنڀ کي جڻ پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪيو. ڏک جو رنگ سندس چهرو ڇُهي ويو. هن جي وچايل ڪيفيت ڏسي چوڻ لڳي:

”جڏهن تون ايڏي وڏي دعوي ٿو ڪرين تہ اڄ ٻُڌ... مان بہ توکي هڪ سچ ٿي ٻڌايان... مون برابر توکي شدت سان چاهيو... سموري سچائيءَ سان پنهنجو پاڻ توکي ارپڻ ڪيو... رڳو تنهنجي اعتماد جي سهاري، پر جڏهن مونکي هر پاسي کان اهو احساس ڏياريو ويو. تہ منهنجو پيار محض هڪ مشڪري آهي... ٻاراڻي ناداني آهي ۽ منهنجي ديوانگي ڏسي جڏهن ٽڙ ٽڪڙ ۾ شاديءَ جون سنيتون بہ ٿيڻ لڳيون، تہ مون ڪابہ مزاحمت نہ ڪئي... مون توڏانهن وڌندڙ پنهنجا قدم روڪي ڇڏيا... تولاءِ ٻرندڙ جذبن


Scanned with CamScanner

جي مچ ڪي خود غرضيءَ سان سرد ڪري ڇڏيو... پنهنجو پاڻ کي نئين زندگيءَ جي حوالي ڪري، فرار جو رستو ڳولهي ورتو، تڏهن مون ڄاتو، هي سڀ راند هئي... وقت گذاري هئي... ڪا نئين ڳالهه نه هئي... نئين نئين جواني اڪثر اهڙا ابتا سبتا قدم کڻائي وجهندي آهي، مونکي... منهنجي بيچين روح کي صبر اچي ويو، پر جلدي اِهو احساس مون پر اُيرڻ لڳو ته مان غلط هئس... ڪير به تنهنجي جاءِ نٿو وٺي سگهي... ڪير به نه..."

هو ماٺ ميٺ پر صنم جي روح جي درين پر تڪيندو، ڪيس ٻڌندو رهيو... هن جو آواز ڪيس الائي ڪهڙي جذبي تحت آسمانن مان لهندي محسوس پئي ٿيو... ڪيس لڳو، زندگي بس رڳو آواز ئي آواز هجي... ٻيو ڪجهه به نه! ان مدهوش ڪيفيت پر لفظن جا شفاف موتي سندس چپن تي لرزڻ لڳا...

"تون ڪير هئين، صنم...؟

مان ڪير هئس...؟

ڇا جنم جنم جا ناتا به ٿيندا آهن...؟ جي ها، ته اسين شايد هر جنم پر الڳ رهيا آهيون، تڏهن ئي تو طرف منهنجو پيار ۽ ان جو درد... پئي منهنجي سهپ کان ٻاهر رهيا آهن...!"

"اها سچائي دل کي ايڏو درد ڏيندي، مون سوچيو به نه هو! ڪاش اهو سڀ ڪوڙ هجي ها..." هن امالڪ واچ ڏي نهاريندي پريشانيءَ مان چيو، "ڪافي دير ٿي وئي آهي، هاڻي هلڻ گهرجي."

"ويهه ته سهي... ڪا دير ته ويهه... اڃان ته توکي جيءَ ڀري ڏٺو ئي نه اٿم..."

"ڏاڍي دير ٿي وئي آهي. ماڳهين مون لاءِ ڪو مسئلو نه کڙو ٿي پئي..."

"جيئن تنهنجي مرضي..." هن لاچاريءَ مان چيو. "ڇا وري ڪڏهن ملي سگهنداسين؟ گهٽ پر گهٽ فون نمبر ئي ڏيئي ڇڏ..."

"فون ته في الحال ڪٽرائي ڇڏيو اٿس..."

"ڪٽائي ڇڏيو اٿس!" فهد ديوانن جيان هن جا لفظ ورجايا... ڪيس لڳو عرفان فون ڪٽرائي ڄڻ صنم جو گلو گهٽڻ چاهيو هجي... هن جي ان

گهري، پهريائين تہ نهڪر ۾ ڪَنَي ڪنڌ لوڏيئين پر پوءِ خيال ٿيس تہ ڪٽي بوريت دور ڪرڻ لاءِ ماڳهين سر تي نہ اچي ويهي، تنهنڪري اتان ئي رڙ ڪندي چيائين:

"ها، ها... آءُ موڪليان پئي..."

ان وچ ۾ فهد بہ چوڪيدار لالي بدران صنم جو سريلو آواز جهڙي مٿي ڏسي وٺي ڏند نيڙ ڪئي، جنهن کي ان مهل مسز سومرو جي خوف کان نظرانداز ڪري، هو بنا ڪو تاثر ڏيڻ جي اندر هلي وئي، روزي جيڪا گهر جو ڪم ڪار لاهي هاڻ وڃڻ واري هئي، تنهن کي يڪيون ٽي ڪيسيٽون هٿ ۾ ڏيندي چيائينس:

"هي مسز سومرو کي ڏيندي وڃجانءِ..."

ڪيس اماڻي فليٽ جو در بند ڪري هن وري بالڪونيءَ ڏي ڏڪ پاتي، جتي هيٺ ٽنيي کي نيڪ ڏيو فهد ان سوچ ۾ گم هو تہ مٿي وڃي يا نہ... ڇاڪاڻ جو صنم جي بدحواسيءَ مان لڳس تہ 'لائين ڪليئر' ناهي، پر ٻيهر سندس مسڪرائيندڙ چهرو ڏسندي وٺي مٿي سيڙهين ڏي پيڪو...

ڊور بيل تي صنم اُتاوليءَ مان اچي در کوليو.

"هلو!" فهد اندر ايندي خوشدليءَ مان چيو. صنم مرڪي هن جي آجيان ڪئي.

"تو تہ اهڙي لاتعلق نموني سان ڏسي مون کي اصل ڊيڄاري ڇڏيو، جو مٿي اچڻ جي همت ئي نہ پئي ٿي..."

"عقلمندي ڪير نہ جي مان بہ جوابي ڪارروائي ۾ ڏند شيڪ ڪيان ها تہ اِها هچا مسز سومرو منهنجي خلاف سموري اپارٽمينٽ ۾ ابتيون سبتيون ڳالهيون هَلائي ڇڏي ها..." هن فهد کي صوفي تي ويهڻ جو اشارو ڪندي چيو ۽ پاڻ بہ سندس پر واري صوفي تي ٽي ويٺي.

"Wow!" هن جديد انداز ۾ سجيل نَنڍڙي ڊرائينگ روم ۾ نظر وجهندي بي اختيار چيو. "گهر تہ ڏاڍو خوبصورت آهي. لڳي پيو عرفان کي تنهنجي آرام ۽ آسائش جو ڏاڍو خيال آهي."

هوءَ اداسيءَ مان رڳو مرڪي.

"غلط وقت تي اچي توکي ڊسٽرب تہ نہ ڪيم؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چانڊوڪيون ڪِڙنديون..."

"پوءِ ڇو ڇيئي تہ خوشبو گهٽ ٿي اچي." هِن هڪ ادا مان ڇيو.

"ان لاءِ جو تو مونکي تمام گهڻو پيار ڏنو هو."

"تو بہ تہ ڏنو هو، اها خوشبو بہ تہ نيٺ گم ٿي وئي هئي..."

"نہ منهنجي جان نہ، منهنجي دل ۾ تہ تو لاءِ خوشبوئن جا ڍُڪ ڀريل آهن... مونکي تنهنجو قسم... منهنجي جان جو قسم... تہ منهنجي دل جي مالڪ اڄ بہ صرف ۽ صرف تون آهين... مونکي تہ اڄ بہ تون ايئن ٿي لڳين جڻ مون ڪان سواءِ توکي ڪنهن ڇُهيو ئي ناهي... تنهنجي ساٿ سان مونکي زندگيءَ ۾ وري سونهن نظر آئي آهي... تون ساڻ هوندينءَ تہ مان زندگيءَ جي مڙني وڇايل رنگن کي ٻيهر فتح ڪري وٺندس..."

پر هِن ڪجهہ چوڻ بنا سندس اکين ۾ نهاري جڻ پاڻ ٻوڙي ڇڏيو...

هوءَ ڪيس ڪيترو گهرندي هئي، اِهو تہ هِن خود بہ نٿي ڄاتو، سواءِ اِن جي تہ سڄي دنيا ۾ هو هڪ ئي هو جنهن کي هِن پنهنجي احساسن ۽ جذبن جي سمورين سچاين سان پنهنجو ٿي سمجهيو... فقط هُن سان ئي سندس دلي، ذهني ۽ جذباتي ايڊجسٽمينٽ ٿي سگهي هئي... هڪ وار وري ماٺ ڊرائينگ روم ۾ ڳالهائڻ لڳي... پر صنم جي اندر ۾ ايرنڊڙ سڏڪن اوچتو ٻاهر اچي اِن ماٺ کي جڻ چرڪائي وڌو... فهد بي اختيار صوفا تان اٿي سندس ٻنهي هٿن کي جهلي هِن جي پير ۾ ٿي ويٺو، هو تنهائين سڏڪن ۾ پڄي وئي... گرم گرم لڙڪ فهد جي هٿن کي ڀڄائيندا رهيا، هن جي اندر جي ڪيفيت کي بيان ڪندا رهيا...

"تو جهڙي رنگ وڪيڙيندڙ انڊلٺ رنگي ڇوڪري ايڏي ڏکوئيل ۽ ڀَڳل ڀُريل ٿي پوندي، مون ڪڏهن سوچيو ئي نہ هو." هن سائيڊ بورڊ تان پاڻي جو گلاس کڻي کيس پيارِيندي چيو. "تون پاڻ کي ڪڏهن بہ اڪيلو نہ سمجهجانءِ تہ ڪير توسان شيئر ڪرڻ وارو ناهي، مان توسان گڏ آهيان، هر قدم تي... هر موڙ تي... سدائين گڏ هوندس، جڏهن شيئر ڪرڻ وارو ڪو پنهنجو ملي وڃي تہ پوءِ دل تي ايڏو بوجهہ نہ ٿيندو آهي... هاڻ پرامز ڪر تہ تون خوش رهندينءَ، هو تنهنجي پرواهہ نٿو ڪري تہ تون بہ نہ ڪر، بس تون خوش رهندي ڪر."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فهد سنڌس چهرو مٿي ڪندي واعدو ورتو ۽ پنهنجي هٿن سان هِن جي ريشمي ڳلن تان لڙڪ اگهڻ لڳو، پر ٻي ئي پل ڪيس پنهنجي ساهن ڪان به ويجهو محسوس ڪندي هوءَ ڇرڪي پئي... پنهنجي ارد گرد پکڙيل اڪيلائين ۽ اونداين ڪانئس ويسارائي ڇڏيو ته هوءَ ڪنهن جي پلئه سان ٻڌل سماجي رشتي جي پابند به آهي... فهد جي قربن ۽ چاهتن آڏو پنهنجو پاڻ سرينڊر ڪرڻ وارو ونس ڪوبه تصور نه هو، پر به اِلائي ڇو ڪيس ڪو اڻ ڄاتل خوف محسوس ٿيڻ لڳو... پنهنجي چوگرد ٻيئل، رشتن جون مضبوط ديوارون ڏرندي محسوس ٿيون... اُها زمين جنهن ڪيس ڳاٽ اُڀچو ڪري عزت سان ٻيهڻ جي سگهه ڏني هئي سا پيرن هيٺان زلزلي جيان ڏڏندي محسوس ٿي... ۽ پوءِ ديوارون ڪِري پيون... زمين ڦاٽي وئي... هوءَ اُن ۾ ڪِرندي وئي... هيٺ، هيٺ... تمام هيٺ... پاتال ۾...

●

فهد سان ٿيندڙ تڪرين ۽ نويڪليون ملاقاتون صنم جي روحاني، جسماني ۽ ذهني ڪيفيتن جي تسڪين جو سبب بنجڻ لڳيون... گهٽ ٻوسٽ واري زندگيءَ ۾ هو هِن لاءِ هير جا ٿڌڙا جهوٽا ساڻ ڪٺي ڇڻ ڏڪاريل ڏيهه ۾ منڊائٽي مينهن جو وسڪارو ٿي آيو هو. جنهن هِن جي اندر جي رڻ ۾ رم جهم برسائي، چوڦير گلزاريون ڪري وڌيون. جن جا رنگ برنگي عڪس هِن جي چهري تي جهرمر ڪندڙ روشنين جيان ظاهر ٿي سنڌس ڪومايل مُک ۽ مرجهايل من کي ٻهڪائڻ لڳا هئا...

اڪيلي لمحن ۾ فهد جا ديوانگي مان چيل لفظ، ڪيس هر پاسي کان جلترنگ جيان ايندي محسوس پيا ٿيندا ها...

"تون منهنجي آهين... منهنجي آهين... رڳو منهنجي!"

هر ڀيري هن جا نوان نوان گفتا ياد ڪري سنڌس انگ انگ ۾ مستي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرجي وئي. ان گهڙيءَ هڪ اطمينان جو احساس مٿس ڇانئجي ٿي ويو...

"مون توکي هڪ پل به پاڻ کان پري ناهي سمجهيو صنم..."

"سچ!" هن پنهنجو چهرو سندس ويڪريءَ ڇاتيءَ ۾ لڪائيندي پڇيو هو.

"اڃان به يقين نٿو اچئي؟"

"تنهنجو هر هر يقين ڏيارڻ مونکي ڏاڍو وڻندو آهي..."

"ته وري به ٻڌ... ڪوئي ڪنهن کي جيترو پيار ڪري سگهندو آهي... مان توکي ان کان به وڌيڪ پيار ڪندو آهيان..."

"واقعي؟" هن مٿس شرير نهار اڇلي...

"ها منهنجي جان... ڏينهن ته ڏينهن پر رات جو سمهڻ مهل به مون توکي ڇڻ پنهنجي ٻانهن تي مٿو رکي ليٽيل ڏٺو آهي... توکي پيار ڪيو آهي... مونکي پڪ آهي ته اڪيلي لمحن ۾ تو به مون لاءِ ايئن ئي محسوس ڪيو هوندو... مونکي ياڪر ۾ ليٽائي پيار ڪيو هوندو..."

هيڏانهن پنهنجي گهر ۾ لڳندڙ ڪاٺ ڪان بي خبر عرفان، سندس طبيعت ۾ آيل تبديليءَ کي محسوس ڪندي ان خوش فهميءَ ۾ مبتلا ٿي ويو ته روز روز جي کِل کِل بدران هاڻ صنم حالتن سان پاڻ ايڊجسٽ ڪري ورتو آهي، پر ٻئي طرف عرفان جون مڙهيل اجايون پابنديون، هاڻ ڪيس زندگيءَ جهڙيون عزيز محسوس ٿيڻ لڳيون. ڪڏهن ڪڏهن ته هوءَ دل ئي دل ۾ هَن جي شڪرگذار به ٿي پوندي هئي جو سندس ئي روين ۽ پابندين جي ڪري ڪيس پنهنجو پيار موٽي مليو، ان ڀهرئين ڀهرئين شخص جي هٿن جو ڇهاءُ موٽي مليو، جنهن سندس جسم، روح ۽ پيار کي فتح ڪيو...

"اوه عرفان! منهنجا محسن، تون ڪيڏو نه پيارو آهين..." اهڙين مهلن تي هوءَ اڪثر اِهو سوچي بي رحميءَ مان مُرڪي ٿي پئي... پر اها مرڪ سِندس ئي خوشين تي برق بڻجي ڪرندي، تنهن جي ڪيس ڪا سِمڪ ئي نه هئي...

ڪُمهلي وقت تي اجنبي شخص جو پرائي گهر ۾ اچي لٽ ڪوڙي ويهي رهڻ ۽ وري مرد ماڻهو جي اچڻ کان اڳ ئي پويان پير ڪري موٽي وڃڻ واري ڪِرت، لاشڪ ته اپارٽمنيٽ ۾ رهندڙ ڪيترن ئي ماڻهن کي معاملي جي سنگينيءَ جو احساس ڏيارڻ لڳي... تڏهن ڪان ئي اڻ وڻندڙ معنيٰ خيز نِهارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جون سرچ لائيٽون فهد کي پنهنجي گهيري ۾ وٺڻ سان گڏ، اکثر صنم کي به ٻاهر نڪرڻ تي روح جي آرپار ڪپندي محسوس ٿيڻ لڳيون...

ان عشق مشڪ جي هڳاءَ نيٺ پنهنجا رنگ لاتا. جو اِهي سنڪا پُٺڪا عرفان جي ڪَن تائين به اچي پهتا...

فهد سان رومينٽڪ موڊ ۾ ويٺل صنم لاءِ اهو ڏينهن قيامت ٿي ته هو جڏهن اوچتو ڊور بيل وڄي، ٻنهي کي ڇرڪائي ڇڏيو...

"ڪير هوندو...؟ ڪير تو تي سگهي...!" هِن سنڌي روم ۾ پکڙيل دونهين جي بادل ڏي هراسيل نظرون وجهندي، لرزندڙ لهجي ۾ پٽڪيو...

"ڪٿي عرفان ته...." ان ڪان اڳتي جو هو تصور به نٿي ڪري سگهي... ڪيس ٻنواٽيون اچڻ لڳيون... قدم زمين ۾ ڄمي ويس... گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾ فهد تي به ڄڻ هيڊ هارجي وئي... ڪجهه لمحن لاءِ ڇانيل موت جهڙي ماٺ کي چيريندي هڪ وار وري ڊور بيل وڳي، هوءَ ڪنهن روبوٽ جيان اٿي ۽ ڪجهه چوڻ آکڻ بنا در جي ڪنڊي کولي ڇڏيائين... متي نهارڻ جيتري ته منجهس سگهه ٿي نه رهي... قدمن مان ٿي سمجهي وئي ته سامهون ڪير هوندو...

عرفان ڇُوهه منجهان اندر گهڙي پيو، تيز مرداڻي پرفيوم ۽ سگريٽ جي دونهين اڳتي وڌي ڄڻ سندس آجيان ڪئي. صنم در بند ڪري جيئن ئي مڙي ته هُن ڪيس زوراڻي ڇماٽ وهائيندي دهشت مان پڇيو:

"ڪير آهي اِهو ڪجر جو پٽ، جنهن سان ملي پنهنجي ۽ منهنجي منهن تي دانگي پئي گهمائين؟ ڪٿي لڪايو اٿئي اِن حراميءَ کي..."

هوءَ چپ... اصل ماٺ... ڄڻ رات جي سانت ۾ برسات پنل ڪا اوڏڪي پت...

فهد ته انڌيءَ محبت هٿان مجبور ٿي، به مهينا اڳ ٿي زندگي داءَ تي لڳائي موت جي کوهه ۾ ٽپي چڪو هو. ان مختصر عرصي وارين ملاقاتن ۾ صنم ڪيس ڄڻ سالن... صدين جو پيار جهول ڀري ڀري ڏنو هو... اِن ٿي ٻَل تي هو هراسيل هوندي به بردباريءَ مان پنهنجي جاءِ تان اٿي بينو ۽ لائونج ۾ ايندي مُنهن جي پڪائيءَ مان چيائين:

"عرفان صاحب اوهان کي ضرور ڪا غلط فهمي ٿي آهي، اسان جي وچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ اهڙو ڪوبہ رشتو ناهي، جنهن کي اوهان کو خراب نالو ڏيو... صنم ۽ مان شروع کان ئي هڪ پاڙي ۾ رهيا ۽ گڏ کيڏيا ڪڏيا آهيون... بس اهو ئي ننڍپڻ جي دوستيءَ جو ناتو آهي اسان جو..."

"دوستيءَ جا سَڪا! سوئر جا پٽ! منهنجي ئي گهر ۾ تو مونکي بيوقوف بڻائين، ڊوڙ تو وجهين اکين ۾! مان توکي ڪونہ ڇڏيندس. پراين عزتن سان گهٽتي ڪيڏئين، هاڻ موت سان بہ کيڏي ڏس." هَن ڪيس زوراڻتو تيلهو ڏئي هيٺ ڪيرائي وڌو ۽ هسٽيريائي انداز ۾ اڳتي وڌي سامهون رکيل چيسٽر مان پريل ريوالور ڪڍيو، اهو ڏسي فهد جي حواسن تي ڄڻ فالج ڪِري پيو، پاڻ بچائڻ جي ڪيس ڪا واٽ ئي نٿي سجهي... هو جتي ڪِريو، اُتي ئي پيو هو... عرفان جي سِر تي تہ ايڏو خون سوار هو جو پانيائين تہ ٻنهي کي شوٽ ڪري پاڻ کي بہ اتي جو اتي اقٽ ماري وجهي، پر اهو منظر ڏسي صنم رڙيون ۽ واڪا ڪندي ڪيس ڇهڻي پئي ۽ پٽ جا واسطا ۽ قسم ڏيئي ڪانئس ريوالور کسڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. عرفان شديد صدمي ۽ ذهني دٻاءَ جي ڪيفيت مان نستو ٿي متو جهلي پٽ تي ڍرڪجي پيو ۽ پوءِ امالڪ ٻنهي هٿن سان زوراڻتا ڏڪ هڻي پنهنجو منهن متو پٽڻ لڳو.

ان اوچتي آيل طوفان تي اندر ستل ٻارڙن ۾ راڙو راڙ پئجي وئي، پر واري فليٽن جون دريون کلڻ لڳيون ۽ ماڻهن جا ڪن اُڀا ٿي ويا!

عرفان جذبات جي شدت مان اوڇنگار ڏيندي، ڪڙڪي مان چيو:

"ٻئي پنهنجا پليت وجود ڪٽي هاڻ جو هاڻ هتان نڙي وڃو! مان توهان کي هڪ پل بہ برداشت نٿو ڪري سگهان!!"

فهد ڦڙتيءَ مان ڪپڙا چنڊي اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪنڌ ورائي ڏسڻ بدران وٺي ڪڙين تي زور رکيائين، پر صنم پنهنجي جاءِ تي سُڪ ٿيو بيٺي رهي.

ٻارن جي مسلسل هانءَ ڦاٽين دانهن تي هوءَ ڪُوريون وکون کڻندي ڪمري ڏانهن وئي تہ عرفان بہ الائي ڪهڙي جُهڪي اچڻ تي پويان لڳو آيس، اِن کان اڳ جو هوءَ ڇرڪيل اِفراح کي هنج ۾ کڻي ماٺ ڪرائي، عرفان روئيندڙ شايان کي ڇتائيءَ مان ڪانيڙائيءَ کان ڇڪي هِن جي سامهون اچي بيٺو ۽ چيائينس:

"رک هن جي متي تي هٿ ۽ ٻڌائي تہ اِهو مُردار ڪير هو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”فهد!“ هن پٽ تي هٿ رکڻ بنا ئي ڏيءُ کي سيني سان ڀينچيندي همت ڪري چئي ڏنو.

”ڪميڻي عورت! شاديءَ کان اڳ تنهنجي باري ۾ جيڪو ڪجهه ٻڌي نظر انداز ڪيو هئم، تنهن کي هاڻ تون ورجايو پئي ڏيکارين جو اڄ تنهنجا چاهيندڙ مون اشراف جي گهر تائين به اچي پهتا آهن! ڇا ناهي ڏنو مون توکي؟ نالو، عزت، اولاد، گهر گهاٽ، پئسو پنجڙ اهان ڪهڙو ڦاهو گهربو هئي...“

”آسائشن جي جيڪا لسٽ ڳڻائي اٿوَ، زندگي گذارڻ لاءِ رڳو اِنهن جي ئي ته ضرورت نه هوندي آهي، ڪنهن جو سچو ساٿ به ته گهرجي تو...“ هِن زهريلي لهجي مان وراڻيو.

”تنهنجي ته مرضي آهي نه ڪر ڪار ڪريان، نه ڪمايان... سارو ڏينهن پلنگ جي پائي سان ٻڌو توسان وينو عشق جو اظهار ڪيان؟“

”مون ايئن ته ناهي چاهيو...“

”تو جيڪو چاهيو، سو توکي حاصل ٿي ويو. منهنجي اکين ۾ ڌوڙ وجهي هر پاسي ته خواري ڪرائي ڇڏي اٿئي... اڄ ته اکين سان پاڻ به اچي اِهو لقاءُ ڏٺو اٿم.“

”ڪهڙو لقاءُ ڏٺوَ؟ ڇا پئي ڪيو مون؟“ هن اکيون ڦوٽاريندي دهمان مان پڇيو. پنهنجو ڪيس پاڻ وڙهڻ وارو اعتماد هوريان هوريان منجهس ورڻ لڳو.

”سڄو ڏينهن گهر ۾ اڪيلي بانديائي بڻيو وينِي آهيان، ڪير ڳالهائڻ وارو ڪونهي، ڪيڏانهن وڃڻ جي اجازت ڪانهي، ڪنهنجو اچڻ توهان سَهو ڪونه، ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر وڃڻ واري ذميداري به توهان کان وسري وئي آهي، باقي ڇئن ديوارن وچ ۾ ٽي. وي ۽ وي. سي. آر جي سهاري آءٌ ڪيستائين ماٺ ڪيو وينِي هوندس... سڱئون سڌو ماڻهو به اهڙي ماحول ۾ هوند چريو ٿي پئي... هن جي ڪڏهن ڪڏهن اچي وڃڻ سان مان چار گهڙيون جي پوندي آهيان... منهنجو هن سان سواءِ دوستيءَ جي ٻيو ڪوبه تعلق ناهي...“

”تو جهڙين رنن جي دوستين کي آءٌ چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو! منهنجي اعتماد کي دوکو ڏيئي، بي حيائي ۽ بي غيرتيءَ جي انتها ڪري ڇڏي اٿئي! دل وندرائڻ جو اهڙو شوق هئي ته منهنجي عزت جو خاڪ ۾ ملائيئي، شادي به ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان ئي ڪرين ها...“

”پنهنجي پيرن تي بيٺل هجي ها ته اَها به تي وڃي ها...“

”باقي ترا ڪيڏڻ لاءِ منهنجي ڪڇيءَ ۾ اچي پئين؟“

”اهو چو تا وساريو ته منهنجي مائٽن مونکي زوري توهان جي سِر تي ڪونه مڙهيو، اوهان پاڻ گهر ڪئي هئي.“

ان طنزيه ورنديءَ تي هو ٺڏو شوڪارو ڀري ماٺ ٿي ويو. صنم اهو داٻو ڏئي پاڻ کي ڪي قدر سنيالي ورتو، جنهن بعد عورتن وارو مخصوص هٿيار استعمال ڪندي ڳوڙها ڳاڙڻ ۽ اوڇنگار ڏيڻ شروع ڪري ڏنائين. اهو حال ڏسي ڪجهه گهڙيون ماٺ تي ويل ٻارن وري وٺي پنهنجي ماءُ جي سُر سان سُر ملايو.

”بسَ ڪريو نه ته سيني کي ماري پورو ڪندس!“

”مان هاڻ جو هاڻ بابا جن ڏي ويندس،“ عرفان جي دڙڪي کي ڪٽ ۾ نه آڻيندي صنم ’چوري ۽ سينا زوري‘ واري تيزيءَ مان ڳالهايو.

”توهان اهڙا رهيا ئي ناهيو جهڙا اڳ هئا...“

”تو به واهه جي پاڪدامني ڏيکاري آهي جو مان به ساڳيو رهان، مون توکي ان مهل ئي چيو ته هُن حراميءَ سان گڏ دفعان ٿي وڃ، مان پل لاءِ به تو جهڙي بدڪردار زال جو وجود پنهنجي گهر ۾ برداشت نٿو ڪري سگهان! تون مائٽين وڃ يا جهنم ۾، مونکي نه تنهنجي پرواهه آهي نه ئي ضرورت!“

ايئن چئي هو بيڊ روم مان پير ستيندو هليو ويو.

●

جيسين نور بانو جو سهرو حيات هو، تيسين گهر جي ڪنڊ وسي پئي هئي، جيئرو لاش هوندي به ڪيس مرد ماڻهو واري اهميت حاصل هئي، پر سندس ٻئي جهان اُسهڻ بعد وقار علي ۽ نور بانو گهر ۾ بنهه اڪيلا رهجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويا. جنهن پٽ عادل تي ناز هئڻ ته پيري ۾ ڪين اڪيلو ننڌڻڪو نه ڇڏيندو، تنهن به پاڻ جي پر ڪندي وچي ولايت وسايا. رت جي رشتي جي جاءِ وچي فون جي سرشتي ورتي. جو مهيني ماسي آمريڪا مان فون ڪرڪائي ماءُ پيءُ جي خبر چار وٺڻ وارو فرض نڀائيندو پئي آيو.

گهر جي اڪيلائي، ويراني ۽ واندڪائي واري زندگي وقار علي کي هفتي ڏهن ڏينهن ۾ دوستن وٽان نئون پراڻو تي اچڻ لاءِ، اپر سنڌ جو دورو ڪرڻ تي نڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. تڏهن ئي عابده به ماءُ جي اڪيلائي ونڊڻ لاءِ ڪي ڏينهن اچي وٽس رهي...

نما شام جو رڪشي جي آواز ۽ ڊور بيل وڄڻ تي عابده ٿي. وي سامهون ويٺل ماءُ کي گوڏا جهلي اٿندي ڏسي ڪيس روڪي پاڻ در تي وئي، سامهون صنبر کي ابهم پارڙن سان اڪيلو بيٺل ڏسي حيرانيءَ مان لوٽا هٿندي پڇيائين:

"هِن مهل تون اڪيلي! ادو عرفان ڪٿي آهي؟"

هن گيٽ مان اندر ايندي نظرون ملائڻ بنا ئي وراڻيو:

"هو شهر کان ٻاهر ويل آهي..."

"ڪوڙ نه ڳالهائي، سچ ٻڌائي، جهيڙو ته نه ڪيو اٿئيس؟"

عابده لائونج تائين کڻي لڳندي دهمان مان پڇيس، شايان جي ٻَڪ وکهي رڙ مٿان رڙ تي پئي، جنهن تي نور بانو ٻاهر نڪري آئي، هوءَ ڌيءَ سان ملي ئي ملي عابده اڳ ئي وڌي ٻانگ ڏني:

"تنهنجي سڪيلڌي، مڙس سان جهيڙو ڪري آئي اٿئي..."

"وري ڇا ڪيئي؟ تو ته اسان کي ساڙي رکيو آهي!" نور بانو تڪائيءَ مان چيو.

"گهر ۾ پير مس پاتو اٿر جو ڪٽي نڙيءَ مان جهليو اٿوَ. گهٽ ۾ گهٽ اندر گهڙڻ جي مهلت ته ڏيو" صنبر جيڪا اڳ ئي تپيل هئي تنهن به ڇتائي ڏيکاري.

هوءَ ڪمري ۾ اچي اِفراح کي بيڊ تي ليٽائي سندس ڊائپر چينج ڪرڻ لڳي، تنهن بعد شايان کي بئگ مان کير جي بوتل ڪڍي پيئڻ لاءِ ڏنائين.

"ها. هاڻي ٻڌائي ڇا ڳالهه آهي؟" نور بانو پر ۾ ويهندي پڇيس، جڏهن ته عابده ٿلهو تارا ڦوٽاري، چيلهه تي هٿ رکي، احوال ٻڌڻ لاءِ بيٺي رهي.

"مون کو جهيڙو ناهي ڪيو. هن ئي منهنجي بي عزتي ڪئي آهي... هو نهايت ئي گندي ذهنيت وارو شڪي مزاج شخص آهي..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”آخر ٻہ ڇا ٿيو؟ جو پٺي نسورا بهتان هڻين ويچاري تي، اسين ٻہ ڪيس سڃاڻون. هو اهڙو ناهي.“ عابده چڙهيس.

”پري جا ڳالہ سيني ڪي سرها لڳندا آهن. ويجهو رهي ڏسو تہ پاڻهي خبر پوندي تہ هو ڪيڏو نہ ذليل ماڻهو آهي، ساهيڙيءَ جي ياءِ اڳيان منهنجي عزت ٽڪي جهڙي ڪري ڇڏيائين... ويچارو پيءُ جي مڱڻي جي دعوت ڏيڻ آيو هو، مونکان رڳو غلطي اها ٿي جو عرفان جي غير موجودگيءَ ۾ گهر ۾ ويهاري چانهہ ڇڪي پياري مانس...“

”تو ٻہ حد ڪئي جو يڪدم غير ماڻهوءَ کي آٿي گهر ۾ ويهاريئي... در تان ئي ڪارڊ وٺي ڇڏين ها...“

”ڪوئي ايڏو پري ڪان اڌ شهر لتاڙي دعوت ڏيڻ اچي، تہ ان کي چانهہ پاڻي پڇڻ بنا ئي موٽائي ڇڏڻ ٺيڪ ٿيو تہ نٿي، هونءَ ٻہ آءُ ڪهڙي اڪيلي هئس، پار ساڻ هئم. روزي ٻہ ڪم ڪار ڪري مس نڪتي هئي... ساهيڙيءَ جو ياءُ مون لاءِ ٻہ تہ ياءُ جهڙو ئي هو... عرفان تہ گهر ۾ گهڙندي ئي مهمان جو آدر ڪرڻ بدران ماڳهين پادر ڪنيو آيو. منهنجي تہ هن اڳيان جيڪا بي عزتي ڪيائين سا ڪيائين، ’اندو هاٿي لشڪر لتاڙي‘ جيان هن مسڪين جو ٻہ سِر ٿي روليائين... هاڻ تہ اهڙي ڪميني شخص وٽ آئون هڪ پل ٻہ نٿي رهي سگهان، بابا کي ٻہ منهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏجو.“

عابده ۽ نور بانو ان مهل اهو سوچي ماٺ ٿي ويون تہ عرفان پاڻهي هميشہ جيان اچي وٺي ويندس، پر جڏهن سڄو سارو هفتو لنگهي ويو تہ نور بانو پريشان ٿي وئي. تنهن ڏينهن نماڻائيءَ مان اچي عابده جو پاسو ورتائين:

”منڙي... تون سياڻي آهين، عرفان کي سمجهائي تہ هميشہ جيان هن پيري ٻہ ڪٽي صنم جي ٻاراڻيءَ کي درگذر ڪري... هوءَ وري ٻہ نادان آهي، ڪيس دنيا داريءَ جي خبر نٿي پئي، وقت سان پاڻهي سِکي ويندي...“

”خدا جا شان... جو هاڻ مان ٻہ ٿي سياڻي ليکجان! اڳ ڪا هن لاءِ چڱائي جي ڳالهہ ڪندي هئس تہ منهنجو چوڻ ڏکيو لڳندو هيوَ، ڄڻ دشمن ئي رڳو آءُ هئي مانس...“

”شل نہ ڇهڪ ڏيڻ جو وجهہ ملنئي،“ نور بانو شرم ڏيارڻ واري لهجي مان چيس. ”مونکان جيڪي خطائون ٿيون آهن سي ڪٽي بخش ڪر، هي هٿ


Scanned with CamScanner

ٿي پڏئين... هاڻ اتي ڪو پيڻ جو بلو ڪر..."

عابده ماءُ جي هٿن ڪي پنهنجي هٿن ۾ جهليندي، رازداريءَ مان چيو:

"مونکي ته لڳي ٿو، هو سمورا ڪوڙ ويٺي گهڙي... اصل حقيقت ڪا ٻي آهي، نه ته ادو عرفان اهڙو آهي ئي ڪونه. رساما ڪري ايندي هئي ته ڏينهن ٻن ۾ ئي اچي وٺي ويندو هئس..."

"اندر جا حال خدا ڄاڻي، هتي ته جيڪو ڇئي پئي سو ئي پيا ٻڌون..."

"ڪٿي ان ساڳي ڇوري سان ته ڪونه جهليو اٿس. جنهن اڳ ۾ به خواريون ڪرايون هئس." هن گمان ڏيکاريو.

"پٽس ئي اهي ڪرتوت برداشت نه ڪري سگهيو ته مڙس وري ڪٿان ڪندس، غيرت ذرو ته ان غريب منجهه به هوندو نه..."

"ٻن ٻارن جي ماءُ تي شڪ ڪرڻ ٺهي ته نٿو... مونکي ته سمجهه ۾ ئي نٿو اچي ته هو ڇو اچي صنم سان ڇپ پيو آهي... اڳ ته اهڙو ڪونه هو. هيڪاندا شڪ ڪري، پابنديون مڙهي سنئين سڌي ڇوڪريءَ کي ڏنجن جي منهن ۾ وجهي ڇڏيو اٿس."

"تون ڇئين ٿي ته ڪٿي عرفان سان ڳالهايان ٿي، باقي هيءَ مائي پنهنجو گهر پاڻ ٿي ڦٽائي... تون مڃ نه مڃ..."

"هاڻ جيئڻ به هجي، ۾ پٽهين جي اچڻ کان اڳ سندن وچ ۾ سرچاءُ ٿي وڃي ته چڱو... هن ۾ هاڻ سهڻ جي سگهه نه رهي آهي... منهنجي ته رات ڏينهن رب کان اها دعا آهي ته شل هن جي هٿن ۾ سرهي ٿيان..."

●

عابده جي غير موجودگيءَ ۾ وجهه ڏسي، صنم نيٺ فهد سان فون ذريعي رابطو قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

"تنهن ڏينهن جيڪو ڪجهه ٿيو، ان جو ذميوار مان پنهنجو پاڻ کي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهان... خدا نہ ڪري جي توکي ڪجهہ ٿي وڃي ها تہ مان بہ زنده نہ رهي سگهان ها..."

"تنهنجو ڪوئي ڏوهہ ناهي صنو... تو لاءِ تہ مان هر هر جنم وٺي بہ قربان ٿي سگهان ٿو، پر شايد مون کان ئي اِها ڀُل ٿي وئي جو مان تنهنجي تمام ويجهو اچي ويس... اهو ڄاڻندي بہ تہ هاڻي تون رشتن ناتن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهين..."

"ايئن چو ٿو ڇئين فهد... ايئن تہ نہ چئو... مان تہ تو بنا اڌوري هئس... اڻ پوري هئس... تنهنجي صورت ۾ مونکي ڄڻ پنهنجو وڇايل وجود موٽي مليو آهي... هاڻ تہ توکان سواءِ رهڻ جو تصور بہ ناممڪن آهي... اِهو تون ئي تہ هئين، جنهن جي ڪري زندگي مونکي وڻڻ لڳي... تنهنجي سهاري ملڻ کان پوءِ ئي تہ جيئڻ لڳي هئس مان..."

"ڄاڻان ٿو جانان... مان سڀ ڄاڻان ٿو، توکي بہ تہ اندازو هوندو تہ تون منهنجي ڪيڏي نہ ڪمزوري آهين، تون يقين ڪندينءَ صنو تہ مان توکي شاديءَ بعد ڀھريون ڀيرو وکريل حالت ۾ ڏسي ڪيئن نہ لرزي ويو هئس. مونکي لڳو ڄڻ منهنجو آدرش منهنجي سامهون ئي بي رحميءَ مان ڀڃي ڀُري رهيو هجي، مون توکي ان ساڳي صنم واري روپ ۾ ڏسڻ ٿي چاهيو، جيڪا منهنجي تصور جي دنيا ۾ آباد هئي... توسان سڀ ڪجهہ سِيرسيلي شيئر ڪرڻ ٿي چاهيم... سموريون ويرانيون، اڪيلايون، محروميون توکان ڪسڻ ٿي چاهيم، تون زندگيءَ ڏي ورڻ لڳي هئينءَ... مان خوش هئس... تمام خوش... پر اهو ڪجهہ ٿي ويو جيڪو نہ ٿيڻ کپي ها... صرف ۽ صرف منهنجي غلطيءَ جي ڪري تنهنجو پرم عرفان سامهون ٿي پيو..."

ڳالهائيندي ڳالهائيندي ڏک جي شدت مان هن جو آواز جهيڻو ٿي ويو... ڪي پل ماٺ رهي چيائين، "ڪيڏو نہ بدنصيب آهيان مان جو هر ڀيري تولاءِ خوشين جي رنگين ريپر ۾ درد ئي تو ويڙهي ڪٺي اچان... هاڻ دل تي جبر ڪري بہ اِهو فيصلو ڪيو اٿم تہ پاڻ وري نہ ملنداسين... ڪڏهن بہ نہ... مان پنهنجي خودغرضيءَ هٿان مجبور ٿي توکي وڌيڪ برباد نٿو ڪرڻ چاهيان... تنهنجو ڏک منهنجي سهپ کان ٻاهر آهي..."

"اچا! تہ پوءِ سڻئون سڌو اهو چو نٿو چئين تہ هڪ وار وري تنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راند ختم ٿي چڪي آهي... ڳالهه کي ايڏو ڦيرائي گهيرائي ڇو پيو ڪرين...“ صنم پاڻ تي ضبط ڪندي ڏڪاري لهجي ۾ چيو.

”توکي خبر آهي ته تون ڇا پيو چئين؟ ڇري تو منهنجي نيت تي شڪ ڪري ڇڻ پنهنجي پيار جي توهين ڪئي آهي. ڇا پيار تولاءِ رڳو جسماني قرب جو ئي نالو آهي؟ اهو ته روحن جو ڪڏهن به نه ڇڄڻ وارو رشتو آهي، جيڪو اسان جي وچ ۾ هميشه قائم رهندو، اِن رشتي کي ڪير به ٽوڙي نٿو سگهي...“

”ته پوءِ ڇو تو نه ملڻ جون ڳالهيون ڪري دل ڏڪوئين... ڇو تو جياري وري مارين... مونکي هاڻ ڪنهن جي به پرواهه ناهي، ڪنهن جي به نه... ۽ نه ئي مونکي عرفان جي ضرورت آهي... بس تنهنجو ساٿ ئي مون لاءِ حيات آهي...“ هِن جذباتي ٿيندي چيو.

”ناداني واريون ڳالهيون نه ڪر، اهو سچ آهي ته پيار خود غرض بڻايو وجهي، پر ايئن نه سمجهه ته اِن خود غرضي ۽ بربادي‌ءَ جو ڪنهن تي اثر نه پوندو، ابراهيم مان ڪو فيصلو ڪري، پنهنجي گلن جهڙي ٻارن کي ٽِڙڻ کان اڳ ئي مرجهائي مارڻ واري سزا نه ڏي... پاڻ دور رهندي به هڪ ٻئي منجهه رهنداسين... يادن ۾، خوابن ۾ خوشبوئن ۾ جيئنداسين... هٺ پل ته ڇڏائجي وڃن پر تعلق نه ڇڏجي... دورين تي رهندي به تنهنجو منهنجو رشتو هڪ نئون رخ اختيار ڪندو.... جيڪو مون لاءِ هر رشتي کان بلند آهي... اسين چاهي هڪ ٻئي سان ڪڏهن به نه ملون، پر اسان کي هڪ ٻئي جي روحن ۾ پنهنجي موجودگي‌ءَ جو احساس رهندو... اهو احساس ايستائين امر رهندو، جيستائين اسين جيئرا رهنداسين... خاموشي ۽ وڇوڙو اسان جي روحن جي هڪجهڙائي‌ءَ کي رد نٿا ڪري سگهن.“

هڪ وار وري هنهي پاسي ماٺ ڇانئجي وئي...

”تون ڪجهه ڇئو نه صنو... ڳالهائين ڇو نه ٿي؟“

”ڇا ڳالهايان...“ هن هارايل لهجي مان ورائيو.”ڇا بچيو آهي باقي ڳالهائڻ لاءِ...“

”تنهنجو اِهو لهجو منهنجي فيصلي کي ڪمزور ڪري وجهندو... هيٺين نه ٿي، منهنجو ساٿ ڏي... بس هڪ واعدو ڪر ته ڪڏهن به مونکي بزدلي جو طعنو ڏيئي، منهنجي پيار تي شڪ نه ڪجانءِ... سچ ٿو چوان صنم...


Scanned with CamScanner

توکي ٻڌائي نٿو سگهان تہ ان ڏينهن عرفان کي روئيندو پٽيندو ڏسي مون پاڻ کي ڪيڏو نہ ڪمينو ۽ ڪسيرڪ محسوس ڪيو، نہ تہ تو وٽان سندس ڳالهيون ٻڌي، تنهنجي حالت ڏسي... مونکي هن کان سخت نفرت ٿي وئي هئي، پر ڪيس ڏسي الائي ڇو ايئن محسوس ٿيو تہ هو ايڏو برو ماڻهو ناهي... ڪي نہ ڪي محروميون تہ هر ڪنهن ۾ ٿينديون آهن. گهڻين چڱاين جي باوجود بہ منجهس جيڪر ڪي خاميون رهجي ويون آهن، تہ تون پنهنجي اعتماد سان ان کي هينڊل ڪري سگهين ٿي... مان ڄاڻان ٿو تہ تو ۾ اهڙو ڏانءُ آهي..."

صنم ڪجهہ چوڻ بنا تڏو ساهہ پريو... فهد جون ڳالهيون هِن جي هانوَ ۾ ٻرڪي جيان لهي آيون... فون بند ڪرڻ کان پوءِ هن اهو سارو ڏينهن خيالن جي تارازيءَ ۾ پنهنجي ۽ عرفان جي روين جي تور تڪ ڪندي گذاري ڇڏيو... هر ڀيري رڳو فهد جا لفظ ٿي ڪنن ۾ ٻُريس، 'هو ايڏو بُرو ماڻهو ناهي... هو ايڏو برو ناهي...' هِن کي اندازو ئي نہ هو تہ فهد اوچتو ئي اوچتو پنهنجي نيڪ نيتي ڏيکاري، ڪيس پنهنجي ئي نظرن ۾ هيٺ ڪيرائي ڇڏيندو... دل جي هر خاني ۾ اڄان بہ هن جو ديرو هوندي، ذهن جي ڪنهن ڪنڊ مان آواز ٿي ايريس... 'هاڻ عرفان کي اچڻ گهرجي!'

●

عابده لاڳيتو ٽن ڏينهن کان عرفان جي ورڪشاپ تي صبح شام فون ٿي گهمايا، هر ڀيري 'آيو ڪونهي' جو جواب ٻڌي ڪيس مايوسي ٿي، تڏهن هن سندس گهر وڃڻ جو سوچيو، پر گهران نڪرڻ کان اڳ هڪ دفعو وري فون ڪري ڏٺائين تہ خوشقسمتيءَ سان عرفان ئي کنيو...

"اداعرفان...؟"

"ها ڀيڻ، مان ڳالهايان پيو..." هن ساليءَ جو آواز سڃاڻيندي چيو.

"ڪٿي هئا ايڏا ڏينهن، ڀڪا پئي فون ڪريان، ملو ئي نٿا."


Scanned with CamScanner

”ڪجهه ڏينهن کان طبيعت ٺيڪ نه هئي... ان ڪري ورڪشاپ تي آيو ئي نه هئس...“

”هاڻ ڪيئن آهيو؟“

”هاڻ بهتر آهيان...“ هن مختصر جواب ڏنو ته عابده به ڏيگهه ڪرڻ بدران مقصد تي ايندي چيو:

”ادا، اوهان ٻنهي ۾ ويٺي ويٺي هي وري ڪهڙا رنج رساما شروع ٿيا آهن...؟“

”اهو ته توهان صنم کان ئي پڇو ها.“ عرفان هلڪي طنز مان وراڻيو.

”هن توهان کي ڪجهه نه ٻڌايو ڇا؟“

”اسان ته متو هٽي هٽي ٻيٺا آهيون ڪجهه ٻڌائي ئي نٿي، رڳو منجهيل ۽ ملول ٿيو ويٺي آهي... ڪٿي هوندائين وري ڪا اڙٻنگائي، اوهان به هميشه جيان ڪٿي معافي ڏيوس ۽ اچي پنهنجي امانت وٺي وڃو...“

”مان ڇا ڇا معاف ڪريان، ڪهڙي ڪهڙي ڳالهه درگذر ڪريان... هن ته پنهنجي پرڪارن سان منهنجي منهن تي دانگي مَلي ڇڏي آهي.“

اِهي لفظ ٻڌي عابده کي پنهنجي دل ٻڏندي محسوس ٿي، ماءُ سان ظاهر ڪيل هن جو شڪ، هاڻ پڪ ۾ بدلجي ويو... پنهنجو پاڻ سنڀاليندي چيائين:

”توهان ڪجهه ٻڌايو ته سهي، هن نيٺ ڪيو ڇا آهي؟“

”ان کان وڌيڪ ٻيو ڇا ڪندي جو منهنجي پرپٺ ڪنهن فهد نالي شخص سان ناتا رکيو ويٺي آهي!“

اهو ٻڌي عابده هوشياريءَ مان ڳالهه کي ٺاهيندي چيو:

”جڏهن کان توهان صنم جي ڪچاين کي درگذر ڪري، وڏيون مخالفتون ۽ ناراضگيون ڪٽي ساڻس شادي ڪئي آهي، تڏهن کان ئي دوستن ۽ عزيزن جي روپ ۾ ڪي دشمن اوهان جو گهر ڦٽائڻ جي تاڙ ۾ ويٺا آهن... پاڻ کي انهن جي ڦند ۾ ڦاسڻ کان بچايو...“

”دوستن ۽ عزيزن جو ته ان ڳالهه سان ڪو واسطو ئي ناهي، اپارٽمينٽ ۾ رهندڙ هر ماڻهو ان ڳالهه جو شاهد آهي، وڏي ڳالهه ته مون پاڻ ٻنهي کي پنهنجي ئي فليٽ ۾ گڏ ڏٺو آهي... اجان باقي منهنجي بيعزتيءَ ۾ ڪهڙي ڪسر رهيل آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"مان ميجان ٿي ته هن کان ناداني ٿي آهي." عابده نهنائيءَ مان ڇيو.
"پر اِها ساک سان ضرور ڏيندس ته هن پلجي به ڪو غلط قدم نه کنيو هوندو، آخر به چڱن جي اولاد آهي.. اجائي شڪ جي بنياد تي هرويرو متس ڪا تهمت نه مڙهيو. دراصل اوهان جي هيڪاندي سختيءَ واري روين کيس وڪيري ڇڏيو آهي، تڏهن ته هو دوست ۽ ساٿي ڳولهي اڪيلائين کان فرار تي حاصل ڪرڻ چاهي... نه ته ياد ڪريو، ان کان اڳ ته هن ڪڏهن به اوهان کي شڪايت جو وجهه نه ڏنو هو، هڪ وار وري کيس ساڳيو پيار، توجه ۽ اعتماد موٽائي ڏيو، اهي رشتا ايڏا ڪچا نه ٿيندا آهن جو جذبات ۾ ڇني ڌار ڪجن..."
"توهان ته اهو سڀ ڏاڍي آسانيءَ سان چئي ويا، منهنجي اندر جي پيچ ڏاهه جو ته ڪنهن کي خيال ئي ناهي... پاڻ کي منهنجي جاءِ تي رکي، پوءِ ان ڳالهه تي سوچيو ته غلط ڪير ۽ صحيح ڪير آهي." جواب ۾ عابده تِتان پٽان ٽيندي ڳنل جملو ورجايو:
"ادا، توهان کي جيڪو صدمو رسيو آهي ان جو مونکي تمام گهڻو احساس آهي، پر ٻڌو نه اتوَ ته گهر نهڻ ۾ سال لڳندا آهن، پر ڦِٽڻ ۾ پل به نه، انهن جهيڙن جي سزا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجن معصومڙن کي ته نه ڏيو جو سياڻي وڏا ٿي معاشري ۾ ايڊجيسٽ ئي نه ٿي سگهن... وڌيڪ توهان پاڻ وس وارا آهيو، منهنجو ڪهڙو زور..."
عابده جي گفتگوءَ مان مطمئن ته هو اڃان به نه هو، پر دل من هٽي، ڪجهه مروت وکهي ته ڪجهه ٻچن خاطر کيس اِها اکين ڏٺي مک ڳيهٽي پئي، هو صنم کي واپس وٺي اچڻ لاءِ راضي ٿي ويو.

●

عرفان کي پڪ هئي ته هن شهر ۾ هو جتي به رهندو، صنم ڪنهن نه ڪنهن بهاني فهد سان وري به واسطي ۾ ايندي، ان صورتحال کان بچڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن اهو ئي مناسب سمجهيو تہ واپس وڃي ان ساڳي دبئي واري ڪمپنيءَ کي join ڪري، جتان بہ پيرا اڳ اهڙي آڇ اچي چڪي هئس.

ڪجهہ مهينن جي هڻ وٺ کان پوءِ دبئي وڃڻ وارو مسئلو بہ حل ٿي ويو. زندگي هڪ وار وري چاڪيءَ جي ڏاند جيان هلڻ لڳي، پر ذهني، دلي ۽ جسماني فاصلن ٻنهي جي وچ ۾ گهري کاهي پيدا ڪري ڇڏي. سچا سچا ڏينهن لنگهي ٿي ويا، ساريون ساريون راتيون گذري ٿي ويون، خوابن جا پوپٽ صنم جي اکين ڏي وڃڻ وارو رستو ڀلجي چڪا ها. سڄي ڏينهن ۾ عرفان جو تہ هن سان هڪ اڌ جملي کان وڌيڪ ڳالهائڻ ئي نہ ٿيندو هو. هوءَ اڪيلائين جي آڙاهہ ۾ سڙندي، پنهنجي جند، جان ۽ جوانيءَ سوڙو هوريان هوريان دونهون دونهون ٿيندي پئي وئي... تڏهن ڪيس لڳندو هو تہ ڪنهن عرب سڳوري جي حرم جي ڪا ٻانهي آهي، جيڪا عياشيءَ کان پوءِ هميشہ لاءِ ڪانئس وسري وئي هجي... هوءَ ايئن بہ سوچيندي هئي تہ گهر جي ڪنڊ ۾ ڪِليءَ سان ٻڌل ڪا جانور هجي يا پڃري جو پَر ڪتيل پکي، جنهن جي زندگيءَ جو مقصد، داڻو چُڳڻ چُڳي قيد ۾ ئي مري وڃڻ هجي...
انهن حالتن ۾ رهندي ڪيس ڏاڍو خوف محسوس ٿيڻ لڳو، هوءَ حيران هئي تہ ان ويران زندگيءَ کي آخر ڪيستائين ايئن گهليندي... هِن جو جيئڻ ئي جڻ موت جو انتظار ٿي پيو، تڏهن اڪثر ڏاڍي حسرت مان سوچيندي هئي، 'موت تہ سيني کي ايندو آهي، زندگي سيني کي ڇو نٿي اچي...' اهڙن چرين خيالن کان سواءِ ٻيو ڇا هو وٽس... ڪجهہ بہ تہ نہ... بس هڪ فهد جي ياد ئي تہ هئي، جا هن جي دل جي ويران قبر تي اجهڪا ڪائيندڙ ڏيئي جيان ٿي ٽمڪي. فهد جي ياد مان پاڻ آجو ڪرائڻ هِن جي وس ۾ ئي نہ هو... هَن بنا ڪيس پنهنجو وجود هر وقت ڦاهيءَ تي ٽنگيل محسوس پئي ٿيو.

شايان کي تہ دبئي اچڻ شرط اسڪول ۾ داخلا ملي ويو، پر جڏهن کان اِفراح بہ اسڪول وڃڻ لڳي تہ صنم بنهہ اڪيلي ٿي پئي، گهر جا سمورا ڪم ڪار سنجهيئي اڪلجي ويندا هئس، باقي وقت رڳو اِهو ئي سوچيندي گذرندو هئس تہ هوءَ وقت کي پئي ڪاٽي يا وقت هن کي پيو ڪاٽي!

ٻہ سال لاڳيتو دبئي ۾ رهڻ کان پوءِ جڏهن موڪلون گذارڻ لاءِ وطن آيا تہ فهد جي اورا ڪورا ڪيس ورائي وئي. صنم ايندي شرط هن ڏي فون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهمايا، پر هر ڀيري ڪو اوپرو آواز ٿي اچي ڪنن سان ٽڪرايس، جنهن ڪان ڪجهه پڇڻ بنا ئي هن فون رکي ٿي ڇڏيو. تنهن ڏينهن پاڻ روڪي نه سگهي.

"مونکي فهد صاحب سان ڳالهائڻو آهي..."

"بي بي اوهان ڪير ٿا ڳالهايو؟"

"مان سندس دوست جي وائيف آهيان..."

"صاحب ته بيگم سوڌو لنڊن ويل آهي..."

"بيگم!! ڇا سندس شادي ٿي وئي؟" هن بي يقينيءَ مان پڇيو.

"جي ها، سال کن ٿيو آهي، باقي گهر وارا پڻ عمري لاءِ ويا آهن."

"توهان ڪير ٿا ڳالهايو؟" هن پاڻ سنڀاليندي پڇيو.

"جي مان سندن ملازم ٿو ڳالهايان..."

"اوهه اڇا... ڀلا واپسي ڪڏهن اٿن؟" لهجي مان ڇلڪندڙ ڏک لڪائيندي پڇيائين.

"اڃان ته اتي ئي هوندا، توهان جو ڪو پيغام هجي ته..."

ڳالهه ٻڌڻ کان اڳ ئي هن فون ڊسڪنيڪٽ ڪري ڇڏيو.

"بي وفا!" بي اختيار هِن جي دل دانهيو، پانيائين ته زور زور سان روئي پاڻ کي هلڪو ڪري، پر ٻي ئي پل اندر مان ايرندڙ آواز کيس سنڀالي ورتو...

"ايڏي خود غرضي چڱي ناهي صنم... هن کي به ته جيئڻ جو حق آهي... تنهنجي فِراق ۾ ساري عمر تڏو وڇايو پيار جو ماتم ويهي ڪري ها ڇا! چڱو ئي ٿيو جو اِن باب جي پڇاڙي ٿي..."

هن پنهنجي اندر جي آواز کي هٿي ڏيندي سوچيو. "هونءَ به ڪهڙو ناتو هو اسان جو؟ ڇا نالو هو ان رشتي جو! پيار... محبت... جنون... دوستي! سڀ سچ هوندي به دنيا وارن وٽ صرف هڪ ئي سڃاڻ آهي ان رشتي جي... بي حيائي، بدچلني... آوارگي!

●

فهد جي شاديءَ وارو صدمو سهي پاڻ سنڀالي وٺڻ تي هوءَ خود به حيران هئي، هُن کيس ڪنهن اونڌهه ۾ به ته نه رکيو هو، جو سندس اِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فيملي سميت واپس رواني ٿي وئي.

●

اباڻي ڏيهہ جي هنگامي خيزيءَ مان گهر جي ملول ماحول ۾ ورڻ ڪري شايان ڇڱو ڊپريسڊ ٿي پيو. شايد تڏهن ئي عرفان کي بہ مٿس ترس آيو جو اِهو ڊپريشن دور ڪرڻ لاءِ چار ئي ڄڻا ڪا دير زندگيءَ جا عڪس جهٽڻ، دبئي جي مشهور هوٽل Ramada ۾ اچي نڪتا.

ٽيبل جي چوگرد اچان ويٺا ئي مس تہ عرفان، هال جي پرينءَ ڪنڊ ڏي نهار اڇليندي صنم کان پڇيو:

”هو ڏس، ڪٿي اهو شهزاد تہ ناهي؟“

”ڪير شهزاد...“ هن لاپرواهيءَ مان وراڻيو.

”مون وارو سئوٽ...“

”توهان پنهنجي ڪزن کي پاڻ ئي نٿا سڃاڻي سگهو، تہ مان ڪيئن سڃاڻيندس...“

صنم جي سرد لهجي کي ڪَٽ ۾ نہ آڻيندي، هن شهزاد تي ئي نظرون رکندي چيو.

”ها واقعي، توکي تہ ياد بہ نہ هوندو، پنهنجي شاديءَ کان ڪافي سال اڳ سندس شادي ٿي چڪي هئي، جنهن بعد لنڊن هليو ويو هو، مان بہ تہ هتي ڪونہ رهندو هئس، جو سائنس واسطي ۾ هجان ها...“

”ها... هاڻ ڪجهہ ياد اچي پيو، ننڍي هوندي مون بہ کيس ڪيترائي ڀيرا ڏٺو آهي...“

ان دوران ڪائونٽر ڏي ويندي شهزاد بہ کين ڏسي ورتو، ان اوچتي سرپرائيز تي هُن جون واڇون ٽِڙي پيون، هُي اڳ تي وڌي هڪ ٻئي کي ڀاڪرين ڀڄي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”مارُ! ادا هي اوچتو ئي اوچتو اوهان تي ڪهڙي تباهي اچي ٺٽي آهي!“
هُن سندس وڏيل پيٽ ۾ ڪسيل وارن ڏي نهاريندي بي تڪلفيءَ مان چيو.
عرفان جي منهن تي ڦِڪي مُرڪ هارجي وئي. هو اهڙا جملا ٻڌڻ جو هاڻ هيراڪ ٿي پيو هو. پر ٻه برجستگيءَ مان وراڻيائين:
”ٻچڙيوال پورهيتن جو شاديءَ کان پوءِ اهڙو ئي حال ٿيندو آهي.“
”ٻچڙيوال ته اسان به آهيون. پر ڏسو ته اڃان به هيرو لڳا پيا آهيون!“
شهزاد پيشانيءَ تي پيل وارن کي جهٽڪي سان پري ڪري، هٿ تي تاڙي ڦهڪائيندي چيس.
”اهو نه ويسار ته مونکان ننڍو آهين. مون واري گيٽ اپ ۾ نيٺ توکي به اچڻو پوندو.“
”هينئر ئي ته اهڙيون پٽون نه ڏي پائو!“ هن شوخيءَ مان ڪلي صنم ۾ ٻارن واري ٽيبل ڏي نهاريو، جن جو ڌيان پڻ ڏانهن ئي هو. ”ڇتبو ته پوري فيملي سان دبئي گهمڻ آيا آهيو.“
”گهمڻ وري ڇا جو. اسين ته سيٽل ئي اتي ٿيل آهيون.“
”واهه وا!“
”اڄ ته توکي انهن سان ملايان...“
ايئن چوندي عرفان کيس پنهنجي ٽيبل ڏي وٺي آيو.
”هلو ينگ مين. هلو سوئٽي!“ ٻنهي ٻارن کي پيار ڪندي هن گرمجوشيءَ مان صنم سان هٿ ملايو.
”ياپي شاديءَ جي مبارڪ هجيوَ...“
ان اوچتي ۾ پاروتي مبارڪ تي وائڙي ٿي هن اڃان سندس منهن ۾ ئي پئي نهاريو جو عرفان، شهزاد کي مخاطب ٿيندي چيو:
”اِها وري ڪهڙي بدمعاشي آهي. اسان جي شاديءَ کي ذري گهٽ ست سال اچي ٿيا آهن. تون هاڻ تو ڏئي سارو مبارڪ ڏين! مون ته لنڊن ۾ توڏانهن به ڪارڊ اماڻيو هو. پر تڏهن به ٻه اکر مبارڪ جا لکڻ ڪونه پڳئي.“
”ادا هاڻ ڇڏيو انهن ميارن کي. فارملٽي واريون مبارڪون ڏيڻ مونکان پڄن ئي ڪونه. پر سچ پڇو ته اوهان جي شاديءَ جو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هئي... مس وچي کو راضي ٿيا! سوچيو هئم ته پاڪستان اچي يڪيون مبارڪون ڏيندس پر توهان ته اسان جو انتظار ئي نه ڪيو. اڳ ئي هت اچي سيٽل ٿيا."

"شايد اسان جي ملاقات دبئي ۾ ئي ٿيڻي هئي."

"By the way ادا هڪ ڳالهه ڇوان،" هن صنم ۾ اکيون ڪپائيندي شوخيءَ مان چيو. "پاپي ماشاالله اهڙي زبردست هٽ ڪٽي اٿو جو ويساهه ئي نٿو اچي ته اِها ڪا زوجه محترمه هوندو. لڳي پيو ڪا گرل فرينڊ ساڻ ڪنيو هلو..."

صنم جي منهن تي لالي پکڙجي وئي. هن شرمائجي ڪنڌ کي هيٺ ڪيو ته عرفان سندس سچ کي ڪوڙ ثابت ڪندي چيو:

"هاڻ ايڏو به وڏاءُ نه ڪر. ماڻهن جهڙي ماڻهو آهي. مَسڪو هڻڻ ته ڪو توکان سکي..."

"توهان لاءِ پاپي گهر جي گَندي آهي نه. تنهنڪري پنهنجي خوشقسمتيءَ تي اک ڪانه ٿي پڏيو. اسان جهڙن کان پڇي ڏسو. پنهنجي پر ۾ وڏيون حُور پريون ڪنوار جي روپ ۾ وٺيو اچون. جيڪي شاديءَ جي مهيني کن ۾ ئي مچيو مينهن ٿيو پون! نڍيون هوندي به اصل ماءُ جيڏيون پيون لڳنديون. ته ماڙ عمارتن جهڙا ته سندن منهن ٿيو پَون..." هن جي زنده دلي پرئي ايڪسپريشنس تي صنم کان بي اختيار ٽهڪ نڪري ويو. جڏهن ته عرفان رڳو ڪنجوسيءَ پري مسڪراهٽ وارو ڪامپليمينٽ ڏيندي ڳالهه جو موضوع بدلائيندي پڇيو:

"پلا پاڪستان ڪڏهن تو سيٽل ٿين؟ عيد تي آيا هئاسين ته پڏو هئم اچڻو آهين..."

"تمام جلد. بس مهيني کن جي اندر..."

"هينئر ڪٿي رهيل آهين؟"

"هوٽل ۾ ئي..."

"فيمليءَ سوڌو؟"

"انهن کي وري بزنس ٽرپ ۾ ڪٿي پيو ساڻ ڪنيو هلندس..."

"ڇٻو ته اجان ايڪسپورٽ امپورٽ واري ڌنڌي سان لڳيو پيو آهين..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ها ادا، بس ان ڏنڌي جي اهڙي ڇوس پئجي وئي آهي جو هيو ڪم ڇڏجي ئي نٿو..."

"هڪڙو ڪم سنئون سڌو هلندو هجي ته هيو ڪجي ئي ڇو. ڇگو هاڻ هوٽل جي پڇر ڇڏ، دبئي ۾ پنهنجو گهر اٿئي ته پوءِ اتي رهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي،" عرفان فراخدلي ڏيکاري.

"صحيح ته چون ٿا عرفان." صنم پهريون ڀيرو ڳالهايو.

"ڪاش پهرين ملون ها ته توهان وٽ ئي اچي رهان ها. هاڻ ته منهنجي واپسيءَ ۾ به ڏينهن وڃي بچيا آهن. وري ڊسمبر ۾ آيس ته توهان وٽ ئي اچي رهبو..."

"ڪٿي اِهي ڏٺا ته ناهن..." عرفان خاطري ڪرڻ چاهي.

موٽ ۾ هن ساڻس هٿ ملائي جينٽلمين پرامس جو مظاهرو ڪندي چيو:

"مان هن پاسي هر ڇهين مهيني پيو ايندو آهيان. تنهن ڪري ڏٺي جي ڪا گنجائش ئي ناهي."

"اِهو مسئلو ته حل ٿي ويو. پر سڀاڻي توکي اسان وٽ لنچ تي اچڻو آهي." عرفان اسرار ڪيو.

"نه رڳو لنچ پر ٻن ڏينهن تائين شام جو چانهن پيارڻ واري ڇٽي به اوهان تي هوندي..."

"ضرور ضرور، ڇو نه... اسان کي خوشي ٿيندي." ٻنهي گڏجي وراڻيو.

"هينئر پلا اهو ٻڌائي ته هن وقت تون ڇا کائڻ پسند ڪندين..." عرفان خوش دليءَ مان پڇيو.

"هينئر مونکي ايڪسڪيوز ڪندا.. هو ڏسو پريان منهنجا گيسٽ ويٺا آهن. اهو ته زبردست اتفاق ٿي ويو جو ڪائونٽر ڏي فون لاءِ ايندي توهان تي منهنجي نظر پئجي وئي..."

"اِهو ڪريڊٽ رڳو پاڻ ڏي نه کڻ. ساڳي وقت منهنجي به ته توتي نظر پئي... ان ڳالهه جي صنم به شاهد آهي..."

"يابي ته هر صورت ۾ توهان جو پاسو ڪندي، پر چئو ٿا ته ڪٿي يقين ڪريان تو..." هن صنم ڏي اسٽائيلش مرڪ اُڇلي ۽ اٿندي چيائين، "ڇگو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هاٿي موڪلاٿي ناهي، سياڻي ڳالهه آهيون...“
”ماشاءِ الله -!“

●

ٻارن جي اسڪول ۽ عرفان جي فيڪٽري وڃڻ ڪان پوءِ، صنم گهر جي چند ڦوڪ مان جان ڇڏائي سوير ئي اچي مانيءَ جي تياريءَ ۾ لڳي، عرفان لنچ لاءِ مينو به ته چڱو خاصو ٻڌائي ويو هُئس.

شهزاد جي اچڻ ڪري منجهس هڪ اڻ لکي خوشيءَ جو احساس ٿي جاڳيو. پرديس ۾ ساڳي شهر جو ته ٺهيو رڳو ملڪ جو ئي ماڻهو ملي پوڻ سان اندر ٺريو پئي، هي ته وري به هِن جو پنهنجو هو، عرفان جو سڀڪو مِٽ...

اجان صبح جا يارهن ئي مس ٿيا هئا جو ڊور بيل وڳي.

"Who is it?"

"It's me... Shahzad!" انٽرڪام مان صنم جو سريلو آواز ٻڌي هُن به ساڳي ٽون ۾ وراڻيو.

”اوهه... اوهان! هڪ منٽ...“ ايئن چوندي هِن اچي در کوليو.

هوءَ ڪيس ويلڪم ڪري ئي ڪري تنهن کان اڳ شهزاد پاڻ ئي چيو:

”مونکي ايڊو سوير ڏسي پريشان ٿي ويا ڇا؟“ .

”نه نه، اهڙي ڪائي ڳالهه ناهي، اوهان جو ته پنهنجو گهر آهي.“

”مان دراصل ان ڪري ايڊو جلدي پهچي ويو آهيان جو ايڪسپورٽرز سان ڊِيلنگ ٽائيم شام ڇئين بجي جو رکيل آهي، واندو هُئس ان ڪري سوچيم ته ڇو نه هلي گهر جي ماحول ۾ ويهجي...“

”اهو ته پاڻ چڱو ڪيو...“ هِن کيس ڊرائينگ ۾ ٽائنيڪو ڪندي چيو. توڙي جو اندر منجهه هِراسجي وئي هئي، کيس لڳو ته ڪٿي عرفان پاران


Scanned with CamScanner

وري نہ ڪو اعتراض ڪڙو ٿئي، پر اِهو سوچي تہ گهرايو بہ پاڻ اٿس، مائٽ بہ هن جو ٿي آهي... ڪو ڏڪا ڏيئي تہ نہ ڪيندي مانس، پنهنجي خوف تي قابو پائي وٺي ۽ مرڪندي پڇيائينس:

"توهان چا پيئندا... ڪافي يا چانهہ...؟"

"جيڪو توهين پياريو..."

"ٺيڪ آهي تہ پوءِ توهان اتي ئي. وي ڏسو. جيسين مان لنچ جي تياريءَ سان گڏ چانهہ بہ ٿي ناهي وٺان..."

"ايڏن ڪتراڳن ۾ چو پيا آهيو، جيڪر مونکي ايئن ئي اِن اِيڊيٽ باڪس اڳيان ويهڻو هجي ها، تہ پوءِ هوٽل ۾ ئي نہ ويٺو هجان ها، ايڏو سوير چو اچان ها..."

"ڪوبہ ڪتراڳ نہ ڪيو اٿم، بس روز واري دال مانيءَ ۾ اڌ ڪلاڪ جو ڪم باقي آهي..."

"ok، پر هاڻ منهنجي بہ ٻڌو... اڌ ڪلاڪ کان هڪ منٽ بہ مٿي نہ ٿئي..." هُن ريڪ ۾ سجيل فوٽو البمس مان هڪ کي هٿ ۾ ڪندي چيو، هوءِ جواب ۾ ڪجهہ چوڻ بدران مُرڪ جو تير ڪَشي ڪچن طرف هلي وئي.

اڌ ڪلاڪ اندر ئي سمورا ڪم نبيري، چانهہ جا ٻہ ڪوپ ۽ پنهنجي هٿن جو بيڪ ڪيل گرم گرم ڪيڪ کڻي اچي هُن آڏو ويٺي...

"superb! توهان تہ دير ئي نہ ڪئي، مان تہ آلبمس ڏسڻ ۾ ايڏو وڃائجي ويس جو وقت گذرڻ جو اندازو ئي نہ ٿيو." هن سمورا البم پنهنجي جاءِ تي رکندي چيو.

صنم هن جي پليٽ ۾ ڪيڪ پيس رکيو ئي پئي تہ وري چيائين:

"اهو صحيح آهي تہ توهان منهنجي وڏي ڀاءُ جي زال آهيو، پر جي غلط ناهيان تہ مونکان ٻارنهن چوڏنهن سال واهہ جا ننڍا هوندا، تنهنڪري چا اِهو وڌيڪ بهتر نہ رهندو تہ 'توهان' بدران 'تون' چئي ماحول کي دوستاڻو بڻائجي... But if you don't mind"

"ڇو نہ... ان ۾ اعتراض جي ڪهڙي ڳالهہ آهي، هن ماحول ۾ مرڪ جي مهڪ پکيڙيندي ڪوپ ڏانهنس وڌايو، جيڪو وٺڻ مهل هو سندس اکين

۾ جهاتي پائي چوڻ لڳو:

”ڪالهه مون توکي ميڪ اپ ۾ ڏٺو هو... ڏاڍي سٺي لڳيئن، منهنجي تہ تصور ۾ بہ نہ هو تہ اُها ننڍڙي مستي خور شرارتي ڇوڪري، جنهن کي فيملي گڏجاڻين ۾ اڪثر ٻارن جي ٽولي سان گڏ مستيون ڪندي ڏسندو هئس، سا اهڙي قيامت بڻجي پوندي!“

هوءَ ڪجهہ شُڪي ٿي مرڪڻ لڳي تہ هُن وري چيو:

”ها واقعي، ان ڳالهہ کي ٻڙنگ نہ سمجهجانءِ، اها حقيقت آهي... اڄ تہ مون بنا ميڪ اپ جي توکي ڏٺو آهي، تہ بہ حسن پرستن لاءِ ڇڻ تباهي آهين...“

”ڪيڪ ڪٿو تڏو پيو ٿئي...“

”اڇا... ڳالهہ تي بدلائين، ڇري ڪيڪ تڏو ٿي ويو تہ ڇا ٿيو، جذبن جي گرمي سلامت رهي، اِها وڏي ڳالهہ آهي!“

”توهان ڊائلاگ بازيءَ ۾ ڪو ڊپلوما ڪيو آ ڇا...؟“

”خدائي ذات تي ايڏو بهتان!“ هن ڇاتهن مان ڇُسڪي پريندي چيو.

”هونءَ اجازت ڏين تہ هڪ ڳالهہ پڇان، مائينڊ تہ نہ ڪندينءَ...“

”ڇا ٿا پڇڻ چاهيو...؟ ڀلي پڇو...“

”توهان ٻنهي جي ايج ۾ تہ تمام گهڻو ڊفرنس آهي، پوءِ اِها شادي ڪيئن ٿي؟“

اِن اوچتي ڏڪائيندڙ سوال جو هن وٽ ڪوبہ جواب نہ هو، هوءَ چپ رهي...

”I am sorry... مونکي اها ڳالهہ شايد نہ ڪرڻ کپندي هئي....“

هوءَ تڏهن بہ چپ رهي... هو بہ ڪا دير ماٺ ٿي ويو، ان پراسرار ماٺ کان گهبرائجي صنم پاڻ ئي ڳالهايو:

”عرفان جي مرضيءَ تي هُن جي ماٽن منهنجو سڱ گهريو جنهن کي منهنجي ماٽن بنا دير قبول ڪري ورتو.“

”پر تنهنجا بہ تہ ڪي خواب هوندا... ڪو آئيڊل هوندو... ان بي جوڙ رشتي تي ڪو اعتراض نہ ڪيئي، ڇا تنهنجي ان ماٺ پويان ڪو خاص سبب هو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"ايئن ئي سمجهو..." صنم ڳالھ لنوائڻ چاهي.

"لڳي ٿو تون ان ٽاپڪ تي نٿي ڳالهائڻ چاهين..."

"ڳالھ پراڻي ٿي وئي آهي، هاڻ ان تي ڳالهائڻ لاءِ بچيو ئي ڇا آهي..." هن رڪاوٽ مان وراڻيو.

"پر مون لاءِ تہ اِهي ڳالهيون بنهہ نيون آهن، آخر توهان جو مائٽ آهيان، مونکي بہ تہ ڪجھ بيڪ گرائونڊ جي خبر پئي تہ آخر مائٽن تي اهڙو ڪهڙو بار هئين، جو توکي پاڻ کان ٽيٽين عمر واري شخص جي پلئہ سان ڪٽي ٻڌائون، ان جو ڪو سبب تہ هوندو؟"

"اهڙا واقعا تہ ٿيندا آيا آهن. منهنجي شادي بہ انهن جي ڪڙي سمجهو."

"عرفان جو مائٽ سمجهي ڳالھ Avoid تي ڪرين نہ... پر هاڻ تہ مان تنهنجو بہ مائٽ ٿيس...!" هو ڳادي سوري رليڪس ٿي وينو ۽ ساري ماجرا کي ٿئين سر ٻڌڻ لاءِ ليسوڙي جي جن جيان چهٽي پيو."

"جڏهن توهان مونکان ايڏا سوال ڪيا آهن، تہ پوءِ مان بہ هڪ ڳالھ پڇان؟"

"اها تہ منهنجي خوشبختي ٿيندي..." هن خاص اسٽائيل مان وراڻيو.

"جن حالتن جي ڪري منهنجي شادي ٿي، اهي سمورا احوال يقيناً خاندان وارن جي مهربانيءَ سان، اوهان کي پرديس ۾ بہ پهچي ويا هوندا، جنهن سان مون بابت توهان جي ناليج ۾ چڱو اضافو بہ ٿيو هوندو، هاڻي وري اِهو سڀ ڪجھ مون کان ڇو ٿا ٻڌڻ چاهيو..."

شهزاد شڪي ٿي ويو، پر ڳالھ ٺاهيندي چيائين:

"ڪجھ خبرون تہ برابر مون تائين بہ پهتيون... پر ڇٽي نٽو سگهان تہ ان ۾ ڪيترو سچ ۽ ڪيترو وڌاءُ هوندو. هونءَ بہ هڪ ڪان ٻئي ۽ ٻئي کان ٽئين تائين پهچندي پهچندي اصل ڳالھ جا تہ ڪندا ئي ڪجهيو وڃن، پر جي توکي ڪو اعتراض آهي تہ مان ڪجھ بہ نہ پڇندس." هن سنجيدگيءَ مان چيو.

"منهنجو مطلب اِهو نہ هو..."

"تہ پوءِ ڪهڙو هو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوءَ منجهي پئي تہ ڪيس ڇا جواب ڏي... لفظ ميڙيندي چيائين:
"اوهان جي سوال مان مونکي اُهي بي رحم ماٺهو ياد پيا. جيڪي هر ڳالهہ کان واقف هوندي بہ، ڇهڪ ڏيڻ لاءِ ساڳي ڳالهہ ڄاڻي ٻجهي ورجائي ورجائي پيا پڇندا آهن..."
"تہ ڇا تو مونکي بہ اهڙن بي رحمن جي لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو؟" هن عجب مان پڇيو.
"مون تہ هڪ ڳالهہ تي ڪئي. لڪائڻ لاءِ تہ هاڻي هونءَ بہ مون وٽ ڪجهہ ناهي بچيو، جو اوهان کي نہ ٻڌائي ان تي پردا وجهان..." صنم اُداسيءَ مان وراڻيو، جيڪا محسوس ڪندي هُن چيو:
"جيڪو پاڻ گهائل هجي سو ڪنهن ٻئي کي ڪهڙا ويهي ڇهڪ ڏيندو... يقين ڪر مان اهڙو ناهيان جهڙو تون سمجهين ٿي..."
لفظن جي سچائي جو اعتماد ملڻ تي هِن هڪ وار وري ماضيءَ ڏي سوچ جو سفر شروع ڪيو ۽ شهزاد کي هر اها ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي، جنهن کي ٻڌائڻ کان پوءِ کيس پنهنجو پاڻ ڏاڍو ننڍو محسوس ٿيڻ لڳو، پر ان پڇتاءَ ۾ تڏهن وچي ڪا ڪمي آئي جڏهن هُن بہ بنا ڪنهن رک رکاءُ جي پنهنجو اندر هِن سامهون کولي رکيو... تڏو ساهہ کڻندي چيائين:
"مون وڏيون مخالفتون ڪٽي روحا سان پيار جي شادي ڪئي هئي، شروعاتي ڪجهہ سال نهايت خوش هئاسين... هاڻ تہ ايئن لڳندو آهي، ڄڻ اسان ٻنهي جي سوچن ۾ صدين جيترا فاصلا پئجي ويا هجن... سموريون ويجهڙايون... هڪجهڙايون سڀ ڪجهہ ڄڻ تہ ڪو خواب ٿجي ويو آهي، بهرحال زندگي تہ نالو ئي ڪمپرومائيز جو آهي... ان ڪري اهو رشتو اڃان تائين تہ سلامت رهندو اچي... اڳتي جي خبر خدا کي..." هن ميوزيڪل لائيٽر کي ٻاريندي اجهائيندي معنيٰ خيز نوع ۾ چيو.
"منهنجي ميرڊ لائيف ۾ بہ ڪيئي پلصراط آيا." صنم هن سان سهمت ٿيندي وراڻيو. "جنهن تي ٿڙندي ٿاٻڙندي اڄ ان مقام تي اچي رسيا آهيون، جو هڪ ٻئي کي سڙندي پچرندي بہ ٻارن خاطر برداشت ڪندا پيا اچون..."
هو خاموشيءَ سان کيس ٻڌندو رهيو... ۽ پوءِ گهڙيءَ جو گهڙي ۾ ٻنهي ڄڻن، پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي لاهين چاڙهين جا ڪتاب کولي، هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٻئي آڌو رڪي ڇڏيا... ان لمحي صنم کي هڪ وار وري اهڙي ڪنهن ساٿي ملڻ جو احساس ٿيڻ لڳو، جيڪو هِن کي سمجهي سگهيو هجي... جنهن هِن جي اندر ۾ هميشہ لاءِ سمهاري ڇڏيل جذبن ۽ احساسن کي وري ڪا نئين معنيٰ ڏني هجي. شهزاد جو بہ ساڳيو ئي حال هو، ٻئي پنهنجي دلي ڪيفيت کي لفظن جو ويس پارائين ئي پارائين، جو عرفان بہ ٻارن کي اسڪول مان وٺي اچي پهتو... شهزاد سان وڌي اڳير سان ملندي چيائين:

”يار دير تہ نہ ٿي وئي مونکي...“

”نہ نہ... بلڪل نہ....“ هن فراخدليءَ مان چيو.

”تون ڪيڏي مهل آئين؟“

”بس ٿوري دير ٿي اٿم. پرايون ڇڪارون ويٺي ڪيونسين...“

”اهي تہ زالاٽا ڪم آهن، تون وري انهن ۾ ڪٿان اچي ڦاٿين.“ عرفان کلي سندس پر ۾ ويهندي چيو.

”ياڻو زال ذات جي ڪمپني ۾ ويچارو مرد آٽوميٽڪلي ميٽرو بڻجي ويندو آهي.“

شهزاد جي ان برجستي جواب تي عرفان مشڪي صنم کي مخاطب ٿيو:

”مانيءَ ۾ ڪيتري دير آهي؟“

”تيار پئي آهي، ٻارن کي فريش اپ ڪري اجهو ٿي رڪان.“ هن اِفراح کي پاڻ ڏي سڏيو جيڪا بي تڪلفيءَ مان شهزاد جي هنج ۾ اچي ويٺي هئي.

●

وطن وڃي شهزاد، عرفان کي فون ڪرڻ نہ وساريو. ٿن ڇهن منٽن واري مختصر ڪال ۾ ڪڏهن ڪڏهن هن صنم سان بہ دعا سلام ڪري ٿي ورتي، جنهن ڏينهن ڳڻي ڳڻي هن جو انتظار ٿي ڪيو. اها بيقراري تڏهن انت کي پهتي جڏهن هو ڇهہ مهينا اڪ ڇنب ۾ گذاري دبئي اچي سڌو وٽن لٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪشادي گهر جو نويڪلو ڪمرو هن جي بلي تي ويو. هو صبح ساڻ پنهنجي ڪم سانگي عرفان ۽ ٻارن سان گڏ ٿي گهران نڪري ويندو هو. باقي واپسي دير سوير پنهنجي ليکي ٿيندي هئس. ڪڏهن ڪڏهن هن جي اسرار تي سيئي گڏجي سير تي به نڪري پوندا هئا. ڪوماڻيل مکڙين جهڙي ٻارن، جن گهر جي ٻوساٽيل ۽ اڪڙيل ماحول ۾ ڪڏهن به ماءُ پيءُ کي کلندي ڳالهائيندي نه ڏٺو هو، تن به اهڙين آئوٽنگس جي صدقي ڄڻ زندگيءَ کي ڇهي ورتو... عرفان جي موجودگيءَ ۾ شهزاد دوراندیشيءَ جي خيال کان صنم سان گهٽي گهرائپ ڪونه ٿي ڏيکاري، بلڪ ڪنهن به ڳالهه ٻولهه دوران اهميت هميشه عرفان کي ئي ٿي ڏني، جنهن جي دل ۾ اهڙي محتياط رويي ڪري هن لاءِ تهائين سافٽ ڪارنر ۽ اندو اعتماد پيدا ٿي ويو. هو جيڪو زال ۽ ٻار هوندي به پاڻ کي اڪيلو پيو سمجهندو هو، ڪم ڪار کان واندو ٿيڻ بعد چار گهڙيون ساٿس گڏ گذاري، هڪ اطمينان محسوس ڪرڻ لڳو. شهزاد جي ڪري هُن جي اڪيلي مَن جي ڪَنڊ ڪنڊ ڄڻ هجوم سان پرجي وئي. سندس موجوگي ڪيس ڪنهن ڏيءُ ۽ آسري جيان ٿي لڳي.

تنهن شام صنم ٻنهي آڏو ٽيبل تي چانهه رکي جيئن ئي مڙي، ته سندس نانگڻ جيان وراڪا کائيندڙ سراپي تي شهزاد جون نظرون ڄمي ويون. هن فِلاسڪ مان مگ ۾ چانهه اوتيندي چيو:

"ڀائو عرفان، جي دل ۾ نه ڪريو ته هڪ هجت ڪريان؟"

"ها ها، چو نه." هن اخبار پاسيري رکندي وراڻيو.

"توهان کي ته خبر آهي ته مان پاڪستاني ڊريسس جي ڊزائننگ ڪرائي، هر سال اتي نمائش ڪرائيندو آهيان. ان لاءِ مونکي جاذب نظر چهرن جي سدائين ڳولا رهندي آهي. هن ڀيري منهنجي خواهش آهي ته ڀاڄائي صنم به ان ڊسپلي ۾ حصو وٺي..."

"صنم!!... مان سمجهي نه سگهيس، هوءَ ڪهڙي ريت حصو وٺندي؟"

"بس رڳو اسان جي ڪمپني جا ڊريس پائي، ٿوري دير لاءِ ماڊل ٿيڻو پوندس، مونکي اميد آهي ته توهان کي ان تي ڪو اعتراض نه ٿيندو."

هو ڪي پل چپ ٿي ويو جو اِها ڳالهه هُن جي دل وٽان ٻنهه نه هئي. زوري ڦِڪي مُرڪ مرڪندي چيائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”منهنجي جواب لاءِ به ته ڪا گنجائش ڇڏين ها... تو ڪيئن سمجهيو ته مونکي ڪو اعتراض نه ٿيندو؟“

”oh! I am sorry... جيڪڏهن توهان کي منهنجي ڳالهه نٿي وڻي ته مان پنهنجي درخواست واپس ٿو وٺان once again I am so sorry...“

شهزاد جي ڊپلوميٽڪ انداز الائجي ڪيئن عرفان جهڙي کهري شخص کي پنهنجي قابو ۾ ڪري ڇڏيو. هن هاريل لهجي ۾ چيو:

”ٺيڪ آهي... تون پلي صنم کان پڇي ڏس، پر مهرباني ڪري ڪيس ان ڪم ۾ گهڻو Involve نه ڪري ڇڏجانءِ...“

”ياڇائيءِ کي ته مان پاڻهي راضي ڪري وٺندس، باقي توهان اِن ڳالهه جي خاطري رکجو ته هوءَ ان فيلڊ ۾ انوالوَ نه ٿيندي. هونءَ به هوءَ ڪا پروفيشنل ٿورو ئي آهي، مان ته رڳو پنهنجي هڪ ٻن ذاتي shows ۾ ڪانٽس ماڊلنگ ڪرائيندس، ته جيئن مهمان خواتين سٺو اميج کڻي وڃن.“

شهزاد کي لڳو ته ان وضاحت کان پوءِ به عرفان کو گهڻو مطمئن نه هو. ڪيس ٽيءِ ۾ پيل ڏسي هن اُمالڪ سندس ڏيان ڇانهه ڏي ڇڪائيندي چيو:

”ادا توهان جي ڇانهه ٺڀي ٺري... هي بسڪٽ به ته ڪٿو نه...“ هن پليٽ ڏانهس وڌائي.

”ها ڪٿان تو... رک...“ عرفان ساڳي ريت گم سم رهيو. من ۾ آنڌ مانڌ مچي ويس ته پنهنجي طبيعت جي خلاف ڳالهه کي هن مچي ڪيئن ورتو... شايد ته اهو شهزاد جي طلسمي شخصيت جو ئي اثر هو، جو نه چاهيندي به ’ها‘ ڪري ويٺو.

●

دبئي جي هوٽل ۾ ٿيندڙ اهو فيشن شو نهايت ڪامياب رهيو، جنهن ۾ رڳو پاڪستاني فيمليز ئي نه، بلڪ عرب اميرن جون بيگمات به آيل هيون. پنڌرنهن واجبي صورت جي ماڊلز جي وچ ۾ صنم کوهه نور هيري جيان ٿي جرڪي. هر ڪنهن پنهنجي اکين جو فوڪس هن مٿان ئي ٿي رکڻ چاهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لباس به ڪيس اهڙا ته سونهيا ٿي جو مايون اصل ڇتيون ٿي پيون. ڪِن ته ماڳهين پانيو ٿي ته اِهي پائڻ سان پاڻ به اهڙيون ٿي حسين نظر ايندڀون.

شهزاد وٽ تڙي ڪڙي ڪيترائي آرڊرس بُڪ ٿي ويا.

شو جي آخر ۾ ڊنر دوران ٿي هَن هڪ ٻن ٻين، پاڪستاني ايڪسپورٽر دوستن سان صنم کي ملايو، جن هِن جي سامهون ٿي شهزاد کي چيو:

" هي هيرو تو ڪٿان لڌو؟ هاڻ اسان جي شو لاءِ به ته ميڊم سان ڳالهه ٻولهه ڪرائي..."

ان کان اڳ جو صنم ڪجهه چئي ٿي چئي، شهزاد ورندي ڏني:

"اِهو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيو، مونکي پنهنجي شو لاءِ ٿي سندس مڙس مِسٽر عرفان وٽان مشڪل سان موڪل ملي آهي."

"تون فڪر نه ڪر، اسان کي رڳو ان پاڳن پرئي سان ملائي، پاڻهي ڪيس راضي ڪري وٺنداسين... ڪيئن ميڊم، اِهو صحيح رهندو نه؟"

" صحيح وري ڊوڙ رهندو،" شهزاد وچ ۾ ٽپندي چيو. "ماڳهين منهنجي به ٽا پَٽ ويرايو... اِن ڪم لاءِ جي هَن لوهه مروڙ اڳيان وات کوليو اٿو، ته مُنڊيون مروڙڻ ۾ دير ٿي نه ڪندوَ!"

" پوءِ توتي ايڏو مهربان ٿيڻ جو مطلب؟" هڪ پارٽنر شودپائيءَ مان سندس ڪن ۾ پٽڪيو.

"اسان جي ته ڳالهه ٿي ڇڏيو... اسين ته پاڻ ۾ مائٽ ٿيون،" هن وڏائيءَ مان اکيون کهمائيندي چيو. "ڪيئن صنم؟"

هوءِ لچاري مُرڪ مرڪي رڳو ايترو چئي سگهي:

" هاڻ هلڻ گهرجي، ڪافي دير ٿي وئي آهي.

●

عرفان ڪمپني پاران ڏنل annual ڊنر اٽينڊ ڪرڻ ويو، ته شهزاد وجهه ڏسي صنم ڏي هليو آيو، جنهن ٻارن جي يونيفارم کي استري ٿي ڪئي. ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ايندو ڏسي هوءَ مرڪي پئي.

”اڇو ويهو...“

”مان توکي هي جيڪٽ ڏيڪارڻ آيو آهيان...“ هن ڪيس اُهو ليدر جيڪٽ ڏيکاريو جيڪو شاپنگ دوران صنم جي چوڻ تي خريد ڪيو هئائين...

”ڏِس ڪيئن ٿو لڳي...؟“

”اي ون!“

”رِيئلي...!“

”ٻيو نہ تہ...“

”هڪ ڳالهہ چوانءِ مائينڊ تہ نہ ڪندينءَ...“

”هيلتائين مون توهان جي ڪا ڳالهہ مائينڊ ڪئي آهي؟“

”متان هاڻ ڪرين...“

”پر ڇو ڪندس...؟“ سندس دل جو چور ئي ڊپائي مان ٻاهر اچڻ لڳو.

”مونکي منافقي اصل نہ وڻندي آهي... جيڪي دل ۾ هوندو اٿم، سو ئي زبان تي ٻہ...“

”اِها تہ سٺي ڳالهہ آهي... مونکي خود اهڙا ماڻهو وڻندا آهن.“

”تہ پوءِ ٻڌ، تنهنجو چوڻ ڪيل جيڪٽ پهري مونکي سارو ڏينهن ايئن محسوس ٿيندو رهيو، تہ ڄڻ مان تنهنجي ڀاڪر ۾ هجان...“

اِهو ٻڌي هوءَ بِلش ٿي وئي، پر ٻئي ئي لمحي کلي شوخيءَ مان چوڻ لڳي:

”ڊائلاگ اڇلڻ واري توهان جي عادت نہ وئي...“

”منهنجي جذبن جي توهين نہ ڪر...“ هن هٿ ۾ جهليل سگريٽ ايش ٽري ۾ وسائي سيٽيءَ تي آهلجندي سنجيدگيءَ مان چيو.

”سوري! منهنجي ڳالهہ کي ايڏو سيريس ورتوَ ڇا؟ مون تہ ايئن ئي ڪٿي چيو...“ هوءَ استريءَ جو سوئچ آف ڪندي اندر هلي وئي ۽ ڪجھ ئي دير ۾ گرم گرم چاڪليٽ ملڪ کڻي هن جي سامهون اچي ويٺي. گلاس ڏانهس وڌائيندي چيائين:


Scanned with CamScanner

"ايڏان موڊ آف لڳو پيو اٿو ڇا؟"

هُن ڪا ورندي ڏيڻ بجاءِ صرف هِن جي اکين ۾ نهاريو ۽ پاڻ ڏانهن وڌايل گلاس کي هِن جي هٿ سميت، پنهي هٿن سان جهلي ڇڏيائين.

"اوه! هي ڇا ٿا ڪريو... منهنجا هٿ ٿا سڙن." هِن لڇي ٿيندي چيو.

"ڪيڏي بي رحم آهين... رڳو هٿن کي هلڪو سيڪ آيو اٿئي ته دانهن ٿي ڪرين... منهنجو ته تنهنجي عشق ۾ سارو وجود پيو ٻري..."

هوءَ هٿ ڇڏائي، گلاس سائيڊ ٽيبل تي رکي هُن جي سامهون اچي ويٺي. شهزاد سندس اکين ۾ لهندي چيو:

"توکي پنهنجي حسن جي خبر ناهي ته تون ڇا آهين... پر شايد چڱو ئي آهي جو توکي ان جو اندازو ناهي، نه ته تون پاڻ سان ئي عشق ڪرڻ شروع ڪري ڏين ها..."

"اهو ته مان هاڻ به ڪريان ٿي... پل پل زندگيءَ جي هٿن ۾ مرندي به..."

"مان توکي زندگيءَ جي بي رحم هٿن ۾ اڪيلو نه ڇڏيندس... خبر اٿئي جڏهن مان هتان ويو هئس، تڏهن پاڻ سان انجام ڪيو هئم ته تو بابت ڪجهه به نه سوچيندس... تنهنجي حوالي سان ڪابه فيلنگ پنهنجي دل ۾ اُسرڻ نه ڏيندس... مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته توکي ياد نه ڪريان... پر ڇا ڪريان... آسمان ۾ نهارڻ جي عادت اٿم... چنڊ ڏسان ته تنهنجو چنڊ چهرو ياد اچيو وڃي... من جون غفائون روشن ٿيو وڃن..."

هُن جي ديوانگي ڏسي صنم جي اکين ۾ درد جو دونهون پرجي ويو. شهزاد هڪ وار وري پنهنجي گفتگو جو رخ سندس سونهن ڏي موڙيو...

"شو واري ڏينهن اهڙي پرڪشش ٿي پئين، جو دل چيو ته مان ڪو جن بڻجي سڀني جي نظرن سامهون توکي اڏائي ڪٿي وڃان! بدقسمت آهي عرفان، جو تنهنجي ايڏو ويجهو هوندي به ايڏين دورين تي آهي."

اهڙين مهلن تي هوءَ اڪثر ماٺ رهي، ان منجهه پنهنجي لاءِ پناهون ڳوليندي هئي.

ڪيس ڪر سر ڏسي هو پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ دبيز قالين تي هن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قدمن ۾ اچي ويٺو.

"نه نه پليز، ايئن نه ڪريو... توهان مٿي تي ويهو." هن ڪيس روڪيو، پر هو ويٺو رهيو ۽ سندس مخملي پيرن تي هوريان هوريان هٿ ڦيري ڪٽي پنهنجي اکين تي رکيائين...

"منهنجي گناهن ۾ وڌيڪ اضافو ته نه ڪريو..."

"ڪير چوندو توکي گنهگار، تون ته فرشتو آهين... پرستش لائق، وس پڇي ته مان تنهنجي سَنڌ سَنڌ تي پيار جا ڏيا روشن ڪري ڇڏيان."

هن جو هٿ پيرن کان ٿيندو، صنم جي ننگن تائين آيو... هوءَ شرم ٻوٽيءَ جيان پنهنجو پاڻ ۾ لِڪي وئي...

"تون ٻري چو تي وَئينءَ صنم... مونکان ڊڄين ڇو ٿي... يقين ڪر مان ڏاڍو مختلف آهيان، منهنجي لاءِ sex ڪابه ڪشش نٿو رکي... تنهنجو پيار ئي مون لاءِ سڀ ڪجهه آهي... مان ساري زندگي ان جي سهاري گهاري سگهان ٿو... ٻي ڪابه تمنا ڪانهي... ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته منهنجو وجود ڪنهن وٽ گروي رکيل آهي، پر منهنجو روح تو لاءِ بي چين رهندو ۽ دل جون ڌڙڪنون تو ۾ قيد رهنديون..."

ڏک جي لهر صنم جي وجود کي وڪوڙي وئي. هن پنهنجا چپ ڀيڙي ڇڏيا... ۽ پوءِ هوريان هوريان چيائين:

"هاڻ ته مون ۾ ڪجهه به ناهي رهيو، ٻَجي ٻُري وڪرجي پٺي آهيان... توهان اندازو نٿا لڳائي سگهو ته مان ڪهڙيءَ ريت، ڪٿي ڪٿي نه وڪريل آهيان... پنهنجي سوچ جي سرمئي شامن ۾... سڳنڌ ڳهليل هوائن ۾... شوخين ۽ شرارتن ۾، خوابن ۽ خيالن ۾... لڙڪن ۽ سڏڪن ۾... توهان مونکي ڪٿان ڪٿان ميڙي سميٽي سگهندا..."

"هر جاءِ تان... هر هنڌان... مان توکي ڳولهي لهندس! تنهنجا سڀ وکريل عڪس پنهنجو پاڻ ۾ سنڀالي رکندس.. بس، مونکي صرف تنهنجو پيار تو گهرجي... چئو، ساٿ ڏينديئن..."

"پيار..." هوءَ هوريان ڪلي...

"ها، پيار... مون وٽ تولاءِ تمام اسٽرانگ فيلنگز آهن..." هڪ خاموش مرڪ صنم جي چپن تي لرزي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”اهي فيلنگز ٿي تہ آهن انسان ۾... پيو پلا آهي ئي ڇا... مان ساري زندگي تنهنجو دوست ٿي رهندس... توکان سواءِ پيو ڪوبہ ناهي، جنهن سامهون مون پنهنجو پاڻ کي ايئن کولي رکي ڇڏيو هجي...“

هوءَ وري بہ چپ رهي... شهزاد جي هر ڳالهہ کيس ورجاءُ پئي لڳي.

”تون ڪجهہ ڇو نٿي ڳالهائين... ڪجهہ ڳالهائي نہ...“ هُن پيار مان چيس.

”ڳالهايان پئي،“ هِن نندڙاکڙين اکين سان کيس ڏسندي وراڻيو.

”ايئن نہ ڪجهہ ٻڌائي، مان توکي ڳالهائيندي ٻڌڻ ٿو چاهيان... مان توکي ڳالهائيندو ڏسڻ ٿو چاهيان...“

”اهو سچ آهي تہ توهين منهنجي دل ۾ ڌڙڪندڙ نازڪ جذبن کي ڇُهي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيو، پر مان توهان کي ڪنهن بہ دوکي ۾ نہ رکندس...“

”مان ڪنهن بہ دوکي ۾ ناهيان... ڇاڪاڻ تہ تہ تنهنجو پيار Divided آهي... مان بہ تہ Divided person آهيان... ڏس جيئان پيو... پنهنجين خواهشن ۽ حسرتن کي مارڻ جو عادي ٿي ويو آهيان... جيڪڏهن تون منهنجي ويجهو نٿي اچڻ چاهين، تہ پل نہ اچ، مان توکي تصور ۾ پيار ڪندس... ڳالهيون ڪندس... ان ۾ تہ توکي اعتراض نہ ٿيندو... اکيون کليل هجن يا بند... هاڻ تہ هر پاسي هڪ ئي تصوير ٿو ڏسان صنم!“

”توهان جي ڳالهين ۾ ڪيتري سچائي آهي، مان ڪجهہ نٿي چئي سگهان... منهنجي باري ۾ تہ اوهين سڀ ڄاڻي چڪا آهيو... مان فهد کي اڄ بہ نٿي وساري سگهان، توڙي جو هن شادي بہ ڪري ڇڏي آهي ۽ اسين شايد ڪڏهن ملي بہ نہ سگهنداسين، پر منهنجو تيڻ ڪان پوءِ توهان ڪنهن ٻي جي ڳالهہ ڪئي، تہ مونکان برداشت نہ ٿيندو... پيار خود غرض بنائي ڇڏيندو آهي، مان ان جو اعتراف ٿي ڪريان...“

”مون کي تنهنجي اِها سچائي وڻي، تون جنهن کي خود غرضي ٿي سمجهين اِهو اصل ۾ تنهنجو پيار آهي مون لاءِ... يقين آهي... تہ مان تنهنجي دل ۾ داخل ٿي چڪو آهيان... تنهنجو هر شرط مون کي منظور آهي... تنهنجي لاءِ مان هر ڳالهہ کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيان...“ هن بي اختيار


Scanned with CamScanner

پنهنجا پرندڙ ڇپ صنم جي ڇپن تي رکي ڇڏيا...

صنم جيڪا لاڳيتو پنهنجي من جي ويرانين ۾ ڀٽڪندي رهي هئي... تنهنجي يادن جي اسڪرين تي فهد سان گهاريل گهڙين جون فلمون هلي هلي گسڻ لڳيون، منجهن ڪا به نواڻ... ڪابه زندگي نه رهي هئي...

جيستائين شهزاد سندس ويجهو نه آيو هو، اِهي ساريون يادون ئي هن جو ڪُل سرمايو هيون، پر هاڻ هن جي من توڙي ذهن ۾، ڪا نئين ڪيسٽ هلڻ لڳي هئي، جنهن اٿندي ويهندي منجهس نئين امنگن سان جيئڻ جا احساس تي جاڳايا...

شهزاد ڪي دبئي ۾ آئي مهينو ٿيڻ تي هو، سندس دل توڙي جو وطن ورڻ ڪان پڙ ڪڍي بيٺي، پوء به ان ڪي وري ورڻ جي آس ۾ ريجهائي راه تي آٽئو پيس، پر ويندي ويندي هن صنم تي پنهنجي محبتن جي مُهر هڻڻ ڪان محروم ٿيڻ نه پئي چاهيو، جن دورين ۽ فاصلن تي رهڻ جي هن ڳالهه ڪئي تي، انهن تان هوريان هوريان سندس اختيار کڄڻ لڳو... ۽ اڻ سڌي ريت هن ڪان اڪثر اهڙا اظهار ٿيڻ لڳا.

”منهنجي جان... منهنجي دل... هاڻ مون سڀ ڪجهه توتي ڇڏي ڏنو آهي، جيئن تون چاهيندينء ايئن ئي ٿيندو...“

”ڇا...؟“

”ڪجهه به، سڀ ڪجهه...! پوء ڪڏهن ايئن ٿيندو ته سڀ ڪجهه مون تي ڇڏي ڏيندينء، چوندينء جيئن وڻنئي تيئن ڪر...“

”نه نه، مان ايئن ڪڏهن به نه چوندس...“ هِن پنهنجو من ماري به همت سان جواب ڏنو، جو نئي چاهيائين ته خيالن جي خوبصورتي ۽ سچ ڪٿي زندگيء جي ترتيب ۾ وري نه ڪو خلل پيدا ڪري وجهن. پر هُن ڪيس پنهنجي موهه ۾ تهائين سوگهو ڪندي، وٺي سهڻي ميهار ۽ راڌا ڪرشن جا دليل ڏنا،

”ڏس جانم! راڌا جي سندس ديس ۾ اڄ تائين پوڄا ٿيندي آهي، هن ڪرشن سان پريم ڪيو ۽ ٻئي سان پرڻيل هئي، ان سان به پريم ڪندي هئي، مگر راڌا ڪرشن ڪڏهن گڏ سُتا ڪونه... يا شايد ستا به هجن پر تڏهن به لکن مندرن ۾ سندن پوڄا ٿيندي آهي، ۽ پنهنجي سهڻيء جو مثال به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته تو اڳيان آهي...“

”پر تو ته ڇيو ٿي ته تنهنجو مون سان رڳو دوستي ۽ پيار جو رشتو آهي، مونکي بين ڳالهين ۾ involve نه ڪندين. پوءِ ان اوچتي تبديليءَ جو سبب؟ ڇا اِها ويساگهاتي نه ڇٽبي...“

”مونکي غلط نه سمجھ صنم، مان توسان ويساگهاتيءَ جو سوچي به نٿو سگهان، توکي اندازو ئي ناهي ته تون مون لاءِ ڇا آهين...“

”پوءِ اهڙين خواهشن جو اظهار ڇو تو ڪرين، جيڪي منافقت ڏي مائل هجن...“

”مونکي پنهنجا جذبا ۽ خواهشون پياريون آهن ته به تنهنجي حوالي سان، نه ته توکان سواءِ بي ڪا اهڙي هستي ان لائق ڪانهي جو ان لاءِ مان ڪارن ڪوهن جا سفر ڪريان... اهو ته سوچ، آخر تو وٽ اهڙيون کهڙيون ناياب ۽ اڻ لڀ شيون آهن، جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ مونکي منافقت جو ڊرامو ڪرڻو پئي... ڇا اهڙيون منافقتون مان بين سان ڪري اهي شيون حاصل نٿي ڪري سگهيس... هرويرو تنهنجي چوڻ ڪري توکان ئي پاڻ تي منافقيءَ جو ٺپو جو هڻايم...“

”منهنجو مقصد توکي ڏکوئڻ نه پر پاڻ کي مطمئن ڪرڻو هو.“

”مان توکي ڪوبه blame نٿو ڏيان، تون جيئن چئين مان تيئن توکي پنهنجي محبت جي سچائيءَ جو يقين ڏياري سگهان ٿو... اهو ته تون به ڄاڻندي هوندينءَ ته دوستيءَ ۾ قرب جو هڪ level ٿيندو آهي، منهنجي جذبي جو ليول اهو هو، جو ان ۾ رت جي سيني رشتن جو پيار ۽ دوستي جو قرب سمائجي ويو... اسان جي رشتي جيڪا به صورت اختيار ڪئي سا ڪيس خدا ڏني. ان ۾ ڪابه منافقت نه هئي... رت جي سيني رشتن جو پيار، دوستيءَ جو قرب ۽ محبوبا لاءِ محبت تنهنجي ۽ منهنجي پيار جي شڪل اختيار ڪئي، جنهن ۾ نه تنهنجو هٿ نه منهنجو، نه ئي ان ۾ ڪنهن پلاننگ جو دخل هو... اهڙا رشتا نه پلاننگ سان ڳنڍبا ۽ نه ئي پلاننگ سان ٽوڙبا آهن... تون منهنجي آهين... رڳي منهنجي، جيئن چوندينءَ تيئن ڪندس... جيتري ۽ جهڙي نموني سِڪ ڏيندينءَ، اوتري ۽ اهڙي نموني ۾ قبول ڪندس... پر وري به اِهو چوندس ته مونکي غلط نه سمجھ...“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”پر آءُ اهڙو ڪوبہ قدم نٿي کڻ چاهيان جنهن ڪري هڪ وار وري مان ۽ منهنجو گهر قيامتن جي مُنهن ۾ هليو وڃي، توهان تہ مرد آهيو، توهان ڪي ڪهڙي پرواهہ. عورت هئڻ جي ناتي ڀوڳڻو تہ مونکي ئي پوندو... عرفان ڪي جي پنهنجي تعلقاتن جي خبر پئجي وئي تہ پوءِ ڇا ٿيندو...! مان تہ تصور بہ نٿي ڪري سگهان...“

”مان تنهنجي لاءِ ڪجهہ بہ ڪري سگهان ٿو... I will save you. مان بزدل ناهيان... ان لاءِ مونکي توسان شادي ڪرڻي پئي تہ اها بہ ڪندس! ايتري همت آهي مون ۾...“

هن وٽ هاڻ چوڻ لاءِ ٻيو هو بہ ڇا جو ڪجهہ چئي، ڪيس يا پاڻ کي مطمئن ڪري... ڪيئن بيان ڪري ها انهن بي پناهہ احساسن ۽ ٻرندڙ جذبن کي، جيڪي پاڻ سان ڳرا پٿر ٻڌي من جي عميق اونهاين ۾ لهي آيا هئس، جو هاڻ سطح تي اُڀري اچڻ ممڪن ئي نہ هو.

انهن جذبن ۽ زندگيءَ سان ڀرپور احساسن جو اظهار، هوءَ رڳو هن سان پنهنجي خيالن ۾ ئي ڪندي هئي... پر اهڙي سچائي ۽ محبتن سان جو شايد ئي ڪير حقيقتن ۾ ڪري سگهندو هوندو... ڪيس اِهو سڀ پنهنجو پاڻ هَن جي من ۾ ڀيهي وڃڻ جي خاطري هئي... اِن يقين سان تہ هو صرف ۽ صرف هن جو آهي ۽ تڏهن ئي هَن جي ويساهہ ڀرئي ڳڻتن تي ايمان آڻيندي هوءَ پاڻ کي هَن جي سپرد ڪرڻ کان روڪي نہ سگهي...

●

ٻن اڍائي سالن جي عرصي دوران شهزاد پنجين ڇهين مهيني دبئي جا چڪا چڪر هنيا. پاڪستان ۾ هوندي بہ فون ذريعي دل جون تارون صنم سان ڳنڍيل رهيس. فون سپروائيزر جي دوستي بہ آخر ڪڏهن ڪم اچيس ها. جنهن ڪيس ٽئين چوٿين ڏينهن ڪلاڪ اڌ لاءِ مفت دبئي لائين وٺرائي، موت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ دبئيءَ جون سوغاتون وصوليون. هڪ پاسي دوستيءَ جو حق پئي ادا ڪيو، ته ٻئي پاسي ٻَبن حجام وارا فرائض به بخوبي سرانجام ڏيڻ لڳو... تڏهن ئي شهزاد جي خاندان ۽ صنم جي اورتي پرتي جي مٽن مائٽن ۾ اها ڳالهه هَلي وئي ته ’شهزاد ٻارن ٻچن وارو ٿي ڪري به، دبئي ۾ صنم جي ڦند ۾ وڃي ڦاٿو آهي...‘هڪ وار وري اشراف ماءُ پيءُ جي منهن تي دانگي ملجي وئي. وقت جي ٻار هيئان دٻيل، لعنتن ملامتن وارا بند ٽيل باب وري کلي پيا.

عيد جي موقعي تي عرفان فيمليءَ سوڌو پاڪستان آيو، ته سيني شهزاد جي اکين ۾ صنم جي چاهتن جا ٽِم ٽِم ڪندڙ ڏيا ڏسي ورتا. پر پڪ تڏهن ٿي هئي جڏهن هو هر محفل ۾ پاڇي جيان هن جي ساڻ ساڻ نظر اچڻ لڳو.

شهزاد کي پنهنجي ۽ صنم جي وچ ۾ قائم ٿيل لاڳاپن مان ڪجهه اهڙو مزو اچڻ لڳو، جهڙو پرائي باغ مان انب انبڙيون چورائڻ وارن کي ايندو آهي... هو هوائن ۾ ٿي اڏاتو... صنم جي حوالي سان ريومرس ۾ جيئڻ ڪيس صنم کان به وڌيڪ وڻڻ لڳو. جو انهن افواهن سان سندس مردانگيءَ کي ڇڻ وڏو داد ٿي مليو. هن دل ئي دل ۾ عرفان اڳيان پاڻ کي فاتح ۽ صنم جهڙو محبوب ماڻڻ تي فخر ٿي ڪيو. هر ڳالهه پڌري پٽ هوندي به عرفان جي بي خبريءَ تي، کوبه ڪيس ڪجهه چوڻ آکڻ جي همت نه پئي ساري سگهيو. نيٺ ڪُراڙي ماءُ دٻيل لفظن ۾ چئي ڏنس:

”پٽ... زال ذات تمبوري مثل ٿيندي آهي، ڪشي ۽ ڇڪي رکيس. ڍلي ٿيڻ سان تمبوري جا تار ٽٽي پوندا آهن...“

”مان توهان جي ڳالهه جو مطلب نه سمجهي سگهيس...“ هن ڪنهن نئين انڪشاف جي خوف کان ٻڏندڙ دل سان پڇيو.

”منهنجو اشارو صنم سان شهزاد جي گهاٽي ٿيڻ ڏي آهي... هن جي زال آئي وئي وِني تي روئي... جهول ڪنيو پئي پاراتا ڏي ته ’صنم منهنجو نهيل نڪيل گهر ٿي ڦِٽائي‘...“

”شڪ ۽ وهم جو ته دنيا ۾ ڪو علاج ئي ڪونهي... ڪنهن ٻئي لاءِ اهو چئجي ته ڪٿي ميجي به، شهزاد ته منهنجو رت جگر آهي... ياءُ آهي، مان ڪيس چڱي ريت سڃاڻان... صنم سان هَن جي گهرائپ به ته اِن حيثيت ۾ ئي آهي... آخر ياجائي اٿس...“


Scanned with CamScanner

"تون ڪونہ سمجھندين انهن ڳالهين کي ابا! جي سمجهين ها تہ ساڻس پرڻو ڪرڻ تي بہ ايڏي ضد پڏي نہ بيهين ها. مونکي تہ تڏهن بہ ڳالهہ نٿي وڻي، پر تنهنجي خوشي آڏو ماٺ رهيس."

پٽ جو گهر ڦِٽڻ جي خوف کان، هوءَ پنهنجي پر ۾ دانائي کان ڪم وٺندي، توڙي جو اڃان بہ ڪيس ڪُليءَ طرح ڪجهہ نہ چئي سگهي، تڏهن بہ هُن جي دل ۾ بدگمانين پيهر ڪر ڪنيو. جن کي هن حالتن سان سمجهوتي تحت پاڻ ۾ دفن ڪري ڇڏيو هو، پر جڏهن هن ماڻهن جي نظر سان شهزاد ۽ صنم جي اکين ۾ ڏٺو تہ اتي ڪيس نوان رنگ نظر آيا. اهوئي سبب هو جو ڏيڍ مهيني وارين موڪلن کي هو ويهن ڏينهن تائين مختصر ڪري، ضروري ڪم جا بهانا ڪندي واپس ورڻ جا سانياها ڪرڻ لڳو. هن جا ساهرا جن ڌي، نائي ۽ ٻارن مان اڃان سڪ ئي نہ لاٿي هئي، سي ان اوچتي واپسيءَ جي اعلان تي حيران ٿي ويا. گهڻ حيران تہ صنم بہ نہ هئي، جنهن سراپا احتجاج ٻڻجندي، روئي روئي اکيون سڄائي ڇڏيون...

"منهنجي هر خوشي هُن جي برداشت کان ٻاهر آهي،" هِن ڪاوڙ مان ٻنهہ ٻاهہ ٽيندي چيو.

"هرويرو هن تي الزام نہ ڏي، ضرور اهو ڪجهہ ابتو سبتو ڪن تي پيو اٿس، جيڪو اسين بہ ٻڌون وينا... شايد تڏهن ئي وڏيڪ نٿو ترسڻ چاهي..."

"ڇا ٻڌو هوندس، اهوئي نہ تہ شهزاد جو اسان وٽ گهڻو اچڻ وڃڻ ٿي پيو آهي... يا اسين هن سان ڳِهرا ٿي پيا آهيون..."

"هتي توهان ٻنهي جي نہ، رڳو تنهنجي ڳالهہ آهي. جيڪا رڻ ٻارڻ لاءِ گهڻ ناهي... تون سمجهين ٿي تہ هن جي زال ماٺ ڪيو ويٺي هوندي...؟"

"جن زالن کي احساس ڪمتري يا پنهنجي مڙسن تي اعتماد نہ هوندو آهي، سي ئي اهڙا اجايا گوڙ ڪري پاڻ کي اهميت ڏياريندي يون آهن. حقيقت ۾ عرفان مونکي خوش ڏسي نٿو سگهي، اڍائي سالن ۾ جيڪر مُٺ جيترا ڏينهن مونکي ماڻٽن سان ملڻ جي خوشي پيا ڏين تہ هو سڙي مئو آهي... مان ڇاٽان ٿي، اهڙو ڪوبہ ايمرجنسي وارو ڪم ناهي جنهن ڪري ايڏو جلد واپس وڃڻو پئي... بهرحال پاڻ وڃڻو اٿس تہ ٻلي وڃي، منهنجو تہ اڃان واپس


Scanned with CamScanner

وڃڻ جو ڪو ارادو ئي ناهي...“

”چرين جهڙيون ڳالهيون نہ ڪر،“ نور بانو چڙ ڀِيندي چيس.

”چريائي وري ڇا جي، سچ پئي چوان، توهان وٽ تہ رڳو ڇهہ ڏينهن رهي آهيان باقي تہ سمورا ڏينهن سندس مائٽن جون حاضريون ڀريندي گذريا اٿر. اڄان تہ پراڻين ساهيڙين سان ملڻو هو. شاپنگ ڪرڻي هئي، ڪپڙا لٽا سبرائڻا هئا. مان سڀ ڇاڻان ٿي تہ اِهو اوچتو فيصلو مونکي خوش ڏسي، رڳو ذهني ٽارچر ڏيڻ لاءِ ئي ڪيو اٿس... پڪ ان ڏائڻ ماڻس ئي چوريو هوندس.“

”ڀڻ ڀارن جي ماءُ ٿي ڪري بہ تون اڄان تائين ساڳي بيوقوف آهين.“ عابده چيو. ”هرويرو ٿي ان مسڪين مائيءَ تي شڪ ڪرين... ماءُ چاهيندي تہ هن جو پٽ اکين آڏو هجي ڪين وڃي!“ عابده سندس ڪنڌ، پنهنجي ڪلهي تي لاڙيندي مٿي تي پيار مان هٿ ڦيريس، ”تون انهن ننڍين ننڍين ڳالهين ۽ روين ڪي ڪٿ ۾ آڻي پنهنجي زندگي وڏيڪ برباد نہ ڪر... برداشت ڪر اهو سڀ ڪجهہ جيڪو ڪرڻ چاهي... تون پنهنجي ٻارن لاءِ جيءُ... وڏيڪ ترسڻ لاءِ هرويرو ضد نہ ڪر... ايئن ڪري پاڻ سان ٿهائين چپ پوڻ جو وجهہ نہ ڏيس...“

ان دم عرفان بہ پنهنجي ٻارن ۽ سهري سوڏو ٻاهران موٽي آيو تہ ماءُ ڌيئن بہ ڳالهين جو رخ ٻئي طرف موڙي ڇڏيو.

●

دبئي ڏي اوچتي واپسي، ماءُ پيءُ جي وچ ۾ هر وقت سخت جملن جي ڏي وٺ ۽ هڪ ٻئي کان بيزاري وارن روين، ٻارن کي بہ منجهائي ملول ڪري رکيو. سندن ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندڙ اڪيڊمڪ ريورنس ۽ اسڪولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شڪايتن، عرفان کي تهائين ڇتو ڪري ڇڏيو. هو اهي سموريون ڪسرون زال مان ڪڍڻ لڳو.

”يارن جي ياد مان فرصت ملنئي ته پارن ڏي به توجه ڏين...سندن تباهيءَ جي زميدار رڳو تون آهين... رڳو تون...“

”توهان کي هر پيري اشراف زال تي اهڙا اجايا بهتان هڻندي شرم اچڻ گهرجي.“ هن ڳوڙها ڳاڙيندي وراڻيو.

”پاڻ کي اشراف ڪوٺي شريف زالن کي گار نه ڏي! تون شريفن جي خاندان ۾ ڄمڻ جي ته لائق ئي نه هئينءَ.“ هُن جي زور زور سان ڳالهائڻ تي ڪمري جي ڪُنڊ وٽ بيٺل هراسيل ٻار هڪ ٻئي کي ڇنبڙي هانءَ ڦاٽيون ڏانهون ڪري روئڻ لڳا، پر ٻنهي مان ڪنهن ڪان به نه پُڇو، جو وڃي ڪين ڇاتيءَ سان لائي سندن خوف دور ڪري.

شام جا پنج ٿي لڳا. عرفان ۽ ٻار اڃان ننڊ ۾ ئي هئا. صنم ٻارن لاءِ سِنيڪس ٺاهي ۽ هُن لاءِ فلاسڪ ۾ چانهه پيري، ميز تي آڻي رکي مس جو فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي... هِن جيئن ئي ريسور کنيو ته خلاف توقع شهزاد جو آواز ٻڌي گهبرائجي وئي...

”اوهه تون...! تو هِن مهل فون ڇو ڪيو؟“

”صبح کان پئي ٽراءِ ڪيم. ڏاڍي مشڪل سان هينئر وڃي ڪا لائين ملي آهي. مان ڏاڍو پريشان هئس، تون ته مونکان موڪلائي به نه وئينءَ... ڪُنڪو ٿي پيو اٿر ته عرفان ٽوئر مختصر ڇو ڪري ڇڏيو...“

”الائي ڪيئن هن تائين پنهنجون خبرون پهچي چڪيون هيون... مونکي خبر نه هئي ته پاڪستان پهچڻ کان اڳ ئي، تنهنجي حوالي سان مونکي ايڏي مشهوري ملي وئي هوندي... ڇا اهو بهتر نه هو ته پنهنجا لاڳاپا ڪهاڻي ٻڌڻ بدران پاڻ تائين ئي محدود رهن ها...“

”يقين ڪر...“ شهزاد اڃان ايترو ئي چيو جو هڪ وڏي ڌماڪي سان فون جو سلسلو ڪٽجي ويو. عرفان پڻ ننڊ مان اٿي فون ڪٽڻ لاءِ آيو پئي، پر صنم جي ڊيمي ۽ هراسيل انداز ۾ ڳالهائڻ. هن جا قدم لائونج ۾ ئي پردي پويان روڪي ڇڏيا. جيئن ئي اندازو ٿيس ته اِها گفتگو شهزاد سان پئي ٿئي ته هن جو صبر ڇلڪي پيو. هُن اڳتي وڌي ڇڙ ۾ ڏڪندڙ هٿن سان هِن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رسيور ڪسي فون سيٽ کي پوري قوت سان فرش تي اڇليو ۽ ڪيس زوردار
چماٽ وهائي ڪڍي...

"ويساهه گهاتڻ، مون سدائين توتي اعتماد ڪيو! تنهنجي محبت ۾
پاڳل ٿي جيئڻ چوندي هُيئڻ تيئڻ ڪندو هُئس... اِن ڇري چاهت پويان ئي
تنهنجون سموريون بيهودگيون برداشت ڪيون اٿم... پر تو حد ڪري ڇڏي
آهي... هاڻ توکي جيتريون بي حيايون ڪرڻيون آهن ڪري سگهين ٿي،
جيترن يارن سان منهن ڪارو ڪرڻو اٿئي وڃي ڪر، پر هاڻي هن گهر ۾
تنهنجا ڏينهن پورا ٿيا. مان توکي طلاق ٿو ڏيان!"

هو ٽي ڀيرا ساڳيا لفظ ورجائي ٻاهر نڪري ويو. هن جا شعلن جهڙا
ٻرندڙ لفظ، جن سان ڌرتي ۽ آسمان ٻه ڪنبيو وڃن، هِن تي نه بجلي بڻجي
ڪِريا نه ڦهاڙ تي ٽُٽا. نه ئي سندس پيرن هيٺان ڌرتي کسڪي... ها البت
ٿوري دير لاءِ هوءَ سڪتي ۾ سا اچي وئي. ان پرندي جيان جيڪو پڃري مان
جند ڇڏڻ تي ڦهريائين بي يقينيءَ مان هيڏانهن هوڏانهن نهاري پوءِ هڪ دم
ڦڙڪو کائي اڏامي ويندو آهي. هِن ٻه پاڻ کي اهڙي ئي پڃري جو پکي تي
سمجهيو، جا هاڻي آزاد فضائن ۾ پنهنجا پرڙا ساهڻ جي قابل ٿي وئي هجي.
ڪيس ندامت جو ڪوبه احساس نه هو... شهزاد سان پيار جي انت ۾ ڪيس
ٻارن جي به پرواهه نه رهي، ته هاڻي انهن جو ڇا ٿيندو. هو گهر ۾ آيل ان
طوفان کان اڃان بي خبر هئا جو صنم ڪمري ۾ اچي ضروري سامان پئيڪ
ڪرڻ لڳي.

صنم جي طلاق جو اطلاع سندس مائٽن کي ملي چڪو هو. تنهن ڏينهن
عرفان ريڊيو فون سروس ذريعي ايئرپورٽ وڃڻ لاءِ ٽئڪسي گهرائي، پاس
پورٽ ۽ ٽڪيٽ ڏانهس اڇليندي چيو:

"هاڻ تون آزاد آهين، يارن ڏي وڃ يا جهنم ۾!"

صنم ڪا ورندي ڏيڻ بدران ٻارن کي پاڻ سان هلڻ جو اشارو ڪيو ته
هُن روڪيندي چيس:

"ٽڪيٽ رکُو تنهنجي آهي، منهنجي ٻارن کي هٿ نه لائي... تو جهڙي
ڪِريل عورت جو اِنهن تي ڪوبه حق ناهي."

"مما مونکي نه ڇڏي وڃ... مونکي وٺي هلا" ڇڻن سالن جي اِفراح،


Scanned with CamScanner

ماءُ کي چنبڙندي رانيات ڪيو تہ عرفان اڳتي وڌي ڪيس ڇڪي پاڻ ڏي ڪيو.

"اِن کي تہ وٺي وڃڻ ڏيو." صنم جو من پرچي آيو. "هيءَ مونکان سواءِ رهي نہ سگهندي..."

"تون پنهنجي ڪر! هيءَ ننڍڙڪي ناهي، هِن جو وارث آءٌ وينو آهيان!" هُن چتائيءَ مان چيو. شايان سمورو لقاءُ حيرانيءَ مان ڏسندو رهيو. هن ليڪي تہ اِها هميشہ واري ڪار هئي، پر ان ڳالهہ تي حيران هو، تہ 'مما اڪيلي ملڪ ڇڏي ڪيڏانهن پئي وڃي'!

صنم ٻارن کي آخري چمي ڏيڻ ۽ ڀاڪر ۾ ڀرڻ کان سواءِ ٿي عرفان جي قدمن وٽ ڪِريل ٽڪيٽ ۽ پاسپورٽ کنيو ۽ هينڊ بيگ ڪُلهي تي لٽڪائي، سوٽ ڪيس گهليندي گهر مان نڪري ٽيڪسيءَ ۾ اچي ويٺي.

•

ڏيءَ جي طلاق واري خبر ٻڌڻ شرط وقار عليءَ تي دل جو شديد دورو پيو. کيس بنا دير اسپتال نيو ويو، پر ڊاڪٽرن جي گهڻي ڪوشش بعد بہ هو جانبر نہ ٿي سگهيو. عيد جي موقعي تي ٻاهران آيل سندس سموري اولاد جون خوشيون ايترو جلد ماتم ۾ بدلجي وينديون، سا ڪنهن کي خبر هئي. ايئن ٿي لڳو جڻ عيد ملڻ بهاني هو آيا ئي کيس الوداع ڪرڻ ۽ سندس آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هجن.

صنم کي تہ پيءُ جي مرڻ جي ڪا خبر ئي نہ هئي، جو هوءَ اچان هوائن ۾ پئي اڏامي. جهاز لينڊ ڪيو تہ ايئرپورٽ تان وٺڻ لاءِ سندس وڏو ڀاءُ اسد موجود هو، جنهن جي اکين ۾ هِن پنهنجي لاءِ نفرتن جا الاءُ ڏسي ورتا. ان دهشت کيس ايڏو تہ دهلائي ڇڏيو جو وات مان اکر ئي نہ اُڪليو ٿيس. گهر کان ايئرپورٽ تائين جو سوا ڪلاڪ وارو سفر ٻئي چپ رهيا. جڏهن تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽريفڪ جي شور، ان موت جهڙي سانت تي پنهنجو پاڇو وجهي، زندگيءَ جو احساس تي ڏياريو.

گهر واري گهٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ سان گيٽ سامهون ديڳون، شاميانا ۽ ماڻهن جا انبوهه ڏسي هِن جي دل ڇڻ بيهي رهي. ڪنهن انڄاتل خوف مان اُمالڪ پڇيائين:

”ادا هي سڀ ڇاهي...! ڇا ٿيو آهي؟“

اسد ڪو جواب ڏيڻ بدران هانءَ روڙڻ واري نظرن سان ڪيس نهاري، گاڏي گيٽ وٽ بيهاري پاڻ هيٺ لهي تنبوءَ ڏي وڌي ويو.

چوڪرد نگاهه وجهڻ سان صنم کي سيني جي نظرن ۾ پنهنجي لاءِ رڪائي محسوس ٿي. چاچو، پائر، پائٽيا، پاڻيجا، سئوٽ، ماسات سيئي هليا چليا پي، سيني ڪيس ڏسي ته ورتو هو، پر ڪير به اڳتي نه وڌيو. ڪنهن جي به چهري تي هِن لاءِ ڪو سٺو تاثر نه هو... هوءَ ڌڙڪندڙ دل سان گاڏيءَ مان لهي، ننڍي گيٽ کان گهر اندر داخل ٿي، جتي صفِ ماتم وڇيل ڏسي سڀ سمجهي وئي. سامهون اچي وڳي ۾ ٻَئين پانهن سان ماءُ کي وينل ڏسي، ڪنهن تي نظر وجهڻ بنا هوءَ اڳتي وڌي آئي ۽ سندس هنج ۾ منهن لڪائي اوڇنگارن ۾ پئجي وئي.

وقار عليءَ جي چاليهي کان پوءِ سعودي ۾ سيٽل تيل انجنيئر پٽن اسد ۽ عاصم ماءُ کي پاڻ سان هلڻ جي نه رڳو آڇ ڪئي، پر اسرار ڪرڻ ۾ به وسان ڪين گهٽايو. ننهرون به مٿاڇري دل سان ٺي سهي، وات ٽڪائيءَ بنا رهي نه سگهيون. عادل ته ڊاڪٽر ٿيڻ کان پوءِ آمريڪن ڇوڪريءَ سان پرڻجي اتي جو ٿي ٿي ويو هو، جنهن ڇهه ماهي فون ڪري دلاسن سهاري ماءُ پيءُ کي پيو وندرائيندو هو ته جلد اچڻ جو پروگرام ٺاهيندا سين. تنهن به پيءُ جي گذاري وڃڻ جو ٻڌي ماءُ کي سچي دل سان پاڻ وٽ اچي رهڻ جو زور پريو. جڏهن ته عابده، جيڪا پٽ پرڻائڻ کان پوءِ هاڻ انهيءَ وٽ ٺي ڪئناڊا ۾ سيٽل ٿي وئي هئي، تنهن پڻ چاهيو پئي ته ماڻس ساڻ هلي.هِن نه رڳو ڪيس مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان ڏس ۾ ماءُ سان چڱا مُدا به لاتا ته جهيڙا به ڪيا. نورٻانو لاشڪ ته ڌيءُ سان ڳڏ وڃي هلي ها، جو هتي پيو هن جو هو به ڪير... پر صنم جو اچي سِر تي لڳس، ته سندس پيرن ۾

ڄڻ نيٺر پئجي ويا. هوءَ ڪنهن به ريت ڪيس اڪيلو ڇڏي ڪٿنابا وڃڻ لاءِ راضي نه ٿي، ته عابده ٻاهرڄي چوڻ لڳي:

”بابا جو سِر ان ڏائڻ وڃايو. هاڻ توکي به ڪائي پورو ڪندي!“

”مان جيئري ئي ڪٽي آهيان.“ هن جهيٽي آواز ۾ وراڻيو.

”تون پلي پاڻ کي جيئرو نه سمجھه، پر تنهنجو هيٺو وجود به اسان لاءِ ٺڏي ڇانوَ مثل آهي. توکي هن رکي مٺي ڏائڻ جي آسري ڪيئن ڇڏيان! ننڍڙڪو ڪري الائجي ڪهڙا حال ڪنديءَ!!“

”بس. جيڪا منهنجي قسمت... پاڻهي پئي لوڙيندس. شال توهان پنهنجي ٻچن سان خوش هجو...“ هن اکين ۾ تري آيل لڙڪ ضبط ڪندي وراڻيو.

”ان نياڳيءَ، عشق بازي ڪري جنهن ڪاڻ پنهنجو گهر ڦٽايو آهي، تنهن سان شادي ڪري ويهي رهندي. تون باقي راهه گناهه جو وڻي ان ڇوڻڪ ڇنڊيءَ ڪاڻ قربانيون ڏين!“

نور بانو ڪا ورندي ڏيڻ بنا چپ چاپ پنهنجا لڙڪ پيئندي رهي. ڪيس ماٺ ڏسي عابده وري ڇتائيءَ مان چيو:

”جي مٿس ڇوڪريءَ ڏيڻ جي خيال ڪان وڻي آهين ته اهو سمجهي ڇڏ امان. اها ٿڪي ڇوري توکان زور آهي. جيڪا مڙس جي ئي قابوءَ ۾ ڪانه آئي، تنهن تي رنڙ ماءُ جو ڪهڙو وس هلندو! تون ته رڳو سندس ميسٽو منهن ڏسيو ميڻ ٿيو پئين... مان وري به چوانءَ ٿي ته هيءَ وڏي شئي اٿئي. اسان جي وڃڻ پڇاڻان رت جا ڪوندا روئاڙيندءِ. تڏهن ٿي چوانءَ ته سوچي وٺ.“

نور بانو جنهن هيلتائين ماٺ ڪيو سڀ ڪجهه پي پڌو تنهن نيٺ چپ چوريا:

”صنم ته جيئن تيئن نيايو پئي... اهو سڀ نِپٽي شهزاد ڪري ٿيو آهي.“

”پنهنجي گهر جي ڪُڪڙ پئي گهر وڃي آنا لاهيندي، تنهن ۾ شهزاد جو ڪهڙو ڏوهه.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر عابده وٽان هر طرح جا دليل ٻڌڻ کان پوءِ به نور بانو پنهنجي فيصلي تان نہ مڙي.

●

وقار علي زندگيءَ ۾ ڪيو ڪو سٺو ڪم ڪيو هجي يا نہ، پر اهو سو ضرور ڪيو، جو حرام جي ڪمائيءَ مان ٿي سهي، ٻچن لاءِ اجهو ٺهرائي ورتائين، جڏهن تہ نور بانو بہ هٿ ڦاڙ ٽيڻ بدران دور انديشيءَ کان ڪم وٺندي، پئسو پئسو ميڙي ايترو بينڪ بيلنس ٺاهي ورتو، جو ڪنهن اڳيان هٿ ٽنگڻ بنا عزت سان زندگي گذاري سگهجي. اهو ئي سبب هو جو وقار علي پڇاڙان ڍير توڙي ٻين ويجهن عزيزن پاران، ڪنهن بہ قسم جي مالي مدد قبولڻ کي هن تورا ميڻيندي ٽڏي ڇڏيو.

سيني جي واپس وڃڻ کان پوءِ سڄي گهر ۾ رڳو بہ ماڻ ڏيون!... ماٺ، اداسي ۽ در دريون... صنم ڪيترا ڏينهن ماءُ سان نظرون ئي نٿي ملائي سگهي. نور بانو کي بہ الائي هن لاءِ ڪهڙا احساس هئا. ڪڏهن نفرت، ڪڏهن پيار تہ ڪڏهن همدردي... هوءَ سمجهي نٿي سگهي تہ ڪيس پنهنجي سهاڳ جو قاتل سمجهي، هن ساڻس نفرت ٿي ڪئي يا جگر جو ٽڪر سمجهي، پيار ٿي ڪيو. ڪڏهن تہ ماڳهين انهن ٻنهي جذبن جي وچ ۾ وچڙجي پنهنجي ۽ هن جي بربادي ٿي ترس بہ ٿي آيس.

صنم کي پاڪستان ۾ آئي اڃان بہ مهينا ئي مس ٿيا تہ خبر پيس تہ عرفان بہ ٻارن سوڌو واپس اچي ويو آهي، جو ماءُ بنا اِفراح جي حالت ڏينهون ڏينهن وئي ٿي خراب ٿيندي. ڊاڪٽر سندس Quick recovery نہ ٿي سگهڻ جو سبب ڪو سخت ذهني شاڪ ٻڌايو. عرفان ڪيس هتن مان ويندو ڏسي، پنهنجي مائٽ معرفت ناناٽي ڏياري موڪليو، باقي شايان کي ڏاڏاٽي ڇڏي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيس ڪڏهن ڪڏهن پيڻ ۽ ماءُ سان ملائڻ جي تاڪيد ڪندي، پاڻ ڪمپنيءَ سان باقي ڪانٽريڪٽ جو ڇهن مهينن وارو رهيل مدو پورو ڪرڻ لاءِ واپس دبئي روانو ٿي ويو.

شهزاد جي ته الله ڪٿي واهر ڪئي. دبئي جي ٽڪڙن طوافن مان جند ڇٽي پيس. صبح سانجهي 'اڪيلين' عورتن جي سار سنڀال لهڻ لاءِ سندن در تي پٺي ليفٽ رائيٽ ٿيندي هئس. صنم ڪم ڪارين جي بهاني، بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ساڻس گاڏي ۾ چڙهيو ساري شهر جو گشت پئي ڪندي هئي. نور بانو سمورو لقاءُ ڏسندي به، رڳو ان آسري ۾ سور پيو طلاقيل ڌيءَ جون بي حيائيون پئي سَٺيون ته من اِن بهاني، هڪ وار وري هن جو گهر آباد ٿي پئي. پنهنجي مفادن لاءِ ماٺهو اوچتو ئي اوچتو ڪيئن نه خود غرض بنجي پوندو آهي، اِهو احساس رکندي به، هوءَ ڄڻ بي حِس ٿيندي پئي وئي. هاڻ ته ڪيس اِها به پرواهه نه هئي ته صنم سان شادي ڪرڻ تي، شهزاد جي زال روحا جي دل تي ڇا گذرندي...؟ سندس اولاد جو ڇا ٿيندو؟ ڪيس رڳو اِها ئي جهوري هئي ته ڇا به ٿي پئي، پر سندس ڌيءَ جو گهر ضرور آباد ٿيڻ گهرجي. پر سڄو سارو سال گذري ويو. شهزاد جي ويجهڙائپ ڪو پوئتو نه ٻاري سگهي ته صنم پاڻ ئي بي حيا بڻجي شاديءَ جو راڳ آلاپڻ شروع ڪري ڏنو. اٿندي ويهندي، گهمندي ڦرندي اِها ئي وائي وات هوندي هئس ته، 'هاڻ شادي ڪجي'.

تنهن ڏينهن به سمنڊ ڪناري سير ڪندي هن ساڻس اِها ئي ڳالهه ڇيڙي ته هُن ڪنهن ٻار جي ٺاهيل ريت جي گهرڙي کي لتاڙي اڳتي وڌندي وراڻيو:

"منهنجي پيار ۾ اڃان به ڪا ڪمي رهيل آهي ڇا جو تون ايڏو جلدي شادي ڪرڻ لاءِ ضد ٻڌي بيٺي آهين؟"

ان لهجي ۾ ڪيل سوال ڪيس ڇرڪائي ڇڏيو، پوءِ به چيائين:

"سڄي زندگي ناجائز ناتن سان ته نٿي گذاري سگهجي... سوسائٽيءَ توڙي خاندان ۾ عزت سان ڪنڌ کڻي هلڻ جي ته مونکي به خواهش هوندي نه... ان خواب جا ڏيا تو ئي ته منهنجي اکين ۾ رکيا هئا..."

ڪيس سنجيده ٿيندو ڏسي هن لهجي جو رنگ بدلي ڇڏيو.


Scanned with CamScanner

”تون تہ صفا ڪا ڇري آهين، مونکي غلط نہ سمجهجانءِ... توکان وڏيڪ تہ مونکي شاديءَ جي جلدي آهي ۽ اِن ڳالهہ جو احساس بہ آهي پر صنم، تون پنهنجي ان پيار جي ناتي کي ناجائز ڪوئي اِن جذبي، ان رشتي جي توهين تہ نہ ڪر... جن جي دلين ۾ پيار جا ڏيئا روشن هوندا آهن، انهن جو ڪوبہ فعل گناهہ يا ثواب کان بالا هوندو آهي. ناجائز تہ اهي رشتا ٿيندا آهن، جن ۾ دِليون ڪوهين دور هجن، جن کي زوري ’بہ ٻول‘ پڙهائي هڪ ڪيو ويندو آهي...“

”پوءِ بہ سماج ۾ انهن ’ٻن ٻولن‘ جي اهميت دل جي رشتي کان وڌيڪ آهي، ان کان بہ تہ انڪار نٿو ڪري سگهجي نہ...“ صنم سمنڊ ڪناري واريءَ تي ويهندي چيو. شهزاد هِن جي سامهون ٿي ويٺو ۽ سگريٽ دکائيندي هڪ وڏيڪ دليل ڏنو:

”پر اِهو بہ سچ آهي تہ سماجي رشتن ۾ اچڻ کان پوءِ پيار چاهي ڪيترو ئي شديد ڇو نہ هجي، اُن ۾ جذبن جي اُها شدت، گرم جوشي، جذباتي وابستگي ۽ هوش وڃائيندڙ ديوانگي نٿي رهي... تڏهن تہ چوندا آهن تہ محبت ۾ شادي، پيار جو موت سمجهي ويندي آهي... جو ان ۾ ذميداريون، پابنديون، ضرورتون، مسئلا، مطالبا ۽ ٻيو بہ زندگيءَ کي کِلڻ لاءِ اهڙو گهڻو ڪجهہ شامل ٿي پوندو آهي، جنهن مان پيدا ٿيندڙ بيزاري، بوريت ۽ يڪسانيت پيار جو انت آڻيو ڇڏي... تڏهن انهن ڳالهين کان گهبرائجي، ڪنهن نئين پيار جي پناهہ ۾ وڃڻ تي دل چوندي آهي، جتي ڪي بہ مطالبا... پابنديون يا ذميداريون نہ هجن. ان ويل محبت ڪندڙ دليون هڪ ٻئي آڏو صرف ۽ صرف پنهنجي شخصيت جو سٺي کان سٺو رخ پيش ڪنديون آهن...“

”تون ڇا ٿو چوڻ چاهين؟“ هن سواليہ نشان بڻجي سندس اکين ۾ ڏسندي چيو.

”تون غلط نہ سمجهہ صنم، مان تہ توکي انساني نفسيات پيو ٻڌايان... ڏس نہ، مون بہ تہ روحا سان پيار جي شادي ڪئي هئي، مونکي هِن کان هاڻي نفرت بہ تہ ناهي، پر اهڙو جذباتي لڳاءُ بہ ڪونهي، جيڪو توسان اٿم... هاڻ اهو ٿيڻ بہ ناممڪن آهي، جو انساني رويا پنهنجو پاڻ تبديل ٿيندا رهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٿا. اسان جي اختيار ۾ ته ڪجهه به ناهي... ماڻهو ته ان وقت به سچو هوندو آهي جڏهن هو جنم جنم جي ناتن جي ڳالهه ڪندو آهي ۽ ان وقت به، جڏهن اوپرو ٿيندو آهي! هن جي شخصيت جا اِهي تضاد سندس وجود ۾ اڳ ئي شامل هوندا آهن... تنهن ڪري مونکي اڪثر اِهو خيال ايندو آهي ته توسان ايڏو جلدي شادي ڪري، اِهو جذباتي لڳاءُ مونکان ٻيهر کسجي نه وڃي... مان اِنهن قيمتي لمحن مان يڪدم محروم ٿيڻ نٿو چاهيان... پيار جي نشي ۾ ڇُور، اِهي ڇوريءَ جا پل شراب کان به وڌيڪ نشو ۽ ڏيارينڊڙ ٿيندا آهن..."

شهزاد جا دليلن مٿان دليل ٻڌي هوءَ ماٺ ٿي وئي، جنهن کي محسوس ڪندي هن چيو:

"ماٺ ڇو ٿي وئينءَ... لفظ کٽي ويئي ڇا؟"

"لفظ ڪڏهن به نه کٽندا آهن... احساسن جو روپ وٺي دل ۾ محفوظ ٿي ويندا آهن... روح ۾ گهر ڪري ويندا آهن... پر انهن لفظن... انهن جذبن کي رڳو روح ۾ لهڻ سان ئي پڙهي سگهبو آهي..."

"چئبو ته مان ايتري تنهنجي روح ۾ لهڻ جي قابل نه ٿيو آهيان..." هن معنيٰ خيز مرڪ مرڪندي ڳالهه جاري رکي. "مطلب ته اسين رڳو گونگا وجود ٿي هڪ ٻئي کي ٻڌندا رهون؟"

"هرويروءَ جي لفاظيءَ کان اِها ماٺ ئي ڀلي." هن به ساڳئي لهجي ۾ ورائيو.

"لڳي ٿو وڙهڻ جي موڊ ۾ آهين..."

"مان وڙهڻ جي موڊ ۾ ناهيان." هن سندس ڇهري ۾ ڏسندي سنجيدگي مان چيو. "باقي رڳو اهو سمجهڻ جي ڪوشش پئي ڪريان ته انهن سمورن دليلن پويان تنهنجو مقصد ڇا آهي."

"مون توکي اِها ڳالهه سؤ ڀيرا چئي آهي ته اِهو منهنجو موت ٿيندو، جنهن ڏينهن مون تي شڪ ڪندين... باقي مقصد جي ٿي ڳالهه ڪرين نه، ته بابا ٿي ويندي... شادي به ٿي ويندي... مان ڪو ڀڳو ٽورو ئي ٿو وڃان! هينئر ته مونکي ان سرور مان نه ڪڍ جيڪو تنهنجي ساٿ سان ڪنهن جادوءَ جيان مون تي طاري آهي... مونکي توسان ڪيڏي محبت آهي... مان ته اِن جو


Scanned with CamScanner

اندازو ٿي نٿو لڳائي سگهان، الائي تون اِهو سڀ ڇو نٿي سمجهين..."

پر اِهو به سچ هو ته صنم جي طلاق کان پوءِ شهزاد کي ايئن ئي لڳو، ته هوءَ اوچتو ئي اوچتو عرش تان فرش تي ڪِري پئي هجي... بنهه هُن جي قدمن ۾! جيئن ڪنهن لذيذ طعام جي طشت تان پوش اڏامي ويو هجي... هوءَ ڄڻ ڪا ڍونڊ جو ڍير هجي... جنهن تي ڪيئي ڳجهيون، سرِٽيون، ڪانگ تـتي پيا هجن... رولو ڪتا ٻلا نُوسي نوسي سنڌس ماس پٽي رهيا هجن!!

●

نور بانو جيڪا يڪو ڏکن جي بار هيٺان دٻجي جهري پئي هئي، سا ڌيءَ جي صدقي ڌڪتيءَ کان هڪ وار وري جيئڻ جو ڏانءُ سکڻ لڳي ۽ اِفراح جون سموريون سنهيون سُڪيون ذميواريون پاڻ ڏي ڇڪي ورتيون. هِن چاتو ٿي ته صنم ڪين ماري، پاڻ به ڪڏهوڪو مري چڪي آهي... اِفراح ۾ هِن جو چهرو ڏسي کيس لڳو ته هوءَ ڄڻ نئين سر صنم جي تعمير ڪندي هجي.

شايد ته شهزاد سچ تي چيو ته 'پيار ۾ مطالبا پيار جو موت هوندا آهن...' اِها ڳالهه هاڻ صنم به محسوس ڪرڻ لڳي هئي، جو جڏهن کان هِن D.N.C ڪرائي لاڳيتو شاديءَ جا مطالبا ڪرڻ شروع ڪيا هئا، تڏهن کان هوءَ کيس محبوبا بدران ورياج خور پٺاڻ ٿي لڳي، جيڪو سموري رقم مور سوڊو چُڪتو ڪرڻ بنا پيڇو ئي نه ڇڏيندو آهي... شهزاد جي رويي کيس اندر ئي اندر ڀيڄي ڀور ڪري ڇڏيو هو. کيس محسوس ٿيندو هو، ته هاڻ هُن ڪانئس دور رهڻ جا ڄڻ بهانا ٿي ڳوليا... تڏهن ئي ته چار چار ڏينهن لنگهي وڃڻ کان پوءِ مس وڃي ڪو منهن ڏيکاريندو هو. پر اڄ ته يڪا سارا ڏهه ڏينهن به گذري ويا هئا... ان دوران هِن ڪيترائي ڀيرا سنڌس آفيس ۾ فون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهمائي ڪيس لوڪيٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوءِ پڪ ٿيڻ لڳس ته هو ڪيس ٽارائي ٿو.

پي. اي جو هر وقت طوطي جيان اِهو ئي راڳ آلاپڻ ته صاحب ميٽنگ ۾ آهي، صاحب ڊيليگيشن سان ويل آهي، صاحب لنچ تي ويل آهي يا صاحب فيڪٽري تي ويل آهي. ٻڌي ٻڌي هن جا ڪن پچي پيا. پر هار مڃڻ واري ته هوءِ به نه هئي. نيٺ به ڪيس فون تي ملي ويو.

"شهزاد، ايڏا ڏينهن تون ڪٿي هئين؟" هن ذري گهٽ روئڻهارڪي ٿيندي پُڇيو.

"اِتي ئي ته هئس... تو ۾... تنهنجي هر پاسي... تنهنجي هر ساهه ۾... ۽ هر سوچ ۾..." هن شوخيءَ مان وراڻيو.

"هينئر مان ڊائلاگ ٻڌڻ جي موڊ ۾ ناهيان." هن ساڳي نوع ۾ چيو.

"چو جان، اڄ تون ايڏي ڊپريس چو پئي لڳين، خير ته آهي؟"

"اڄ تون گهر اچ... ڪيئن به ڪري وقت ڪڍي... بس اچ..." هن سندس ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

"Ok, ok my dear... سِر اکين تي... پر اڄڪلهه تورو بِزي آهيان، ايندي ايندي به اٺ تي ويندا... تيار رهجان ته ٻاهر هلي ڊنر ڪنداسين..."

ريسٽورينٽ ۾ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ويهندي به صنم کي اڄ هُن جو سڄو وجود اجنبي ٿي لڳو. ڪوڪلا ٽهڪ... هيڏي هوڏي جون فضول ڳالهيون... ويٽرن تي اجايا ريمارڪس... اچڻ وارن جي فيشن، لوڏ ۽ شڪلن تي اجائي چٽربازي! ايئن ته هُن ڪڏهن به Behave نه ڪيو هو... ڪيس اهو محسوس ڪرڻ ۾ دير نه لڳي، ته هو سندس ڌيان ان ڳالهه کان هٽائڻ ٿو چاهي، جيڪا هن چوڻ ٿي چاهي. توڙي جو صنم کي پڪ هئي ته هُن چڱي ريت ڄاتو ٿي، ته سندس دل ۾ ڇا آهي، پوءِ به هِن سمورين ٻي حسين کي نظر انداز ڪندي هڪ ٻيرو وري پاڻ کي هُن آڏو ڪيرائيندي چيو،

"شهزاد تون ڄاڻين ٿو ته هينئر مان تفريح جي خيال سان توسان گڏ نه آئي آهيان..."

تڏهن ٽيبل تي رکيل شيشن کي Twist ڪندڙ، شهزاد جا هٿ رکجي ويا ۽ هن گنڀير ٿي ڏانهس نهاريو.


Scanned with CamScanner

"تون مونکي پنهنجو فيصلو ٻڌائي... هيءَ راند ڪيستائين جاري رهندي... آخر مان به جيئڻ ٿي چاهيان... نظرن جا تير سهي سهي... هر ڪنهن جا لعنتاٽا ٻڌي ٻڌي، ڪيستائين مان اِها بي حيائي واري زندگي جيئندس..."

شهزاد ڪنڌ مٿي ڪيو، جذبات جي ڏکيي راند ڪان پوءِ نظرون ملائڻ جي تہ منجهس همت ئي نہ پئي ٿي، دريءَ مان نظر ايندڙ روشنين ڏي ڪا دير يڪ ٽڪ نهاري، هُن صنم جي اکين ۾ لهندي چيو:

"صنم... تنهنجو ڏک منهنجو ڏک... تنهنجي خوشي منهنجي خوشي، اِن ڳالهہ کان نہ تون انڪاري آهين نہ مان... تون ڇا ٿي سمجهين تہ ايڏا ڏينهن جو مان توسان نہ مِليس، تہ ڇا ايئن هٿ تي هٿ ڏيو ويٺو هُئس...؟ اهو تہ تون بہ ڄاڻين ٿي تہ روحا ڪان پنهنجا تعلقات لڪل ناهن، توسان شادي ڪرڻ جي ڳالهہ ڇيڙيم تہ چيائين، 'مون طرفان اجازت اٿئي، باقي مونکي پوءِ طلاق گهرجي.' هاڻ تون پاڻ سوچ صنم، تہ جنهن عورت ماڻهن سان بغاوت ڪري منهنجو ساٿ ڏنو، زندگيءَ جا ارڙهن قيمتي سال مون سان گڏ گذاريا، جيڪا منهنجي ٽن ڌيئرن جي ماءُ آهي، ان جو ساٿ ايئن لمحن ۾ ڪيئن ٽوڙي ڇڏيان؟..." هُن ڪي گهڙيون ماٺ ٿي صنم جي حيرت مان ڪليل اکين ۾ جهاتي پاتي. "هاڻ تہ ٻن ڌيئن جي شاديءَ جي ڳالهہ بہ هلي پئي، ڇا ان حال ۾ اهو مناسب لڳي ٿو تہ سندن ماءُ کي طلاق ڏيئي، مان پنهنجي خوشيءَ خاطر ڌيئن جو مستقبل تاريڪ ڪري ڇڏيان؟... هر پاسي کان مون تي ٿڪ لعنت ٿيندي... ۽ مون کي يقين آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ نہ تون پنهنجي لاءِ پسند ڪندين ۽ نہ منهنجي لاءِ..."

هوءَ پنهنجا ٻئي هٿ مُنهن تي ڏيئي سڏڪي پئي ۽ پوءِ ڌيمي لهجي ۾ چيائين:

"سڀ ڪجهہ ڄاڻيندي... پنهنجون ۽ منهنجون مجبوريون سمجهندي بہ، تون منهنجي جذبات سان ڇو کيڏئين...؟ ڇو ڪيئي مون سان اهڙو بي رحميءَ وارو مذاق...؟ منهنجا بہ تہ ٻار هٿا... منهنجو بہ تہ گهر هو... منهنجي بہ ڪنهن کي ضرورت هئي... ڇا مون تي ٿڪ ملامت نہ ٿيندي هوندي؟"

هوءَ پاڻ تي ضبط نہ رکي سگهي... ۽ اچي اوڇنگارن ۾ ڇنڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"رليڪس صنم... رليڪس! ماٺهو نہ ڪلائي." هُن ويڻلن تي متاڇري نظر وجهندي پريشانيءَ مان چيو.

"ڪلڻ لاءِ باقي هاڻي بچيو ئي ڇا آهي... سڀ ڪجھ تہ برباد ڪري ڇڏيئي...!"

"ڏس ڏس صنم! مون تي ايڏي وڏي تهمت نہ هڻ..." هُن تلخ ٿيندي چيو. "مان برابر تنهنجي ويجهو ٿيو هئس، مونکي اقرار آهي، پر ايڏو وڏو قدم کڻڻ لاءِ مون توکي مجبور ڪونہ ڪيو هو، تو پاڻ ئي تڪڙ ڪئي... منهنجو ڪوئي ڏوھ ناهي..." ڪا دير ماٺ رهي. هن وري تڏي لهجي ۾ ڳالهايو. "مون تہ پنهنجي ڏيڻ جو مستقبل تباھ ٿيڻ کري پاڻ سنڀالي ورتو، تون بہ سنڀالي سگهين‌ٿي... پر دل نہ لاهي، آءُ سدا تنهنجو رهندس... روحن جا رشتا ڪڏهن بہ نہ ڇڄندا آهن... پنهنجو پيار سدائين قائم رهندو... ۽ هاڻ تہ تهائين توکي گهڻو پائيندس... جو تون رڳو ۽ رڳو منهنجي آهين... صرف منهنجي... بس منهنجي خلوص تي شڪ نہ ڪندي ڪر..."

"لعنت آهي توتي! تنهنجي منافقت ڀري محبت ۽ مطلبي خلوص تي...!!" هِن وڏي ڪڙڪي سان ڪرسيءَ کي ٺيلهيندي ڀري ڪيو ۽ ويٺل ماڻهن جي وچ ۾ پاڻ کي ۽ شهزاد کي تماشو بنائي، تڪڙيون وکون کڻي ريسٽورينٽ مان ٻاهر نِڪري وئي.

●

صنم کي شهزاد جي رويي کان پوءِ پاڻ سنڀالڻ ۾ گهڻو وقت نہ لڳو. جو جهوٻا ۽ ڏک ڪاٽي، زندگيءَ جون لاهيون چاڙهيون، ٻي درد رنگ ۽ روپا ڏسي هوءَ ڏينهون ڏينهن احساس کان عاري ٿيندي پئي وئي. هاڻ تہ هن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظر رکڻ لاءِ ڪوئي ونس موجود بہ نہ هو. نہ پيءُ نہ پائر نہ پيڻ، جو ڪيس ڪنهن جو ڊپ ڊاءُ يا پرواهہ هجي...

پر مهين کان گهر ۾ فون، بجلي ۽ گئس جا بل اچي گڏ ٿيا هئا. اڳ تہ شهزاد سان ڪار ۾ چڙهي سنها سُڪا ڪر اڪلائي ونندي هئي، هاڻ تہ اڪيلي ٿي سمورا ڪر ڪچيءَ ۾ اچي پيا هئس. اڄ بہ هن ڪاڙهي ۾ بل ڀاري، بئنڪ ٻاهران سواريءَ جو انتظار پئي ڪيو. روڊ جي ٻئي پر کان ايندڙ خالي ٽيڪسي کي ڀاڻ ڏي اچڻ جو اشارو ڪيائين مس تہ پر ۾ پارڪ ٿيل گاڏيءَ جو در کولينديءَ، ڪنهن بي ساختگيءَ مان رڙ ڪئي:

"هلو مسز عرفان! توهان هتي..."

"No more Mrs.just sanam" صنم مُک تي ڀرپور مرڪ سجائيندي چيو. "ڪيئن آهيو اظهار صاحب..." هن دبئي واري ايڪسپورٽر کي سڃاڻڻ ۾ دير نہ ڪئي، جيڪو ساڻس 'ريميڊا' جي فيشن شو ۾ مليو هو.

ڪي لمحا اظهار جي مغز ۾ حيرانيءَ جا گهنڊ گونجڻ لڳا، پر ماڻهو سمجهدار هو، معاملي کي سمجهي ويو، گهٽي ڪوٽ ڪوٽان کان بچندي چيائين:

"اچو مان توهان کي ڊراپ ڪندو هلان..." هُن سندس سراپي تي لالچي نظر اڇليندي، ڪار جو فرنٽ ڊور کولي ڪيس ويهڻ تي اصرار ڪيو.

"نہ نہ اظهار صاحب توهان تڪليف نہ ڪريو، هاڻ تہ ٽئڪسي بہ ملي وئي آهي..."

"تہ ڇا ٿيو، موٽائي بہ سگهجي ٿي..."

"so nice of you..." پر هي ڏسو ٽئڪسي اچي وئي..."

هن پاڻ ڏانهن روڊ ڪراس ڪري ايندڙ ٽئڪسيءَ ڏانهن نهاريندي چيو.

"Ok. ok! as your wish..." پر مس صنم اهو تہ ٻڌايو اڄڪلهہ رهو ڪٿي پيا...؟"

"اتي ئي، اوهان جي شهر ۾... اچو نہ ڪڏهن مون وٽ." هن خوش دليءَ مان چيو.

هو تہ منتظر ئي هئڻ انهن لفظن جو هو. اِن پيشڪش تي اصل ٺري پيو.

"ضرور ضرور، هي وٺو منهنجو ڪارڊ." هن وائليٽ مان ڪارڊ ڪڍي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سندس حوالي ڪيو ته گڏ پين ۽ ڊائري به ڏانهس وڌائيندي چيائين:

"توهان جو ڪو ڪانٽيڪٽ نمبر وغيره هجي ته مونکي ڏيئي ڇڏيو. مان ڪنهن ڏينهن رِنگ ڪري حاضر ٿيندس."

صنم هن جو قيمتي قلم پنهنجي بخملي آڱرين ۾ جهلي، ڊائريءَ تي فون نمبر لکي ڏنو.

اڃڻ جو واعدو وٺي هوءَ ته هلي وئي پر اظهار ان نهڻ اُس ۾ ڪا دير گاڏيءَ ۾ ئي ويٺو. لڪيل نمبر کي ايئن ڏسندو رهيو ڄڻ ڪا سپر اسٽار ڪيس آٽوگراف ڏيئي، هجوم ۾ گم ٿي وئي هجي.

●

هوءَ پنهنجي ڪان ئي ڪِچن ۾ پُرڙي اظهار لاءِ سينڊوچز، شارٽ ڪيڪ ۽ پيزا ٺاهڻ ۾ پوري هئي. اڄان به ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪهڙي شئي ٺاهي ۽ ڪهڙي نه...

"ايڏو وڏو ماڻهو پهريون ڀيرو گهر اچي، ته ان جي خاطرداريءَ جو اهتمام به ته سندس شان مطابق ٿيڻ گهرجي..." هِن سوچيو.

"ان ڪان ته يڪو مانيءَ تي گهرائينس ها. اڄايا ڪٽي چانهه تي ايڏا خفا ڪيا اٿئي..." هيڪانديون شيون ٺاهيندي ڏسي، نور بانو طنز مان چيس.

"تون ڪونه سمجهندين امان! حالتن جي نزاڪت تنهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي... اڄڪلهه معاشري ۾ عزت رڳو انهن جي آهي، جن جو وڏن ماڻهن سان تعلق هجي، اهڙا تعلق ڇڙي چانهه جي ڪوپ ۽ بسڪوٽن تي ٽِڪا ناهي سگهجن. جيترو انهن اڳيان پاڻ وڇائبو ان ڪان ٻيٽي عزت ۽ اهميت ملندي! منهنجي عزت کي جيڪو ڇيهو رسيو آهي... تنهن مونکي شيشي وانگر پچي ذرو ذرو ڪري ڇڏيو آهي... مان پاڻ کي ميڙڻ ٿي چاهيان... نئين


Scanned with CamScanner

سر ڳولڻ تي ڇاهيان... پنهنجي چوگرد اهڙن ئي ماڻهن جو ميڙ ڏسڻ جي خواهش اٿم... مان ان ٽِڪي جي مستري عرفان ۽ ڪميڻي شهزاد کي ڏيڪاريندس ته سندن تعلق بنا به مان ڪائنڻ ڏهوٽي عزت ماڻي سگهان ٿي... ايترو پروسو اٿم پنهنجو پاڻ تي..." هِن جذباتي ٿيندي چيو.

"تنهنجون ڳالهيون، تنهنجا دليل واقعي منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهن..." هن افراح جو ٿيلهو ڻاهي ۽ سندس وارن ۾ ربن ٻڌندي وراڻيو، جيڪا اڄ ڏاڏاڻي وڃڻي هئي.

●

اظهار لينڊ ڪروزر تي نه چڙهي گهڙيال تي چڙهي آيو. نه ڪانتو هيڏانهن نه هوڏانهن، ٺيڪ ڇهين وڳي صنم جي در تي اچي ٺڪاءُ ڪيائين.

"توهان وڏا ماڻهو ٿي ڪري به وقت جا ايڏا پابند! اجان ته اسان جهڙا ننڍا ماڻهو ئي وقت جي اهڙي پابندي نه سِکي سگهيا آهن..." هِن ڪيس ڊرائينگ روم ۾ واڙيندي چيو.

"ننڍ وڏايون ڇا جون مس صنم، ماڻهو ته سڀئي هڪ جهڙا آهيون، بس ڪن وٽ وقت جو قدر آهي ته ڪن وٽ ناهي، بزنس جي فيلڊ ۾ مون ته اڄ تائين جيڪا به ٿوري گهڻي ڪاميابي ماڻي آهي، مان سمجهان ٿو ته رڳو ان ڪري جو مونکي وقت جو قدر آهي..."

"پوءِ ته توهان سان واسطي ۾ رهڻ وارا يقيناً خوشقسمت ٿيندا جو توهان کي ڏسي پنهنجون واچون درست رکندا هوندا..." صنم پنهنجي پنج منٽ ليٽ واچ کي ڇهن تي بيهاريندي مشڪي چيو. اظهار کي هِن جي اها ادا ئي مارڻ لاءِ ڪافي هئي. ڪيس دبئي ۾ ڏٺل سندس جهجڪيل ۽ سِهميل روپ کان هي روپ وڌيڪ موهيندڙ لڳو.


Scanned with CamScanner

"اڄ ڪلهه ڇا پيا ڪريو؟" چانهن پيئڻ دوران اظهار پڇيو.

"ڪيان ته ڪجهه ٿي ڪونه پئي... في الحال job جي ڳولها ۾ آهيان، پر ايجوڪيشنل ڪواليفڪيشن ايتري ناهي جو ڪا سٺي جاب وٺي سگهان، تنهنڪري پڙهيل آهيان ته ڇا ڪريان..."

"جي مائينڊ نه ڪريو ته ان ڏس ۾ مان نه رڳو توهان جي مدد ڪري سگهان ٿو، پر گڏ بونَس ۾ هڪ مشورو به ڏيندومانوَ..."

"اهو وري ڪهڙو؟" هن اشتياق مان ڏانهس نهاريو.

"توهان ماشاءَ الله ينگ، بولڊ ۽ بيوٽيفل آهيو، پنهنجي ان خوبصورتيءَ مان به ڪم وٺو، رڳو نوڪريءَ جي تلاش تائين پاڻ کي محدود نه رکو."

"مون توهان جو مطلب نه سمجهيو."

"مطلب اهو ته منهنجي هڪ دوست جي ايڊورٽائيزنگ ايجنسي آهي، جنهن ڪمرشل دنيا کي ماڊلز جي زبردست رينج ڏني آهي، ڇا خيال آهي ماڊلنگ جي فيلڊ ۾ اچي پنهنجو Luck ٽرائي ڪندؤ؟"

"مان!" هن حيرانيءَ مان پڇيو.

"ها توهان... توهان کي ته تجربو به آهي."

"هڪ ٻن شوز ۾ پارٽيسپيٽ ڪرڻ کي ڪو تجربو ٿوروئي چئبو..." هن ماٺو ڪيو.

"!oh yes، ان کي تجربو به نه، خدائي ڏات چوڻ گهرجي... الائي توهان کي خبر به آهي يا نه، ته توهان ڪيڏا خوبصورت آهيو... بي انتها خوبصورت! ٻيون ماڊلس ته بس توبهن زاري... خدا بچائي انهن کان... ميڪ اپ سان ليپيل گهوڙي جهڙا مُنهن ۽ ڦريل تارا ڪنيو، رنگ برنگي لينسس جي زور تي، پاڻ کي سونهن جي شهزادي ٻيون سمجهنديون. ٻائينديون ته سندن جهڙو حُسن جو هولڊر ڪو آهي ئي ڪونه... پر توهان جي ته فڪر ڏسي خدا جو قسم لڳي ٿي نتو ته ڪو ٻن ٻارن جي ماءُ به آهيو..." هن سندس ڇيلهه جي خم ۾ اکيون کپائيندي چيو.

"خير هاڻي ايئن به ڪونهي... توهان ڪجهه وڌيڪ وڌاءُ کان ڪم پيا وٺو..."

"نه نه، مان بلڪل صحيح پيو چوان، الائي ڇو توهان کي يقين نٿو اچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"Realy I am not joking... why don't you believe me...? هن ڪلندي پنهنجي ڳالهه جاري رکي:

"شايد توهان کي خبر ناهي تہ مشهور ماڊل انيتا کي بہ، شيرازن وارن ئي انٽروڊيوس ڪرايو هو. معمولي مهانڊن واري ڇوڪري هئي، پر ميڪ اپ جي زور تي سين ۾ ڪجي بيٺي، تڏهن ئي تہ اڄ لکها روپيا ويٺي ڪمائي..." هاڻ تہ بس توهان ئي ان جي جاءِ والاري ڪيس عرش تان فرش تي آڻي سگهو ٿا. پوءِ تہ لکن سان راندون هونديون!"

"پر پئسو منهنجي پريارٽي ناهي..."

"او! تہ ڇئبو جام پئسو اٿوَ؟"

"اِها ڳالهه ناهي اظهار صاحب،" هن ڪلندي وراڻيو. "دراصل مونکي ان فيلڊ سان الائي ڇو انٽريسٽ ئي ناهي."

"تعجب آهي! اڄڪلهہ تہ اڻندي سان ئي هر ڇوڪرو توڙي ڇوڪري ماڊلنگ لاءِ آتا آهن... ڇو تہ ان فيلڊ ۾ فيم بہ آهي تہ دولت بہ، تنهن ڪري نئو سمجهان تہ ان شعبي ۾ اچڻ سان توهان جو ڪو حرج ٿيندو."

"حرج پلي نہ ٿئي، پر وري بہ اهو ئي تي چوان تہ پئسي ڪان وڌيڪ مان ذهني سڪون کي ترجيح ڏيندس... ان ڪري ئي تہ پاڻ کي مصروف رکڻ لاءِ جاب تي ڪرڻ چاهيان... مان پاڻ کي پئسي ڪمائڻ جي مشين نئي ناهڻ چاهيان، جو اهڙي زندگيءَ جو قيد آءُ اڳ ئي ڪاٽي آئي آهيان، توڙي جو عرفان ئي ان مهل پئسي ڪمائڻ جي مشين هو، پر عذاب مون ڀوڳيا آهن... صرف مون..." ڪن لاءِ تلخ زندگيءَ جي تصوير هِن جي اکين ۾ تري آئي ۽ آواز پرجي آيس.

"Ok... ok, as you wish، مان توهان کي فورس تہ نہ پر request بهرحال ضرور ڪندس تہ ڪڙو مُنهن ڪري ئي سهي، پهريائين بہ چار ڪمرشلز ڪري وٺو تہ جيئن ماڊلنگ جي دنيا ۾، سياست جي دنيا وانگر قائم ٿيل هڪ هٽي ختم ٿي سگهي."

"لڳي ٿو تہ انيتا کي مڙئي ساڙڻو اٿوَ." هن شوخيءَ مان مشڪي هَن جي اکين مان اندر جو چور پڪڙڻ چاهيو. "ڇو اچي ويچاريءَ جي روزگار پويان پيا آهيو، ساڻس ڪو ڦڏو اٿوَ ڇا؟"

"ها ڪجهه ايئن ئي سمجهو..." هن مرڪندي مختصر جواب ڏنو.

"اها ڳالهه هن جي ديو آنند سان ملڻ کان اڳ جي آهي يا پوءِ جي...؟" هڪ وار وري شوخيءَ هن جي چپن کي ڇهيو. "هاڻ ته پڌو اٿم آمريڪا وڃي ڪو واٽيو به ڇٽي ورتو اٿس!"

ڪا دير پنهي جا ڳڙيل Non stop ٽهڪ ڊرائينگ روم ۾ گونجندا رهيا. ان بي هودگيءَ پرئي طوفان تي پر واري ڪمري ۾ ويٺل نور بانو. وٽ ڪائيندي هر هر ٽڌا ساهه تي پريا. ڪيس شدت سان اهو احساس مارڻ لڳو ته پنهنجي ئي گهر ۾ ڏيءَ جي ڪري سندس اهميت ختم ٿي چڪي آهي. تڏهن ته نئينءَ مان آيل ڏاڙئي مرد بنا ڪنهن حيا شرم جي ٽهڪن جا ڪوڪرا ٻاري ڏنا ها. نه ته اهو وقت به هو جو وقار علي جي حياتيءَ ۾ ڪير ان گهر ۾ ٽهڪ ته ڇا، وڏي واڪ ڳالهائڻ جي به جرئت نه ٿي ڪري سگهيو. هر ڪنهن جي نِڙيءَ ۾ ڇڻ ويچون ڇهتا پيا هوندا هئا.

"هاءِ هاءِ! اهي ڏينهن به ڏسڻا هئم!" هوءَ پنهنجي منهن پٽڪي تسبيح جا چلڪتا داڻا ڦيرائيندي وري اڇي وظيفي پڙهڻ ۾ لڳي...

ٽهڪن کان آجو ٿي اظهار سنجيدگيءَ مان صنم ڏي نهاريندي چيو:

"بس سمجهو ته توهان جي مستقل جاب وارو مسئلو حل ٿي ويو..."

"اهو ڪيئن؟"

"اتي جي فائيو اسٽار هوٽيل ۾ اسان جي هڪ بوتيڪ کي ڏسڻ لاءِ توهان جهڙي ڪنهن پُرڪشش شخصيت جي ضرورت آهي."

"توهان جي مهرباني پر اها ته چڱي وڏي ذميداري آهي."

"توهان کي پنهنجي صلاحيتن جي ڄاڻ ڪونهي. توهان رڳو 'ها' ڪريو. باقي ڪا ڏکي ڳالهه ناهي."

هوءَ عجيب ڪشمڪش ۾ پئجي وئي ته انهن اوچتين مهربانين جو ڪيس ڪهڙو جواب ڏي. اها آفر هن وڃائڻ به نٿي چاهي. هن کي منزل ڏسي هَن پاڻ ئي مشڪل آسان ڪندي چيس:

"ڇو مس صنم، توهان کي ڳالهه نه وڻي ڇا؟"

"اظهار صاحب... دراصل مان سوچيان پئي ته توهان جي احسانن جو بدلو ڪيئن لاهيندس... جيڪر ان ڏينهن بينڪ ۾ نه اچان ها ته ڪيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پنهنجي ملاقات تي سگهي ها... ڪيئن توهان کي ڳوليان ها..."

"ڳولهڻ ۽ ملڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، مان تہ دبئي واري مختصر ملاقات کان پوءِ توهان جي ذهن تان ئي لهي ويو هوندس! بهرحال منهنجي سڪ سچي آهي، توهان نہ ملو ها تہ بہ مان توهان کي ڳولهي وٺان ها. دنيا ڏاڍي ننڍڙي آهي... جهاز جي ٽڪيٽ جي صورت ۾ تہ ماڳهين ڪيسي ۾ سمائجيو وڃي... مٺ ۾ ٻيڪوڙجيو وڃي! بس ايتري تہ آهي اِها دنيا..." هُن پنهنجي آڱرين کي، ٺٺسٽ ڪندي چيو. "ڪيڏانهن وڃو ها توهان... توهان يقين ڪندؤ بہ يا نہ، پر اِهو سچ آهي تہ جڏهن اوهان کي دبئي ۾ ڏٺو هئم، تڏهن کان ئي اوهان جو چهرو منهنجي دل تي نقش ٿي ويو آهي."

اظهار جي نيم روماني ۽ فلرٽيشن واري ڳالهہ جملن، هِن جي چهري تي ڪي بہ انڊلٺ رنگ نہ پکيڙيا جو هوءِ اِن 'بڪواس' ٻڌڻ جي شروع کان ئي عادي هئي.

"شايد توهان کي اڃان بہ منهنجي ڳالهہ جو يقين نہ آيو؟" هُن تهائين رومينٽڪ ٿيندي چيو، پر هِن بڪواس در بڪواس بدران تعلق اڃان مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪيس قاتل مسڪراهٽ جو هڪ ڊوز ڏيئي پزل رکڻ وڌيڪ بهتر سمجهيو.

●

چئن مهينن جي مختصر عرصي ۾ رڳو جوز ۽ صابڻ جي Ads ۾ اچي، هوءِ ڏسندي ئي ڏسندي پبلڪ ۽ اشتهاري ادارن جي هاٽ فيورٽ ماڊل بڻجي وئي. مختلف شيون ٺاهيندڙ ڪمپنين جي وڏ ڪان وڏ اها ئي خواهش هوندي هئي، تہ مارڪيٽ ۾ انٽروڊيوس ڪرڻ لاءِ سندن پراڊڪٽ جي اشتهار ۾ ڪاش جيڪر صنم ئي ماڊلنگ ڪري... پر هوءِ پنهنجي بي نياز طبيعت ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙين آچن کي لاڳيتو ٺڏيندي رهي.

جڏهن کان فائيو اسٽار هوٽل ۾ هن اظهار جو بوتيڪ سنڀاليو هو، تڏهن کان ڪيس ماڻهن سان ڊِيلنگ جو ڏانءُ پڻ اچي ويو هو. پرڪشش چهري، مقناطيسي شخصيت ۽ وِنڊرز ماڊل جي حيثيت ۾ ڪسٽمر وٽس ڇڪجي ڇڪجي اچڻ لڳا. هِن جنهن مرد ڏي نگاهه ٿي اچلي، اهو سندس ديوانو بڻجي ٿي ويو! پنهنجي طبيعت جي ڪيترين ئي ڪوتاهين جي باوجود هوءَ ڀرپور عورت هئي، جنهن جي باري ۾ ديومالائي ڪهاڻين ۾ لکيل هوندو آهي ته اهڙي عورت پنهنجي اکين جي ڪشش، جسم جي لچڪ ۽ لڱن جي مناسبت، گفتگوءَ جي شيريني، آواز جي ترنم ۽ مسڪراهٽ جي بجلين سان مرد کي جلائي رک ڪري ڇڏيندي آهي! اظهار، جيڪو پهرين ملاقات ۾ ئي هن جو ٻڌو ٻانهو ٿي پيو هو سو ڏينهون ڏينهن ان سوني بلبل جي ويجهو ٿيندو ويو. ورڪنگ ڊيز کان علاوه موڪلن وارا سڀئي سارا ڏينهن صنم جي ئي ٻلي هوندا هئس، ان جي ئي صدقي پنهنجي حسنِ سلوڪ سان نور بانو کي به 'امان' ڪري موهي رکيو هئائين، مٿان وري جو ماهر ڊاڪٽر کان موتئي جو آپريشن ڪرائي، هانءُ ڦاڙيندڙ ٿلهن شيشن بدران، لينس فٽ ڪرايائينس تنهن ۾ ته هوءَ ويتر ڪيس پنهنجو مسيحا سمجهڻ لڳي، جنهن نه رڳو سندس پلو ڪيو پر درد جي ڪُن ۾ ڦاٿل صنم کي به زندگي ڏي ورڻ جو ڏانءُ سيکاريو... پرائي پٽ جا ايڏا وڙ ڏسي اٿندي ويهندي پٺي دعائون ڏيندي هئس، جنهن جو نتيجو اِهو نڪتو ته هو صنم ۽ سندس ننڍڙي ڌيءَ اِفراح سان گڏ، ان پوڙهيءَ لاش کي به جيارڻ لاءِ، ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر جو چڪر ڏيارڻ لاءِ زور ڀريندو هو ۽ هوءَ جا خالي ٻٽونءَ جهڙو وات کنيو پينگهي منجهه ڪنهن ڳُنڙيءَ جيان پاسو وٺيو، ڪلاڪن جا ڪلاڪ اِسٽل پوز ۾ پئي هوندي هئي، سا ان پرخلوص پيشڪش تي ٻٽيهي چاڙهي اچي چادريءَ جو ٻُڪل هٽي، سڀ کان اڳري ٿي اچي گاڏيءَ ۾ ويهندي هئي. نه ته اها ساڳي نور بانو شروعاتي ڏينهن ۾ اظهار سان گڏ اڪيلي ٻاهر وڃڻ تي صنم سان ڪهري ٿي پوندي هئي، پر هاڻ اظهار لاءِ هن جي دل ۾ اعتماد پيدا ٿي چڪو هو... اهو سندس اعتماد ئي هو جنهن جي شهه تي صنم راتن جو رولاڪن جيان، گهر ۾ به اڪثر دير دير سان اچڻ لڳي...


Scanned with CamScanner

ڪنهن سان محبت يا عشق تي وچڻ جو تہ هاڻ هِن وٽ ڪو تصور ئي نہ هو. اهو ڪوڙو سچو جذبو فهد ڪان شهزاد تائين وارو سفر ڪري پنهنجو موت پاڻ مري ويو... پر هِن تي اِها ڳالهہ سا واضح تي وئي تہ اِهي عشق ۽ محبتون ڪڏهن بہ سدا لاءِ نہ هونديون آهن... جو تہ اِها ڳالهہ هاڻ هوريان هوريان هوءِ سمجهڻ لڳي هئي تہ عشق ۾ پاڳل تيڻ جا ڪوئي ڪيڏا ئي دعوٰي چو نہ ڪري... محبتن ۾ سِر گهورڻ جا ڪيڏا ئي قول چو نہ ڪري، پوءِ بہ سمورا جذبا اوچتو ئي اوچتو سُنڌ تي ويندا آهن... بنا ڪنهن هنڌڻ ۾ ٻڌجڻ جي ئي ٻئي ڌريون، رڳو اهو چئي هڪ ٻئي کي چڻ طلاق ڏيئي ڇڏينديون آهن تہ 'منهنجي پَل هئي...' يا 'مان مجبور آهيان...' تڏهن عرش کان بہ اوچو عشق، ذرو ذرو تي بي حسيءَ جي قدمن ۾ لتاڙجيو وڃي. قول، اقرار، واعدا سڀ بڪواس! وقت گذاري!

پئسي جي تہ هوءَ اڳ بہ محتاج نہ هئي، پر ڪجهہ جاب ۽ ڪجهہ اظهار جي مهربانين ڪري باقاعده نٽ ٽانگر تي پيا هئس... هاڻ تہ ڪار ڊرائيونگ بہ سکي ورتي هئائين. هيءَ اها ڪار هئي جيڪا سندس پهرئين ڪمرشل جي بي پناهہ ڪاميابيءَ تي اظهار ڪيس سوکڙيءَ طور ڏني هئي.

صنم نئين زندگيءَ سان ڪمپرومائيز ڪرڻ سکي ورتو هو. اجايون همدرديون ميڙڻ بدران يا پاڻ کي ننڍڙڪو بي آسرو سمجهڻ بنا، هِن جي دل ۾ خواهش ڪر ڪڻڻ لڳي تہ پنهنجي پڳل پُريل وجود جي نئين سنئين تعمير لاءِ، معاشري جي سگهارين شخصيتن سان لڳ لاڳاپا پيدا ڪري. اظهار هِن لاءِ سيڙهيءَ جي پهرئين ڏاڪي جيان هو. هِن جيئڻ تي چاهيو، پرپور انداز سان... پر محبتن جو محتاج تي نہ... هِن نہ رڳو عشق ڪرڻ ڪان سدا لاءِ توبهن ڪئي ڪئي، پر مردن تان ئي ويساهہ ڪئي ڇڏيو. پوءِ بہ هڪ ڏکن ماريل بيواهہ عورت واري زندگي گذارڻ، هن جي پرپور جوانيءَ جي وس ۾ نہ هو. ڪير مئو بہ تہ نہ هو هِن لاءِ جو يا عمر ان جي سوڳ ۾ ويهي ڳوڙها ڳاڙي، زندگي گهاري ها... هِن پاڻ ئي هر هر مري، جيئڻ جي رستي تي پنهنجا قدم رکي تي ڇڏيا... ۽ پوءِ نيٺ اظهار پاران بہ اهائي ڳالهہ تي، جنهن لاءِ هِن اڳ ئي پاڻ کي ذهني طور تيار رکيو هو. پر بہ سندس سامهون اڻ جاڻ رڳو ان ڪري ٻٽيل رهي، جيئن پل تہ هو ويچارو رومينٽڪ ڊائلاگ بازي سان پنهنجي


Scanned with CamScanner

دل خوش ڪندو رهي... هوءَ به مردن جي فطرت سمجهڻ ۾ هاڻ ڪيس ڪا ڏکيائي نٿي محسوس ٿي. ڇئن مِنٽ ٻولن... ٻن لڙڪن يا ڪنهن هڪ اڌ اڌاري احساس جي بدلي هوءَ تاڙي وڄندي هئي ته هاڻ ڪيس استعمال ٿيڻو آهي، پر اظهار جي پنهنجي پر ۾ شايد ته اها گريٽنيس هئي، جو هُن پيڳل پريل عورت ڏي فلرٽيشن جا تير اڇليندي به، ڪيس ڪنهن خوشفهمي يا اونڌائيءَ ۾ رکڻ بنا سنئون سڌو ڇئي ڏنو:

”تون مون لاءِ آئيڊل آهين... شاديءَ کان اڳ مون تو جهڙي آئيڊل لاءِ ئي سوچيو هو...“

”پر انسان جي هر خواهش پوري ٿي وڃي ته هو جيڪر خدائي جي دعوي ڪرڻ لڳي... چڱو ئي آهي جو سڀ خواهشون پوريون نٿيون ٿين...“

”شايد تون سچ ٿي چئين، تڏهن ئي ته هر خواهش جو انت ڪاش... اي ڪاش، تي اچيو ڏنگ ڪري. مان به ايئن ئي چوندس ته ڪاش! منهنجي شادي نه ٿيل هجي ها... مان ٻن جوان پٽن ۽ ٻن ڌيئرن جو پيءُ نه هجان ها... ڪنهن جي سِر جو سائين يا ڳلي جو هار نه هجان ها، ته پازيب بڻجي تنهنجي قدمن سان ويڙهجي وڃان ها... تنهنجي ڦليءَ جي هيري ۾ جرڪان ها... تنهنجي ڪراين ۾ سهاڳ جي چوڙين جيان وڄان ها...“ هو مسلسل ڳالهائيندو رهيو. پنهنجي سچاين، مجبورين ۽ عاشقيءَ جو يقين ڏياريندو رهيو.

هوءَ اهو سمورو وقت پٽ پٽيهر هٿن جي رحل تي پنهنجو چنڊ چهرو رکي سندس اکين ۾ نهاري مرڪندي رهي... سندس مرڪ ۾ ڇا هو؟ تمسخر الائي احسانمندي... پر ان مُرڪ بنا پيئڻ جي ئي، اظهار کي مدهوش ڪري ڇڏيو ۽ هو وڏيڪ ڪجهه چوڻ آکڻ بنا هڪ ٻئي جي ڇيله ۾ ٻانهون وجهي، هوٽيل جي رِزرو ڪمري ۾ Do not disturb جو ڪارڊ لڙڪائي اندر بند ٿي ويا.

●

اڌڙوٽ عمر جي ويجهو رسڻ واري اظهار جو نالو. جڏهن ڪان صنم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جهڙي حسينا سان جڙيو ته ان اسڪينڊل ڪيس ويتر جوان بنائي ڇڏيو. البت صنم جي صحت تي ڪو اثر نه پيو، جو هُن جي هر وقت جي ساٿ هاڻ ڪيس بور ڪرڻ شروع ڪري ڏنو هو.

هاءِ ڪلاس سوسائٽي جي محفلن ۾، جڏهن به هن سان گڏ شريڪ ٿيڻ جو وجهه ملندو هئس ته اهو محسوس ڪرڻ ۾ ڪيس ڪابه ڏکيائي نه ٿيندي هئي ته هوءَ اتي موجود ڪيترن ئي جوان، وجيهه ۽ خوبصورت چهرن جي نگاهن جو مرڪز ۽ دلين جي ڌڙڪن بڻجي چڪي آهي. جڏهن ته بظاهر بي خبر بڻيل اظهار به ان حقيقت کان پلي پت واقف هو. پين کي صنم ڏي حسرت مان تڪيندو ڏسي، ڦونڊ مان سندس هلڻ جي لوڏ ئي ڦري ويندي هئي، اهو سوچي ته 'انهن آهون ڀريندڙ نوجوانن جي مقابلي ۾ مان ڪيڏو نه خوشنصيب آهيان جو جل پريءَ کي ساڻ ڪنيو پيو هلان!'

جڏهن کان صنم بوتيڪ سنڀاليو، تڏهن کان ٻاهر جي اجنبي دنيا جا رنگ آهستي آهستي هِن تي چٽا ٿيڻ لڳا، وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ سان اچي واسطو پيو هئس. اڳ ته سندس زندگي فقط خاندان ۽ ان ۾ ٿيندڙ گڏجاڻين تائين ئي محدود هئي، باقي دنيا جا رنگ ڍنگ ڪتي وڃي پهتا آهن تنهن جي نه ڪيس ڄاڻ هئي نه ئي تجربو. جو ڪجهه کان ئي سندس روماني سپاءِ ۽ خوبصورتي ڪيس پابندين ۾ جڪڙي ڇڏيو. عرفان جي ڪنوار بڻجي ٻاهرين دنيا جا ڪي جهلڪ ئي مس جهٽي سگهي، جو خوبصورتي ۽ جواني بدنما داغ بڻجي وري نئين سنئين پابندين جي ور چاڙهي ڇڏيس، پر بربادي ڪيس هر پابنديءَ کان آزادي ڏياري ڇڏي، تڏهن ئي ته هوءَ ايڏو ويجهڙائيءَ کان دنيا کي ڏسي سگهڻ جي لائق ٿي هئي.

لنچ بريڪ دوران لائونج ۾ اڪيلي ويٺي، هوءَ ڀڪو سوچن ۾ غرق هئي، جو سامهون سيڙهين تان هڪ نانءُ چڙهي سياستدان کي، ڪنهن بيوروڪريٽ جي ڌيءَ سان گڏ بي تڪلفي مان هيٺ لهندو ڏسي، هِن جي سوچ جي وهڪري پنهنجو رخ موڙيو...

"ڪيڏي نه شان سان پرائي ڌيءَ کي ساڻ ڪيو پيو هلي... اهو ساڳيو جيڪر ديسي چڪلي جي ماڙيءَ تان ڪنهن ماڙيچيائيءَ جو رت ست چوسي نپوڙي، هٿن ۾ گجرا ويڙهي، ڳاڙهو وات ڪري، ڪنيڙائين مان ڪنيرائي، ٽڙندو


Scanned with CamScanner

تابڙندو ھيٺ لھي ھا تہ ھوند سڄي ساک مٽي ۾ ملي وڃيس ھا...“

ڪي پل ھِن جون نظرون ٻنھي تي ڄمي ويون، ھو ھوٽل جي شاپنگ آرڪيڊ ڏي وڌي ويا تہ ھِن وري سوچيو، ”دنيا ڪيڏي نہ ترقي ڪري وئي آھي، پوري جا پوري چڻ ڪا لال بازار! جسم فروشيءَ وارا پراڻا اڏا تہ ھاڻ وڃي نشائي ۾ ڪريل طبقي جي ماڻھن جي بک مٽائڻ لاءِ بچيا آھن... باقي تہ نئين رنگ ڍنگ سان ڪڏوڪا فائيو اسٽار ھوٽلن، ڊفينس، ڪلفٽن، گلبرگ، اسيمبلي ميمبر ھاسٽلن يا اسلام آباد ڏي مائگريٽ ڪري ويا آھ...“

ڪن رکي ھِن وري سوچيو، ”اھي معروف مٿيرا مڙس، جيڪي پنھنجي پوزيشن جو فائدو وٺندي جِت ڪِٿ عياشيءَ جا جھنڊا کوڙيندا وتن، ڇا انھن بي غيرتن کي خبر نہ ھوندي تہ پويان سندن گھرن ۾ ڇا پيو ٿئي؟ کھڙا پيا خير ڪتجن...!“ پاڻمرادو معنيٰ خيز مرڪ سندس چپن تي تري آئي.

ھاڻ تہ ڪيس پنھنجي زندگي بہ گناھن جي گس ۾ بي راھہ روي جي ڏس جيان نٿي لڳي. ھوءَ سمجھي وئي ھئي تہ سماج جا معزز فرد، سوسائٽي ۾ پنھنجي محرومين تي پردا وجھي، کلئي عام فخر سان ناجائز لاڳاپن جو ذڪر ڪندي خوشي محسوس ڪندا آھن. ھوءَ تہ وري بہ طلاقڻ ھئي... ڊِڪيل ڏڪاريل! پر ھن معاشري ۾ تہ بظاھر شاديءَ جي ڊِڪ ۾ ڊِڪيل، نخرن ۽ ادائن سان ڳالھائڻ واريون گھٽي ياڳي وڏن ماڻھن جون زالون، ڌيئرون بہ تہ ڪيئن نہ يارن جي ٻانھن ۾ ٻانھون وجھيو، پنھنجي جائز/ناجائز تعلقاتن جو اشتھار ٻڌجي بي حيائيءَ سان ٺھڪ ڏينديون، ماڊرن سوسائٽي جي نالي ۾ Barbarian زندگيءَ جو روپ پيون ڏيکارينديون آھن. برگر خاندان جون اسڪولي ڪاليجي ڇوڪريون تہ ٺھيو، مڊل ڪلاس گھراڻن جون بہ حرفتي ۽ ڪريل نينگريون ڊيٽنگ جي نالي تي پرسن ۾ ڪنڊوم کنيو جتي ڪٿي مُنھن پيون ڪارو ڪنديون.

سوسائٽي جا معزز چڱا مڙس، ملڪن جا بار ڪلھي تي کڻڻ وارا، غريب عوام جي جھوراٽي ۾ ڳرنڌڙ جھرندڙ، ’عوامي نمائندا‘ ھوٽلن، بنگلن، اوطاقن ۽ ھاسٽلن ۾ برگر رنون وٺيو ڏوڙ پائيندا وتندا آھن... جيڪر ھر پاسي اگھ ۾ ٺي ايڏو گند ٽيل آھي، جنھن کي عيب بدران سورھيائي ۽ ماڊرن سوسائٽي جي ضرورت ٿو سمجھيو وڃي تہ پوءِ مذھب، اخلاقي قدرن، معاشري ۽ قانون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇو تو وچ ۾ آندو وڃي؟ هوءَ پنهنجي ئي سوچن ۾ وچڙيل پئي وئي.

”مونکان به ته دانسته طور اِهو ڪردار ادا ٿيو آهي... ڇا سياڻي منهنجي ڌيءَ کان به ساڳيو ئي ڪردار...“ اهو خيال ايندي ئي هن اذيت مان پنهنجو ڪنڌ جهٽڪي ڇڏيو.

”هلو صنم! ڪهڙين يادن مان پئي پاڻ ڇڏائين؟“

چلڪٽي فرش تي ڪورٽ شوز جي ٽِڪ ٽِڪ سان هلندي، هوٽل جي بيوٽي پارلر جي معزز مالڪياڻي شهناز سندس پر ۾ ويهندي چيو.

”يادون...؟ ان قسم جي فضول شيءِ ڪي سانڍڻ جي مون وٽ ڪا به جاءِ ناهي.“

”ته پوءِ ڇا مان پئي سِر جهٽڪي پنهنجي جند آزاد ڪرائين؟“ هن بي تڪلفيءَ مان ڪلهي تي هٿ رکندي پڇيس.

”بس... دنيا تي پئي سوچيم...“ صنم مرڪندي وراڻيو.

”ته ڇنبو بوتيڪ هلائيندي هلائيندي هاڻ فلاسفر به ٿي پئي آهين.“

”بوتيڪ ته رڳو فلسفي جي دري کولي ڏني اٿم. هتي ته ڇوگرد دنيا جا رنگ ئي نرالا ٿي پيا آهن. مونکي اهو ڏسي اچرج وٺي ويو آهي، ته نانءُ چڙهيل معزز ماڻهن جي قول ۽ فعل ۾ ڪيڏو نه تضاد آهي! چوطرف اسلام اسلام لڳي پئي آهي، پر اهو آهي ڪٿي؟!“

”يقيناً ميلديءَ رتل ڏاڙهين، مُلائن ۽ بانگن ۾!“ هن ٺهڪ ڏيئي چيو.

”پر ڇڏ يار، تون وري ڪهڙن جهوراڻن ۾ اچي پئي آهين.“ هن سگريٽ دکائي صنم ڏي وڌائي. ”اڃي... پهريون سوٽو تون هڻي پوءِ مونکي ڏي...“

”ڇڏ يار... هينئر موڊ ناهي.“ هِن بيزاري ڏيکاري پر جند ڇڏڻ واري ته هوءَ به نه هئي، ڇيڙائيندي چيائينس:

”اوو... ڇنبو ته اظهار صاحب جي انتظار جو عذاب پئي ڀوڳين! آهي ڪٿي اِهو نياڳو پَڇڙ تارو؟ ٻن ڏينهن کان ڏسجي ڪونه پيو...“

”هوندس ڪي پنهنجا ڪم ڪاريون. انتظار وري ڇا جو...“ هن لاپرواهيءَ مان وراڻيو.

”ڦاٽي آهين اڃي اِن ڇچڙ مان... ها نه؟“ شهناز شودپائيءَ مان اک ڀڃي ويجهو ٿيندي پڇيس، ته هيءَ به سندس وڌايل ترڙيءَ تي تاڙي ڦهڪائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿهڪن ۾ اچي ڇٽڪي.

”ڇا ڪريان يار،“ هِن هڪ ادا مان ٿڌو ساهہ پريندي چيو. ”ڦاٽس تہ ڦٽڪڻ کهڙو وارو حال اچي ٿيو اٿم، تو صحيح سڃاتو تہ اِن پوڙهي يار مان برابر اچي ڦاٿي آهيان... ڪجهہ احسان مون تي ڇا ڪيا اٿس، سموريون آزاديون ئي ڇڻ ڳروي تي ويون اٿم.“

”تون بہ ڪمال تي ڪرين، احسان بدلي ڳروي وري ڇا لاءِ ٿيندينءَ، هيل تائين سمورو وياج مور سميت تو مان حاصل تہ ڪري ورتو اٿس. باقي بچيس آڱوٺو! ڇڏائي جند ان پليت مان...“ هن ڇڳي زال ٻڌجي ڪيس سمجهايو. ”بئنڪ بيلنس بہ چڱو ئي ويو هوندءِ. هاڻ توکي کهڙي پئي آهي جو سندس بوتيڪ جي مئنيجرياڻي ٻڌجيو ونس ڳروي ٿيو ويٺي هجين... هينئر ڊفينس ۾ منهنجو زبردست بيوٽي پارلر ٿو کلنئي، جي انٽريسٽيڊ هجين تہ ڪٽي پارٽنرشپ ڪر.“

”هون...“ هِن سوچيندي چيو. ”آئيڊيا تہ چڱي آهي، پر ايئن اوچتو اکيون ڦيري ڇڏڻ سٺو بہ تہ نٿو لڳي نہ يار...“

”ڇا سٺو ڇا خراب، جي تو اهڙن ماڻن جي پرواهہ ڪئي تہ پوءِ سڄي عمر ان پوڙهي لاءِ ئي رانديڪو ٿيو ويٺي هوندينءَ، سچ تون ڏاڍي نادان آهين، توکي خبر ناهي تہ تنهنجي هڪ هڪ ادا تي ڪيترا ماڻهو ڪيئن ڪيئن نہ فدا آهن...“

”مثال طور...؟“ هن شوخيءَ مان پڇيس.

”هوءَ نہ ايندي آهي فيشِل ڪرائڻ... ڇا نالو اٿس الائي... ها ياد آيو... حيام،“ شهناز ذهن تي زور ڏيندي چيو. ”انهيءَ جي C.S.S آفيسر ياءُ توکي هتي ڪيئي ڀيرا ڏٺو آهي. مون سان چڱو فري آهي، توسان دوستي ڪرائڻ لاءِ ڏاڍيون منٿون تي ڪيائين.“

”اڇا... ڪٿي اهو ئي تہ نہ هو، جيڪو ٽيو ڏينهن توسان گڏ پارلر ٻاهران بيٺو، مون ڏي يڪي گهور سان نهاري توکي ڪجهہ چئي رهيو هو...“

”ها بلڪل اهوئي ، ڪيئن آهي نہ هينڊسم؟“ هن نڙڇڪيءَ نوع مان پڇيو.

”هينڊسم تہ واقعي آهي ۽ ان ۾ ڪو شڪ بہ ناهي پر ڪجهہ نندو ناهي مونکان...؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"انهن اڄاڻ ننڍ وڏاڻن جي چڪر ۾ نہ پئو، زندگيءَ جو مزو ماڻ...
تون هُن کي خوش رک، هو توکي خوش رکندو. دوستن جي حيثيت ۾ گڏجي
ڪٿي نِڪرندا تہ سڀ پيا رشڪ ڪندءِ. فخر مان ڪنڌ کڻي هلي سگهندينءَ.
باقي اهو مڙهو تنهنجي منهن تي نٿو پئي، ڪٿي سونهن کي نہ ان جو گرهڻ
لڳي وڃنئي... ڪيئن بہ ڪري جند ڇڏائي ان مردود مان..." هن چڻ ڪيس
راهہ راست تي ڏيکاري.

"تون تہ هرويرو جو اڇي ويچاري مون واري محسن جي پنيان پئي
آهين... پلئہ آجا ڪرايان بہ ڪٿي، تہ بہ ايڏو جلدي مونکان طوطا چشميءَ
جو مظاهرو نہ ٿي سگهندو..." ايئن چوندي خوشگواريءَ مان پڇيائينس.
"پلا اهو تہ ٻڌائي مون سان دوستي ڪرائڻ جي کهڙي تي ڪميشن ملنئي،
ڪٿي ايف -16 وٺي ڏيڻ جو ڏنو تہ نہ ڏنو اٿس؟"

"مونکي ڏنا ڏيڻ وارو اڃان کو پيدا ئي نہ ٿيو آهي، باقي دوستي
ڪرائڻ جي اها ڪميشن سا ضرور وٺندي مانس، تہ پارلر لاءِ جيڪا مشينري
۽ سامان ٻاهران گهرايو اٿم سو ڪسٽم مان مفت ڪيرائي ڏي... هاڻ رکو
تنهنجي 'ها' تي گهرجي."

۽ تڏهن دل من هٽي هٽي نيٺ صنم بہ 'ها' ڪري ويٺي.

"هو توکي فون ڪندو انتظار ڪجانءِ..."

پارلر ۾ ڪي برگر ڇوڪريون داخل ٿيندي ڏسي بيوٽيشن انهن ڏي هلي وئي.
شهناز جي ڪُنڌ ڪُنڌ هِن جي دل ۾ بہ نيٺ اڻ تڻ ٻاري ڏني، پانيائين تہ
هينئر جو هينئر اظهار مان جند ڇڏائڻ جو ڪونہ کو بهانو ڳولهي، وڙهي
ڊانگا ٿي ڪن جو ڪن ۾ وڃي هينڊسم C.S.S آفيسر جي گرم آغوش ۾ پاڻ
سمائي ڇڏي. هونءَ بہ اڄڪلهہ تہ سمورو دور ئي ڊسپوزبل شين جو ٿي پيو
آهي، ڪم ختم شئي اڇليو. صنم کي لڳو تہ هر پيري نئين روپ ۾ ملندڙ پيار
بہ هِن لاءِ ڊسپوزبل ٿيندو پيو وڃي. کيل شروع... ختم... ۽ پوءِ ياد ماضيءَ
جو گدلو ڊسٽ بِن!

اظهار کي بہ ان ڊسٽ بن جي 'زينت' بنجڻ ۾ گهڻي دير نہ لڳي. هاڻ
تہ هوءَ جن راهن ڏي هلي نڪتي هئي، اتي ڪنهن هڪ هنڌان ڪيس
Satisfaction ملڻ ناممڪن هئي. فلرٽيشن هاڻ هِن جي نس نس ۾ سمائجي

چڪي هئي. پنهنجي معصوم ادائن سان مردن کي بيوقوف بڻائي، حسن جي چار ٻر ڦاسائي ۽ آڱرين تي نچائي ڪيس عجيب سڪون محسوس ٿيندو هو.

●

سي. ايس. ايس آفيسر، وجاهت پنهنجي ناليءَ جيان ئي وجيهه نوجوان هو، مردانگيءَ جو ڀرپور نمونو. ڀهرين ملاقات ۾ ئي صنم اڳيان دل کولي رکيائين...

"تون نٿي ڄاڻين مان تنهنجي ويجهو اچڻ لاءِ ڪيڏو بي قرار هئس. اها خبر مونکي ۽ بي مسز شهناز اختر کي..."

"هائو ته اِها بي قراري دور ٿي وڃڻ گهرجي..." هن سندس نيڪ ٽاءِ سان ڪيڏندي شوخيءَ مان وراڻيو.

"مان ٻڌائي نٿو سگهان ۽ تون شايد يقين ٻه نه ڪندين، ته گذريل مهيني کن کان تون مون تي ڪيئن نه ڇانئجندي وئي آهين... توسان نه ملڻ جي باوجود ٻه منهنجو روح تنهنجي پيار ۾ ڏينهون ڏينهن قابو ٿيندو ٿي ويو... مان سچو جو سچو ڄڻ تنهنجو قيدي ٿي ويو هئس..."

"اهو ته وڏو ظلم ٿيو." هن سندس جذبن کي ڪٽ ۾ نه آڻيندي مرڪي ڏنو.

"پر مونکي ان ۾ ٻه سرور ٿي مليو... مون توکي جذبن جي سموري شدت ۽ سچاين سان چاهيو آهي... توکي ڇا ٻڌايان صنم، اهڙي ڪا شام ناهي... ڪو صبح... ڪا رات ناهي جو توکي ياد نه ڪيو هجيم، هر پل تنهنجو پورو وجود منهنجي اکين ۾ ڇپندو رهيو آهي. مان چاهيندو هئس ته تون منهنجي پر ۾ ويٺي هجين... ڳالهائيندي هجين... يا مونکي ٻڌندي رهين... هائو ته توسان ملي منهنجي بي چيني تهائين وڌي وئي آهي..."

"ان کي ٻه قرار اچي ويندو، ايئان ته پنهنجي دوستيءَ جو آغاز ئي مس ٿيو آهي..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر جيئن پوءِ تيئن وجاهت جي ويجهو ٿيڻ سان صنم کي اندازو ٿيو تہ اها ريجهڙائپ، جنهن کي هُن ’عشق‘ جو لقب ٿي ڏنو سا مهيني پڻ ڪان وڌيڪ جٽاءُ نہ ڪري سگهندي، جو سندس ساڙيلي ۽ شڪي طبيعت وارا رخ ڪنهن راز جيان متس ڪلندا پئي ويا. اها ڳالهہ هن جي برداشت کان ٻاهر هئي تہ صنم دعوتن ۽ پارٽين ۾ سندس دوستن سان بي حجاب ٿي ٺرڙا مذاق ڪري، ڳالهہ ڳالهہ تي تاڙي ٺهڪائي ساڻن کلي ڳالهائي يا ذو معنيٰ جملا اچلي سندن ڏيان ڇڪائي.

تنهن ڏينهن پڻ New year پارٽيءَ تان موٽندي ساڳي صورتحال پيدا ٿي پئي. هُن ڪار ۾ ويهندي ڇتائيءَ مان در بند ڪيو ۽ اسٽرنگ تي پنهنجي هٿن جي گرفت مضبوط ڪندي صنم ڪان پڇيو:

”فاروق توکي هِتان هُتان ڦري هر هر ڇا ٿي چيو جو اچي ٺهڪن ۾ ٿي ڇٽئين.“

”عشق جو اظهار ٿي ڪيائين...!“ هِن ڊيش بورڊ تان ٽِشو پيپر باڪس مان گلابي ٽشو ڪڍي پنهنجي لپ اسٽڪ ٺيڪ ڪندي ڇڻ ڪيس باهہ ڏياري ڇڏي، پر هُن ئي لمحي کلندي وضاحت ڪيائين، ”مشتاق جي مُڇن تي پئي کلياسين، جيڪي ننڍيون وڏيون ٿي پيون هُئس... فاروق کي تہ شل نہ ڪنهن جي بيند وڃائڻ جو وجهہ ملي، سو کل تہ ايندي.“

”بهرحال هر ڪنهن سان تنهنجو ايڏو کهرو ٿيڻ مونکي پسند ناهي، آخر منهنجي بہ ڪا عزت آهي، تون تہ ساڻن ائين پئي ايڪٽ ڪندي آهين ڄڻ گرل فرينڊ نہ ڪا بازاري رن پيو ساڻ ڪنيو هلان.“ هن ڏڪاريل لهجي مان چيو.

”گرل فرينڊ!“ هِن ڏانهنس عجب مان نهاريو. ”ڪڏهن ڪڏهن تون بہ ائين ايڪٽ ڪرڻ لڳندو آهين، ڄڻ مان تنهنجي ڪا ٻڌي ٻانهي زال هجان...“

”ڇا بہ سمجهہ، پر بي حيائي مونکان برداشت نہ ٿي سگهندي آهي.“ هن رُڪائيءَ مان وراڻيو. پر ترت ئي لهجي ۾ نرمي آڻيندي چيائين، ”شايد تون مونکي اڃان بہ نہ سمجهي سگهي آهين. مان پنهنجي ڪابہ شئي... ڪوبہ احساس ونڊڻ نہ چاهيندو آهيان. مان چاهيان ٿو تون رڳو منهنجي هجين... تنهنجي هر نظر ۾ رڳو مان ئي مان هجان... تنهنجو هر ٽهڪ مون لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٽريٽمينٽ سان توهان جو چهرو بلڪل فريش ٿي ويندو!" يا "چهري تي موجود black heads ڪي توهان ايڏو وڏو مسئلو ڇو بڻائي ڇڏيو آهي، اسان آخر ڪڏهن ڪم ايندا سين..."

ننڍي ايج ڇوڪريون اڪثر اهڙا مسئلا ڪٺي پارلر ۾ ايندين هيون، جڏهن ته پوڙهيون پڪيون وري وار رنگائڻ سان گڏ ڳهنج سَر لڪائڻ لاءِ وٽن پڳيون بيٺيون هيون، جن ڪان دل گهريا روڪڙا ڦري، مُنهن تي ڪِڪا بيدا ٺڦي مساجون ڪرائي، ٿڌي ڪوسي مشين جون ٻاڦون ونرائي، اينٽي ايجنگ لوشن ۽ اُبٽيون سُبٽيون اشتهاري دوائون مَلي، مٿان وري ڳڏيءَ جهڙا 'باب ڪَٽ' وار ڪٽي، نفسياتي طور کين ايڏو ته ننڍڙو ڪري ڇڏينديون، جو پنجاهه سٺ واريون بيگمات جيڪي پارلر جا ٻه ڏاڪا به ڪنجهندي چڙهنديون هيون، واپسيءَ مهل تن جي هلڻ جي لوڏ ئي ڊيل جهڙي ٿي پوندي هئي، هو ڪِنجهي ڪار ۾ چڙهڻ بدران، هرڻيءَ جيان ڇانگ ماري اچي ٿي ان ۾ ويٺيون. خبر تان پوندي هئُن جو ٻاڦن ونڻ ڪان پوءِ، برف جا مهتا ڏيارڻ سان ڪيترين کي ته منهن ۽ ڄاڙين تي فالج اچي ڪِرندو هو! ان هوندي به بيگمات ۽ نوخيز ڇوڪريون ڇڪجي ڇڪجي ان پارلر ڏي اچڻ تي مجبور هيون، جو شهناز، صنم ۽ ڇهه ست فرفر انگريزي ڳالهائيندڙ الٽرا ماڊرن حجامڻين جي محنت، ان پارلر جي هاڪ پري پري تائين پهچائي ڇڏي هئي، جتي ٿوري ئي عرصي ۾ بيوٽيشن جا ڪورس ڪرائڻ به شروع ڪري ڏنائون.

شهناز اختر ۽ سندس سيمي گورنمينٽ سروس ۾ ڪم ڪندڙ مڙس اختر علي، لوور مڊل ڪلاس فيملي ڪان سفر ڪندي، ڏري ڳهٽ اچي اپر ڪلاس کي ڪُلهو هنيو هو، نه ته وٽن هو ئي ڇا... ڇهه هزار مڙس جي پگهار، چار ٻار ۽ ٻي پيٽ ئي پيٽ... مٿان وري مسواڙ جو ڪوارٽر! مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ شهناز وڃي، هڪ پارلر ۾ نوڪري ڪئي، جتان هزار ڏيڍ پلئه پئجي ويندو هئس. هاءِ ڪلاس ڏي سيڙهيون چڙهڻ وارا گُر به هِن اتان ئي سکيا.

پارلر جي مالڪياڻي ڪرنل يونس جي زال، چڱي چوکي ڪمائي ڪرڻ ڪان پوءِ جڏهن هلندڙ پارلر وڪڻڻ جا سانباها ڪرڻ لڳي ته شهناز منٿون ايلاز ڪرائي، هتان هُتان وڏا قرض وٺي، هڪ ٻي ساٿياڻيءَ جي ڀائيواريءَ سان


Scanned with CamScanner

اهو پارلر خريد ڪري ورتو. ڇهن سالن جي عرصي دوران هن جي چڱي P.R ٿي وئي. نتيجي ۾ شهر جون معزز خواتين، نيون ڪنوارون ۽ ڇوڪريون ان پارلر کي ئي وڌ کان وڌ ترجيح ڏيڻ لڳيون. تڏهن بهتر کان بهتر مستقبل جي آس من ۾ سانديي، ترت ئي حيدرآباد واري پارلر مان حصيداري ختم ڪري، مڙس جي ٽرانسفر ٿيڻ سان گڏ پاڻ به ڪراچي لڏي آئي ۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو ماضيءَ جي حجامڻ، حال جي ٽاپ موسٽ بيوٽيشن بڻجي سماجي حلقن ۾ معزز خاندان جي خاتون طور سڃاتي وڃڻ لڳي.

نئين شهر ۾ گهڙندي ئي ان اتڪلي جوڙي، اتي جي برگر فيملين جي نفسيات سڃاڻي ورتي هئي ته شئي جو مُلهه جيترو مهانگو، ماڻهو اوترائي ان جي حاصلات لاءِ ماندا ٿيندا. ان ڪري ئي ڏريون ملائڻ واري ڏوتپي جي عيوض، ڀنهي پاسن کان من گهري رقم چڙائڻ ۾ هاڻ ڪين ڪا ڏکيائي نه ٿيندي هئي. بيوٽي پارلر جي آڙ ۾ اِن دلالي واري ڪانٽيڪٽس جي ڪري، اختر عليءَ جي اهڙي لڏ ٿي پئي، جو هو ٻن ٻن ڪاٽن فيڪٽرين جو مالڪ بڻجي پيو هو.

شهناز اختر جي ويجهڙائپ نيٺ صنم تي به اِهو راز فاش ڪري ڇڏيو. ته هو ۽ سندس مڙس اختر شهر جي معززين لاءِ ڪال گرلس سپلاءِ ڪرڻ جو ذريعو پڻ بڻيل آهن. اِهي ڪال گرلس هاءِ ڪلاس سان به تعلق رکندڙ هيون ته مڊل سان به، باقي لوئر ڪلاس جي اتي ڪا ضرورت نه هئي...

موڪل واري ڏينهن شام جو صنم جي ڪمري جي بالڪونيءَ ۾ ويٺي چانهه پيئندي، شهناز ٻڪائيءَ مان چيس:

"تون مردن جون روئڻو ٿي روئين ته ذليل ۽ ڪمينا ٿيندا آهن. ڪڏهن عورتن تي غور ڪيو اٿئي؟ تون جيڪر مسز ناهيد آصف جو ڪمينٽ ٻڌين ته شايد يقين ئي نه ڪرين. ڇا نٿو ڪري سندس مڙس هن لاءِ... اڄ به نئين ڪنوار جيان ڳهور ڳهور پيو ويندو اٿس، ۾ خبر اٿئي هوءَ نياڳي ڇا ٿي چئي؟"

"ڇا ٿي چئي...؟" صنم ڇپڻيءَ سان سگريٽ جو ڦلُو ڇنڊيندي اشتياق مان پڇيو.

"چئي ٿي يڪو ڇهن سالن کان هڪ ماڻهوءَ کي مڙس جي حيثيت ۾ ڀوڳي بيزار ٿي پئي آهيان! لائيف ۾ چينج هئڻ گهرجي نه ته تعلق ۾ مانار ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڃيو وڃي...!"

"اڇا!! ايئن ٿي چئي؟" هن وڏي عجب مان پڇيو.

"ها، پيو نه ته... ان ڳالهه جي رڳو مان ئي نه، ٻي چار ٻيون به شاهد اٿئي، جن آڏو اڪثر اِها خواهش ظاهر پئي ڪندي آهي..."

"وڏي ڪا حرامڙي رن آهي... مون ليکي ته ڏاڏي ڪا چڱي زال هوندي!" هن وڏو ٺهڪ ڏيئي سگريٽ جو پف فضا ۾ اڇليندي چيو. "چئبو ته بيباڪيءَ ۾ پاڻ واري انيتا ايوب کان به چڙهي وئي آهي، جنهن ويچاريءَ ته مردن جي مقابلي ۾ اچڻ لاءِ، هڪ وقت ۾ چار مڙس رکڻ جي خواهش ڏيکاري هئي. شڪر جو بوريت جي ڳالهه نه ڪيائين، اهو بيان ضياءُ الحق جي ڏينهن ۾ ڪيو ها ته هوند سنگسار ڪري وجهنس ها."

"اِهي ٿا مارين، پهرين پنهنجين جي ڪرتوتن جي ته پڇي، خبر وٺن..." شهناز موڙهو ڏيندي چيو. "بهرحال ڏسجي ته هر ڪنهن وٽ پنهنجا دليل آهن... ميڊونا وٽ فحاشت جا پنهنجا دليل آهن... ڊائنا وٽ چارلس جي بيوفائي کان پوءِ ٻئي سان جنسي ناتا رکڻ جا پنهنجا دليل آهن، فري سيڪس جا جدا هَل متل آهن... ٿي سگهي ٿو ته مسز ناهيد آصف به ڪن دليلن جي بنياد تي اِها ڳالهه ڪئي هجي... پري ڇو وڃان، مان به پارلر سان گڏ ٻيو جيڪو ڪجهه ڪريان پئي ان جا به مون وٽ نُوس دليل آهن، ان پروفيشن ۾ اچڻ جي ڪري سٺن گهرن جون فرسٽيڊ ڇوڪريون ۽ عورتون مون سان واسطي ۾ رهنديون اچن پيون... مان ڪين فرسٽيشن کان ڪي پل فراريت حاصل ڪرائڻ لاءِ، سندن ئي خواهش تي پارٽنرز ڳولي ڏيندي آهيان، پوءِ ٻئي ڌريون هڪ ٻئي کي لائيف پارٽنر طور قبولين يا پارٽ ٽائيم lover جي حيثيت ڏين، اِهي ڪتن سندن ڀاڳ، مونکي منهنجو معاوضو ملي ويندو آهي، مان نڪي ڪوٺا ٿي هلايان، نه ڇوريون اغوا ڪري ڌنڌا ٿي ڪرايان، جيڪو ڪجهه ٿئي ٿو ٻنهي ڌرين جي رضامنديءَ سان ئي ٿو ٿئي. مان مطمئن آهيان ته ڪو خراب ڪم ته نٿي ڪريان، هرڪو پنهنجي نفس جو پاڻ مالڪ آهي. ڏس نه مان به ته جيڪي ڪم ڪريان پئي تن لاءِ مڙس کي ڪنهن ڊارڪ ۾ نه رکيو اٿم، ڇو ته مان هُن سان سچي آهيان." هن پاڻ کي پاڪ پوتي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. "هونءَ عورت جي عزت وري به مڙس سان ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي، پوءِ ڇاهي هو ڪهڙو به هجي.“

”توکي پنهنجي راءِ رکڻ جو حق آهي، پر مان ان سان سهمت ناهيان. منهنجي نظر ۾ ته هاڻ ڪنهن به رشتي جي ڪا اهميت ناهي رهي. سيئي ناتا هڪ ئي رشتي ۾ جڪڙيل آهن ۽ اهو آهي خوف يا منافقيءَ جو رشتو. جنهن کي اسان ڪمپرومائيز ڪوٺي پنهنجو پاڻ کي دوکو ٿا ڏيون. مڙس جي حوالي سان عزت ماڻي، مري مري به ان خوش فهمي ۾ جيئڻ ته اسان خوش آهيون، ڇا پنهنجو پاڻ سان مذاق ناهي؟“

”هر جاءِ تي ايئن ناهي ٿيندو.“ شهناز اعتراض ڪيو.

”مان مجموعي طور ڳالهه پئي ڪريان... هزارين دعويٰ ڪرڻ جي باوجود اسان مان هرڪو ڪنهن نه ڪنهن خوف ۾ جڪڙجي زندگيءَ جو قيد ڪاٽي رهيو آهي، جيڪر رشتن ناتن جا اِهي هٿرادو قيد نه هجن ته پوءِ اجايا ڪامپليڪس به پيدا نه ٿين... ڪاش اِنهن سمورن رشتن ناتن کي به ڪير ون يونٽ ڪري ڇڏي...!“

صنم حسرت مان ٿڌو ساهه کڻندي آرس ڀڳي، ته شهناز مزاحيه نوع ۾ دلداري ڏيندي چيس:

”ان خواهش جي تڪميل لاءِ توکي ڪنهن غدارِ اعظم جو انتظار ڪرڻو پوندو...“ پوءِ پاڻ ئي موضوع بدلائيندي چيائين، ”مان به الائي ڪهڙا بحث ڪٺي ويهي رهيس... تون ٻڌاءِ، تو وري ڪهڙي خوشيءَ ۾ اڄڪلهه هيڪاندا سگريٽ ڦوڪڻ شروع ڪري ڏنا آهن. بيوٽيشن ٿي ڪري پنهنجي صحت ايئن ته برباد نه ڪر...“

”ٺهيو هاڻ.“ هِن حجت مان ڇينڀيس. ”ٻه چار سگريٽ پيئڻ سان ڪونه ٿي صحت تباهه ٿئي.“

”پلا ڏي خبر وجاهت جي، اڄڻ جي ڪري ته پيو يا يڪو وڃي انٽيرئر ۾ سوگهو ٿيو آهي؟“

”اچي نه اچي، I dame care. آءٌ ڪهڙو پئي هن جي عشق ۾ ڳران. هن کي پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻي هئي مونکي پنهنجي، ڪيل ختم پئسا هضم...!“

”ڏاڍي ڪا صنم بي وفا آهين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”آخر ترقي پسند ماڊرن طوائف جو تيس...“ هِن ناز مان وراڻيو.

”تون ڏاڍي بيهودي ٿيندي پئي وڃين.“ شهناز ٽوڪيس.

”ڇو؟ ان ۾ بيهودگيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي... ڪهڙي منهنجي عزت آهي... ڪهڙو منهنجو مقام باقي رهيو آهي جو ٽن ميٽرن جو رئو وات ۾ وجهي، شرمائي لڄائي حياداريءَ جو پوز ڪيان.“

”تون ڏاڍي تلخ ٿي وئي آهين، اڳ ته اهڙي نه هئينءَ...“

”ان ۾ تلخ ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي... بيو ڪير اچي مونکي اهو ٻڌائي ته ’تون ڇا آهين، تنهنجو مقام ڇا آهي‘ ته پاڻ ئي ڇونه ٻڌايان ته مان ڇا آهيان...“ هو اڃان به شايد ڪجهه وڌيڪ چئي ها جو اِفراح ڊُڪندي ڪمري ۾ ڪهڙي آئي ۽ در مان ئي بالڪوني ڏي منهن ڪري، ڏانهن مان چيائين:

”مما! جلدي اچو ناني امان روئي پئي.“

”ڇو، ڇا ٿيس وري؟“ هن اتان ئي وراڻيو ۽ وري پاڻ ئي چيائين، ”ٿيو هوندس وري گوڏن جو سور يا اکين جو مسئلو.“

”ڇا ٿيو آنٽيءَ جي اکين کي؟“ شهناز پريشانيءَ جي ايڪٽنگ مان پڇيو، جنهن تي هِن بيزاريءَ مان وراڻيو.

”ٿيو وري ڇا هوندس، سنئين سڌي ويني هئي. اظهار جڏهن ڪان لينس وجهرايا اٿس تڏهن پهرين ته ڪي ڏينهن خوش هئي، پر هاڻي سڄي ڏينهن جي هڻ هٽان ڪري گهر ۾ ڪهڙانِ مس ٿي ته اڳ ئي اک جو روڳڙو ڪنيو ويٺي آهي، ’نظر نٿو اچيم، اک ٿي سڙيم. تارو ٿو نڪري، وائپر ٿو هلي، روشني ٿي چڀي...‘ خدا جو قسم آءُ ته اچي ڦاٽي آهيان، وس پڄيم ته پنهنجا تارا ئي ڪڍي ڏيانس.“

اهو مسئلو ٻڌي شهناز مرڪندي چيو، ”ڪجهه ڪونه ٿيو هوندس، اڪيلائي ۾ ويچاري گهڻو سوچي سوچي پريشان ٿيندي هوندي، تنهن ڪري ٿي اجايا وهم ڪري.“

”بيو ڇا، ڊاڪٽرن به اها ئي ڳالهه ڪئي ته اجايا ٿي وهم ڪري. آپريشن جو ٽينشن سر تي سوار ڪري ڇڏيو اٿس، مون ته سئو ڀيرا ڪيس چيو آهي ته هاڻ ادا وارن وٽ وڃي سعوديءَ ۾ رهه. مون ۾ هاڻ بچيو ئي ڇا آهي جنهن تي ويٺي چونڪيون ڏي، پل ته آخري عمر ۾ وڃي پلي پار جون


Scanned with CamScanner

هوائون ڪائي."

"مما جلدي هلو نه، ناني امان ڏاڏو پئي روئي." اِفراح بالڪوني ۾ اچي ڪيس هٿن مان ڇڪيندي ڏونڌاڙيو.

"ڇڏ پري ٿي! ڪهڙي بدتميزي آهي؟" هِن بيزاريءَ مان پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو.

"نه نه صنم، ايئن نه ڪر." شهناز چيس، "وچ وچي ڪا دير آنتيءَ وٽ ويهه. ڪيس ڪجهه حوصلو ڏيار. سڄي ساري ڏينهن ۾ ڪي گهڙيون هن لاءِ به ڪڍندي ڪر. تڏهن ئي ته ڊپريشن جو شڪار ٿي پئي آهي."

"مان پاڻ مان ئي بيزار ٿي پئي آهيان. اهو جذبو ئي مون مان مري ويو آهي جو ڪنهن جون ويهي دلجويون ڪريان ۽ ڊپريشن جو علاج ڳوليان."

"يار... رليڪس...، take it easy. هرويرو مايوسيءَ جون ڳالهيون نه ڪر. زندگي انجواءِ ڪرڻ جو نالو آهي سو enjoy it my dear. هاڻ مان هلان ٿي سياڻي گڏ آهيون."

"ok. see you." صنم به ساڻس گڏ اٿي.

"هل مان توکي ٻاهر تائين ڇڏي اچان."

"نه نه بس تون ڇڏ ان فارملٽي کي، آنٽي ڏي وڃ ڪيس تنهنجي ضرورت آهي." هن پير ۾ بيٺل اِفراح جو ڳل پيار مان ٿپٿپائيندي چيو. ته به هوءَ ڪيس ڪار تائين ڇڏي آئي.

ڪاريڊور مان لنگهندي ڪيس ماڻس جي ڪمري مان سُڏڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. هوءَ نه چاهيندي به اندر داخل ٿي.

"وري ڇا ٿيئي؟" هن پير ۾ ويهندي رڪائي مان پڇيو. پر هوءَ ڪا ورندي ڏيڻ بدران روئيندي رهي.

"آخر ٻڌائي ته سهي امان ته ڇا ٿيو اٿئي؟" هِن پيهر دل تي جبر ڪري آواز ۾ نرمي آڻيندي پڇيو.

"اڄ تنهنجي چاچي آئي هئي..." نور بانو پلاند سان سِنگهه اگهندي وراڻيو.

"تون منهنجي ڪجهه چوڻ ٻنائي سمجهي سگهين ٿي ته هن ڇا چيو هوندو... ڪيئن نه منهنجو هِيون پَروڻ ڪيو هوندو."


Scanned with CamScanner

ويهان ها، نہ تہ بہ ڏڪا ڪائي موٽي اچان ها يا مري وڃان ها... ايئن در در برباد ٿي رلي تہ نہ وڃان ها..." ڏک مان هن جو آواز پرجي آيو.

"پنهنجي نادانين ۽ آوارگين جو ڏوهہ اسان کي نہ ڏي..." نور بانو پنهنجي ڏک کي ضبط ڪندي چيو.

ٻئي ان ڳالهہ کان اڻ واقف هيون تہ انساني زندگيءَ جون حالتون، اهڙا رخ ۽ رويا اختيار ڪري وينديون آهن، جو خبر ئي نہ پئجي سگهندي آهي تہ تقدير کي ڏوهہ ڏجي يا پنهنجو پاڻ کي قصور وار سمجهجي...

دونهين سان پريل ڪمري ۾ ڪا دير ماٺ ڇانئجي وئي. اِفراح انهن ٻنهي دوران نانيءَ جي هنج ۾ مٿو رکي سمهي رهي. جڏهن کان هوش سنڀاليو هيائين تڏهن کان ئي انهن ساڳين ٻنهي ۽ تلخ جملن جي ڏي وٺ سندس ڪچڙي ذهن کي چڻ نپوڙي ۽ ٿڪائي ڇڏيو هو.

"ڇا لاءِ آئي هئي ڇاچي؟" صنم هنڌ تان اٿي، دري کوليندي پڇيو.

"اهو ٻڌائڻ تہ تنهنجي ٻنهي سوٽين جا ٽن سالن کان هلندڙ مڱڻا ٽٽي پيا آهن...." نور بانو، اِفراح جو مٿو ويهاڻي تي لاڙيندي وراڻيو. "شاديءَ جون تياريون بہ ٻنهي پاسي مڪمل هيون، پر تنهنجي 'ناموسيءَ' جي ڪري ڇوڪري وارن عين وقت تي تنهنجي سوٽين کي وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي... تڏهن ئي تنهنجي ڇاچي، مونکي منهنجي ئي ڇت هيٺ اچي نوڪرن چاڪرن سامهون بيڇڙو ڪري وئي آهي. چيو اٿس، 'هاڻ اسين صنم کي هن شهر ۾ وڏيڪ برداشت نٿا ڪري سگهون، ڇئوس تہ هتان هلي وڃي!' هن جا پٽ تہ ماڳهين مارڻ تي آيئي..."

"بابهنس ڪرديال جو شهر اٿس جو آءٌ ڇڏي وڃان! مڙهيون ڏيئون اگهائڻ جو ايڏو ئي اونو اٿس تہ پاڻ ڇو نٿي خاندان سوڏو لڏي وڃي!"

"توکي اها سيٽ پري زبان هر هنڌ بيڇڙو ڪرائيندي!" نور بانو تپجندي چيو.

"ڇا تنهنجي ليکي منهنجي بيڇڙي ٿيڻ ۾ اڃان بہ ڪا ڪسر رهيل آهي...؟" هن زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ واري نوع ۾ چيو. "بهرحال، سچ جي ڪنهن کان برداشت ٿئي تہ باقي ٻيو ڇا گهرجي. تون پل تہ ان کي منهنجي سِيٽ ڇئو يا بددماغي، پر ڇا اِهو وساري ڇڏيئي تہ اها ساڳي ڇاچي ئي تہ

هنن جنهن اِهو چئي هر هنڌ بابا کي خوار ڪيو ته ’ڪريل ڏيءَ جو سڳ وٺڻ لاءِ جهول جهلي اسان کي ايلاز منٿون ڪرڻ آيو هو‘.“

”شل نه تون ڪنهن ڳالهه جو ڳاڻو وٺين! جهول ڪٽي نه جهليا هيائين، پر بي وس بڻجي، تنهنجي سڱ جو عرض ڪٽي سندن در تي ويو ته هو... اِهو ڪوڙ ته ناهي...“

”ته پوءِ سچ ڪي به چو نٿي مُنهن ڏي، ڏيئڻ جي قسمت ڦٽي اٿس ته چٽي پنهنجي نصيبن کي، هتي چا لاءِ تي اچي. مان ڪو سندن ڪڙئي تي ڪونه ويٺي آهيان جو سندس ڏيئڻ جي روشن مستقبل ڪاڻ شهر ڇڏي هلي ويندس... مونکي جيڪو وٽندو، جيئڻ وٽندو سو ڪندس، پنهنجي مُنهن تي دانگيون مَليان يا سندن تي، مونکي ڪنهن جي پرواهه ناهي! بابا جي گذرڻ کان پوءِ مان نه سندن امدادن تي پلي آهيان نه زڪواتن تي، جو مون تي ڪو داٻو رکي سگهن.“

هوءِ سڀ ڪجهه يڪ ساهي چئي ڪمري مان هلي وئي ۽ نور بانو رڳو ڳوهه جهڙا ڳاڙها ريت تارا ڪٽي در ڏي نهاريندي رهجي وئي.

●

شهناز اختر جو خالي بنگلو جيڪو بظاهر ته مهمان خاني طور استعمال ۾ ايندو هو، پر ان ۾ وڏن وڏن فائدن ۽ رقمن جي عيوضن دلاليون ڪرڻ، ڏوهارين ۽ معزز روپوشن کي پناهون ڏيڻ ۽ ڪين وندر جو سامان فراهم ڪري ڏيڻ وارا سمورا ڪم پيا ٿيندا ها. ان ساڳئي ئي گهر جي شاهي طرز جي فرنشڊ ٿيل ائرڪنڊيشنڊ روم جي بيڊ تي صنم، ڦوهه جوان وڏيري شهمير جي هنج ۾ پنهنجا چيلهه تائين ڊگها خوشبودار زلف کوليو آهلي پئي هئي ۽ هو اِن گهٽائن جهڙين ڪارين زلفن ۾ مُنهن وجهيو سندس حسن جو مڌ پيئندي مست ٿي رهيو هو...

Scanned with CamScanner

"تون ماڪي ايڏو دير سان ڇو ملينءَ منا؟" هن ديوانگيءَ مان صنم جي مُنهن تي چُمين جا وسڪارا ڪندي پڇڪيو.

"مونکي ڪهڙي خبر هئي ته تون روپوشي واري زندگي گذارڻ لاءِ منهنجي دل گهري دوست مسز شهناز اختر جي گهر ۾ پناهه ورتيو پيو هوندين." هن به ساڳيو لهجو پاڻ تي طاري ڪندي چيو.

"مِنا جي تنهنجون پناهون ملي وڃن ته مان ڀي ڪنهن به پناهه ۾ وڃڻ نه چاهيندم..." هَن تهائين ڀاڪر ۾ ڀڪوڙيندي چيس.

"مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته توکي ڪتي ڪهڙيءَ ڪنيو آهي، جو انهن ڪمن ۾ ڪٽي پاڻ ڦاسايو اٿئي. سڀ ڪجهه ته آهي تو وٽ... عزت، شهرت، دولت، مانُ مرتبو ۽ ٻار ٻچا، پوءِ ڀي ڏاڙيل پالڻ، ڪين پناهون ڏيڻ، ڏوهه ڪرائڻ، ماڻهو ڪٽائڻ، اِهو سڀ ڇا لاءِ...؟ تو وٽ ڪمي ڪهڙي آهي جو اهي ڪم تو ڪرائين...؟"

"اها سياست اٿئي منا سياست! سياست اهڙو نشو آهي جنهن لاءِ سڀ ڪجهه ڪري سگهجي ٿو." هَن اک پچندي، بَند جهڙي مَندي واري هٿ سان شهپر ونيندي چيو.

"مان ته رڳو اِهو ٿي ڄاڻان ته دنيا جي ذليل ۾ ذليل شئي سياست آهي، پر اسان جي سياست ته ماڳهين انين عجوبي مثل آهي. ٻين ملڪن جا سياستدان ڪاڻڻ ڦٻائڻ سان گڏ پنهنجي ماڻهن ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ به صدق دل سان اون رکندا آهن، باقي اسان وارا همراهه ته رڳو پنهنجي ترقي ۽ پاڻ ورسائڻ لاءِ ئي سياست ۾ گهڙن ٿا. ماڻهو ۽ ملڪ ٻل ته وڃي اوڙاهه جي تري ۾ پون، سندن موڇڙي کي به پرواهه نه هوندي آهي!"

"توکي سڀ ڪجهه چوڻ جائز آهي دلبر." هن منجهانس هٿ ڪڍي اٿندي چيو. "هاڻ ڇڏ به ڪٽي اِنهن اجاين ڳالهين کي، ڀاڪر ۾ بحث ڪونه ٿا سونهن... خشڪ ڳالهيون ڪري قرب وندڻ جو سارو مزو ئي وڃائي ڇڏيئي... مان جا ته نشا ئي اُڏي ويا، مس وڃي ڪو موڊ ٺهيو هئم... هاڻ اٺي پنهنجي نازڪ هٿڙن سان ڪو 'پيگڙو' ٺاهي ڏينم ته وري ڪو سُرُ ۾ اچجي..."

هوءَ ٻنا ڪنهن جذبي جي، وار سنيالبندي روبوٽ جيان بيڊ تان اٿي ۽


Scanned with CamScanner

بيڊ روم فرج مان ice cube ڪڍي ٽيبل تي رکي فرانس جي ٻن نفيس گلاسن ۾ Blue Label اوتڻ لڳي.

”هاءِ هاءِ!“ هن ٻہ ڇُسڪيون مس پريون جو وري وقل شروع ٿي ويس، ”رب جو سُنهن آ منهنجا پرين... تون ماڪي ايڏي ٿي وڻين جو پانيان تہ توسان لائون لهي، توکي هلي پنهنجي پٽ راڻي ڪري ويهاريان... پر هٽمُ هٽمُ! منا ڇا ٻڌايائينءِ ڪي مجبوريون آهن...“ هَن درد مان اونهو ساهہ پريندي چيو. ”سمجهين ٿي نہ منا...“ هن جو اشارو ماءُ جيڏي زال ۾ سندس مال ملڪيت ڏي هو. موٽ ۾ صنم پنهنجي نيڻن مان شراب ڇلڪائي، ناز سان مسڪرائيندي چيو:

”مونکي بہ وري ڪهڙي ڪتيءَ ڪنيو آهي جو انهن رشتن ناتن ۾ پاڻ جڪڙي تنهنجي ڪيٽيءَ ۾ هلي قيد ٿيان...“

”منا تنهنجي ڳالهين مان تہ ماڪي بيجنگ بغاوت ڪانفرنس جي بوءِ ٿي اچي...“ هَن جهومندي چيو.

”بغاوت ڪانفرنس ڪين عورت ڪانفرنس،“ صنم ڪيس ٽوڪيو تہ هَن پٽاٽو چپس چپن سان پوريندي ڪلي چيو:

”منا بغاوت يا عورت! ڳالهہ مڙئي هڪڙي، هرويرو جهان جون سموريون بدڪردار رنون اچي ڇتيون ٿيون آهن تہ اسان کي جنسي آزادي، ٻار ڪيرائڻ ۾ هر هنڌ مُنهن ڪارو ڪرڻ جا حق ڏيو، وس هلين تہ هوند مردن کي ئي خصي ڪرائي ڇڏين، ڇڙواڳ رنن جا ڪم تہ ڏسو پيٽ پرائيءَ جون ڳالهيون ٿيون ڪن... ٻيا حق وڃي ڏوڙ پائين. سمورو زور ئي رکو ان ڳالهہ تي آ تہ عورت کي آزادي ملي، اهو تہ آهي مغرب وارن جو هڪ فضول ۾ محبوب سِلوگن ۾ اسان اوير وارا تہ هونءَ بہ اولهہ کان هميشہ مرعوب رهندا اچون، جيڪي sex free zone وارو شوشو ڇڏي، اسان جهڙن سچن پينگين ۾ نالي ۾ عياش ملڪن ۾ انهن جي معاشري کي تباهي ڏي ٿا ڏڪڻ چاهين... پر سندن پنهنجي سوسائٽي هاڻ سيڪس فري زون جي هلاڪتن، بربادين ۾ تباهين کان پاڻ بچائڻ لاءِ متحرڪ ٿي چڪي آهي.“

”لڳي ٿو اڄ اخلاقي سڌارن جي موضوع تي تقرير ڪرڻ جي موڊ ۾ آهين، ڪٿي جماعتين جو ڪو رسالو تہ نہ پڙهي ورتو اٿئي...؟“ هِن چپن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مرڪ آڻي ہيو پنڪ ڏانهس وڌائيندي چيو.

"نہ منا الله جو سُنهن." هُن امالڪ تهڪ ڏيندي وراڻيو. "جماعتين جو تہ ڪو رسالو نہ پڙهيو اٿم. باقي پاڻ واري جمائما متعلق پئي رات مضمون پڙهيم... مون تہ سمجهيو غيرت مند خان ڪنهن غيرت دار گهراڻي ۾ هٿ هنيو هوندو. پر مائيءَ جو شجرو نصب پڙهي اندازو ٿيم تہ خان صاحب پڪ ٿي پڪ گولڊ تي پِليو آ. نہ تہ مائي تہ صفا چٽ بنهہ هينگر تي ٽنگجڻ جهڙي لڳي پئي آ..."

"منهنجي باري ۾ ڇا خيال اٿئي؟" هِن ميز تان ڦِري سندس ڳچيءَ ۾ پنهنجي ٻانهن جو هار وجهندي، انگل مان پڇيو...

"هاء هاء منا. ڳالهہ ٿي نہ پڇ! تنهنجي تہ جُتيءَ جهڙو ٿي ڪوئي ناهي..." اِن ادا تي موهت ٿيندي هُن بي اختيار مٿس ڇاهي جهڙين ڌلهين مُڃن سان آڪيوپنچر چميون وسائيندي ڇڪي آڻي بيڊ ڀيڙو ڪيس.

●

صنم جي تڪڙين ملاقاتن، وڏيري شهمير جي دل ان روپوشيءَ واري بند ۾ بہ باغ بهار ڪري ڇڏي. هو شهناز جو بيحد شڪر گذار هو. جنهن صنم جي روپ ۾ هيري جو داڻو آڻي سندس هنج ۾ وڌو... الائي ڪهڙو نشو هيو هِن منجهہ جو ٿائي لينڊ، فلپائن ۽ ڪلڪتي جون ڪيريون بہ نہ ڏيئي سگهيون هئس! هو مٿانئس گهور گهور ويندي، ڪيس ڏسيو ڏسيو پيو ٺرندو هو. ڀائيندو هو ڄڻ دنيا جي جهنم ۾ جيئري ئي ڪا حور ملي وئي هجيس.
پنهنجي لاءِ ايڏو سارو قرب ڏسي، تنهن ڏينهن صنم ٽوڪيندي چيو هئس؛

"مون ۾ ايڏو بہ موهہ نہ رک... آخر بہ تہ پنهنجون راهون جدا ٿيڻيون آهن... مان تہ تولاءِ صرف وقت گذاريءَ جو هڪ ذريعو آهيان..."

"اِهو تہ تون ٿي چئين نہ منا. منهنجي دل ڪان بہ تہ پڇي ڏس؟ تون نہ

Scanned with CamScanner

وسرڻ جي آهين، نه ئي وقت گذاريءَ جو ذريعو. توسان منهنجو سر لڳي، ڪيئن نه رڪان تو ۾ موهه... مان ته ڀاڳن وارو آهيان جو ان روپوشيءَ بهاني تنهنجا ديدار ٿيم... هاڻ ته تون مون تي زندگيءَ جيان ڇانئجي وئي آهين..."

اڄ ته پورا ست ڏينهن لنگهي ويا پر هوءَ نه آئي. فون ڪڙڪائي ڪڙڪائي وڏيري جي بيڪ نڪري وئي، نه ڪو پوڏ نه ڦوٽ! پنهنجي ڊرائيور کي به گماشتو ڪري ڪيئن اماڻي ها، جو ڪيس صنم جي گهر جو ڪو ڏس پتو ئي نه هو. مٿان وري ٿهر اِهو ٿيو جو شهناز به شهر کان ٻاهر انٽرنيشنل بيوٽيشنس جو ڪو سيمينار اٽينڊ ڪرڻ ويل هئي.

"اِن پانن جي پڙويءَ کي به هينئر ئي ويٺو هو حجامڻين جي ڪانفرنس ۾!" وڏيري جڪ ڪائينڏي سوچيو. "نه ته اِها ئي وڃي صنم جي ڪا خبرچار وٺي پيٽ ۾ ساهه وجهير ها..."

صنم بابت وڏيري جي لڳاتار پڇائن کان ڊڃي، شهناز جو مڙس اختر ته ماڳئي "ڪاروباري مصلحتن" سبب ڪي ڏينهن غائب ٿي ويو. ان اوچتي جدائي ۽ ڊپريشن وارين حالتن ۾ وڏيري شهمير جو حال پڃري ۾ بند ٿيل شينهن جهڙو ٿي پيو. هو اصل سَنَن ۾ اچي ويو. ٻئي پاسي گرفتاريءَ جي ڊپ، ڇاپي پوڻ جي امڪان ۽ سندس ڪيٽيءَ جي حوالي سان ٻين ٻين رپٽي وارين چرڪائيندڙ اخبارن ۾ هلندڙ فرنٽ پيج اسٽورين ته ٿهائين هن جا وائسر ڦيرائي رکيا. نيٺ انهن ڏينهن هوءَ نمودار ٿي ته شهمير کيس ڏسندي ئي ديوانن جيان ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيو...

"ڪاٿي هُئينءَ مٺا! تو ته ماکي جيئري جيءَ ئي مارڻ جا سامان ڪري ڇڏيا ها..."

"بخار ٿي پيو هئم..." هن هيڻائي ڀريل ادائن مان وراڻيو.

هاڻ کيس ڪيئن ٻڌائي ها ته پنجاب کان سنڌ ڏي شيل شڪار لاءِ آيل، ٻن سياستدانن کي خوش ڪرڻ لاءِ هوءَ دلال معرفت ساڻن ڪيرٽر ويل هئي. پنهنجو ذاتي فون به هاسيڪار ان ڪري بند ڪيو هئائين، ته ڪٿي روپوش وڏيرو ڪيس سڏائڻ لاءِ وٺي فون نه گهمائي.

"مٺا تنهنجي اِنهن لاپرواهين... دلربائين ته ماکي اڌ ماري رکيو آ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪڙو فون ٿي ڪري ڇڏين ها تہ بہ سامت ۾ هجان ها."

"فون تہ ڪيترن ڏينهن کان خراب پيو آ، ڪيئن ڪريان ها... مان تہ پنهنجي ئي حال کان بي حال هئس..."

"ان سوران پانيان تہ توکي ڪيڏانهن وڃڻ ئي نہ ڏيان، دل ۾ ويهاري تالو ڏيئي، چاهي اڇلي ڇڏيان..."

"اووو... تہ ڇٻو اچان تائين مونکي دل جي پاهران ئي ويهاريو بيٺو آهي،" هِن شوخيءَ مان سندس ڇپن تي آڱر ڦيرائيندي چيو. تڏهن هُن ککو وکو ٿي ڦڪائيءَ مان ٿهڪ ڏنو ۽ پنهنجي پر ۾ اکين منجهان پيار ڇلڪائيندي، اونڌا تارا ڪري چيائين:

"نہ نہ منا، مانجو مطلب اهو نہ هو..."

"تڏهن وري ڪهڙو هيءَ؟" هِن هلڪي جهٽڪ ڏنس.

"تون تہ هاڻ هرويرو ٿي مان سان جهيڙو ڪرين..." هو لاڏ مان سندس سنهڙي چيلهہ کي پنهنجي ٻنهي هٿن جي گهيري ۾ وٺي ڪا دير سندس مُک ۾ اکيون کپائي بيٺو رهيو ۽ پوءِ سندس اسٽائيلش لباس کي تعريفي نظرن سان ڏسندي، ڇڻ سندس جسم جو x-ray ڪرڻ ۾ جنبي ويو. جنهن جو مطلب سمجهندي ئي صنم بيڊ تي پٽڙاٽيءَ جيان وڃائجي وئي تہ هو بہ ڳوري سوڙ جيان اچي مٿانئس پيو. پر ٻئي ئي لمحي هِن جي منهن کي چمندي امالڪ دانهن ڪري اٿيو تي ويٺو:

"هي وري ڪهڙيون مصيبتون پاتيون اٿئي... سڄو منهن ئي رهڙجي ويو." هُن پنهنجو ڳل مهٽيندي چيو. "سوين ڀيرا چيو ٿي مانءِ منا تہ اِهي قرب ۾ رنڊڪون وجهڻ وارا اوزار ماڪي ٻَچان ڏياريندا آهن. ڦٽو ڪر اِنهن کي..." هُن سندس ڪنن ۾ پيل اٿرينگس کي ڌڪار مان نهاريندي چيو.

"سونهن جي سامانن کي اوزار ڪوٺي توکي ايڏي بدذوقي تہ نہ ڏيکارڻ کهرجي..."

"ماڪي تہ اِهي هر پاسي کان چاپين جا چڳا ۽ سير ساهميون ٿا لڳن، توکي وري ڪاٽئون پٽي سونهن نظر اچي." هُن اٿرينگس ڏي غور سان نهاريندي چيو، تہ صنم ڪاوڙ کي ضبط ڪندي اِهي ڪنن مان لاهي ڪٽي پرتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنيا ۽ وري پٽراٽي ٻڌجي پئي!

●

صنم صبح سان هنڌ مان جڻ زوري اٿي، سندس انگ انگ ٽٽي رهيو هو...

"لڳي ٿو ته Periods به چاڻ آيا. سَنڌ سَنڌ نستو ٿي پيو اٿم..." هن سوچيو. جيئن تيئن ڪري پارلر ڏي وڃڻ لاءِ تيار ٿي، ڊريسنگ ٽيبل آڏو ويٺي مس جو بيڊ روم فون جي گھنٽي رڙڻ لڳي.

"اونهه... وري هوندو اِهو نڪمو نياڳو وڏيرو. ... پانئين ٿو ته ڪريان ڪم نه ڪار، چتا چوڙيو هنج ۾ چڙهيو ويٺي هجانس! سمجهيو هئم ته هفتي ڏيڍ جي وندر هوندي، پر هي مردار ته يڪو اچي ڳچيءَ ۾ پيو آهي... چڻ ڪا زر خريد هجانس."

سندس سوچڻ دوران فون جون گھنٽيون رڙي رڙي سرد ٿي ويون. هِن سامت مان ٽڏو ساهه پريو ئي مس ته اِفراح ڪمري ۾ اچي چيس:

"مما! توهان فون ڇو نه پيا کڻو؟ ٻاهرين نمبر تي آنٽي شهناز جو فون آيو آهي..."

"او... ته اِهو شهناز جو فون هو..." هوءَ هٿ ۾ جهليل هيئر برش کي ڊريسنگ تي رکندي هيٺائيءَ مان اسٽول تان اٿي ٻاهر آئي.

"هلو شهناز، خير ته آهي."

"تنهنجي لاءِ هڪ خراب خبر آهي،" هن ڏکاري آوز مان وراڻيس.

"وڏيري شاهنواز لاءِ گھر تي ڇاپو پئجي ويو..."

"اچا...! ته ڇا هو جهلجي ويو..." هِن عجب مان رڙ ڪئي.

"ها، لڳي ٿو اوسي پاسي جي ئي ڪنهن ماڻهوءَ مخبري ڪئي هوندي..."

سنڌ سلامت ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"اوه... اِهو تہ ڏاڍو خراب ٿيو..." هن بظاهر افسوس مان تڏو شوڪارو ڀريو... پر ڪيس هڪ اڻ لکي خوشيءَ جو اِحساس بہ ٿي رهيو هو. جو هو ڏيڍ مهينو لاڳيتو سائنس واسطي ۾ رهي سخت بيزار ٿي چڪي هئي. جڏهن تہ شهناز ليکي، ڪيس ان 'ترتِ جدائيءَ' تي وڏو ڪو ذهني ڌڪڪو لڳو هوندو، تنهن ڪري اڄوڪو ڏينهن پارلر تي نہ اچڻ جي تاڪيد ڪري، وڏيري جي وڇوڙي جو سوڳ منائڻ جو موقعو ڏيندي، همدرديءَ مان چيائينس:

"تون يقيناً ڊپريسڊ فِيل ڪندي هوندينءَ، اڄ پل تہ گهر ۾ ريسٽ ڪر."

هوءَ ڳالهہ ختم ڪري واپس پنهنجي ڪمري ۾ اچي وئي.

وڏيري مان جند ڇٽڻ ڪان پوءِ ڪيس گهٽي دير ماٺ ڪري ويهڻ نہ آيو. هر ڀيري نئين سگريٽ مان نئون سرور حاصل ڪرڻ وانگر هِن جي روز نون مردن سان واسطي ۾ اچڻ واري چوس ڏينهون ڏينهن زور وٺندي وئي. هو نہ چاهيندي بہ اهو ڪجهہ ڪرڻ بنا رهي نٿي سگهي، پر جڏهن نشي ۾ ٽپ هوندي هئي تہ تلخ سچ هِن جي سوچن جو روپ وٺي ظاهر ٿيڻ لڳندو هو...

"رشتا ناتا... ڪوري ڪاغذن تي زندگين جا سودا... سڀ ڪجهہ بڪواس آهي... سڀ بڪواس آهي... هر ڪنهن جي ضرورت جسم آهي... صرف جسم... هرڪو پاڻ کي پارسا ثابت ڪرڻ جو پوز ٿو ڪري... هر مرد ذليل آهي... ڪمينو آهي... ستر سال جي پوڙهي آڏو ڪا سهڻي صورت لنگهي وڃي، تہ هو ڇتي ڪتي وانگر گگون پيو ڳاڙيندو... پوڙها پارسا، جيڪي اڇيون ٽوپيون پائي سٿڻ مُرن تي رکي، هٿ ۾ تسبيح جهلي خدا جي گهر جو رخ ڪندا آهن، سي بہ رستي تي هلندي اک ٽيٽ ڪري ڇوڪرين توڙي عورتن کي مختلف اينگلز ۽ نظرن سان ڏسڻ تي مجبور آهن... ذهني طور ٽَندا مَندا مرضيل مرد پڻ پنهنجي ذهني گندگي هٿان مجبور ٿي ماءُ، ڀيڻ ۽ ڌيئرن کان بہ نہ مڙندا آهن! سڀ گند آهي... سڀ بڪواس آهي... هر پاسي غلاظت ئي غلاظت... دنيا ۾ ايئن ئي رهڻ گهرجي، جيئن اسان کي رهڻ لاءِ اڪسايو ٿو وڃي... هي دنيا مردن جي آهي... ۽ اسين عورتون انهن لاءِ فقط رانديڪا... چيڀيءَ جون گڏيون... ڀڃي پٺون ڀري پٺون يا شو ڪيس ۾ سجايون وڃون..."

هوءَ بوتل ۽ خالي گلاس سامهون رکيو، صوفي تي نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڍئي، اڃان به گهڻو ڪجهه واقي رهي هئي، جو سندس سامهون بيڊ تي ڦان تي پڄي رهيل M.P.A جو اٽين ۽ سندس لاڳيتي بَڪ ٻڌڻ ڪري نشو ٺي اڏامي ويو. هُن تڙ تڪڙ ۾ ڊرائيور ۽ باڊي گارڊ جي مدد سان ڪيس سهارو ڏيئي، گاڏيءَ ۾ وجهرائي سندس جيئري لاش کي گهر روانو ڪرايو. جيڪو رات جو ٽين وڳي چوڪيدار ۽ نوڪر جي هوندي به نوربانو پاڻ پنهنجي ڏڪندڙ هٿن سان وصول ڪيو.

●

صنم سڄي ساري ڀن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي بيڊ روم مان ٻاهر اچي ماٹس ۽ ڊيءَ سان گڏجي ناشتو ڪيو. اڄ ڪيس پنهنجو پاڻ ۾ ڪجهه عجيب پئي محسوس ٿيو، ڄڻ انگ انگ ٽٽندو هجيس، سنهو بخار ته ڪيتري وقت کان محسوس ڪندي پئي آئي، جنهن کي گرمي يا ٿڪاوٽ جو بخار ڇئي هن ڪا اهميت نه تي ڏني، پر اڄوڪي ڪيفيت ڪيس اهڙي اَڻ ٽُڻ ۾ وجهي ڇڏيو جنهن کان هوءَ پاڻ به بي خبر هئي.

شاور دوران آئيني ۾ پنهنجي سراپي تي نظر وجهندي، جسم تي ڏهڙن جهڙا ڪي ڳاڙها نشان ڏسي، ڪيس امالڪ ڪِل اچي وئي...

"جاهل جهنگلي ايم پي ايل عورت کي Deal ڪرڻ اچين ڪونه. اُتيا آهن ملڪ هلائڻ." هِن مرڪندي سوچيو... پر وِيسٽ لائين ڏي نظر ويندي هڪ وار وري سوچ ۾ پئجي وئي.

"ڇگي لهي وئي آهيان... نشو گهٽ ڪرڻ گهرجيم... پر ڇا ڪريان، نشو ۽ مرد جي سنگت ته گڏ گڏ هلندڙ آهن. ان مان ڪنهن هڪ شئي جي ڪمي الائي ڇو اڌ پورائي جو احساس تي ڏياري..."

هوءَ اڃان به ڪا دير شاور هيٺان بيٺي، فريشنيس جي وقتي احساس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻڻ سان گڏ، پنهنجي خيال ۾ منجهيل رهي ها، پر نور بانو جي سڏ ڪيس سوچن جي دنيا کان ڇڪي ٻاهر آندو.

"پٽهين ڏيڍ مهيني کان پوءِ ملڻ آيو اٿئي، ڪلاڪ ڪن کان ڪو سيڙهيو ويٺو آهي... هاڻ نڪر ٻاهر..."

"ها بس اچان پئي!، هن وارن کي ٽوال ۾ ويڙهي بات گائون پائي ٻاهر ايندي چيو.

شايان اڄ پيڻ کي وٺڻ جي بهاني مس اچي کو ماءُ کي منهن ڏيکاريو. هو توڙي جو سندس رت ۽ جگر جو ٽڪر هو، پر ٻنهي جي روين ۾ هڪ اجنبيت اچي وئي هئي.

صنم ويجهو اچي کيس ڀڪرانڊي پائي، ڳل تي چمي ڏيندي پنهنجي پير ۾ ڪري ويهاريو ۽ پيارن مان پڇيائينس: "ڪيئن آهين سني؟"

"ٺيڪ آهيان، "هن پنهنجي ننهن کي ڏندن سان ڪٽيندي بنا ڪنهن تاثر جي پٽڪيو.

"ايڏا سارا ڏينهن گذري ويا، تون ڇو نه آئين؟ ڪيڏو نه توکي ياد ٿي ڪيم! تون مونکي ياد نه ڪندو آهين ڇا؟" هن سندس جهڪيل ڪنڌ کي مٿي ڪندي پڇيو، پر هو ماٺ رهيو. ورهايل شفقتن جي وچ ۾ سندس معصوم وجود ڄڻ منجهيل سٽ بڻجي پيو. حالتن کيس وقت کان اڳ ئي گنڀير ڪري ڇڏيو هو. گهڻي ڪوشش جي باوجود به هو صنم جي سوالن جا جواب 'ها' يا 'هون' ۾ ڏيندو رهيو. تڏهن انهن ڳالهين کان جند ڇڏائيندي، آفراح سندس هٿ جهلي ماءُ جي پير مان ڇڪيندي چيس:

"اڄ ادا مان توکي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي هلان، مون اتاري جون ڪوڙ ساريون نيون games ورتيون آهن... پاڻ گڏجي راند ڪنداسين..."

"او ڪي، توهان هلي ڪيڏو ته مان پنهنجي پٽڙي شايان لاءِ مينگو شيڪ تي ٺاهي ڪٺي اچان... وٺندو آهي نه منهنجي جان کي؟" هن لاڏ مان پٽ کان سوال ڪيو ته ڄڻ سندس اداس ڊمپل به مرڪي پيا...

هوءَ اٿي ڪچن ڏي وئي ته نور بانو وري ٻارن کڏ لڳي آئي، جيئن ڪا دير ان پوت بنگلي جهڙي خاموش گهر ۾، سندن ٽهڪڙن ۽ ڳالهائڻ صدقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگيءَ جا آثار محسوس ڪري سگھي.

●

ڪڏهن تيز ڪڏهن سَنهي بخار ۾ ٿَڪ واري ملول جُليل ڪيفيتن ۾ يڪو ڦاسي پوڻ ڪري، صنم تي هاڻ ڊپريشن جا اهڙا ته شديد دورا پوڻ لڳا جو هوءَ پاڻ به حيران هئي ته ڪيس ڇا ٿي ويو آهي... ڇا پيو ٿيندو وڃي! لاڳيتي ڊي هائيڊريشن جدا حال هيٺا ڪري رکيس. وزن ته ڏينهون ڏينهن ويس ٿي گھٽبو. مٿان وري پڇتاوا، نادانين تي شرمندگي ۽ زندگي جي تلخين جا احساس، ضمير جي جنگ ٻڌجي ڪيس هر پاسي کان گھيري ويا... گھٽي گھٽي، ڏنگي ڏنگي ۾ ذهني اذيتون ڏيئي مارڻ لاءِ... پر هن تڏهن به جيئڻ ٿي چاهيو... ڇو ته هو هر حالت ۾ زندگيءَ سان پيار ڪرڻ وارن مان هئي. اِها سندس خود اعتمادي ئي ته هئي، جنهن هن منجهه نئين امنگ ۾ نئين ڍنگ سان جيئڻ جي آرزو جاڳائي، ان اداسين جي ڪُن مان ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. تڏهن ئي هن پنهنجي اونڌايون ڪيل ڪمري کي، نئين اميد سان روشن ڪرڻ لاءِ، زندگيءَ جا جهڪا ٿي ويل رنگ نئين سر جهڻڻ لاءِ سمورا پردا ۽ دريون کولي ڇڏيون ۽ بالڪونيءَ جي کلي فضا ۾ اچي سگريٽ مان وڏا ڪش پريندي، دل ئي دل ۾ پنهنجي سوچن سان ڪنهن نئين فيصلي جي اٿت ڪرڻ لڳي...

"بوتيڪ ۽ پارلر جا گھٽيئي تجربا ڪيم... هاڻ مونکي واپس ماڊلنگ جي دنيا ۾ وڃڻ گھرجي... اتي ئي منهنجو مان آهي... ات ئي منهنجو قدر ٿيندو."

●


Scanned with CamScanner

اڄ ڪيترن ڏينهن بعد ڪيس نهي نڪي ڪمري مان ٻاهر نڪرندو ڏسي نور بانو جي منهن تي سرهائي جا آثار نظر آيا... ڏيءُ جي سمورين بيهودگين ۽ بي حيائين جي باوجود ڪيس ملول ڏسي، هوءَ پل پل پئي مرندي هئي. جيئري ته هوءَ به ڪونه هئي پر اجان ساهه ته باقي هُئس... پڇيائينس:

”ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“

”ائين ئي، ٿورو چڪر ٿي...“ هن رئو ٺاهيندي وراڻيو.

”يلي يلي... پر وڃين پئي ته شهناز کي به منهن ڏيکاري اچجانءِ، تو ته هڪ به ڀيرو ڪيس تاري ماڳهين پنهنجي فون جو پلگ ئي ڪڍي ڇڏيو. مان يڪا بهانا ڪري ڪري هن آڏو ڪوڙي ٿي پئي آهيان...“

”ها... ڪوشش ڪندس ته هن وٽان به ٿيندي اچان...“

هِن ٻاهر وڃڻ لاءِ وک کڻئين ته ڏيءُ جو خيال آيس. ”اِفراح ڪٿي آهي؟“

”هوءَ ته ڏاڏاڻي ويل آهي... تون ته ڪُنديون ڪَڙا چاڙهيو ويٺي هُئينءَ، آءُ اڌ ماڻهو ڪيستائين ڪيس وندرايان ها... تنهنڪري چيومانس ته پل وڃي ڏاڏيءَ وٽان گهمي آ... اجهو شام تائين چاڻ آئي...“

”چگو ڪيئي...!“ هن ڪيس غور سان ٻڌندي وراڻيو ۽ پورچ ڏي هلي آئي. ڪيس ايندو ڏسي، ڇانهه مان ڇَسڪيون پريندڙ پناڻ ڊرائيور ڇانهه اڌ ۾ ڇڏي، جيئن ئي ڪار جو در کولڻ لاءِ اڳتي وڌيو ته هِن ڪانئس چابي گهرندي چيو:

”لالا اڄ مان پاڻهي ويندس، تنهنجي هلڻ جي ضرورت ناهي...“

”پر بي بي شهر جون حالتون صحيح ناهن توهان اڪيلا ڪيئن ويندا، گاڏيون پيون ڦرجن، رِيپيٽر پيا هلن، توهان جو اڪيلو وڃڻ ٺيڪ ناهي.“

”فڪر نه ڪر لالا، مان ڏاڍي بهادر عورت آهيان... منهنجي مٿان وڏا وڏا پهاڙ ڪري به مونکي ڪجهه نه ڪري سگهيا ته هي معمول جي معمولي فائرنگ مونکي ڇا ڪندي،“ هن خلاف توقع خوش مزاجيءَ مان وراڻيو.

”هونءَ به هن هڙتالستان ۾ امن شايد ئي ٿئي... ان جي آسري ۾ گهرن کي قبرون ڪيو بند ته ڪونه ٿيو ويٺا هونداسين...“

لالو سندس لاجواب ڪندڙ جواب تي ڳاڙهيون مُڇون ڦڙ ڦڙائي ڪليو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪار جو در کولي چاٻيون سندس حوالي ڪري ڇڏيون.

دهشت گرديءَ جي رنگ ۾ رنگيل ڪراچيءَ جي وسيع شاهراهه تي بي فڪريءَ مان گاڏي ڊرائيو ڪندي، هو شيرازن ايڊورٽائزنگ ڏي لنگهي آئي. ڊائريڪٽر ڪيس وڏي عزت ۽ گرم جوشيءَ سان ويهاري عليڪ سَليڪ ڪئي، پر ان کان اڳ جو صنم هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين کان پوءِ، پنهنجي اچڻ جو مقصد بيان ڪري ها. هُن اڳ ئي سندس هانوَ ڦاڙيندي چيو:

"مس صنم توهان ٺيڪ ته هئا؟ هي توهان کي ڇا ٿي ويو آهي، توهان مونکي نه رڳو تمام گهڻا Reduce پيا لڳو، پر توهان جو چهرو به ڪافي Pale پيو لڳي..."

"ها... توهان صحيح سڃاتو، مان اڄڪلهه ٺيڪ نٿي رهان..." هن وساڻيل مرڪ مرڪندي، پرس جي چين کي آگر تي ويڙهيندي وراڻيو، "ذهني طرح سان ماٺهو ڊسٽرب هجي ته ان جي اثرن کان چهرو ڪيئن ٿو بچائي سگهجي."

"توهان جهڙي ماهر بيوٽيشن پنهنجي حسن کان ايئن غافل ٿي وڃي، اها ته وڏي ڏک جي ڳالهه آهي، توهان پنهنجي صحت جو خيال رکو مس صنم... واقعي First look ۾ ته مون توهان کي سڃاتو ئي ڪونه..." هن تشويشناڪ لهجي مان چيو.

"ته ڇا بو ايڏي بڇڙي ٿي وئي آهيان؟" هن مرڪندي، پنهنجي خاص اسٽائيل مان پڇيو. جنهن تي شيرازن سگريٽ چپن ۾ دٻائي، دل رکڻ واري مرڪ مرڪندي وراڻيو:

"ڪير ڪافر توهان کي اهو چوڻ جي گستاخي ڪندو، توهان جو حُسن ته چوڏهين جي چنڊ جيان اسان تي چانڊوڪيون پيو وسائي، پر پريشانين جي ڪڪرن ۾ اِهي چانڊوڪيون ڪجهه جهڪيون سي ضرور ٿي ويون آهن."

"مان ڪوشش ڪندس ته انهن ڪڪرن کي هٽائي سگهان..."

"بلڪل، مون توهان کان اهوئي ٿي ٻڌڻ چاهيو. پريشانين کي ڪڏهن به پاڻ تي حاوي ٿيڻ نه ڏجو، اهي حُسن ته ڇا ماڻهو ئي کايو وڃن."

ڪا دير هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين بعد شيرازن چيس:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”منهنجي لائق ڪڏهن به ڪا خدمت هجي ته ٻنا هڪ هنڪ جي چوندا.“

”ضرور، ضرور! توهان جي تمام گهڻي مهرباني... توهان وٽ جيتوڻيڪ هڪ ٻن ڪمرشلز ۾ ڪم ڪيو اٿم، پر وقت ڏاڍو سنو گذريو. اڄ اِتان لنگهيس پئي ته سوچيم، پراڻيون يادون ورجائيندي، توهان سان به منٽ مِلندي وڃان...“ هن هارايل لهجي ۾ شگفتگي سمائيندي، ڪاريگريءَ مان ڇيو ۽ ماڊلنگ لاءِ چانس پني، وات وڃائڻ کان بچي وئي.

شيرازن ان ۾ ئي خوش ٿي ويو ته هو بنا ڪنهن غرض جي ساڻس فقط سِڪ ۽ خلوص مان ملڻ آئي آهي. نه ته اڄڪلهه رشتا ناتا ته ٺهيو غرض بنا ياري باشي به نٿي هلي سگهي. بهرحال ٻنهي پاسن جو ڀرم رهجي آيو.

شيرازن جي ڪمري ۾ ويهڻ دوران به چار ماڊلز به ڪم سان اندر آيون ۽ ويون پئي، جن تي حسرت واري نظر وجهندي، جڏهن هِن پنهنجو پاڻ سان ڀيٽ ڪئي، ته دل ئي دل ۾ فيصلو ڏيئي ڇڏيائين ته واقعي هاڻ منهنجي سونهن انهن اڳيان جهڪي ٿي وئي آهي... زنگجي چڪي آهي...“ اهو سوچي هن جي اندر ۾ آماس ۽ وجود تي خزان ڇائنجي وئي... ڪا دير اتي ويهي اسٽاف وارن سان ملي، ڪولڊ ڊرنڪ پوري ڪري هِن شيرازن کان موڪلايو، جنهن ڪيس وري ملڻ جو چئي گرمجوشيءَ سان رخصت ڪيو.

شهناز جي گهر تائين ايندي ايندي شيرازن ۽ اسٽافِ يارن پنهنجي صحت بابت ٻڌل تشويشناڪ ريمارڪس ڪيس ڀيهر ڊپريشن ڏي ڳهلڻ لڳا. هو جيئن تيئن گاڏي هلائيندي شهناز جي بنگلي تائين پهتي. سموري واٽ هن الائي ڪيئن پاڻ کي ڪنٽرول ۾ رکيو نه ته پانيائين ٿي ته گاڏيءَ کي ڪنهن ٽرڪ ۾ هٽي پنهنجي بي معنيٰ زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏي. پر شهناز لاءِ هِن جي زندگي ڪنهن کليل ڪتاب مثل هئي... هو نه ٻڌائڻ بنا به سندس سمورين محرومين ۽ پريشانين کان واقف هئي، پر اڄ ته هوءَ به ڪيس ان ڊپريسڊ حالت ۾ ڏسي منجهي پئي، ڏڙڪي مان چيائينس:

”توکي ايئن بنا ڊرائيور جي گاڏي کڻي نه نڪرڻ گهربو هو، خبر اٿئي تو ايئن ڪري ڪيڏو وڏو رسڪ کنيو آهي... ڇا ٿي ويو آهي توکي؟ ڪهڙو غم اٿئي جو اوچتو ئي اوچتو توکي کائڻ لڳو آهي؟ پنهنجي حالت ڏٺي اٿئي، ڇا مان ڇا ٿي وئي آهين، مون توکي گهڻا ڀيرا چيو آهي ته سڀ ڪجهه ڀُلائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڇڏ. اِهو پرابلم رڳو تنهنجو ئي ناهي. ڪيترين ئي طلاقيل عورتون حالتن کي منهن ڏيندي زندگي گذارين پيون... تون پاڻ کي الڳ مسئلو ڇو ٿي سمجهين. وساري ڇڏ سڀ ڪجهه... بي حس ٿي رهه...

هن دنيا ۾ رڳو بي حس ٿي جي سگهجي ٿو... احساسن لاءِ هن دنيا ۾ ڪائي جاءِ ناهي.“

صنم ڪيس ڪو جواب ڏيڻ بدران، پنهنجو مٿو صوفي جي پُٺ تي لاڙي ڇڏيو...

●

”تون اڄ ڪيترو به ڪٽي انڪار ڪر، مان توکي زوريءَ به ڊاڪٽر ڏي وٺي هلندس. آنٽي پاڻ فون تي مون کي ان ڳالهه جي تاڪيد ڪئي آهي. توکي ته شايد اندازو ئي نه هوندو ته هو تو لاءِ ڪيتري پريشان ٿي رهي، تنهنجي ان حالت جو معصوم اِفراح جي ذهن تي به ڪيڏو نه اثر پوندو.“

”ڪجهه ناهي ٿيو... مون کي ڪجهه ناهي ٿيو.“ هِن بيزاريءَ مان قميص جون ٻانهون رول ڪندي ورائيو.

”هي Rash ڪيئن ٿيا اٿئي؟“ شهناز هِن جي ٻانهن تي نظر ايندڙ نشانن ڏي حيرانيءَ مان نهاريندي پڇيو.

”الائي ڇا ڇا آهن،“ هن لاپرواهيءَ مان چيو. ”ڪڏهن ٿين ٿا. ڪڏهن گم ٿيو وڃن ته ڪڏهن وري ماڳهين ڳاڙها دٻڙ ٿا ٿيو پون... شايد ڪا ايلرجي ٿي اٿم...“

”اٿندي ويهندي پنهنجي مرضيءَ سان ٿي دوائون کائين. تڏهن اِهي حال ٿيا اٿئي... ٽرينڪو لائيزر کي ته تون اصل ٻَڪڙن وانگر ٿي ڦڪين.“

”ڇا ڪريان...“ صنم ٻنهي هٿن سان مٿو جهليندي تڪليف مان چيو.

”سڪون به ته ڪي گهڙيون انهنَ جي پناهن ۾ وڃڻ کانپوءِ ئي تو ملي...“

حبيب سنڌ ڪتاب گهر


Scanned with CamScanner

"تون ڇري جا ڇري رهندين،" هن هلڪي ڇڙ مان چيو.

"هاڻ ٿورو رليڪس ٿي ويهه ته مان فون تي ڊاڪٽر کان ٽائيم وٺي ڇڏيان."

شهر جي ماهر فزيشن ڊاڪٽر آفتاب احمد. صنم جي ٽنگن ۽ ٻانهن جو اوزارن ذريعي معائنو ڪندي، تشويشناڪ لهجي ۾ شهناز کي چيو:

"جنهن ڳالهه جو مون کي شڪ هو، سا ڪيس هسٽري پڇڻ کانپوءِ اسي پرسينٽ ته مونکي صحيح ٿي لڳي، باقي وڌيڪ پڪ تڏهن ٿيندي جڏهن ٽيسٽ رپورٽون هٿ ۾ ايندين. جنهن لاءِ توهان کي بنا وقت ضايع ڪرڻ جي فوري ٽيسٽون ڪرائڻيون آهن ۽ مان توهان کي اهو به چوندس ته ان پيشنٽ کي يڪدم هاسپيٽلائيز ڪرايو. ان مرض ۾ ورتل ماڻهن کي گهر ۾ نٿو رکي سگهجي."

ڊاڪٽر جا بي رحم جملا ڪَنَ تي پوڻ سان؛ صنم جي چهري تي هڪ رنگ آيو ٿي ته ٻيو ويو پي. ڪيس ماٽ جو ڪپر ڪائي ويو...

شهناز جي اکين ۾ لرزندڙ خوف جا پاڇا به هِن کان لڪي نه سگهيا. ڊاڪٽر کين ڪوبه سگهو دلاسو، آس يا دلداري نه ڏني، جيئن دوا سان گڏ سمورا ڊاڪٽر ڏيندا آهن. هوءَ ٿڪل ٿڪل قدمن سان هلندي شهناز سان گڏ ڪمري کان ٻاهر آئي، ڄڻ زندگيءَ کي وداع ڪرڻ لاءِ نڪتي هجي.

سڄي واٽ هو ٻئي چپ هيون، صنم کي پنهنجي ڏک جي اظهار لاءِ لفظ نٿي مليا، ته شهناز وٽ به سگهي همدرديءَ وارا ٻول، ان بي رحم سچ جي سامهون همت هاري ويٺا. اڌ ڪلاڪ جو رستو ڄڻ طويل صدين تائين پکڙجي ويو. صنم چاهيو پئي ته جلد کان جلد گهر پهچي، ماءُ جي هنج ۾ پاڻ لڪائي ڪنهن يوائتي سچ ٻڌڻ کان ڪا دير فرار حاصل ڪري، پر هو اهو سڀ ڪجهه سوچيندي پاڻ تي ضبط نه رکي سگهي ۽ منهن تي هٿ ڏيئي اچي سڏڪن ۾ پئي. شهناز لاءِ ڊرائيو ڪرڻ ئي مشڪل ٿي پيو. ڪيس سنڀالي يا گاڏي هلائي، جيئن تيئن ڪري اچي Lab تي پهتي، جتي سمورين ٽيسٽن واري لڪ مان لنگهائي، هن آڻي کيس گهر پيڙو ڪيو.

جيئن ئي گاڏي پورچ ۾ بيٺي ته صنم تيزيءَ مان ڪار جو در کولي، ذري گهٽ ڊُڪندي گهر اندر داخل ٿي ۽ ايڏي دير کان ضبط ڪيل سڏڪن کي وڌيڪ گهُٽي نه سگهي ۽ اچي اوڇنگارن ۾ پئي. نوربانو ۽ اِفراح، جيڪا


Scanned with CamScanner

ڪجھ دير اڳ ڏاڏاڻن مان موٽي هئي، ڪيس وائڙن جيان ڏسڻ لڳيون... نور بانو کي هن جي ڊپريشن وارين حالتن جي تہ خبر هئي پر ايئن روئيندي هن ڪيس اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو.

"امان آءٌ ڪونہ بچندس، مان مري ويندي مانءِ..." ايئن چوندي هو پنهنجون ٻانهون سندس ڳچيءَ ۾ وجهي ڇاتيءَ سان لڳي وئي. شهناز جيڪا ڪنڌ جهڪايو بيٺي هئي، تنهن ڪيس ماءُ کان ڌار ڪندي پنهنجي پير ۾ ڪري ويهاريو ۽ سندس وار لسائڻ لڳي. نور بانو جي اکين ۾ اچان بہ حيراني هئي.

"ڇا ٿيو آهي... مون کي ڪجھ ٻڌايو تہ سهي... آخر ڇا ڳالھ آهي... تون تہ هتان سنئين سڌي وئي هئين، ڪنهن ڪجھ چيو اٿئي ڇا...؟" صنم وراڻ ڪا ورندي نہ ملي تہ هن شهناز کي ايلازن مان چيو:

"امان شهناز تون ئي ڪٿي ٻڌائي ڇا ٿيو آهي، منهنجو تہ هنيون ٿو ڦاٽي."

شهناز همت ميڙي نظرون جهڪائي، سندس هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهليندي چيو:

"آنٽي توهان همت ڪريو، توهان کي هيءَ ڳالھ مضبوط دل سان ٻڌڻي پوندي... توهان جي چوڻ تي اڄ مان صنم کي ڊاڪٽر ڏي وٺي وئي هئس، جنهن ڪيس تپاسڻ ۽ نشانيون ڏسڻ کانپوءِ ڏاڍي بڇڙي بيماري هئڻ جو خطرو ڏيکاريو آهي. وڌيڪ خبر رپورٽون اچڻ کان پوءِ پوندي...

هن مرض ۾ ورتل مريض کي گهر ۾ نہ رکبو آهي، خدا نہ ڪري جي رپورٽن ۾ ڪا ڳالھ ظاهر ٿي پئي تہ پوءِ ڪيس اسپتال ۾ رکڻو پوندو..."

نور بانو پورو جملو ٻڌو بہ الائي نہ، هو اتي ئي بيهوش ٿي وئي. هراسيل اِفراح دانهون ڪندي اندر وئي ۽ ڪم واري ماسيءَ کي سڏي آئي، جنهن جي مدد سان شهناز پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي نور بانو کي هوش ۾ آندو تہ ڳلا رسمي جملا ڳالهائي، صنم جي دل جوئي ڪرڻ کان بہ وسان ڪين گهٽايو. اِفراح ۽ ماسيءَ کي ٻنهي ماءُ ڌيئن جو خيال رکڻ جي تاڪيد ڪندي ۽ ڪو ڪم ڪار پوڻ تي ڪيس فون ڪرڻ جو چئي، ڪا دير وٽن ويهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪائنُ موڪلائي هلي وئي.

●

سموريون رپورٽون اچي چڪيون هيون... جن مطابق صنم کي ايڊز جو مرض آخري درجي تي ڪٽي آيو هو. علاج ته هونءَ به ناممڪن هو. تنهنڪري ڪيس اسپتالن ۾ رولڻ جو ڪو سبب باقي نه رهيو. صرف هڪ ئي شيءِ جو انتظار هو ته ڪيڏي مهل تو بي رحم موت اچي ڪيس ۽ پنهنجي آغوش ۾ وٺي.

اڳيئي ماٺ ۾ وڪوڙيل گهر هاڻ ته ماڳهين قبرستان جو ڏيک ڏيڻ لڳو. بچڙيوال شهناز ته ان موت مار بيماريءَ جي تصديق ٿيڻ ڪانپوءِ اچڻ ئي ڇڏي ڏنو هو. باقي اها هن جي عظمت هئي، انسانيت هئي يا شايد ته صنم سان ذاتي قرب ۽ همدردي، جو هن هڪ مرندڙ دوست کي پيڻ سامهون قابل نفرت بنائي، ايڊز جو ڍنڍورو ڏيئي ڪيس ذليل ڪرڻ نٿي چاهيو. جيڪڏهن اِن راز جي ڪنهن کي خبر هئي ته اِهي رڳو نور بانو ۽ صنم هيون، جن پل پل هڪ ٻئي کي پنهنجي سامهون مرندي ۽ موڪلائيندي پئي ڏٺو!

صنم جي ڏينهون ڏينهن بگڙجندڙ حالت ڏسي نور بانو سياڻپ وارو فيصلو ڪندي اِفراح کي اهو چئي پيءُ ڏي ڏياري موڪليو، ته گهر ۾ ڪنهن بيماري جي وائرس هئڻ ڪري، ٻارڙيءَ جو اتي رهڻ نيڪ ناهي، توڙي جو ڪيس ڄاڻ هئي ته اها بيماري ڪن خاص سببن کان سواءِ ايئن وچڙندڙ ناهي، پر افراح جو ڏک هن کان برداشت نه پئي ٿي سگهيو. جا ماءُ جي اهڙي حالت ڏسي گهر جي اڪيلين اُداس ڪنڊن ۾ ويٺي روئيندي هئي.

هفتي ڏيڍ اندر ئي گل جهڙي ترڙيل ۽ شاداب صنم، هڏن جي پيڃري جيان ٿي وئي...

اناويهه اٺتيهه ورهين جي ڦوهه جواني ۾ سندس رنگ، روپ، چهرو... سڀ ڪجهه ئي ته مِنجي چڪو هو...

هن وٽ اهڙي ڪا اُمنگ به نه هئي جنهن جي آڌار تي جيئڻ جا جتن ڪري ها. هاڻ ته هن جي زندگيءَ جو هر لمحو بستري تي پئي پئي موت جي


Scanned with CamScanner

انتظار ۾ ئي گذريو...

تنهن ڏينهن نور بانو، هِن جون ڪائيون ٿي ويل ٽنگون پنهنجي هنج ۾ رکندي چيو:

”جي تون موڪل ڏين ته تنهنجي ياڻرن کي اطلاع ڪريان ته هو اچي توکي ڏسي وڃن... متان ٻاهر ئي ڪو ان بيماريءَ جو علاج هجي...“

”امان، چو ٿي مون کي تماشو ناهين،“ هِن درديلي مُرڪ مرڪندي هيٺائيءَ مان چيو. ”عزت سان جِي ته نه سگهيس، گهٽ ۾ گهٽ عزت سان مرڻ وارو ڀرم ته رهڻ ڏي... جيڪي ڪر ڪيا اتر انهن جا ڪيتا لوڙڻ ڏينم... هاڻ بچي ڪونه سگهندس... ياڻرن سامهون ٻُجڙو نه ڪرائي... منهنجو ڀرم رهڻ ڏجيئن... منهنجي مٺي ماءُ... مون سان هڪ واعدو ڪر... منهنجي مرڻ ڪانپوءِ به ڪنهن کي ڪجهه نه ٻڌائجانءِ... اِن راز کي مون سان گڏ ئي دفن ڪري ڇڏجانءِ...“ هوءَ وڌيڪ ڪجهه نه ڳالهائي سگهي... ويهاڻي ۾ منهن وجهي سُڏڪڻ لڳي...

”نه رو منهنجي منڙي نه رو...“ هُن سندس پيرن کي ديوانگيءَ مان چمندي چيو. ”مان نياڳي ته خدا کان اِها دعا به نٿي گهري سگهان ته خدا توکي منهنجي زندگي ڏي... منهنجي زندگي آهي ڪتي...“ هوءَ به اچي اوڇنگارن ۾ پئي.

جيبي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

●

صنم جي موت مار بيماري جي ڳالهه نوڪرن چاڪرن جي ڪن تائين ڪٿي نه پهتي هئي، ته به گهر جي اُداس ماحول ڪين اهو ضرور سمجهائي ڇڏيو هو، ته هن کي ٽي-بي يا ڪئنسر جهڙي ڪا بيماري ٿي پئي آهي. جنهنڪري شايد هاڻ هو بچي به نه سگهي. انهن ان خبر کي ڪٿي چوطرف B.B.C وارو فرض نڀائڻ شروع ڪري ڏنو. عرفان تائين به اها ڳالهه اچي پهتي ته صنم ڪئنسر جي لاسٽ اسٽيجز ۾ آهي. ساڻس ڪو رشتو... ڪو ناتو نه هئس، تڏهن به سندس ٻارن جي ماءُ ته هئي... رکو اهوئي سوچي هن جو اندر ڏڪ مان اڌ ٿيڻ لڳو. دل جهلي نور بانو ڏي فون ڪيائين:


Scanned with CamScanner

”چاچي مان عرفان تو ڳالهايان... ڪيئن آهيو؟“ صنم جي طلاق کانپوءِ اڄ، پهريون ڀيرو هن سندس آواز ٻڌو ته ڪا دير سڪتي ۾ اچي وئي. عرفان کي ڪا ورندي نه ملي ته هن وري به پاڻ ئي ڳالهايو...

”اِفراح کي اِتي آئي ڪافي ڏينهن ٿي ويا آهن، هوءَ ماءُ کي ياد پئي ڪري... جيڪر نيڪ ٿي وئي هجي ته ڪيس موڪلي ڏيان؟“

”هاڻ اِفراح اِتي اچي ڇا ڪندي،“ هِن بي وسيءَ مان وراڻيو. ”هن جي ماءُ باقي الائي ڪيترا ڏينهن يا پل مهمان آهي.“

”مون توهان جو مطلب نه سمجهيو...؟“ هن سمجهندي به اڻڄاڻ بڻجي پڇيو، ڇڻ خبر غلط ٻڌڻ جي اڃا به ڪا اميد هئس.

”سمجهي به ڇا ڪندين... بس، پنهنجي قسمت جو لکيو وڃي لوڙي... ڪيس ڪئنسر آهي، ڊاڪٽرن چيو آهي ته هاڻ هوءَ نه بچندي....“

”اوه ڪئنسر...! ڇا جو ڪئنسر؟“ دور هوندي به نور بانو هن جي آواز جي لرزش ۾ ڏک محسوس ڪري ورتو... هوءَ وائڙي ٿي وئي ته هڪ ڪوڙ مٿان ٻيو ڪوڙ ڪهڙو ڳالهائي... پر پاڻ سنڀاليندي الائي ڪهڙي دل سان پنهنجي جگر جي ٽڪر جو ڀرم رکڻ لاءِ جهيڻي آواز ۾ چيائين:

”ڦڦڙن جو ڪئنسر...“

”چاچي مان اچڻ ٿو چاهيان...“ هُن بي قراريءَ مان چيو.

”تون اچي ڇا ڪندين...“ هِن سرد لهجي مان وراڻيو.

”چاچي مون کي نه جهل... مان اچان پيو...“

هوءَ ڪجهه چئي ئي ڇئي، عرفان فون رکي ڇڏيو.

نور بانو، صنم جي بيماريءَ دوران ايترو ته روئي چڪي هئي جو هاڻ هن جا لڙڪ به سڪي ويا هئا... خالي ويران نيڻ... سڪل چپ... ۽ زرد ماتمي چهرو... ڪهر ۾ پير پائيندي ئي عرفان ڪيس ڏسي حيران ٿي ويو. هن جي ذهن تي ته اڃان به اُها باوقار عورت نقش هئي، جنهن کي هن پنج ڇهه سال اڳ ڏٺو هو.

”ايڏو وڏو طوفان، هوءَ ڇا مان ڇا ٿي وئي آهي...“

هو سوچيندو رهجي ويو... اڪيلي وڏي هن نور بانو جا پير ڇهيا ۽ ٻنهي ٻانهن کي ساڻ ڪري، صنم جي ڪمري ۾ هن سان گڏ گهڙيو. صنم بدران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بيڊ تي پيل هڏائون پيرو ڏسي عرفان کي ينوائيون اچڻ لڳيون. ڪيس ائين اوچتو پنهنجي سامهون ڏسي صنم جون اکيون ڪي پل پٿرائجي ويون، جيڪي ان ڪيفيت مان نڪرڻ بعد هن ٻوٽي ڇڏيون...

نور بانو ڪيس عرفان جي اچڻ جو اطلاع ان ڪري نه ڏنو جو هن ڇاتو ٿي ته هوءَ خود سر ۽ ضدي ڇوڪري ساٽس آخري وقت ۾ به ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ها...

ٻئي ٻار ماءُجي ڇاتي تي ڪنڌ لاڙي ڪيس چنبڙي، ڇُمڻ ۽ روئڻ لڳا...

عرفان سندس سيرانديءَ کان پيل ڪرسيءَ تي ويهندي چيو:

”هي تو پنهنجو ڪهڙو حال ڪري ڇڏيو آهي...“

هِن سڀ ڪجهه ٻڌندي به پنهنجون اکيون بند رکيون...

”مون کي جي خبر هجي ها ته تون پنهنجي چرپائپ مان ان حال تي اچي رسندينءَ، ته مان ڪڏهن به ايڏو وڏو فيصلو نه ڪريان ها...“

صنم جي مرندڙ چپن تي زهريلي مرڪ هارجي وئي. نور بانو اڳتي وڌي سڏڪندڙ ٻارن کي ماءُ کان ڌار ڪري، پريان پيل ڪوچ تي آڻي ويهاريو.

”هڪ پيرو... رڳو هڪ پيرو اکيون ته کول صنم...“

عرفان ڪرسيءَ تان اٿي هن جي پير ۾ ويهي، سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي دٻائيندي چيو. تڏهن هِن نه چاهيندي به هوريان هوريان اکيون کوليون... بلڪل ائين جيئن پهريون پيرو ڪنوار واري ويس ۾ سندس اسرار تي اکيون کولي هُن ڏي نهاريو هئائين...

ٻنهي جي ٽِپ ٽِپ ڪندڙ لڙڪن جا شفاف موتي ڇڻ هڪ ٻئي کي پاڪر پائي روئڻ لڳا... هو ڪجهه نه چوندي به ڇڻ سڀ ڪجهه چئي ويا... صدين جون ڳالهيون خاموش لمحن ۾ ڪري ويا... سمورا ڏک ڏوراپا هڪ هڪ تي مات جي اونهي ساگر ۾ لهي پنهنجي معنيٰ وڃائڻ لڳا...

اُن دم... اُن لمحي... الائي ڪهڙي جذبي... الائي ڪهڙي احساس هٿان مجبور ٿي، عرفان بي ساختگيءَ مان صنم جي هٿ تي پنهنجا چپ رکي، سندس اندر ۾ ٻرندڙ پڇتاوَن جي مچ کي ڇڻ هميشه لاءِ سرد ڪري ڇڏيو.

●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**books.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu